# شاهه جو رسالو

مرتب ڪيل

علامه آءِ. آءِ. قاضي

سنڌي ادبي بورڊ

# رسالو

## (پيغام)

## شاهه عبداللطيف جو

(١١٠٢-١١٦٥هه)

مرتب ڪيل
علامه امداد علي امام علي قاضي
بار. ايٽ. لا
سابق وائيس چانسيلر، سنڌ يونيورسٽي

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو/حيدرآباد سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو پهريون | ١٩٦١ع | تعداد ٢٠٠٠ |
| ڇاپو ٻيو | ١٩٨٦ع | تعداد ٢٠٠٠ |
| ڇاپو ٽيون | ١٩٩٣ع | تعداد ٥٠٠٠ |

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

[redacted]

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو ڪتاب اسٽال
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ.
(جي. پي. او باڪس نمبر ١٢)

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو، سنڌ ۾ مئنيجر جاويد مرزا ڇپيو ۽ شمشير الحيدري سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| سر | صفحو |
|---|---|
| ٠١ ڪلياڻ | ١ |
| ٠٢ يمن ڪلياڻ | ١٩ |
| ٠٣ کنڀات | ٦٧ |
| ٠٤ سورٺ | ٨٩ |
| ٠٥ آسا | ١٠٩ |
| ٠٦ پرڀاتي | ١٣٩ |
| ٠٧ رام ڪلي | ١٤٩ |
| ٠٨ ڪاهوڙي | ٢٠٩ |
| ٠٩ پورب | ٢٢٥ |
| ١٠ بلاول | ٢٣٩ |
| ١١ سارنگ | ٢٥٩ |
| ١٢ سريراڳ | ٢٨١ |
| ١٣ سامونڊي | ٣١٧ |
| ١٤ ڪاموڏ | ٣٤١ |
| ١٥ آبري | ٣٥٣ |
| ١٦ معذوري | ٤٠٩ |
| ١٧ ديسي | ٤٤١ |
| ١٨ ڪوهياري | ٤٨٥ |
| ١٩ حسيني | ٥٠٩ |
| ٢٠ ليلا چنيسر | ٥٧٣ |
| ٢١ مومل راڻو | ٥٨٩ |
| ٢٢ ٻروو سنڌي | ٦٣١ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| ٢٣. | ڏهر | ٦٤٥ |
| ٢٤. | گهاتو | ٦٦٩ |
| ٢٥. | ڪاپائتي | ٦٧٣ |
| ٢٦. | رپ | ٦٨١ |
| ٢٧. | ڪارايل | ٦٩١ |
| ٢٨. | مارئي | ٧٠١ |
| ٢٩. | سهڻي | ٧٥٥ |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

سدا حيات شاعر شاھ عبداللطيف رحہ جون ورسيون ١٩٤٠ع کان پوءِ ذوق شوق سان ملهائڻ شروع ٿيون. پاڪستان جي قائم ٿيڻ بعد، شاھ جا اهي سالگرہ جشن ويتر وڏي پيماني تي ملهايا ويا آهن، جن ۾ ملڪ جي صدر ۽ ٻين اعليٰ ڪارڪنن، ٻاهرين سفارتخانن جي نمايندن توڙي سفيرن، ۽ ملڪ جي مختلف ڀاڱن جي اديبن ۽ شاعرن شموليت ٿي ڪئي آهي. انهيءَ ڪري وقت بوقت شاھ جي سوانح توڙي شاعريءَ بابت موزون ڪتابن جي طلب ٿيندي رهي آهي، ۽ خصوصاً شاھ جي رسالي جي هڪ مستند متن بابت تقاضا وڌندي رهي آهي.

ملڪي اديبن توڙي ٻاهرين عالمن جي عام مطالعي واري انهيءَ ضرورت کي محسوس ڪندي، سنڌي ادبي بورڊ سنہ ١٩٦٠ع ۾ شاھ جي شاعرانہ پرواز ۽ فڪر بابت هڪ جامع ڪتاب توڙي شاھ جي ڪلام جي هڪ معياري متن تيار ڪرڻ جو ڪم علامہ امداد علي صاحب قاضي جن جي حوالي ڪيو، جن مان ڪلام جو متن هينئر شايع ٿي رهيو آهي.

هت انهيءَ ڳالھ ڄاڻائڻ جي ضرورت ڪانهي تہ شاھ جي ڪلام جو مرتب ٿيل هيءُ متن، شاھ جي وڏي ۾ وڏي عالم ۽ ڄاڻو جي گهري غور ۽ فڪر جو نتيجو آهي. علامہ قاضي صاحب جن گذريل سٺ سالن کان وٺي شاھ جي ڪلام جو مطالعو پئي ڪيو آهي، ۽ انهيءَ ڪري شاھ جي ڪلام جي متن جي هيءَ تاليف ۽ ترتيب ڄڻ هڪ روشن دماغ مفڪر جي سٺ سالن جي گهري غور ۽ ويچار جو ثمر آهي. صرف ڪلام جي صحيح متن قائم ڪرڻ ۽ ان کي صحيح طور ڇاپائي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ لاءِ پڻ داناءُ مؤلف هڪ سال کان وڌيڪ مسلسل ڪوشش ۽ توجہ کان ڪم ورتو آهي.

متن جي هن اشاعت جي خاص خوبي اها آهي جو هن ۾ شاھ جي ڪلام جو، نفس مضمون توڙي معنيٰ ۽ مقصد جي لحاظ سان، گهرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مطالعو ڪيو ويو آهي ۽ ان ڪي انهيءَ فطري ترتيب موجب پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي، جنهن جو شاهه جي زندگيءَ جي جدا جدا منزلن سان مناسبت ۽ مطابقت جو امڪان آهي. انهيءَ لحاظ سان هيءَ اشاعت اڳين مڙني ڇاپن کان اتم ۽ اعليٰ آهي. رسالي جا اڳيان ڇاپا يا ته محض بيتن جا 'مجموعا' آهن، جن ۾ شاهه جي بيتن سان گڏ ٻين ڪن شاعرن جا بيت پڻ شامل آهن، ۽ يا ته وري اهڙن 'مجموعن' جي زياده صاف صورت آهن، جن ۾ فقط شاهه جي بيتن کي ڏيڻ جي شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. هن اشاعت ۾ شاهه جي مستند ڪلام جي سلسليوار سٽاء ۽ ترتيب کي خاص طرح مدِنظر رکيو ويو آهي، ۽ انهيءَ لحاظ سان شاهه جي ڪلام جو هيءُ پهريون مرتب ڪيل نسخو آهي، جنهن ۾ شاعر جي ذهن ۽ فڪر جي تدريجي ارتقا جو خاڪو نسبتاً صاف نظر اچي ٿو. شاعر جي زندگي ۽ فڪر جي درجيوار مرحلن مطابق، ڪلام جي هيءَ ترتيب خود شاعر جي سوانح حيات جي مطالعي لاءِ پڻ مفيد ثابت ٿي سگهي ٿي، ڇاڪاڻ ته ٻاهرين بدل زباني روايتن جي برعڪس، خود شاعر جي پنهنجي ڪلام جي تسلسل ۾ سندس زندگيءَ جي مختلف مرحلن جا اهڃاڻ موجود آهن. هيءُ هڪ عجب اتفاق آهي جو روشن دماغ ۽ داناء مؤلف جي گهري غور ۽ ويچار بعد هن اشاعت ۾، شاهه جي ڪلام جي جيڪا داستانن ۽ سُرن وار ترتيب وجود ۾ آئي آهي، ان ۾ انسان جي ذهني ۽ روحاني ارتقاء جي اعليٰ مرحلن جو عڪس موجود آهي، ۽ انهيءَ لحاظ سان پڙهندڙن لاءِ هن اشاعت جو مطالعو اڻ سڌيءَ طرح پڻ فائدي کان خالي نه آهي.

متن ۾ بيتن جون پڙهڻيون موجوده عام رائج اچارن مطابق ڏنيون ويون آهن. انهيءَ ڪري، شروع کان پراڻي صورتخطيءَ جي استعمال سببان پوين ڇاپن ۾ جيڪي لفظن جي پڙهڻين جون غلطيون هلنديون پئي آيون، تن جي تصحيح ڪئي وئي آهي. جيتوڻيڪ هيءُ متن رسالي جي مختلف ڇاپن توڙي قلمي نسخن جي پڙهڻين تي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غور بعد قائم ڪيو ويو آهي، تہ بہ رسمي طور هيٺ حاشين ۾ جدا جدا پڙهيون ڪين ڏنيون ويون آهن: انهيءَ لاءِ تہ هيءُ جلد اجايو ضخيم نہ ٿي پئي ۽ پڻ پڙهندڙن جو ڌيان متن ۾ ڪلام جي حسن ۽ ڪمال کان هٽي حاشين طرف نہ ٿئي. البتہ عام فائدي خاطر متن جي آخر ۾ ڏکين لفظن جي پٽي ڏني وئي آهي، جا اُميد تہ پڙهندڙ لاءِ ڪارگر ثابت ٿيندي.

پريس لاءِ صاف ڪاپي لکڻ، پهرين پروفن پڙهڻ ۽ آخر ۾ ڏکين لفظن جي پٽي تيار ڪرڻ ۾ ميرمحمد نظاماڻي، ليڪچرر شعبہ سنڌي، سنڌ يونيورسٽي، مؤلف جي مدد ڪئي، ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي پريس جي عملي هن ڪي ٿوري عرصي ۾ ڇاپڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن لاءِ اهي سڀيئي صاحب شڪريي جا لائق آهن.

حيدرآباد
١- مئي، ١٩٦١ع

نبي بخش بلوچ
’ڊين فيڪلٽي آف آرٽس‘
سنڌ يونيورسٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيشڪش

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي شريف جو هي نسخو، جيڪو شاهه صاحب جي وڏي چاهڪ ۽ پارکو، حضرت علامه آءِ. آءِ. قاضي صاحب جي ڏکي عرصي جي جاکوڙ جو نتيجو آهي، ”سنڌي ادبي بورڊ“ اول ١٩٦١ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو، جنهن جو ٻيو ڇاپو وري ١٩٨٦ع ۾ ڇپيو هو. رسالي جي هن متن جي منفرد سهيڙ ۽ افاديت جي ڪري، عام پڙهندڙن، طالبن توڙي تحقيق ڪرڻ وارن پاران، ان جي وقت بوقت طلب ٿيندي ٿي رهي. ان ڪري هي ٽيون ڇاپو، شاهه سائينءَ جي ٻه سؤ اٺونجاهين سالگرهه جي موقعي تي پڌرو ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيا آهيون. اميد ته اسان جي اها پيشڪش قبول پوندي.

۲۹-۷-۱۹۹۳ع — شمشيرالحيدري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪلياڻ

## داستان پهريون

( ۱ )

اول الله، عليم، اعليٰ، عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آهه قديم،
والي، واحد، وحده، رازق، رب، رحيم،
سو ساراهه سچو ڌڻي، چئي حمد، حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جي.

( ۲ )

وحده لاشريڪ له، جڏهن چيو جن،
تن مڃيو محمد ڪارڻي، هيجان ساڻ هنين،
تڏهن منجهان تن، اوتر ڪونه اوليو.

( ۳ )

وحده لاشريڪ له، ٻڌءِ نه ٻوڙا،
ڪِ تو ڪنين نه سئا، جي گهٽ اندر گهوڙا،
ڪاڙيندين ڪوڙها، جت شاهد ٿيندءِ سامهان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٤ )

وَحدَهٗ لاشريڪ لَهٗ، اِيءَ وِ ھائنج ويءَ،
ڪَنين جي ھارائيين، ھنڌ تنھنجو ھيءَ،
پاٿان پچوندءِ پيءَ، پري جام جنت جو.

( ٥ )

وَحدَهٗ لاشريڪ لَهٗ، اِيءَ ھيڪڙائيءَ حق،
ٻيائيءَ کي ٻَڪَ، جن وڌو سي وِرسيا.

( ٦ )

وحدَهٗ جي وَديا، اِلاّالله آڏَ ڪيا،
محمدؐ رسول ڇٽي، مسلمان ٿيا،
عاشق عبداللطيف چئي، اِنھين پھ پيا،
تيلانْ ڏٺيءَ ڏٺا، جيلانْ ويا وحدت ڳڏجي.

( ٧ )

وَحدَهٗ جي وديا، اِلاّ الله سين اورين،
ھينئون حقيقت ڳڏيو، طريقت تورين،
معرفت جي ماٺ سين، ڏيساندر ڏورين،
ٻَڪ نہ ستا ڪڏھين، ويھي نہ ووڙين،
ڪلهينئون ڪورين، عاشق عبداللطيف چئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٨ )

وَحدَهٗ لاشَريڪَ لهٗ، جان تو چئين ايئن،
تان مَڃ محمد ڪارڻي، نرتئون منجهان نيهن،
سو تون ڇيو ڪين، لائين ڪنڌ پين کي.

( ٩ )

وَحدَهٗ لاشريڪ لهٗ، جن آتو سين ايمان،
تن مڃيو محمد ڪارڻي، قلب ساڻ لسان،
اوءِ فائق ۾ فرمان، اوتڙ ڪنهن نه اوليا.

( ١٠ )

اوتڙ ڪنهن نه اوليا، ستڙ ويا سالم،
هيڪائي هيڪ ٿيا، آحد سين عالم،
بي ٻها بالم، آگي ڪيا اکين.

( ١١ )

آگي ڪيا اکين، نسوروئي نور،
لاخوف عليهم ولاهم يحزنون، سچن ڪونهي سور،
مولي ڪيو معمور، آنگ آزل ۾ اُن جو.

( ١٢ )

سِر ڏونريان، ڏڙ نه لهان، ڏڙ ڏونريان، سِر ناهه،
هٿ، ڪرايون، آڱريون، ويا کپجي ڪانهه،
وحدت جي وِهانءَ، جي ويا سي وڍيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٣ )

وحدهٔ جي وڍيا، ڪيا اِلاالله آڏ،

ميي ڏڙ ڀسي سڏ، ڪنھن آيا ڪِيءُ نہ ٿئي.

( ١٤ )

وحدتا ڪثرت ٿئي، ڪثرت وحدت ڪُل،

حق حقيقي هيڪڙو، ٻولي ٻي م ڀُل،

هيءُ هلاچو هُل، بالله سندو سڄڻين.

( ١٥ )

چئو تون الله هيڪڙو، وائي ٻي وسارِ،

تن ۾ تند تنوارِ، سدا سپيرين جي.

( ١٦ )

چئو تون الله هيڪڙو، ٻي وائي وساري ڇڏ،

آو تان تو سين گڏ، سڄڻ ساه پساه ۾.

( ١٧ )

پاڻئي جلّ جلالهٗ، پاڻئي جانِ جمالُ،

پاڻئي صورت پرجي، پاڻئي حسن ڪمال،

پاڻئي پير مريد ٿئي، پاڻئي پاڻ خيال،

سڀو سيوئي حال، منجهان ئي معلوم ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٨)

پاڻئي پسي پاڻ کي، پاڻئي محبوب،
پاڻئي خلقي خوب، پاڻئي طالب تن جو.

(١٩)

سو هيءَ، سو هو، سو اَجل، سو الله،
سو پرين، سو پساه، سو ويري، سو واهرو.

(٢٠)

سو هيڏانهن، سو هوڏانهن، سوئي مَنِ وسي،
سوئي سو پسي، تهين سندي سوجهري.

(٢١)

هڙاڏو سو سڏ، وَرَ وائيءَ جو جي لهين،
هئا اکِين کَڏ، پڌرَ ه پٽيا.

(٢٢)

ايڪ قصر، دَر لَک، ڪوڙين ڪٿس ڳوڙ ڪيون،
جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحبُ سامهون.

(٢٣)

ڪوڙين ڪاياڻون تنهنجيون، لِکن لَک هزار،
جيءَ سيڪنهن جيءَ سين، درسن ڏارو ڏار،
پرينءَ تنهنجا پار، ڪهڙا چئي ڪيئن چوان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وائي

سپڪا پريانءَ ڪون پوچي،
نينهن نيٽين، ڪڻ ڪالهہ، وو.

جا چتايم چت ۾، سڄڻ سا تو پڇي،
نينهن نيٽين، ڪڻ ڪالهہ، وو.

لاتِ جا لطيف جي، سڌ تنهن جو سڄي،
نينهن نيٽين، ڪڻ ڪالهہ، وو.

## داستان پهريون

( ١ )

آکيِ اُگهائِي، رنج پِريان کي رسيو،
چکيم چڱائِي، سورانگهي سوريءَ تان.

( ٢ )

اَلڏا اوڏا ويچ، ڪَلَ ڪچا لئي ڪانئين،
آسان ڏکي ڏيل ۾، تون پيارين پيچ،
سوري جنين سيج، مرڻ تن مشاهدو.

( ٣ )

سوريءَ سڌ ٿيو، ڪا هلندي جيڏيون؟
وڃڻ تن پيو، نالو نينهن ڪنهن جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٤ )

سوري سڏ ڪري، آيي عاشقن کي،
جي اٿي سڏ سگهن ۾، ته ڪڙم پير ڀري،
سيسي ڌار ڌري، پڇج پوءِ اريٽون.

( ٥ )

سوري آهه سينگار، اکين عاشقن جو،
مڙڻ، موٽڻ مهٽون، ٿيا نظاري نروار،
ڪسڻ جو قرار، اصل عاشقن جو.

( ٦ )

سوري سينگاري، اصل عاشقن کي،
لڏيا ڪين لطيف چئي، ٿيا نيزي نظاري،
ڪوئيو ڪناري، اٿيو چاڙهي آن کي.

( ٧ )

سوريءَ مٿي سيڻ، کهڙي ليکي سنرا،
جيله لڳا نيڻ، تي سوريائي سيج ٿي.

( ٨ )

سوريءَ چڙهڻ، سيج پسڻ، ايءَ ڪم عاشقن،
پاهون ڪين پسن، سائو هلن سامهان.

( ٩ )

سوريءَ جي سؤ وار، ڏيھاڙيو چنگ چڙھين،
جم ورچي چڙھين، سڪڻ جي ڇپار،
پرت نہ پسين ھار، نينھن جھاٺين نہ گيو.

( ١٠ )

ڀرين ڪاتي ھاءِ، پيچ ھوءِ پريتڻون،
ڏک پريان جو ڏيل ۾، واجٽ جيئن وڄاءِ،
سيخن ماہ پچاءِ، جي نالو ڪيڙءِ نينھن جو.

( ١١ )

ڪاتيءَ ڪونھي ڏوہ، ڪن وڍيندڙ ھٿ ۾،
پسيو پر عجيب جي، لڇيو وڃي لوہ،
عاشقن اندوہ، سدا معشوقن جو.

( ١٢ )

ڪاتي تکي م ٿئي، مر منيائي ھوءِ،
مان ورمن توءِ، مون پريان جا ھٿڙا.

( ١٣ )

جي تون سڪڻ سکيو، تہ ڪاتيءَ ٿي م ڪنجھہ،
سپريان جي سور جو، ماڙھن ڏجي نہ منجھہ،
اندر ايءَ آھنج، مانڊيج سکائون ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٤ )

جان وڏئين تان ويھ، نہ تہ وڻيو واٽ وانءُ تون،
هيءُ تنين جو ڏيھ، ڪاتي جنين هٿ ۾.

( ١٥ )

ڪاتي جن ڪري، مان لنؤن لڳي تن سين،
محبت جي ميدان ۾، وڃان پير پري،
آڏيءَ سر ڌري، مان ڪھنھون سپرين.

( ١٦ )

آکيان آڏين وٽ، پوين سر سنباهيا،
ڪاٽ تہ پوين قبول ۾، مڇڻ پاٻين ڳھٽ،
مٿا مھاين جا، پيا نہ ڏسين پٽ،
ڪلاڙڪي هٽ، ڪسڻ جو ڪوپ وهي.

( ١٧ )

جي آئي سڪ سرڪ جي، تہ وڃءُ ڪلاڙڪي ڪانبي،
لاهي رک لطيف چئي، مٿو وٽ مانبي،
تڪ ڏيئي ٻڪ پيءُ تون، گھوٽ منجھان گھاٽي،
جو ورنہ وهاٽي، سو سِرُ وٽ سرو ساهنگو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٨ )

جي آئيِ مَڌ مَڌ سرڪ جي، تہ وَنُءِ ڪلاڙڪي هٽِ،
لاهي رک لطيف چئي، مٿو مانُي وٽِ،
سِر ڏيئي ۾ سٽ، پيج ڪي پياليون.

( ١٩ )

جي آئيِ سِڪ سَرڪ جي، تہ وَنُءِ ڪلاڙڪي ڪوءِ،
مهيسر جي مد جي، هٽ هڏهين هوءِ،
جان رمز پروڙيين روءِ، تان سِر وٽِ سَرڪي سگهين.

( ٢٠ )

جي آئيِ سِڪ سَرڪ جي، تہ وَنُءِ ڪلاڙڪي گهرِ،
وڍڻ، چيرڻ، چچرڻ، پهتِ آنهين جي پرِ،
جي وِني پوئي ورِ، تہ سهنگي آه سيد چئي.

( ٢١ )

نائي ناه ڪکوه، ڪينَ ملهہ مهانگو مَنڌَ،
سنباهج سيد چئي، ڪانڻ ڪارڻ ڪنڌ،
هيءَ تنين جو هنڌ، مٿن پاس مرڻ جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٢ )

عاشق زهر پياڪ، وِهَ پسيو وِهسن گهٽو،
ڪڙي ۾ قاتل جا، هميشه هيراڪ،
لَڳين لنئون لطيف چئي، فنا ڪيا فراق،
توڻي چِڪنِ چاڪ، تہ بہ آہ نہ سلن عام کي.

( ٢٣ )

مَ ڪر سَدَ شراب جي، جي تون ناريين نوهَ،
پِيتي جنهن پاسي ٿِيي، منجهان رڳن روح،
ڪاتي چڪ ڪڪوهَ، لاهي سِر لطيف چئي.

( ٢٤ )

سَدڙيا شراب جون، ڪوهَ پچارون ڪن،
جه ڪات ڪلالن ڪڍيا، تہ موڙيو پوءِ وجن،
پِڪون سي پِين، سر جنهين جا ست ۾.

( ٢٥ )

سر جدا، ڌڙ ڌار، دوڪ جنين جا ديڳ ۾،
سي مر ڪن پچار، هڪيا جن جي هٽ ۾.

( ٢٦ )

ديڳين دوڪ ڪڙهن، جت ڪڙين ڪڙڪو نہ لهي،
تتي طبيبن، چاڪ چِڪندا چڏيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٧ )

سِسيءِ سي گهورَ، جي واٽينڌڙ وچ ۾،

آوءِ ڪين پيو پڇڻ، سِرو جن سنباهيو.

( ٢٨ )

اَصل عاشق پاڻهنجي، سِسيءِ نه سانديِن،

لاهيو سِر لطيف چئي، ساهه سلاڙيو ڏين،

ڪلهنئون ڪاٽيِن، پڇن پوءِ پريتئون.

( ٢٩ )

اَصل عاشقن جو، سِر نه سانڍڻ ڪم،

سؤ سِسئان اَڳرو، سَندو دوسان دم،

هيءَ هڏو ءِ چم، ڪِ پريان جيءَ نه پڙي.

( ٣٠ )

جي مٿي وٽ مِڙن، ته سيڪنهين سڌ ٿئي،

سِر ڏني سٽ جڙي، ته عاشق اِيئن آچنِ،

لِذاتي لين، مَلهه مهانگا سپرين.

( ٣١ )

مَلهه مهانگو قطرو، سِڪڻ شهادت،

آسان عِبادت، نظر ناز پِرين جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

مَنڊَ پيندي مون، ساڄن سهي سڃاتو.
اِي پيالو عشق جو، سيڪي سمجهوسون،
ساڄن سهي سڃاتو.
پريان سندي پار جي، آندر آڳ آڻئون،
ساڄن سهي سڃاتو.
جيئڻ ناهي جڳ ۾، ڏينهن مڙيئي ڏون،
ساڄن سهي سڃاتو.
آلا! عبداللطيف چئي، آهين تونهين تون،
ساڄن سهي سڃاتو.

## داستان ڏيون

(١)

آٽياري آئي ويا، منجهان مون آزار،
حبيب ٿي هٿي ويا، ايڙا جي پچار،
طبيبن تنوار، هڏ نه وٺي هاڻ مون.

(٢)

هَڏ نه وٺي هاڻ مون، ويڄن جو وصال،
هن منهنجي حال، حبيب ٿي هادي ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣ )

حبيبُ نِبي هادي ٿيو، رهنما راحَتَ،
ٻِيڙا ٻِيائين پاڻ سين، لائي ڏيئي لَتَ،
سپيريان صِحتَ، ڏِنيم منجهان ڏکندي.

( ٤ )

اورِ ڏکندو آو ٿئي، هادي جنهن حبيبُ،
تِر تفاوت نه ڪري، تنهن کي ڪو طبيبُ،
رهنما رقيبُ، ساڻُر صِحت سپرِين.

( ٥ )

ساڻُر صِحتَ سپرِينُ، آهي نه آزارُ،
مجلس وير مِٺو ٿئي، ڪونيندي ڦهارُ،
خنجر تنهن خوب هڻي، جنهن سين ٿئي يارُ،
صاحِبُ ربُ ستارُ، سوجهي رکون ساهه جِيون.

( ٦ )

رکون ٿيون رَبابُ، وڄن ويلَ سيڪهين،
لڄڻ، ڪڄڻ نه ٿيو، جانب ري جبابُ،
سوئِي سَنڌيندم سپرِينُ، ڪِيس جنهن ڪبابُ،
سوئِي عين عذابُ، سوئِي راحتَ روحَ جِي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٧ )

سوئي راهه رد ڪري، سوئي رهنما،
"وَ تُعِزُّ مَنْ تَشَاءُ وَ تُذِلُّ مَنْ تَشَاءُ".

( ٨ )

جاڻي ٻجهي جن، تو سين سور سچ ڪيا،
تون ڪيئن سنديون تن، ٻر سين ٻچارون ڪرين؟

( ٩ )

ٻر ۾ ٻچيائون، عشق جي اسباب ڪي،
دارون هن درد جو، ڏاڏو ڏسيائون،
آخر والعصر جو، اڻهين آتائون،
تهان پوءِ آئون، سڪاڻ ٿي سلام ڪي.

( ١٠ )

سڪين ڪه سلام ڪي، ڪرين ڪه نه سلام،
پيا در تن حرام، ايءُ در جنين ديکيو.

( ١١ )

مٺايان مٺو گهڻو، ڪڙو ناهه ڪلام،
سڪوت ٿي سلام، پريان سندي پار جو.

( ١٢ )

ڀريان سندي ڀار جي، مڙئي منائي،
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري.

( ١٣ )

تو جنين جي تات، تن ٻڻ آهي تنهنجي،
'فاذڪروني اذڪرڪم'، ايءُ پروڙج بات،
هت ڪاتي ڪُڙ وات، ٻڌڻ ٻر پرين جي.

( ١٤ )

حبيبن هيڪار، منجهان مهر سڏ ڪيو،
سو مون سپ جمار، اورڻ آهوئي ٿيو.

( ١٥ )

ٻاٻوهي هيڪار، مونهان ٻچيو سڄڻين،
'الست بربڪم'، چيائون جنهن وار،
سندي سور ڪنار، تن تڏاهڪون نہ لهي.

( ١٦ )

ٻاٻوهيو ٻچڻ، 'ڪٿي هت حبيب جو'
نيزي هيئان نينهن جي، ٻاسي ٻاڻ نہ ڪن،
عاشق آجل سامهان، آونچي ڳات آڇن،
ڪسڻ قرب جن، مرڻ تن مشاهدو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٧)

ڪوئي ڪهي سپرين، ڪوئي ڪهڻ ساڻ،
نيزي هيٺان نينهن جي، پاسي ڪر م پاڻ،
چل، وڃائي چاڻ، عاشق آجل سامهون.

(١٨)

ڪونه قربن جو، عين ترڻ آه،
ايءَ آئي ڳالهڙي، سِڪ ورندي ساهه،
آسر هڏ م لاهه، چنڻ ڳنڍڻ آن جو.

(١٩)

ڪهن تان ڪر لهن، ڪر لهن تان ڪهن،
سي ئي ماءَ مهن، سي ئي راحت روح جي.

(٢٠)

ڪهي سو ڪر لهي، ڪوئي سو قريب،
اِها عادت سڪيو، هر زمان حبيب،
تنهجي سو طبيب، سو ئي واحت روح جي.

(٢١)

ڪهن ۽ ڪوئين، ايءَ پر سندي سڄڻين،
سوريءَ چاڙهيو سپرين، ڏنيءَ ڏيهائي ڏين،
وينا وره وٺين، آءَ واڍوڙيا وهاءَ تون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

ٽيندو تن طبيب، داروُن منهنجي درد جو.
ٻيڪي ڏينديم ٻاجهه جي، آڇي شال عجيب،
داروُن منهنجي درد جو.
ٻرين آچي ٻاڻ ڪيو، سندو غور غريب،
داروُن منهنجي درد جو.
ڏکندو سيوئي ڏورڪيو، منجهوُن تن طبيب،
داروُن منهنجي درد جو.
آديون عبداللطيف چئي، هاتڪ آهه حبيب،
داروُن منهنجي درد جو.

# يمن ڪلياڻ

## داستان پهريون

( ١ )

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون درد جي دواءِ،
جانبُ منهنجي جيءَ ۾، آزار جا انواع،
صاحبُ ڏي شفاءِ، ميان! مريضن کي.

( ٢ )

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون درد جو دارُون،
دوا آهن دل کي، تنهنجيون تنواروُن،
ڪريان ٿي ڪارُون، جئن ڪي پيئون نه ٿئي.

( ٣ )

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تو لهين ڏکن ڏبُ،
تون ڏيين، تون لاهيين، تون هادي، تون ربُّ،
آهم اِيءَ عجبُّ، جئن واريو ويڄ وهارئين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٤ )

تون حبيبُ، تون طبيبُ، تون داروُن کي دردن،
تون ڏِيہن، تون لاهِيہن، ڏاتر کي ڏِکندن،
تڏهن ڦِکيون فرق ڪِن، جڏهن آمر ڪريو اُن کي.

( ٥ )

جانُ ڪِي ڪري طبيبُ، داروُن هِن درد جا،
هٿيو سي حبيبُ، اکوڙيو آڏ ڪري.

( ٦ )

هَنُ حبيبَ هَٿ ڪُٽي، ٽِيڪ مَ، ٽورو لاءِ،
ٻرينُ تنهنجي ڳهاءِ، مَران تہ مانُ لهان.

( ٧ )

هَنُ حبيبَ هَٿ ڪٽي، دل ۾ تِي دانهيان،
ڪِچان تان ڪوڪ ٿئي، صبر آءٌ نہ سهان،
ڪنهن کي اِيئن چوان، تہ مون کي ماريو سڄڻين.

( ٨ )

هَنُ حبيب هَٿ ڪٽي، ٻنگا لهِي ٻاڻ،
ماڳهين مون منهن ٿئي، جهولِيءَ وجهان ٻاڻ،
اِن پرِ ساجن ساڻ، مان مقابلو مون ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٩)

جت حبيب هُئن، نانءُ پري نينهن جي،
تتي طبيبن، وچا وڃي وسري.

(١٠)

هٿي جي حبيب، محبتي ميا ڪري،
پڇان ڪون طبيب، هوند گهائُن سين ٿي گهاريان.

(١١)

چوري چنگ، ٻنگ لهي، حبيبن هنيوس،
ٻجهان ٻاڻ لڳوس، ڪانارُئو ڪر ڪٽي.

(١٢)

ڪانارُئا ڪٽڪن، جنين لوهه لڳن ۾،
محبت جي ميدان ۾، هيا لال لڇن،
ٻاٽهي ٻڌن ٻنيون، ٻاٽهي چڪئا ڪن،
وتان واڍوڙين، رهي اَچجي راتڙي.

(١٣)

رهي اَچجي راتڙي، تن واڍوڙين وٽاءِ،
جن کي سور سرير ۾، گهٽ منجهارا گهاءِ،
لڪائي لوڪاءِ، ٻاٽهي ٻڌن ٻنيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۴)

آڄ ٻڌ ڪنجهو ڪنجهه، واڍوڙڪي منهين،
جي ٻڌ ٻيئين سنجهه، هوءِ پنيون، هوءِ پٽيون.

(۱۵)

آڄ ٻڌ ڪهڙي ڏانهن، واڍوڙڪي منهين؟
وِچ وڙائي ٻانهن، چوري چاڪ نهاريا.

(۱٦)

ويچارا واڍوڙ، سدا شاڪر سور سين،
تاڻين ٻاسي توڙ، اوري ڪن نہ آسرو.

(۱۷)

سدا آهي سور جي، واڍوڙين وائي،
جيڪا آڻن من ۾، سلن نہ سائي،
اوڙ ڪي اهائي، ڳوليو لهن ڳالهڙي.

(۱۸)

سکهن سڌ نہ سور جي، تہ گهايل ڪئن گهارين،
پيل پاسو پٽ تان، واڍوڙيل نہ وارين،
ہر ۾ ہچن پر ہن لئي، هئي! هنجهون هارين،
سڄڻ جي سارين، تن رويو وهامي راتڙي.

(١٩)

سُکهن سَڌِ نہ سُور جي، ٿا رَنڪن رنجوري،
پيا آهن پَٽ تِي، مٿن ماموري،
لِڳين لؤن لطيف چئي، سدا جي سوري،
ٻارت جن پوري، تن رويو وهامي راتڙي.

(٢٠)

آيل اَنِ نہ وِسهان، هنجهون جي هارين،
اٿيو آب اکين ۾، ڏيهه ڪي ڏيکارين،
سڄڻ جي سارين، سي نڪي رون نہ چون ڪي.

## وائي

وِرِسيا ويچ ويچار، دل ۾ درد پِرينِ جو.
اُٿو ويچا، ۾ وِهو، وچو ڏيپ کٿي،
دل ۾ درد پرينِ جو.
ٻڪي ڏينـدا ٻاجهه جي، آيا سُور ڏٿي،
آيا جي٤ جيار،
دل ۾ درد پِرينِ جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان پهريون

( ١ )

تن طبيب نہ تون، جو سڌ نہ لهين سور جي،
ڏکي پنهنجون ڏيهون، ڪڏ ڪٺي ۽ پيون،
ڪانہ گهرجي مون، حياتي هوتن ري.

( ٢ )

ڌاريئي دنيا ڪارڻ ڏيهون، تن جو تون نہ طبيب،
اينڊو آڄ عجيب، شادي ڏيندو صحت جي.

( ٣ )

تن طبيب نہ گڏيا، ڪنيس ڪويڄڻ،
ڏيئي ڌلي ڏڏن، پاٿان ڏيل ڏکوئيو.

( ٤ )

آهي گهٹو آگهن جو، ترس طبيبن،
ڪيو وس ويڄن، تان ڪريءَ ري ڪين ٿئي.

( ٥ )

ترس طبيبن جو، جڏن ڪيو نہ ذات،
جو ويڄن جي وات، داروئتا تنهن دور ٿيا.

( ٦ )

آگهائي سگها ٿيا، جي ويٺا وٽ ويڄن،
ترسي طبيبن، چيٺي هولڌ چڱا ڪيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٧)

ويڄڻ سين وائيءَ پيا، ڪِريِ نہ ڪيائون،
جي پنڌِ پاريائون، تہ سِکھائي سگھا ٿيا.

(٨)

ويڄڻ سين وائيءَ پيا، ڪِري ڪِنَ نہ ٻاڻِ،
آگھا اِنَ آھِجاڻِ، پسوا سورَ سِجھائيا.

(٩)

ٻاڙي ويڄ ھڻام، تان مون سور نہ پڇيا،
تيلاھِين پيام، موريسر آکين ۾.

(١٠)

ھاريا تو ھِريِ، ڪِڇ ڪايا سين ڪيو،
ڪريين جي ڪِري، تہ تون تَوانون ٿئين.

(١١)

جي پائين پرينِ مڙان، سِک چوران ڪي ذاتِ،
جاڳڻ جشن جن ڪيِ، سک نہ ساري راتِ،
اَڄي ٻڄي آئيا، وائي ڪِنَ نہ واتِ،
سليي سوريءَ چاڙھيا، بيان ڪِنَ نہ باتِ،
توڙيي ڪسن ڪاتِ، ساڳي سِلنَ ڪينڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٢)

تڙي طبيبن، گهائل گهران ڪڍيو،
چڪيا چاڪ چهون ڪري، ڪڙيون مور نه ڪن،
دوست جي درسن سين، ٻئي ڌار ٿين.
ورچيو ويچ وڃن، آءٌ ته ڀرينم آبهان.

(١٣)

ويڄن وٺي ٻي، دوس ڏيهي در آئيو،
صحت جي سرير ۾، ڪل ڪرين پيئي،
پيڙ پري ويئي، اچڻ ساڻ عجيب جي.

(١٤)

وڍي جن وڍياس، وري ويڄ ٻي سي ٿيا،
ترت ٻڌائون پٽيون، روز ڪيائون راس،
هينئڙا تنين پاس، گهارِ ته گهايل نه ٿيئن.

(١٥)

هاريا ويڄ، ٻياس! ستِ نه لهين مور جي،
پريان ڪي چونڊياس، ته ترس طبيبن ڇڏيو.

(١٦)

ويڄ! م ٻڪي ڏي، آلا! چڱي م ٿيان،
سڄڻ مان اچي، ڪر لاهو ٻي ڪڏهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٧)

ويهڻ ويجهن وٽ، جي سگهين ته سکهو ٿئين،
آگين عادت مٽ، ته آکيا! عاجز نه ٿئين.

(١٨)

هئين ويجهن وٽ، تون ڪيئن جيءَ جڏو ٿئين؟
سِر ڏيئي ۾ سٽ، ڪوه نه ڪيئي ڊپڙا؟

(١٩)

دارون ۽ ڪارون، جان ڪِي ڪيا ويچ مون،
پڪي ڏيندا پاڄهه جِي، نهاري نارُون،
جن سيڻ لهن سارون، تن تان ڏکندو ڏور ٿئي.

(٢٠)

آگهن مِڙي آج، ڪيو سڌ صحت ڪي،
ڏور ڏکندا پڃ، مهريءَ منهن ڏيکاريو.

واڻي

آچي سار لهيج، ساڄن، سور توهانجي آهه ماري،
سور تنهنجي جي مران، تان مون ڏوهه نه ڏيج،
ساڄن سور تنهنجي آهه ماري.
ڊيهن پِري هتڙا، دارون دوست ڪريج،
ساڄن سور تنهنجي آهه ماري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان ٽيون

( ۱ )

هئي هئي! وهي هاءِ، من ۾ محبوبن جي،
جيرا جوش جلائيا، ٻکيڻ ٻري باھ،
ڀسو مچ مٿاءِ، جي ويساھ نہ وسهو.

( ۲ )

هئي هئي! وهي هوءِ، من ۾ محبوبن جي،
جيرا جوش جلائيا، ٻکين مکي ٻوءِ،
آچي ڀسو روءِ، جي ويساھ نہ وسهو!

( ۳ )

ڪانڌين ڪانڌين ٻاٻرين، پچان مر پيئي،
جيرا جگر ٻڪيون، سيخن ۾ ڏيئي،
ويچڻون ويئي، ڏي وهيٽي سڄڻين.

( ۴ )

سر جو سڄيو سڄڻين، پر پيڏيءَ ڏيئي،
ڪان ڪرنگهر ڪپيو، پڪن مر ٻڌي،
جيرا جگر ٻڪيون، ٻاساريون پيئي،
ويچڻون ويئي، ڏي وهيٽي سڄڻين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

سَرَ جو سَچِيو سڄڻين، ٻنگا ٻاڻ پري،
ويو وُجودان نڪري، ڪِرِ ڪِرِ ڪاڻ ڪري،
اُچو پيرُ پري، تہ ڪِ تُريو هَٿ حبيب جو.

( ٦ )

سَرَ جو سَچِيو سڄڻين، ٻيهر ٻاڻ پري،
چَمڪيو سو چوڻهُ مان، ڪِرِ ڪِرِ ڪاڻ ڪري،
جيرا جِگرُ ٻِڪيون، لنگهي پيو پري،
لڳو جيءَ جڙي، تاڻيان تِيرُ نہ نڪري.

( ٧ )

سَرَ جو سَچِيو سڄڻين، سِيڱ منجهان سِيلو،
تَنگرُ تِڪيو ڪينڪي، پار لنگهيو ڀِلو،
هڻڻ ٿنهنجُن سِيلو، جانبُ جيڏو ئي ڪيو.

( ٨ )

ڏَڳايوم ڏئين، چيرو آندر جندڙي،
لڳي سِيخ وجودَ ۾، سندي نينهن نئين،
مُشاهدي تهين، مون ڪي وڌو مچ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٩)

جي تتو تن تنور جئن، تہ چنڊي سان چماءِ،
آئي آڪ آدب جي، ٻاري جان جلاءِ،
ٻرقئا اندر ٻاھرون، پنهنجون سڀ پچاءِ،
لڇڻ، لؤن لطيف چئي، پڌر ھڏ م پاءِ،
متان لوڪ لکاءِ، وصالان وڃ ٿئي.

(١٠)

اچا تنوراءِ، ڪالھ ڪڍياسون سڄڻين،
ٻن تايائون تڪڙو، وحدت جي وڏاءِ،
محبتين مٺاءِ، مچ موراڻين نہ لهي.

(١١)

پچائي پهاڻ، جن رسائيو رڪ کي،
تنين سندو جاڻ، آهي آڳڙين کي.

(١٢)

چڙھيو چڪاسڻ چاءِ، آڪ ٻرندي آئيا،
وھسن واڙيءَ ڦل جئن، محبتي مچ لاءِ،
آئي پاڻ آڙاءِ، ڪئي ڪوري وچ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٣)

ڏنءُ ڏنءُ ڏمڻ وار، آڄ ٻڻ آکڙين جي،
ٻاري مچ مجاز جو، اوتيائون آڳار،
ڏوڏيا ٿيءُ م ڏار، جم ڪچو رک ڪٿيون ٿئي.

(١٤)

ڏوڏا تون نه ڏنئين، آڳ اوڏو نه وڃين.
الا جي عشق جا، سي تان تون نه سهين.
آپو ايءُ چئين، ته آءٌ آکڙيو آهيان.

(١٥)

سڙ ساندڻ ڪري، پڇج ڳهر لهار جو،
ڏکن هيٺ ڏري، مان گڏينئي رک سين.

(١٦)

سهين جئن ساندڻ، ڏکن مٿي ڏڪڙا،
وهه وجائي ٻاڻ، ڏي ڏٻائون ڏگرين.

(١٧)

هئي! ٻر آڳارن، ٻڏاهين ٻرن جي،
هڪ ڪوري ڪاٺيا، ٻيو ڏوڏي منجهه ڏکين،
ٻاٽان لهارن، ميڙي رکيا مچ لئي.

(١٨)

ٻاريو اَجھائِين، ٻرِين اَجھايو ٻارِين،

مون کي ٿا مارِين، لٽا لھارن جا.

(١٩)

اَڄ اُڀريا آئيا، سوڌا سِرائِي،

پياري پاٽِي، تبغون ڪندا تِکيون.

(٢٠)

اَڄ اُڀريا آئيا، سائو ڪي سڄاڻ،

لاھيندا موريا، رَڪ ڪريندا پڌرو.

(٢١)

مرھا ڏنم ھِي، جن ساڃاءِ سِراڻ مِين،

تيغ تنين جي ڪِي، ڪَٽ نہ لِڳي ڪڏھين.

(٢٢)

ڪَٽ ڪَڙھيو لوھ پرِيءَ، وڌا جِت ڏڳڻ،

متر ڪن منھن ڪِليا، سانداٽيون سڪن،

اَڄ ٻڻ اُڀرين، ميڙو آھي مچ تي.

(٢٣)

چِکِي مَٿِي مَٽن جِي، اُڀريا آيا،

ڪڙي قاتل ڪوڏيا، ورلہ وٺايا،

گھورن مين گھايا، پيٽ تان پري ٿيو.

( ٢٤ )

ڪانئيا تن ڪنيو، اجهاڻن آونداهه،
جن اندر ٻري باهه، سڌ تني کي سيڪا.

وائي

جيءُ جيارو، جيءُ جياريو، ڪين منهنجڙو هاريو،
منهنجو جيءُ جياريو.

ٻرين جيءُ ٻچار، سيڻن جيءُ سنيار، جڏڙو جيءُ جياريو،
منهنجو جيءُ جياريو.

اچيو تن عميق مال، ٻرين ٻوج ٻياريو،
منهنجو جيءُ جياريو.

مرض مريضن تان، اشاري سان آتاريو،
منهنجو جيءُ جياريو.

ڪرم ڪريمن جي مون کي، آهڪيءُ مان اڪاريو،
منهنجو جيءُ جياريو.

منهنجون منهن ڪري سپرين، آئين نرمل نور نهاريو،
منهنجو جيءُ جياريو.

سائلن جئن سڌ ڪري، آئين طالبن کي تاريو،
منهنجو جيءُ جياريو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# داستان چوٿون

( ١ )

ايڪ پيالو، ٻہ ڄڻا، عشق نہ ڪري اِينءَ،
ليکيا جي لِکڻ ۾، سي قُرب رسندا ڪِينءَ؟
هٿن ڪيا هِينءَ، وانجھيا پس وِصال ڪان.

( ٢ )

ايڪ پيالو، ٻہ ڄڻا، عشق نہ اِئين ڪري،
آئي سي ايڪ ٿيا، جي ڳتا نينهن ڳري،
ڏٺي دار ڏري، خلق خنجر آئيو.

( ٣ )

ايڪ پيالو، ٻہ ڄڻا، عشق نہ ڪري آڌ،
اِيءَ جا ماعِر سڌ، ڪيئي جا قوال سين.

( ٤ )

آڪيون اوڏاهين ڪٺي، جيڏانهن قاتل ڪُل،
متو سکن نہ مل، ہِڪ برابر پانهنجو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

جيڏاهون قاتل ڪوڙ، اکيون اوڏاهين ڪئي؛
وه تنين جي ووڙ، جنين سانگ نہ ساھ جو.

( ٦ )

قاتل ڪمائي ڪري، وه ماڪي جي ڪن،
وٺان ويھي تن، پيچ ڪي پيالين.

( ٧ )

هوندو هڏ م رڪ، لئي پياڪن پانهنجو،
وٺي واناڙن ڪي، تان پياري پرڪ،
سا لڪ لهي ٿي لڪ، جا تو ايندي آن سين.

( ٨ )

هوندو هڏ م سنڌ، لئي پياڪن پانهنجو،
پوڄ پيارج پنهڙا، ويندا وٺيو ڪنڌ،
تہ هٿ تنهنجي هنڌ، موکي کو مان لهي.

( ٩ )

گهڙن ۽ گهڙڪن، وٽيون پين وه گاڏيون،
'برخيز بده ساقي'، پيار کي پرين،
پڪين نہ پرچن، ست تڪيائون منجهيان.

( ١٠ )

آئي اُتر واءُ، موڪيءَ مَٽ اُپٽيا،
متارا تنهن ماءِ، آڇن سِر سنباهيو.

( ١١ )

موڪيءَ مَٽ اُپٽيا، آڇا اَڱڻ ڏارِ،
ايندا تو دربارِ، وِه پئندا وَٽيون.

( ١٢ )

موڪِي مَنڌَ پِيار، اونچو اونچي مَٽ مان،
ڏيندي ڏاتارنِ کي، وَٽيءَ وِجهه ۾ وارِ،
سِر ڪَٽي، سردار، اَڱڻ تنهنجي آئيا.

( ١٣ )

موڪيءَ مٿو نه ڳهريا، وِه نه وِهائيا،
مَرڪيءَ ڪانِ سيد چئي، آئي ٿي آئيا،
جي ڳالنِ ڳگائيا، تن ٻَٽَنِ ٻاسي ٻُئيون.

( ١٤ )

موڪيءَ سندي مَٽ ۾، سري سپ پِيو،
قضا ڪِم ڪيو، ڪونهي ڏوهه ڪلاڙ جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٥ )

موکيءَ سندي مَتَ ۾، ڪو جو زهر ذَرو،
پئندي پوشيدن کي، پيو ڪونه پرو،
مٿو مهاين جو، ڪيو ڳهرِ ڳرو،
اٿڙن ڪيپ ڪرو، ڪنهن جنهن ڳهر ڳگانيا.

( ١٦ )

منهن وڃهيو مٽن ۾، موکي آئي روءِ،
متارا مري ويا، آگهن آچي نه ڪوءِ،
متارنئون پوءِ، متا مت مٽي ٿيا.

( ١٧ )

نه مي آگهن آگهڙيا، نه ما مت سري،
ڪنوراقاتل جا، جن پيتا پاڻ پري،
آئي پهر اَلتيا، ذرتيءَ سر ذري،
ويئي اجهامي آن جي، ٻئي بس ڪري،
ساريو سور چڙهي، موکي متارن جا.

( ١٨ )

وڃهج وانارڻن تي، ميخاني جي ماڪ،
ٽيندي سڌ سيڪنهين، هنڌ هنڌ پوندي هاڪ،
پره جا پياڪ، جه مي آگهڻ آئيا.

( ١٩ )

سِرڪي ڪِين ڪيو، وِڃ موڪِيءَ جي ماريا،
ڪو جو سخن ڪلاڙجو، پِٽي تي پيو،
تِهان پوءِ ٿيو، سِرڻ متارن جو.

( ٢٠ )

جَهه سي آڱڻِ آئيا، سِرو ڪندا سَچ،
سائِي ٿيندين اَڄ، ڀِي ڀيتو، هو آڻِ ڪِين!

( ٢١ )

موڪِي چوڪِي نہ ٿِئي، اَصل اوچِي ذاتِ،
وتيون ڏيئِي واتِ، متارا جنهن ماريا.

( ٢٢ )

متارا مري وِيا، موڪِي تون نہ مرين!
ڪيهيءَ ڀر پرين، ڏڪِي ذاتارنِ ري؟

( ٢٣ )

متارا مري ويا، موڪِي تون ٻي مر،
تنهنجو وس ڏمر، ڪولہ سهندو آنِ ري.

( ٢٤ )

آجا ڪوڙي ماڪَ، مَٽ، ڪُنڪا، ڪَٽ ڳهٽا،
لاهِي ويهہ م لاڪَ، موڪِي متارن جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۲۵ )

ڪَنڌ ڪَڻارو، مَنهن وَڻي، عادت جَنِين ائيءَ،
تَنِين تِڪون ڏِيون، جَنبي منجهان جِيءَ،
سَرو تِن سَبيءَ، جن حاصل ڪيو حالَ ڪي.

( ۲٦ )

هَٿ ڪَٽيو سَڌَ ڪري، موڪِي ماءَ ڳَري،
نه ڪنهن ماريا جنگ ۾، نه ڪنهن سُور ڀري،
اوري هٿا نه آئيا، جڪسِ ويا ڀري،
روئان ڪِيئن ڪري، مادر متارن ڪي.

( ۲۷ )

سِر ڏيئي سَٽ جوڙِ، ڪنهن ڀِر ڪَلاڙن سين،
ڪاتي، ڪَرت ڪَپار ۾، خنجر آئي ڪوڙِ،
مَرڻا منهن ۾ موڙِ، وَتِي ٿِي وَڌِ لهي.

( ۲۸ )

وَٽ وَٽ وَڻيءَ ۾، مَٽ مَٽ مَنڌَ ٻيو،
قدر ڪيف ڪلاڙ جو، پياڪن پيو،
آڇن ڏَرس ڏڪان تي، ڪَنڌ قبول ڪيو،
سَرها سِر ڏيو، چکن سَرڪ سيڌ چٽي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٩ )

آئي ڏيئي آگار، ڪامي ڪردارن سين!
پسين سي پنهوار، ٻر پيهي جن سين.

( ٣٠ )

ڪلاڙڻون ڪاءِ، مت نہ سگهين مون هينئان!
رونئندي رات وهاءِ، چڪائيندي ٻئيون.

## وائي

سيڻن جي سنڀار، جڏو جيءَ جياريو.
ڪرم ڪريمن جي، آهڪيءَ وير آڪاريو،
جڏو جيءَ جياريو.
ساڃين جڻن سات ڪري، طبرن جڻن تنواريو،
جڏو جيءَ جياريو.
سڀون منهن ڪري سپرين، تان نرمل نور نهاريو،
جڏو جيءَ جياريو.
مرض مريضن تان، اِشاري سان آتاريو،
جڏو جيءَ جياريو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

دوس ٻيهي در آئيو، ٿيو مِلڻ جو ساعيو،
ڏينهين ٻچاڙون آئي اسان ڪي، مولي محب مِلائيو،
ٿيو مِلڻ جو ساعيو.

وِيو وِڇوڙو ٿيو ميلاپو، واحد واهُ وَرائيو،
ٿيو مِلڻ جو ساعيو.

هو جِنهين جو ڏَس ڏورانهون، اوڏو آج سو آئيو،
ٿيو مِلڻ جو ساعيو.

عَبداللطيف چئي، آچي عجيبن، پاڻ فضل فرمائيو،
ٿيو مِلڻ جو ساعيو.

## داستان پنجون

(۱)

صوفِي سالم سي وِيا، جي آڪثر سين آڏيار،
بازِي بازندنِ ڪي، آهي آو بسار،
پريانْ سين پهڪارَ، رِنديءَ رسائي ڪيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢ )

صُوفِيءَ ميڙ مَڻِين ۾، جِنِ رَکِنِ ۾ ساهه،
سا نه ڪري ڳالهڙي، جِنِ ٻر ڀون ٻروڙي پَساهه،
آهِس اِيءَ گُناهه، جي ڪا ڪري پڌري.

( ٣ )

صُوفي چائِينِ، سَڏَ ڪِرِين، صُوفِيِ ايءَ نه صَلاح،
ڪاڻي رک ڪَلاهه، اَڇلي وِجهه آڳ ۾.

( ٤ )

جي ڪَلاهه رکين ڪَنڌَ تي، ته صُوفِي سالم ٿِيءَ،
وِهه وڻي هٿ ڪري، ٻر پيالو اِيءَ،
هنڌَ تنِينَ جو هيءِ، جن حاصل ڪِيو حال کي.

( ٥ )

صُوفِيءَ صاف ڪِيو، ڌوئِي وَرق وَجود جو،
تِهانَ پوءِ ٿِيو، جِڙي پسڻ ٻِرينءَ جو.

( ٦ )

صُوفِي لاڪوفِي، ڪو نه پائِنسِ ڪِير،
منجهان ٿِي منجهه، وِڙهي، ٻڌرِ نه آهِس پير،
جِنِينَ ساڻس وير، تِني تَنِينَ جو واهرو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٧ )

ڏني ڏکويا، آڻ ڏني راضي رهيا،
صوفي تئن ٿيا، جئن ڪين ڪنيائون پاڻ سين.

( ٨ )

جسي ۾ جبار جو، خفي خيمون ڪوڙ،
جلي تون زبان سين، چارئي پهر چوڙ،
فڪر سين فرقان ۾، اسم آعظم ڏور،
پيا در وڃي ۾ ووڙ، ايءَ آسلهه انائين سيڄي.

( ٩ )

عالم آءَ ساڻ، پريو تو پير ڪري،
پاڻ نه آهي جاڻ، مانڊيءَ منڊ پکيڙيو.

( ١٠ )

طالب ڪثر، سونهن سر، آندر روميءَ راءِ،
ماڙهو اِت ڪياءِ، منڊ نه پسين منڊيو!

( ١١ )

طالب ڪثر، سونهن سر، ايءَ روميءَ جيءَ روءِ،
جنين ڏٺي جوءِ، تنين ڪڇيو ڪينڪي.

( ١٢ )

طالب ڪثر، سونهن سر، روميءَ چيو آهي،
تاڙي جي لاهي، ته منجهين مشاهدو ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٣ )

طالب ڪثر، سونهن سر، اِي رومِيءَ جي رِهاڻِ،
ڀِهرِين وِڃاڻِ پاڻ، پسڻ پوءِ پرين کي.

( ١٤ )

طالب ڪثر، سونهن سر، اِيءُ رومِيءَ جي راحت،
جنين ڏِٺي ست، تنين ڪڇيو ڪينڪي.

( ١٥ )

طالب ڪثر، سونهن سر، اِيءَ رومِيءَ جي اوطاق،
جي پڇي در فراق، تہ منجهيين مشاهدو ٿئي.

( ١٦ )

ظاهر ۾ زاني، فِڪر منجھ فنا ٿِيا،
تَنِين کي تعليم جِي، ڪِڙہ آندر ڪاني،
حَرف حقاني، دور ڪِيائون دِل ۾.

( ١٧ )

جن کي دَور دَرد جو، سبق سور پڙهن،
فِڪر فَرهِي هٿ ۾، ماٽ مُطالع ڪن،
پنو سو پڙهن، جنهن ۾ پسن پِرين کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٨ )

وسريوم سبق، پڙهڻ سٽ نه سنيران،
آيا هيءَ ورق، هئي مطالع نه ٿيو.

( ١٩ )

ڪيو مطالع سون، هو جو ورق وصال جو،
تنهن ۾ تونهين تون، پي لاتِ نه لحظي جيترِي.

( ٢٠ )

سا سِٽ نه سارين، الف جنهن جي آڳ ۾،
ناحق نهارِين، پنا پيا پڙهِين لئي.

( ٢١ )

سا سِٽ سارِيائون، الف جنهن جي آڳ ۾،
'لامقصود في الدارين'، اِن ۾ آتائون،
سگهر سونائون، ٿيا رسيلا رحمان سين.

( ٢٢ )

ٿيا رَسيلا رحمان سين، سگهر سونهين جي،
آئيون تنين ڪي، واڌايون وصال جيون.

( ٢٣ )

ٿيا رَسيلا رحمان سين، سگهر سونهيون جن،
منجهان تن جسن، حرف نه سڄي هيڪڙو.

( ٢٤ )

آکر پڙهي آيا ڪِئا، قاضي ٿِئين ڪتاءَ،
پيرين ۽ پائيين، اهڙا اِيئن نہ آءَ!
اِنَ سرڪيءَ سندو ساءُ، پڇج عزازيل کي.

( ٢٥ )

عاشق عزازيل، پيا مِڙئي سڌڙيا،
منجهان سِڪ سبيل، لعنتي لال ٿيو.

( ٢٦ )

جو مون پڙهيو پاڻ لئي، سبق سابق جو،
پهرين سجاتم پانهنجي، نفس جو لهو،
جت عِرفان اصل ۾، ٿي روحن روز ڪيو،
وري ورق پيو، گڏيم وڏ وصال جو.

( ٢٧ )

آکر چٽي هيڪڙي، پهون جي نہ پڄهن،
ڪوه ڪبو ڪي تن، سڄي سٽائي ڳالهڙي.

( ٢٨ )

پڙهيو تا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾،
پاٺان ڏوهہ چڙهن، جئن ورق ورائن وترا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٩ )

پڙهيو پڙهيجاهه، سبق اِنهيءَ سور جو،
ميم رکجا مَن ۾، اَلف تنهن آکياهه،
ڇتا چوريجاهه، اِها لاتِ لطيف چئي.

( ٣٠ )

آکَرُ پڙهه اَلف جو، ورق سڀ وِسارِ،
اَندرُ تون اُجارِ، پنا پڙهندين ڪيترا.

( ٣١ )

ڪوڙين ڪتابن ۾، حرف پڙو ئي هيڪ،
جي تو نظر نيڪ، ته بِسم الله ئي بس ٿئي.

( ٣٢ )

جو اَلف ڪان اوري ٿيو، اَلف اُهو ئي آهه،
لوڪان تون لِڪاءِ، ته داخل ٿئين نه دال سين.

( ٣٣ )

جِئن جِئن ورق ورائيين، تِئن تِئن ڏنو ڏوهه،
تنهن ڪَهڙيءَ ڪَبو ڪوهه، جي رهڻيءَ رهيو نه سپرين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣٤ )

ڪوڙين ڪتابن پڙهين، جزون جانِ ڪي تانِ،
پهڻيءَ رِيءَ پريان، سودي ساڃاهه نہ ٿئي.

( ٣٥ )

ڪاتِبَ، لِکين جِنَ، لايو لامَ الفَ سين،
اُسان سڄڻ تِنَ، رهيو آهي روح ۾.

( ٣٦ )

ڪوه تو ڪاڳر ڪورِئين، ويٺو وِڃائين مَس،
ڏورِ تِئائين ڏَس، آڪر جِئائين جڙيا.

( ٣٧ )

ٿهڙا چاليها نہ چاليهہ، جهڙو پسڻ پرينءَ جو،
ڪهڙي ڪاتِبَ، تون ڪرين، مٿي ننن پيهہ،
جي ورق وارين ويهہ، تہ بہ آڪر آهوئي هيڪڙو.

( ٣٨ )

شهر ڏِسي سرهو ٿئين، ڏٺي نہ بازار،
جو وکر وڪارن ۾، ڏِڪيو ڪهڙيءَ ڏار،
تون تنين سين گهار، تہ لهين لک لطيف چئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣٩ )

تن ڪَڏي، مَن حُجرو، ڪِير چاليها رَڪ،
ڪه نه پُوڇيو پُوڇئين، آئي پهر آلڪ،
تان تون پاڻ پرڪ، سيڪِنهن ڏانهن سامهون.

( ٤٠ )

سيڪِنهن ڏانهن سامهون، ڪو هنڌ خالي ناهِ،
اَحدا جي اَرڪ ٿيا، سي ڪاٿر ڪِيا ڪاهِ،
مُحب منجهين مَن ماهِ، مون آڇانئي اَجهيو.

وائي

وَنڙيو هوت وڃِن، ووا جهليان پليان، هِينئڙو نه رهي!

آءٌ جِنين جِي آهيان، ڪڙي مِ ٿيان تَن،
جهليان پليان، هِينئڙو نه رهي!

گهورِيان گهٽِين پٽيِن، سندي پاڇه، پِين،
جهليان پليان، هِينئڙو نه رهي!

مَر مران، مارين مون، پرزا پرزا ڪَن،
جهليان پليان، هينئڙو نه رهي!

آءٌ مِيائي گهورِئي، جي سان مُحِب مِلن،
جهليان پليان، هينئڙو نه رهي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

وسارج م وينءِ، جوين ۾ ٻي ڏينهڙا.

لوئيون سِهن لوڪ جا، وِهائيءَ تيون وينءِ،
جوين ۾ ٽي ڏينهڙا.

اَصلِ آسارِن جا، سِتَّيِ وِيڙا سينءِ،
جوين ۾ ٻي ڏينهڙا.

جيڏيون، جي ماڻ وِسهو، نِنڊ م هيريو نينءِ،
جوين ۾ ٻي ڏينهڙا.

راتڙيون جاڳن جي، سي آءٌ ڪنڌڙي سينءِ،
جوين ۾ ٻي ڏينهڙا.

آڏيءَ راتِ آئي ڪري، جهلِ تون ننڊان نينءِ،
جوين ۾ ٻي ڏينهڙا.

## داستان ڇهون

( ۱ )

دانُو ديِ ڏيون ڪري، رڱن ڪونهي رنگ،
کهوڙيءَ هيٺ آينگ، ڪاهيو پاڪرئين هٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢ )

دانُودي ڏيون ڪري، رَڪن ڪونهي چيت،
گهوڙيءَ هيٺ نچيت، ڪاهيو پاڪرئين هٽي.

( ٣ )

اوقابيلَ! آڪين ۾، توکي باري بانَ،
آيو آڳرايون ڪريئن، ماڳ هٽيو مستانَ،
جانبَ تون زِيانَ، آڪين سين ايذا ڪرين.

( ٤ )

اوقابيل آڪين ۾، توکي تِکا تيرَ،
ساڄنَ! اِنهي سِيگ سين، ڦِٽيِئي گهٽا فقيرَ،
پيو م مارجِ مِيرَ، تنهنجو پهريون ڏِي هورو ٿيو.

( ٥ )

اوقابيلَ آڪين ۾، تيرَ تِکا توکي،
ساڄنَ اِنهي سور جي، ڪلَ نه آ ڪنهن کي،
مارين ٿو مون کي، چاڙهي لوهه لطيف چئي.

( ٦ )

اوقابيلَ آڪين سين، تِيرَ چلايا تو،
پيو مر ماري سو، جنهن جو پهريون پورو نه ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٧ )

جي ھو پائنِ ڪانَ ڪمانَ ۾، تہ سِينو سپر رکَ،
مُنھن ۾ معشوقن جا، چاڪ چڱا چڪ،
سُوري پانءِ ۾ شڪ، عاشق ٿِيءَ تہ آبھين.

( ٨ )

جي ھو پائنِ ڪانَ ڪمانَ ۾، تہ سِينو سپر ڏيجِ،
مُنھن ۾ معشوقن جا، جھالو ٿِي جھليجِ،
پاھان ھِڪ ۾ ڏيجِ، عاشق ٿِيءَ تہ آبھين.

( ٩ )

جي ھو پائنِ ڪانَ ڪمانَ ۾، تہ نٽِي ڏج سِينو،
ڪجي نہ ڪِينو، وڃِي در دوستن جي.

( ١٠ )

پائي ڪانَ ڪمانَ ۾، ميان! مار م مون،
مون ۾ آھين تون، متان تنھنجو ٽِي توکي لڳي

( ١١ )

ڪيو چڏينِ ڪانَ، ھڏ نہ ھٽائين ٿا،
ٽِيا جي نِيشانَ، تہ پھرئين سان پورا ھٿا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٢ )

لوري جت لڳوم، آت آڀوئي آهيان،
سوره ڀرين سندوم، مان پاجهائي پيو هٽي.

( ١٣ )

محبت جي ميدان ۾، عاشق، ٿيءُ آچام،
ممهان مل سيد چئي، ڪنڌئي تير تمام،
ڪهج ڪوم ڪلام، جم دوسنئون دور ٿئين.

( ١٤ )

محبت جي ميدان ۾، اچي پير پيان،
سر وڍڻ، ڏڌ ڏار ڏرڻ، اي سينگار سندان،
ڏيندا مون ڏنان، مٿا محبوبن لئي.

( ١٥ )

محبت جي ميدان ۾، ڪر پڙاڏو پٽ،
سر سوريءَ، ڏڌ ڪنگرين، متان ڪڇئين ڪٽ،
عشق نانگ نپٽ، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

( ١٦ )

محبت جي ميدان ۾، سر جو سالگ م ڪر،
لاهي سر لطيف چئي، دوسن آکيان ڏر،
عشق نانگ آپر، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٧ )

محبت جي ميدان ۾، سِر جو ڪر م سانگ،
سوريءَ سپيرين جي، چڙھ، ته ٿئين چانگ،
عشق آھي نانگ، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

( ١٨ )

محبت جي ميدان ۾، ڪڏي ڀُو ڪاھي،
جِڏ آسانڪا ارواح جا، لاھوتي لاھي،
عشق نانگ آھي، خبر ڪاڏن ڪي پوي.

( ١٩ )

عشق نہ آھي راند، جئن کيلن تا ڳيرو،
جيءَ جسي ۾ جانِ جي، پڇي جو ھيڪاند،
سِسي نيزي پاند، آچل ته به آڏ ٿئي.

## داستان ستون

( ١ )

عاشقن الله جي، محبت رکي مَن،
سندي سڪ پرين، تَن ۾ آھي تَنِ جي.

( ٢ )

عاشقن الله جي، سدا وائي وات،
’فاذڪروني اذڪرڪم‘، تن ۾ اِها تات،
اُنهن ڪان ڪي سات، سڄڻ ويل نه وسري.

( ٣ )

عاشقن الله، وِيروتارِ نه وسري،
آهه ڪريندي ساهه، ڪڏهن ويندو نڪري.

( ٤ )

عاشقن آرام، ڪڏهن تان ڪونه ڪيو،
طعني ڪيا تمام، حبيبائي هيڪڙي.

( ٥ )

عاشق اِيئن نه هون، جئن تون سڄين اَڱڻين،
وڃي درِ دوستن جي، رت ڏيهائي رون،
ٻيءِ ہرِ ڪنهن نه ہون، ماڪر محبوبن سين.

( ٦ )

جان عاشق مٿي رت، تان دعوي ڪري م نينهن جي
ساڻو منهن، سونهن وڃي، سڪ اِيءَ شرط،
نه ڪي گوڏ گرت، مٿان سرِ سؤدا ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٧ )

آچا تو منجهاءِ، ڪِڪ ڇتي رَت نڪري،
مُنهن ۾ محبوبن جا، ڪئن جهليندين گهاءَ،
سو تون ڪِجاڙِناءِ، سِڪڻ جون سَڌون ڪرين.

( ٨ )

سِڪڻ اِيءُ نہ سَڌَ، جئن لِکيو لياڪا پائين،
پِٽي پريان جي نہ ٿِيين، مٿي اَگَڻ اَڌَ،
اِيءُ پڻ ڪُوڙي سَڌَ، جئن ڪِليو ڪايو سمهين.

( ٩ )

سِڪَ نہ آهي سَٿَري، ڪَڻ پروڙي پِير،
ڪسڻ ڏاران ڪِير، ڪري سَڌَ سِڪڻ جي.

( ١٠ )

دردَ نہ آڻي دل ۾، تہ سِڪڻ ڪر ۾ مَڌَ،
پِٽي پِريان جي نہ ٿِيين، اَگَڻ مٿي اَڌَ،
اِيءُ تان ڪُوڙي سَڌَ، جئن ڪِليو ڪايو سمهين.

( ١١ )

سِڪڻ ۾ سُوري، پِٽي اَڪِر هيڪڙي،
وِهڻ وانڍِن تي، ڪارڻ ضروري،
پنهين جي پوري، جيءُ ڏِني ريءُ نہ ٿِئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٢ )

جي ڪين سگهن سڪ، نانگ پس سگهنديون،
پاسي تنين ۾ لڪ، نينهن نه سڄاڻن جي.

( ١٣ )

جي ليا ڪا لوڪ جا، جانءِ جانءِ سي نه لياءِ،
تان تان ٿئي نه ماءِ، هورو پسڻ هرين جو.

( ١٤ )

عاشق، معشوقن جي، وٺي ويهه ڪري،
جم ورچي ڇڏيين، سندي دوست دري!
ڏيندا ڀڪي پاڇه جي، ويندءِ ٽپ ٽري:
آسان تان نه سري، تو ڪئن سري سپرين؟

( ١٥ )

عاشق! معشوقن جو، وٺي ويهج سير،
آچي پچندءِ پاڻهي، هرتان پري پير،
پلائن جو پير، رهبر ٿيندءِ راهه ۾.

( ١٦ )

عاشق! معشوقن جو، وٺي ويهج در،
آچي پچندءِ سپرين، لهندءِ سر سير،
پلائيءَ جو پير، رهبر ٿيندءِ راهه ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٧ )

عاشق! معشوقن جو، وڃي ويهه دُڪان،
اُتِ پيشِ پرينِ جي، پَٽيءَ وِجهي پاڻ،
تہ تون تنين ساڻ، سدا رهين سُرخرو.

( ١٨ )

عاشق! معشوقن جو، وڃي ويهج گهٽ،
جم وِرچي ڇڏين، موڪيءَ منڊو مٽ،
ڪري سِر جي سٽ، پيسجِ ڪي پيالِيون.

( ١٩ )

عاشق! معشوقن جو، وڃي ويهج رند،
پيارينديءَ پاٽيي، ميخاني جو منڊ،
ڪيم ڪڍج تون ڪنڌ، اوڏو ٿِي انَ ڪي.

( ٢٠ )

عاشق جوءِ ۾ آن ڪي، ۾ ڪي جوءِ معشوق،
خالق جوءِ ۾ خام تون، ۾ ڪي جوءِ مخلوق،
سِلج تنهن سلوڪ، جو ناقِصيائِي نگيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

سَپِريان جي سونهن جي، ڳالهه ڪين وڃي،
وڃي در دوستن جي سوريءَ سِر هڄي،
عاشق آنکهن چڙهيا، ٻيو سڀڪو ڀڄي،
پڇج پوءِ پرينئون، پهرين سِر سڄي،
عاقلَ ٻي اوچون ٿيا، پورو ڪين پڄي.

## داستان اٺون

( ١ )

هر هر هرائي، وڃڻ دَرِ دوستن جي،
ٻاڙي ڏانهن پرينَ جي، اَڄ م آوائي!
اَلڙَ تِي م آچ تون، واٽڙن وائي،
لائيندءِ لطيف چئي، سوران سرهائي،
ڳجهو ڳالهائي، پرت وَنجي پاڻ ۾.

( ٢ )

جان جان ناهِ ضرور، تان تان ناهِ طبيب کو،
جه سو سريو سور، تہ ڪر ويچ وِرِ پيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣ )

سور جنين کي سريو، سري تن صحت،
مٿي مصيبت، آهي عاشقن کي.

( ٤ )

سي ئي سور طبيب، جنين سورن سچ کيو،
جو لکيو هٿ لطيف چئي، سوئي ڪن قريب،
جي لوازيا نصيب، دارونءَ سي درست ڪيا.

( ٥ )

جي پياري ھاڻ، ته ڪرهو ئي ھاٿي پيين،
آهي اِن نياڻ، آڻ ڪوئيو ڪون ڪهڙي.

( ٦ )

آڻ ڪي عيان نه ٿئي، ڪي پروڙي ڪون،
سچي جيهي سون، منهن نه پيئي مارڙهين.

( ٧ )

آڻ ڪي عيان نه ٿئي، ڪي پروڙي ڪون،
سا سهين ٿيي سون، آمر عطا جنهن جو.

( ٨ )

جيڪي ڏنائون، سو مان ڪَن ڪَنڌِ ٿيو،
سون کي پڇيائون، ٿوڪي اِنهي ٿوڪ سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٩ )

جيڪي ڏنائون، سو سِرَ ڏيئي سهه چندڙا!

مَ چئو چنائون، اِي پڻ ڪَنڌيو سجڻين.

( ١٠ )

جيڪي ڏنائون، سو ميونِي صحت،

مَ چئو آزار اَن ڪي، مَ ڪي مُصيبت،

ڪهڙي قَريبت، جو ڪونڻ پر پرينِ جي.

( ١١ )

چِنن توءِ مَ چِڻ، ڀاءِ اَميري اَنِ ميں،

جي هو آوڳڻ ڪَنِئي، اَسنهِين! تون ڳُڻائي ڳِڻ،

پاند جهليو تون پڻ، هِن سَنهاري سَگ ءِ.

( ١٢ )

نَمِي ڪَمِي نهار تون، ڏَمَر وڏو ڏک،

مَنجها صبر سِک، جي سَنواريا! سَمجهين.

( ١٣ )

نَمِي ڪَمِي نهار تون، ڏَمَر ڏ ولائو،

ٽيڪي ساڃائو، جي آپين اِنهين ڀِر تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٤ )

ڏمو پاسو ڏک سين، ڪاند ڪنوري هوءِ،

واللہ مع الصابرين، آگو ايهين چوءِ.

( ١٥ )

ڪم! ڪمندن ڪنيو، هاريو هوڙن،

چکيو نہ چوندن، هو جو ساءُ صبر جو.

( ١٦ )

ڪمندڙن گهر ڪين، چوندڙ چگا نہ ٿيا،

ويٺئون ويڏ پئي، هٿ نہ اچي ڪينءَ.

( ١٧ )

هو چون ٿيي، تون م چئو، واتان وراڻي،

آڳه آڳراڻي جو ڪري، خطا سو کائي،

پاند م پائي، ويو ڪيني وارو ڪين ڪي.

( ١٨ )

هو چون ٿيي، تون م چئو، واتان وراڻي وڻ،

سيني سين سيد چئي، من ماري ڪر ميڻ،

ڪاندِ وڏائي ڪيڻ، ڪيني منجهان ڪين ٿئي.

( ١٩ )

ڪينن ڪين پرائيو، ڪيني منجهان ڪين،

جي هو سڻائي سيگ، تہ زهہ ڃئي جوکو ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٠ )

سٽي ويڻ ڪنن سين، وراڻيج م وري،
هاديءَ جي هدايت جي، آهي اِءَ ڳري،
تن سڀجي ساهه سري، جن ماريو نفس مٿان سين.

( ٢١ )

چوندن ڪيم چئيج، ويڻ وراڻي سامهون،
ڪا مت قيمت جهڙي، روز ڏمر کي ڏيج،
ويڻ م وراڻيج، ته سڀ ڏر سهاڳي ٿئين.

( ٢٢ )

اَڻ چوندن م چئو، چوندن چيو وسار،
آٿي پهر ادب سين، پر اِهائي پار،
پايو منهن مونن ۾، غربت ساڻ گذار،
مفتي سنجهه وهار، ته قاضيءَ ڪانيارو نه ٿئين.

( ٢٣ )

ڪينن مائيندا من ۾، خودي ۽ خداءِ،
ٻن ترازين جاءِ، ڪا آهي هڪ مياڻ ۾!

( ٢٤ )

جنين سنڌيءَ پوڏ ۾، پتو پتين جيءَ،
تون! تنين سين پيءُ، اوڏا آڏي پکڙا.

( ٢٥ )

وِيئي جَنين وَتِ، ڏَکندو ڏاڍو ٿئي،

سا مجلس ِٿئي سِتِ، جي حاصل هوءِ هزار جو.

( ٢٦ )

وِيئي جَنين وَتِ، ڏَکندو ڏور ٿئي،

تون تَنين سين کتِ، اوڏا آڏي پکڙا.

## وائي

يار سڄڻ جي فِراق، ڙي جيڏيون آئون ماري!

در دوسنِ جي ڪِئين جو هوندا، مون جيها مُشتاق،

ڙي جيڏيون آئون ماري!

جاني ڪاٽي محبوبن جي، آهِ حُسن جي هاڪ،

ڙي جيڏيون آئون ماري!

سرمو سهِي ڪر آکين جو، خاص پِريان جي خاڪ،

ڙي جيڏيون آئون ماري!

## داستان ٽئون

( ١ )

پَتنگن پهه ڪيو، مِڙيا مٿي مچ،

پسي لهس نہ لِچيا، مڙيا مٿي سچ،

سَندا ڪِچين ڪِچ، ويچارنِ وِڃائيا.

( ٢ )

پتنگ چاھين پاڻ کي، ٻسي سچ م سوڻ،
سھائي سپيرين جي، گھڙ تہ ٿيين گھوٽ،
آچا تون اروٽ، ڪوري خبر نہ لھين.

( ٣ )

پتنگ چاھين پاڻ کي، تہ ڇيري پئو چاڻي،
تان تان تائج تو ڏي، جان آڳ نہ اجھائي،
وسھ وھائي، آڳ نہ ڏجي عام کي.

( ٤ )

پتنگ چاھين پاڻ کي، تہ آچي آڳ اجھاءِ،
پچرن گھڻا پچائيا، تون پچر کي پچاءِ،
واقف ٿي وساءِ، آڳ نہ ڏجي عام کي.

( ٥ )

پچ پتنگن کي، سنديون ڪامر خبرون،
آئيو وجھن آڳ ۾، جيءَ پنھنجو جي،
ڇيري جنھين جي، لڳا نيزا نيھن جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٦ )

ڀري پتنگ آئيا، سِري وٽ ساهي،
آچي پيا آگِ ۾، ڪَڏي سڀ ڪاهي،
لاڳاپا لاهي، ڪاٺان ڪوري وِچ ۾.

( ٧ )

ڀري پتنگ آئيا، سِري سهائي جهل،
ڪندا ڪنڌ اُچل، متو ڏيندا مچ کي.

( ٨ )

ڀري پتنگ آئيا، متي مچ مِڙي،
وِيندا تان نہ ڦِري، متو ڏِيندا مچ کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪنڀات

## داستان پهريون

( ١ )

ڀلائيءَ جا ڀير، ڀيشانيءَ ۾ ڀرينءَ جي،
اگرِ آڪنڊين جي، ڏي باهڙي ڀير،
قمر ڀاڙي ڪير، شمس سپيرين سين.

( ٢ )

ڀلائي آهين، ڀرين ڀلائيءَ پانهنجي،
سڀاجها سِرِ چڙهيو، ڏوراهو نه ڏينِ،
مان ڏي مديون تِين، سڄڻ سڄاڻ ۾.

( ٣ )

ڪتِ تو ڀسين ڀرينءَ کي، تون چنڊ آهوئي،
آڏت ڇنهجي آنِ کي، ڏيانءَ جو روئي،
هيڪانديءَ هوئي، سانگ ۾ ڀوي سڄڻين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٤ )

مر هيڪاندا هون پرين، سانگ م وڃن سيڻ،
رهيا آهين روح ۾، نت جنين جا نيڻ،
وماسيا جن ويڻ، تو تاريءَ تڪي تن هينئون.

( ٥ )

ڪلان تان ڪامي هينئون، روئان تان راند،
آڪڙيون ويسالدي، پرينءَ گڏجي ڪنديون.

( ٦ )

رات سهائي، پون سنئين، پٽين وڏو پنڌ،
هلندي حبيبن ڏي، ڪرها موڙ م ڪنڌ،
پنڌڻ سوئي پنڌ، جو پهچائي پرين کي.

( ٧ )

رات سهائي، پون سنئين، پائي گهرجي پل،
آهر ۾ ايلاچيون، چندن چري چل،
مون تو سين ڳالهڙي، ٻئي ڪنهين م سل،
هاهر ڪندو هل، ته ڪجايون ڪرن کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٨ )

راتِ سهائي، پُون منئين، ٻرت نئين، ٻنڌ پورِ،
ميا! محبوبن جي، هلي وانءُ حضورِ،
جي ڇڙڪن ڇت ۾، مي ڪئن سڄڻ ڏورِ،
الله لڳِ آسورِ، آتان ٿي ٿي آءٌ تون.

( ٩ )

اَڄ ٻِڻ آڇائي، چوڏهينءَ ماهه چنڊ جي،
مون گهرِ مون ٻرينِ جي، آچڻ جي وائي،
مون گهرِ واڌائي، هيئي ڪام ڪرن ۾.

( ١٠ )

اَڄ ٻڻ آمارو، چوڏهينءَ ماه چنڊ جو،
مون گهرِ مون ٻرينِ جي، آچڻ جو وارو،
سڄڻ سويارو، پيچ پنيءَ گهرِ آئيو.

( ١١ )

چوڏهينءَ چنڊ آئيريو، آوٽيه اسيس عام،
مٿس ناهِ ملام، جيڪين ٻچين ٻچ سو.

( ١٢ )

چوڏهينءَ چنڊ تون اڀرين، مهسين ڪرين سينگار،
ملڪ پريان جي نه اڀرين، جي جيلن ڪرين هزار،
جهڙو تون سڀ چمار، تهڙو ڏم دوست جو.

( ١٣ )

مهسين سڄڻ اڀري، چوراسي چنڊن،
بالله، ري پرين، سڀ اونداهي پاڻيان.

( ١٤ )

چنڊا تنهنجي ذات، پاڙيان تان نه پرين سين،
تون اڃو ۾ رات، سڄڻ نت سوجهرا.

( ١٥ )

چنڊا چٽائي تنهنجي، سياهيءَ ۾ سور،
لايان لال لڳن کي، چنڊن پري پور،
ڪوماڻو ڪپور، مون واجهائيندي پرينءَ کي.

( ١٦ )

چنڊ لڪينئي منڊ، سنجهيئي ميخ ٿيين،
ڪر اونداهي آنڊ، ته ملان محبوبن کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۱۷ )

چنڊ! چئين حق، جي وڙهين جي وچ ۾ ڳالهين،
پر آکيون نيو نڪ، تو ۾ ناه پيشاني پرينءَ جي.

( ۱۸ )

چنڊ چئين سچ، جي مئين نه پائيين،
ڪڏهن اڀرين سنهڙو، ڪڏهن اڀرين ڪچ،
منهن ۾ پريئي مچ، تو ۾ ناه پيشاني پرينءَ جي.

( ۱۹ )

ڪٿي نيڻ خمار مان، جان ڪيائون ناز نظر،
سورج شاخون جهڪيون، ڪوماڻو قمر،
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ڏيکيندي دلبر،
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين.

( ۲۰ )

آونداهيءَ آڌ رات ۾، پرينءَ پسايو پاڻ،
چنڊ ڪتن ساڻ، پيهي ويو پڙلاو ۾.

( ۲۱ )

تارا تيليءَ روءِ، لڏا لالن اڀرئين،
جهڙو تون صبوح، تهڙي صافي سجڻين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٢ )

توڏانهن گهڻو نهاريان، تارا تيلاهين،
سڄڻ جيڏاهين، تون تيڏاهين آئيرين.

( ٢٣ )

هن تاري، هن هيٺ، هت منهنجا سپرين،
سڄڻ ماڪيءَ ميٺ، ڪوڙا ٿين نه ڪڏهين.

( ٢٤ )

هن تاري، هن هنڌ، هت منهنجا سپرين،
سڄڻ ماڪيءَ منڌ، ڪوڙا ٿين نه ڪڏهين.

( ٢٥ )

هن تاري هن جاءِ، هت منهنجا سپرين،
سڄڻ ماڪيءَ ماءِ، ڪوڙا ٿين نه ڪڏهين.

( ٢٦ )

تارا، تر، ترو ڪٽيون، مٿين ڦلڙيون،
ڪوءِ! مي راتڙيون، جي مون پرينءَ پڇاڻان پيئيون.

وائي

جيڏيون! هيءَ ضرور، آيل ڪئن رهندو پرينءَ ري.
سڪهو ساعت نه جندڙو، آئي ٻهر ملور،
آيل ڪئن رهندو پرينءَ ري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَنَ ۾ مُشتاقنِ جي، ساڄن! تنهنجو سُور،
آيلِ ڪئن رَهندو پِرينءَ ري.
پِرين آءٌ نه پَهتي، ڏيهه پِريان جو ڏُور،
آيلِ ڪئن رَهندو پِرينءَ ري.
وَڃي ويل سِيڪهِين، هِينئڙو پِرينءَ حضور،
آيلِ ڪئن رَهندو پِرينءَ ري.

## وائي

(٢)

اَگَنِ آيم پيهي، يا آلا! مُون سارِيندي سِپرِينِ.
مُشڪَ عَطَر مون پِرِينِ، سِڪيِسِ جُمَ سِپيِئي،
يا آلا! مُون سارِيندي سِپرِين.
تَوَنَ جنين جو طالبو، رُوحَ تنين سين رِيهِي،
يا آلا! مُون سارِيندي سِپرِين.
ساڄَنَ سنديءَ سُونهن جي، آءٌ ڳالهه ڪريان ڪيهِي؟
يا آلا! مُون سارِيندي سِپرِين.
تِنهِو لطف، لَطيف چئي، دوس آيو دَرِ پيهِي،
يا آلا! مُون سارِيندي سِپرِين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

( ٣ )

وِھلي وڃُ وِھامِي، رَهُ راتِ، رائِيندِيس پِرِينءَ کي.

شمع ٻَيندِيس شبَ ۾، اِنَ خوشِيءَ کان کامِي،

رَهُ راتِ، رائِيندِيس پِرِينءَ کي.

بابوڻِ مندِيءَ باهِ جِئَن، ٻَران شالَ آجهامِي،

رَهُ راتِ، رائِيندِيس پِرِينءَ کي.

پِرتِ جا پِيتم جِي، سا کِينَ ٻَروڙِي عامِي،

رَهُ راتِ، رائِيندِيس پِرِينءَ کي.

مُون کي مُون پِرِين جو، آهي دَرد دوامي،

رَهُ راتِ، رائِيندِيس پِرِينءَ کي.

هو جو لَنؤن، لَطيف چئي، مُون کي آهِ مُدامِي،

رَهُ راتِ، رائِيندِيس پِرِينءَ کي.

روشن ٿيا رجنِ ۾، جي هٿان لنؤن اِنهين لامِي،

رَهُ راتِ، رائِيندِيس پِرِينءَ کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاري سا قيام سٿين، هوت جنهن جو حامي،
ره رات، رائيندڀس پرينءَ ڪني.
آيم تنهن لوڪ سين، جيسين مان چون سوامي،
ره رات، رائيندڀس پرينءَ ڪي.

## داستان پيو

( ١ )

ناسيندي نگاه، ڀهرين ڪج پرين ڏي،
احوال عاجزن جا، آڪج لڳ الله،
روز نهارن راه، اکيون اوهان جي آسري.

( ٢ )

ناسيندي نظر، ڀهرين ڪج پرين ڏي،
قمر ڪهج قريب کي، نست آءُ نبر،
پي پيٺي ناهم پر، آکيون اوهان جي آسري.

( ٣ )

ناسيندي نرت، ڀهرين ڪج پرين ڏي،
قمر ڪهج قريب کي، ساري ساڻ سرت،
پيو پروسو نه پت، آکيون اوهان جي آسري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٤ )

ناسيندي نهار، پهرين ڪِج پِرينءَ ڏي،
آءٌ جي ڏِٺين سنيها، چئج چنڊ! آهار،
ساڄن! سڀ چمار، آکيون اوهان جي آسري.

( ٥ )

چڱا چنڊ! چئيج، سنيها کي سڄڻين،
متان آگڻ آيري، پرينءَ جي پيئج،
جهيڻون ڳالهائيج، پرين وِجهي هٿڙا.

( ٦ )

آءٌ جي ڏِٺين سنيها، سِي تون چنڊ! پلءِ پنڌ،
چئج حال حبيب کي، نئي نوڙائي ڪنڌ،
تو تيڏاهين پنڌ، جيڏانهه عالم آسرو.

( ٧ )

اُپر چنڊ، ٻَس پرين، تو اوڏا، مون ڏور،
پرين آءٌ نه اچئي، پاپل ڏئي نه پور،
جنهن تي چڙهي آسور، سنجهي سڄڻ سيڻيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٨)

آءٌ آڪنديائي مَران، پرين پلا، پرڏور،
پاپل ڏٺي نه پور، پنڌ نه جوڳي پيرڙي.

(٩)

ڏٺي! ڪريندين ڪڏهين، حياتيءَ هيڪاند؟
مَن ۾ مشتاقن جي، ڪي رنجائي راند،
پرين ڏيساندر پاند، ڳجهه، ڳرهيان ڪن سين؟

(١٠)

هينئڙي سڄڻ ساريا، ڪٿي هوندم هير؟
آڇي لالن نه ڏيپن، متي پلنگن پير؟
ٿي ورُوهڻ ويرَ، ڳجهه، ڳرهيان ڪن سين؟

(١١)

وڏڙو ۽ واءُ، ڪرهي ڪاڏو ڪوڙيو،
ڪوءِ! بنِ! پلاٽيان، اولاٽيو نه آئيي.

(١٢)

پلاٽيان پيو، اولاٽيو نه آئيي،
جيڏانهن وڪ ويو، آيو ترسي اوڏهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٣ )

ڪرهو نہ ڪي ڪانّ، پيرين آءُ نہ پڄني،
جو سون رات رسائي، نيئي ساڄن سانُ،
سون نہ وهيٺو پاڻ! ويئي نيڻ نچوئيان.

( ١٤ )

ڪرها! ڪسر ڇڏ، وڪون وجھ، وڏنديون،
هيڪر حبيبن سان، مون ڪي نيئي ڪڏ،
مچڻ پونئي هڏ، آهون آکنڊين جون.

( ١٥ )

ڪرها! ڪسر ڇڏ، وڪ وڏندي پاءِ،
منهنجو هلڻ آتهين، جتي جانب جاءِ،
توکي چندن چاريان، پيو وکٌ لائي ڪاءِ،
ايهين آٿ! اُتاءِ، جتي هونديءَ رات هت مڙون.

( ١٦ )

ڪسر ڇڏ ڪنوات، وڪون وجھ وڏنديون،
سنئين سپيرين جي، ونگي پانءَ م واتَ،
ڇڏ جهوري، ڏي جهاتِ، تہ هونديءَ رات هت مڙون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٧ )

ڪَرڙا، ڪَرَ مَچاڻ، پيڻڪو ۽ پانهنجو،
اصل آهي آنهنجو، ناليرو نِڏاڻ،
ڪَرڙا، اسان ساڻ، ڪي چانگا ڪِڄ چَگائيون.

( ١٨ )

مَيا، مَچ مِنَتَ، آج مَنهنجِي ڪَرڙا،
جِها ڳيندي جَر پَٽيون، مَتان ڪَرئين ڪَٽ،
سپيريان جي سَٽ، سون ڪَي نيئي ميڙئين.

( ١٩ )

چندن جا چُوپا ڪري، چري نہ مصريءَ سنگ،
آڪين مٿي آنگ، ميي ڪَي محبوب جا.

( ٢٠ )

آئي پدم وَڻَ جاءِ، مانَ سڪريون چري،
ڪڏاتورو ڪَرڙو، لِکيو لائي ڪاءِ،
اِن سڀي سنڌِي ماءِ، سون ڳالهڙِين ڳوڙها ڪِيا.

( ٢١ )

چانگا چندن نہ چرين، سيا پيين نہ موڪ،
اَگَر اوڏو نہ وَجين، تَڪيو چڏين توڪ،
لاٽي وچان لوڪ، تو ڪِهڙي آڪر آئڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٢ )

ڳلِ ڳانا ياقوت جا، موتين ڳتيس مالَ،
ڪَديفي جي ڪرها، هيڏي ھاڻين حالَ،
چندنِ چارِيئين جال، جي مون رات رسائين.

( ٢٣ )

ڳل ڳانا ياقوت جا، موتي منجھه مهارَ،
چانگا چندن چارِيئين، آئي پهر آڀار،
سندي ھيءَ پچار، جي مون رات رسائين.

( ٢٤ )

ميا! تو مهارَ، سڀي پايان مون جي،
چارِيئين چندنِ چونيون، نايو سيندي ڌارَ،
سندي ھيءَ پچار، جي مون رات رسائين.

( ٢٥ )

اُٺ نه وڃي وَڪَ سين، چري نه لاٺون،
ميي ڪي مجاز جو، توھي ۾ تاٺون،
پِنَّاري پاٺون، مرندي سين نه ميو.

( ۲۶ )

اَٽ نہ وڃي وَڳ سين، چري نہ چانگو،
لَڳيس ناڻگ نينهن جي، نِهوڙيو نانگو،
ڇڏي سِر سانگو، رِڙهي رَنڊ پرينِ جي.

( ۲۷ )

وِيهي مَنجهين وَڳ، ڪٺوري ذار چري،
ماءُ! مَنهنجي ڪرهي، پڌَر پَڳ نہ لَڳ،
جَڳ سين جهِڙو جَڳ، هِينئين سين هَٽ چري.

( ۲۸ )

پُور نہ چري پور، ڇڏيو تور تڪون ڪري،
مونِين هٽي موتيو، ڪرهو رات ڪپور،
ميو ڏيو مخمور، چندن چَڪي آئيو.

( ۲۹ )

آڄ نہ آڪيءَ ڏار، ڪرهو جڻن ڪالهہ هُئو،
اڳِ آيو نہ ڪري، ٻاهوري ٻچار،
جيڪس مَنجهہ قطار، ڪا وَلِ چِنائين وه جي.

( ٣٠ )

مٿي ماڪائي، وڏو وات ولين ڪي،
خبر ني ڪيت ڏين ڪي، وڏوٽا واهي،
ڪرهي ڪاڪت چڏيي، ورس نه وائي،
چانگي چريائي، ويٺي ويچاري وسري.

( ٣١ )

مٿيون لهي مهاءِ، جي تو چانگا چنيون،
ولڙيون وه ساءِ، آڇا تو مهنديون.

( ٣٢ )

تو نير، ڏهه ڏاوٽيون، هنڌرهن پيند پياس،
جڏهن سڄڻ ياد پياس، چرڪ چنايئين هيڪڙي.

( ٣٣ )

تو نير هائي، جان مون هينئڙو جهليو،
ونڙو چنائي، پوئين رات پرين ڏي.

( ٣٤ )

ڪائي نه ڪنٿهار، چندن جا چوپا ڪري،
آڪر اوڏو نه وڃي، سر ڪنڌ لهي نه سار،
لائي جيءَ لغار، ميو متارو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣٥ )

ڪنين ڪامڻ ڪياءِ، ڪئن پنهولئين ڪرها،
اکين مٿي آڪيا، ٻڙ ۾ پير ڳناءِ،
وَڪ ڪِ وِسرياءِ، ٻڌو جئن گهاٽي وهين.

( ٣٦ )

وٺي سيٽ سوٽ، پاءِ پنهنجي ڪرهي،
وليون واس ورنيون، ٻهريون مٿي ٻٽ،
چانگي چڪي چٽ، تہ پوءِ نہ رهندو پيندَ ري.

( ٣٧ )

ڪِين جو ڪيڏاهين، چانگو چڪي آئيو.
تاتيو تيڏاهين، نيٽ چِنايو نِڪري.

( ٣٨ )

ڪرهي ڪي ڪئين، وِڏم پيندَ پلڻ جا،
ليڙو لائيءَ ڪي چري، نير سانڻ نئين،
چانگي سندي چِٽ ۾، صاحب وِجهہ سئين،
اوباهيوس آئين، لطف سانڻ، لَطيف چئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۳۹)

ڪرها توکي ڪام، مون سچو ڀسي سڄڻي،
مان پروڙي مام، ماڳاهي سڻيان وهين.

(۴۰)

آئي آڙائيِنس، ڇڏيو ته ڇيڪ ٿيو،
ڪارايان، ڪِرڙيو وڃي، ڀلاڙي پائينس،
ڏاوڻ تِنهن ڏائينس، جِنَ چري ۽ چِنڪهي پِٺو.

(۴۱)

دو دستي، دو ڀير، سيِني سَنگهر رڪ جي،
ماءُ! منهنجي ڪرهي، تازي قلن هير،
تنهن ڪامڻ ڪندي ڪير، جو منهِن وٽ مَس رهي

(۴۲)

ڪنياڻي تڙ وري، اڀي تڙ واجهاءُ،
مان آڇهون ڪاءِ، سواڏائي سڄڻين.

(۴۳)

چانگي چڻي چڪياس مَتاءُ آڪ نہ آلهي،
جِنهن وِل ڪهٽا وِهانيا، اَن سين آر لَڳياس،
چوڏاري چندن وڻ، پچي پوج پياس،
راڙي رت ڪِياس، هِن ڪڏاتوري ڪرهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٤٤ )

جِتان ڪوڙ ۾ ڪانيون، پنجين لکين ھاءِ،
ميو تِنھن ماڪاءِ، ڏيھاڙِي ڏار چري.

( ٤٥ )

جِتان ڪوڙ ۾ ڪانيون، پنجين لکين پن،
تِتان چاٽي چڪيون، ميي رتو من،
تنھن وِل سندو ھن، ڪوماڻو ڪوڙين لھي.

( ٤٦ )

لَک لا ڪِيتو ڪرھو، ڪوڙين ڏيئي ڪِذوم،
آگڻِ سونھن ٿيوم، مَلھ مھانگو م چئو.

( ٤٧ )

لَک لا ڪيتو ڪرھو، ڪوڙين ڏيئي چوڙ،
اِھا مت سيد چئي، جنھين تنھين جوڙ،
ترت رساڻي تُوڙِ، جھ پلاڻيو تہ پرين ميڙي.

( ٤٨ )

لَک لا ڪيتو ڪرھو، ڪوڙين ڏيئي ڪاھ،
ايلاچيون آھر، ھوج سيي ڪي پاءِ،
ڪت نہ ڪندو ڪاءِ، جھ پلاڻيو تہ پرين ميڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

( ١ )

آهيم ڪالهڙيون، ماءِ مرادون پرينءَ سين.
جي مان پيئون پرينءَ ري، ڪوءِ! سي راتڙيون،
ماءِ مرادون پرينءَ سين.
جي مان اوريون پرينءَ سين، ور سي راتڙيون،
ماءِ مرادون پرينءَ سين.
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، هاتيم جهاتڙيون،
ماءِ مرادون پرينءَ سين.
آڏيءَ، عبداللطيف چئي، ڪهڻ ڪاتڙيون،
ماءِ مرادون پرينءَ سين.

## وائي

( ٢ )

سڏين سيڻ نه هون، نينهن نياپي نه ٿئي،
ڪاريءَ رات رتَ ڦڙا، جانءِ جان نيڻ نه رون،
نينهن نياپي نه ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سونَ جنين سُهڻون، پِرڙ تي سينڌِي پونِ،
نينهن نِياپِي نه ڏِئي.
جن مسافر سپرين، سي مر رويو رونِ،
نينهن نياپِي نه ڏِئي.

## وائي

(٣)

توڏي تڙيين تون، يا آلا! تو در تو نه ڇڏيان!
مون کي سو مشاهدو، جي منهن نه ڏئين سون،
يا آلا! تو در تو نه ڇڏيان!
سون پيا در کهٽا نهاريان، آهيين تونهين تون،
يا آلا! تو در تو نه ڇڏيان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سورٺ

## داستان پهريون

( ١ )

الله جي آس ڪري، هليو هٿائين،
چارڻ پڌا چنگ ڪي، جهوڙا ۽ جهائين،
ڏولي راهہ ڏياچ جي، ڏوران ڏٺائين،
وينتي واحد در، تنهن دم ڪيائين،
”سهاجها سائين! راهہ ريجهائين راڳ سين.“

( ٢ )

پرديسان پنڌ ڪري، هلي آئيو هت،
جاجڪ آيو جت، سر جيون صدائون هٿي.

( ٣ )

پرديسان پنڌ ڪري، هلي آئيو هي،
مال نہ مڱي مڱڻون، جاجڪ گهري جي،
”ودي، وهلو ٿيءُ، ساعت صبر نہ سهان.“

( ٤ )

”پرديسان پنڌ ڪري، هلي آئيو هون،
اونچو تون عرش تي، آءُ پورو مٿي پون،
ڪئن تسندين تون، هيءُ سر سوالي مڱڻون.“

( ٥ )

”پرديسان پنڌ ڪري، آيس آڳاهينءُ ماءِ،
جي وهائيءُ ويرم ٿئي، ته مون هينئر ئي هلاءِ،
سونهارا سورٺ ور، ڳالهه هينئين سين لاءِ،
سو مڱڻهار ملهاءِ، جو وڃان ويرين آئيو.“

( ٦ )

”پرديسان پنڌ ڪري، سٺي آيس شان،
مڱان ڪهڙيءُ مت سين، نسورو نادان،
سو ڪو ڏيارين ڏان، جو طمع کي ترڪ ڪري.“

( ٧ )

”سرديءُ سالم نه رهان، گرميءُ ٿيان گداز،
آمن ڏيج امان تون، سائل هٿي ساز،
ربابيءُ کي راز، خالص ڏيج خليل جو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۸ )

”سرديءَ سالم نہ رهان، ڪوسي سهان ڪان،
اَمَن ڏيجِ آسان تون، دورِ ڪري پيا دان،
پانڌيڙا! ڪائي پان، وجهجِ پڪ پينار تي.“

( ۹ )

”تو درِ آيس راڄيا، جاڄڪ وٺي جيءَ،
ڪنا ’نارِ حاميه‘، هاڻ بچائج هيءَ،
والي ڏِيارئي ويءَ، جتِ آهِ ’جنات عدن‘.“

( ۱۰ )

”تو درِ آيس راڄيا، هِهڙو وٺي حال،
اونائيج عليل جو، سهاجها! سوال،
اڳيِ متي آنهنجي، ڪهي ڪي قوال،
پلا! ڪري پال، اَمن ڏيو آن ڪي.“

( ۱۱ )

”تو درِ آيس راڄيا، پيا در ڪري ڏور،
سائل ٿو سين هٿي، هردمِ آن حضور،
پيو نہ مڱي مور، اَمن ڏيو آن ڪي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٢ )

”تو دَرِ آيس راڇيا، پيا دَر دورِ ڪري،
دولهہ تو درٻارِ ۾، آيس پير پري،
مَگڻون آئون نہ مال جو، منهنجو پنڌ پري،
وري ڪين وري، مٿي ڌاران مَگڻون.“

( ١٣ )

”تو دَرِ آيس راڇيا، پيا دَر ڏيئي ٻنِ،
ڪهان جو ڪماچ سين، سو مَنُ ساڄهي ڪَنّ،
جا مَگَ منهنجي مَنِّ، سا توکي مَعلم سيڪا.“

( ١٤ )

”پيا دَر ڏيئي ٻنِ، آيس تنهنجي دَرِ،
سونهارا سورٺ وَرِ، ڪا منهنجي ڪرِ،
ڀلا! ڀيري ڀرِ، ٻالهو پاند پينار جو.“

وائي

تنهنجيءَ تند تنوار، يار! سون سن موهيو.
ملهي آئيس مَگڻان، گجي ۾ گرنار،
يار! سون سن سوهيو.

سِر جي صدا ڇڏ تون، ڏيانءِ ڏيج آپار،

يارا! مون مَن موهيو.

دانَ ڏيانءِ ڏهرا، هزارين هزار،

يارا! مون مَن موهيو.

## داستان پيو

( ١ )

جاجڪ جهونا ڳڙهه ۾، کو عطائي آيو،
تنهن ڪامل ڪدي ڪينرو، وڄي وڄائيو،
شهر سڄوئي سر مين، تنڊن تپايو،
دايون دَرِ ماندِيون ٿيون، پاڻ پاڏايو،
ٻيجل ٻولايو، ته آهيان سوالي سر جو.

( ٢ )

ساري رات صاحب کي، ڳڙهه ۾ ڳايائين،
آنس ماڻڪ مينهن جئن، هٿ نه ڇنائين،
تي لائق لڌائين، جئن هو ميراثي مڱڻون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣ )

نِرتِي تَنَدَ نِيازَ سين، پِيجل پَرائِي،
راڄا رَتولَنِ ۾ وَرَنائِي وائِي،
ڪونايائين ڪوٽَ ۾، پارِٽ پاڄهائِي،
راڄا، راڳائِي، هَرِدوئِي هيڪ ٿِيا.

( ٤ )

نِرتِي تَنَدَ نِيازَ سين، پَرائِي پِيجَل،
راڄا رَتولَنِ ۾، اُونائِي آمَل،
رازَ ڪِيائين راءِ سين، ڪِنهن موچاريءَ مَهل،
'انا اَحمَدَ بِلا ميمِ'، سين هَنئِي سائِل،
ڪِنهن ڪِنهن پيٽي ڪَل، تہ هَرِدوئِي هيڪ ٿِيا.

( ٥ )

ڪَنِينَ ڪَنِينَ ماڙهُئين، پيٽي ڪَل ڪائِي،
رَسِيا جي رَمزَ کي، تَنِ پارِسي پائِي،
'اَلانسانُ سِرِي وَ اَنَاسِرَہُ'، وَرَتِي اِيءَ وائِي،
راڄا، راڳائِي، هَرِدوئِي هيڪ ٿِيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٦ )

راڄا رنگ محل ۾، جاڄڪ سِر زمين،
جا هنيائين هٿن سين، سا سڀ بالا بين،
جت اڇڻ نه آردابيگيون، اَتِ ڪوٺايو آمين،
”تازي ڏيوس تڪڙو، جوهر پائي زين،“
ٻيو مڱي ڪِينَ، ڏاران سِر سيد چئي.

( ٧ )

راڄا جو راضي ٿيو، تنهن ڏنا وڏا ڏان،
موٽي ڪاريا مڱڻي، طرح تنبي کي تان،
”مون وٽ مال متاع جي، ڪمي آهي ڪان،
ڪارڻ رب رحمان، سِر وڏي، سلطان ڏي.“

( ٨ )

سِر جي هٿائين هليو، چارڻ چتائي،
مو موڙا جهلي نه مالِ جا، تو ماڻڪ موٽائي،
”تو ڏرِ آيس تي، جئن تو ناهِ نه سِکيو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٩ )

”ھاٿي ھٿ ڪٿان، مون تان مور نہ مڱيو،
تازي طبيلن ۾، گھوڙا گھر گھٽان،
ھاٿيءَ ڪارڻ ھيڪڙي، آءٌ ڪا تند ھٽان؟
جا مٽي تو مٽيان، تنھن سر جو آھيان سيڪڙو.“

( ١٠ )

”جي سيراٽي مڱٽان، آئون پڻ منجھان تن،
ڪينءُ ڪہ منھنجي ڪن، اُرٿ منجھاران آن جي.“

( ١١ )

”ڪا جا ڪالھہ ڪري، پيچلئا ٻڌاءِ مون،
پيئين جئن ڪرنار ۾، تندن تان ڪري،
ڪ تو پنڌ پري، ڪ مڱ جھليندين مڱٽان!“

( ١٢ )

”مڱ نہ جھليان مورھين، نہ مون پنڌ پري،
ڪٺي آئيس ڪالھوڙي، ڪجھي تو ڪري،
سا سمجھيج، سورٺ ور، ويندس ڪين وري،
پريان پير پري، تو لئي آئيو آھيان.“

( ١٣ )

مڱ نہ تسي مڱڻون، نہ ملڪ، نہ مال،
ڏانئڻون ڏور ٿئي، ڪا جا ڪِنسِ ڪُاٰ ھ،
آھي اِنَ خيال، تہ ڏيئي ٿيان ڏاتار سين.

( ١٤ )

سر مڱي، سر گھري، سر رہئ ٿئي نہ صلاح،
غريبڻون نہ ڪڏري، ٿو ماري مير ملاح،
نايو نوابن جا، سوريو ڪيڙي ساھ،
خالق سنجھہ صباح، ڪون ڇڏيندو ڪٽھين.

( ١٥ )

سوٽي، سگٺھار! شال م آچين ڪڏھين؛
آئي پھر اَجل جو، ڪنڍو سنجھہ ڪپار،
جنھين تو سپ چمار، ھنيا چٽ پھن سين.

وائي

ڏنو راءِ ڏياچ، ھيءُ سر صاحب تان صدقو.
ڇڏي ھليو ھتھين، راڻيون، پنھنجا راڄ،
ھيءُ سر صاحب تان صدقو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آگھيو ڏر الله جي، ڪوڙين ھنس ڪاج،
ھيءُ سر صاحب تان صدقو.
مڱي وتو مڱڻي، ڪھي سان ڪماچ،
ھيءُ سر صاحب تان صدقو.

## داستان ٽيون

( ١ )

ڪين جو ٻيجل ٻوليو، ٻڌي ويھي پان،
راجا رتولن ۾، سيباڻو سلطان،
”آءٌ مڱڻھون، مڱڻان! مقابل ميدان،
گھوريان لک، لطيف چئي، تنھنجي قدمن تان قربان،
ٿو ھيءُ سرمان، ھلي آءٌ تہ ھٿ ڏيئين.“

( ٢ )

آءٌ مڱڻھون مڱڻان، چڙھي ۾ جوڏول،
توکي گھوٽ گھرائيو، راجا منجھ رتول،
ٻيجل توسين ٻول، وھائيءَ وڏڻ جي.

( ٣ )

محلين آيو مڱڻون، ساز ڪٺي سرندو،
سر جي صدا سر ۾، گهور گهٽي گهرندو،
سٺي ريءَ سلوڪ جي، چارڻ نہ چرندو،
جهونا ڳڙه جهرندو، پوندي جهانءِ جهروڪ ۾.

( ٤ )

محلين آيو مڱڻون، ڪٺي ساز سري،
لڳي تند تنبير جي، پيا ڪوٽ ڪري،
هنڌين ماڪين هوءِ ٿي، تنهنجي، پيچل! دانهن پري،
جهونا ڳڙه جهري، پوندي جهانءِ جهروڪ ۾.

( ٥ )

ڏاتار ڍ مڱڻي، ڪرن وسيلو وڃ،
ساني تال تندن جي، سائي چارڻ چت،
جي هتي، جي هت، تہ ڳالهہ برياني هيڪڙي.

( ٦ )

”جاجڪ! تو جهار ۾ ڏه پيرا ڏياچ ڇني،
جنهن ۾ سال نہ سريءَ جيترو، تنهن تون طمعدار،
جي آچيني ڪر ڪپار، تہ ويہ پيرا وڌي ڏيئين.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٧ )

”ٻيلي ٻئي ٻار، جان سون ٻنيءَ هٽي اُهاريا،
چوري رکيم چت ۾، ڏِسين جا ڏاتار،
هيءَ سِر توهان ڌار، ٻيجي ڪنهن نه ٻوليو.“

( ٨ )

”سو جيءُ، مڱڻهارا! ۾ هوءِ، جنهن تو مٿي سِر سنو ڪيو،
جو سون مِلِ سورِ نه سپجي، تان جي سو گهريوءِ،
ته جڳان جڳ ڏِنوءِ، ڏونگو ڏاتارن ڪي.“

( ٩ )

”مٿو مٿائن گهوريان، مٿو تو مٿان،
سو سون ٿئي نه هٿان، جنهن تون لائق، مڱڻان.“

( ١٠ )

”مٿو مٿائن گهوريان، مٿو تو مٿاءِ،
هڏو هيءُ هٿ ڪري، جاجڪ وهلو جاءِ،
تون سين آنيراءِ، جم واچا ۾ وِلهو وهين.“

( ١١ )

”سؤ سِرن ساٽي، جي تند برابر توريان،
اُتل اوڏاهين ٿئي، جيڏاهن ٻيجل ٻرائي،
سکئون هڏ آهي، سر ۾ سچھ ناهہ ڪين.“

(۱۲)

”مٿي آتي سنهنجي، جي هٿا سرن سو هزار،
تہ تنهنجيءَ تند تنوار، هرهر وڃير هيڪڙو.“

(۱۳)

”مٿي آتي سنهنجي، جي ڪوڙين هون ڪپار،
تہ واريو رارِيو وڍيان، سڀيءَ ڪي سو وار،
تہ پڻ تند تنوار، سونهان مٿائون، مڱڻان!“

(۱۴)

”جو تو ڏين، ڏياچ! لاهيو اِي سر سيڪو ڏي،
ڪين ناهِ جهڙو ڏي، جو سند ٿئي سوالين.“

(۱۵)

”ڏين گهٽون ڏهلو، سڀي ڏين سڪ،
سو تان، ڏياچ! ڏک، جو تعلق وکي تند سين.“

(۱۶)

”جو تعلق رکي تند سين، سو ڪين پلؤ پاءِ،
سون ڪي م سوناءِ، آنءَ آڪاهون آئيو.“

(۱۷)

هيسي هات پر ٿيو، سندو جاڏم جود،
”مڱ وهائيءَ، مڱڻان! مٿو هير موجود،
باڪ آهي بود، ناڪسيءَ نابود ء.“

( ١٨ )

چارڻ چنگ ڪلھي ڪري، رمي رھيو رات،
صدا جي سيد چئي، وائي ڪيائين وات،
ڏيھ ڏنا تنھن ڏات، سين مڱڻھار ڪئي.

( ١٩ )

چارڻ چنگ ڪلھي ڪري، پير ڀري پاتا،
صدا جي، سيد چئي، وائي ڪيائين واتا،
تنھن تي راءِ راضي ٿيو، ڏل وڏي داتا،
مرڪي مر ماتا، روڙي راءِ ڏياچ جي.

وائي

مئو ٻه ڪنڪار، يار! ڏاڻ ڏيندو سئين، مڱڻان!
جاچڪ! جھونا ڪڙه ٻه، ھل تہ ٿيھون يار،
ڏاڻ ڏيندو سئين، مڱڻان!
متان ڪا منھنجي ڪرين، ڪلا جي گفتار،
ڏاڻ ڏيندو سئين، مڱڻان!
متي آتي منھنجي، جي ھون سر ھزار،
ڏاڻ ڏيندو سئين، مڱڻان!

هر هر وڏيان هيڪڙو، تنهنجيءَ تند تنوار،
ڏانءَ ڏيندو سئين، مڱڻان!
لڇيندي ئو لاهيان، ڪينهي منجهه ڪپار،
ڏانءَ ڏيندو سئين، مڱڻان!

## داستان چوٿون

( ١ )

ريءَ مصلحت مڱڻان، قصر ڪين آڇن،
نور تجلو نور سين، نميو ليئن ٻسن،
خيمي ۽ ڪنگهار جي، چانڊوڻا چمڪن،
لڏائين لطيف چئي، سندا ڏانءَ ڏسين،
تيلانئون ملڪ ڏٻن، مڃيو مڱڻهار کي.

( ٢ )

"مر تہ آئين مڱڻان، مام پروڙي سڻ،
جيڪا ڳاہ ڳالهائيين، سا سڀ سمجهيسون،
تنهن ۾ تسبح تون، جيڪين ٻوني ٻٽ ۾."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣ )

”چارڻ! تنهنجي چنگ جو، عجب آھم اِئي،
هٿي آيو هٿن سين، جڙو رکيو جيئي،
رات منهنجو ري، ڪانيو تو ڪماچ سين.“

( ۴ )

”تانَ نہ آهي تند جو، رون رون ڪري راز،
هٿندڙ سندا هترا، سيڪو چئي ساز،
ست ڏٻي شهباز، ٽي تہ توڪ پرائيين.“

( ٥ )

تند تنهنجي تانَ، ڪهيو سو قبول پيو،
سِر تہ آهي ست ۾ ھر پيو ڪي مگج دانَ،
خاڪ ميٽي جو بانَ، ڪانيان پوءِ ڪجھ ناهي.

( ٦ )

”چارڻ! بولج ڪين پيو، جو گهر ٻٽي سو گهوريان،
نهر، سورت نہ پڙي، جان تندن برابر توريان،
ڪجهي آهيم ڪالهڙي، آءٌ اوري تان اوريان،
ڪي ڪلهنئون ڪوريان، ڪي، جاڪ! جسي سين ڏيئين؟“

( ٧ )

چارڻ چنگ، ٻنگ لهي، وڃايو وڏاڻ،
سر تان هڏ آسان، ٻر مڱڻهار مٿي وهي.

( ٨ )

”ڪجهه ٻهنجي ڪجهه ميں، رند! رسائي لاءِ،
آجل آيو آهي، ٻنيءَ تو ٻلائيو.“

( ٩ )

”وڃ سر ٿيءَ مرهو، م ڪين آڇ، م ڳاڇ،
جاچڪ! تو مٿاڇ، ملڪ مڙوئي گهوريان.“

( ١٠ )

ٿيئي ٻرچيا ٻاڻ ۾، تند ڪنارو، ڪنڌ،
”تنهن ڇهوئي ناهه ڪين، جو تو چارڻ ڪيو ٻنڌ،
ايءَ شڪر الحمد، جنهن مٿو گهريئي، مڱڻان!

( ١١ )

ڪنجهي ڪيرت ڪينرو، واڄو ولاتي،
هنئي تند حضور ۾، تنهن ٻارس ٻراتي،
ڏسندي ڏياچ ڪي، ظاهر ٿيو ذاتي،
ڪڍي تنهن ڪاتي، وڍو ڪرڻ ڪپار ۾

( ١٢ )

گل چنو گرنار جو، ھٿڻ ٽيون ھٿين،
ٻيئين سورت جهڙيون، آپيون اوسارين،
چوٿا چارڻ ھٿ ۾، سر سينگاريو ڏين،
ناريون ناز ڪرين: "راڄا رات رمگيو!"

( ١٣ )

ھاسنگ جنھن ھيٺ ڪيو، تنھن ڏنو ڪين ڏياچ،
ستو نيئي ماچ، وڃي ڏور، ڏک ٿيو.

( ١٤ )

ڏنو ڪين ڏياچ، تو سائل سڪائي،
منھن تي موٽائي، ستو ھنيس مڱڻي.

( ١٥ )

سورٺ مٿي، سڪ ٿيو، خيما ھٿيا ڪنگھار،
ٿيو راڳ، روپ سو، لڳي تند تنوار،
سو ڏيئين پٺين ھار، پسوا راڄا راضي ٿيو.

( ١٦ )

سورٺ مٿي، سڪ ٿيو، خيما ڪنيا ڪنگھار،
نه ڪو راڳ نه روپ ڪو، نه ڪا تند تنوار،
تھان ھوءِ مڱڻھار، ڏلو سر ڏياچ ڪي.

## وائي

آلوِداع ! ووا آلوِداع ! ووا آلوِداع ! جاني ڪِيوءِ جُدا،

هَئي هَئي! سورِٺ ٿِي ساري.

هُنَ تون تند طَريق جي، ووا واڄٽ سڀ واري،

هَئي هَئي! سورِٺ ٿِي ساري.

سورَٺ سرتِن وِچ ۾، ووا آيِي اوساري،

هَئي هَئي! سورِٺ ٿِي ساري.

”ڏِيند وسانءِ“ ڏِياڄ چَئي، ”هِيءُ سِر سِينگاري،“

هَئي هَئي! سورِٺ ٿِي ساري.

هِيءُ جو آيو مَگڻون، سو مَتارا ماري،

هَئي هَئي! سورِٺ ٿِي ساري.

ڏوسَ دوسِتان دُور ڪِيو، تو ڏِيا ڏيکاري،

هَئي هَئي! سورِٺ ٿِي ساري.

ڪَنڌَ سَنهنجو ڪانيو، نينهن سَندي نِعري،

هَئي هَئي! سورِٺ ٿِي ساري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آسا

## داستان پهريون

( ١ )

لچان نِيي لاحدَ ء، هادي لهان نہ حدَ،
سِپيريان جي سُونهن جو، نہ ڪو ڪَدَ نہ مدَ،
هِتِ سِڪڻ بي عدد، هِتِ اِرين پروا ناه ڪو

( ٢ )

"آ ع" سين آنَ پارِ، ڪَڏهن تان ڪونہ پيو،
"اِنَّ اللہَ وِترُ يحبُّ الوِترِ" نيٺي ڀيائي ٻارِ،
هيڪڙائيءَ وٺ هارِ، هنجون جي 'هَمِهِ' جون.

( ٣ )

ٻنِ ڀيائي سِپرين، پاٺان سون ڪي پلِ،
"آ ع" اورِيان جهلِ، توکي رمي "تون" ڏٺي.

( ٤ )

توکي رمي "تون" ڏٺي، سِپوٺي جمالَ،
ڪونهي ٻيو خِيالَ، جي شارِڪ شڪ وِڃائيين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

”آءٌ“ اوريان جهلِ تون، ڇڏيم ٻانُ ٻچار،
شرڪَ ساڻُ ستار، ڪَهڻان ڪَنهارِيم ڏينهڙا.

( ٦ )

عينَ شِرڪ اِيءُ، جئن بِي شِرڪ ٻانئين ٻاڻ ڪي،
وِڃائي وجود کي، ٻاڻان ٻاسي ٿيءُ،
هِڏهين ڪونهي ’هيءُ‘، ’هو‘ ٻڻ ڪينهين هِن ري.

( ٧ )

هو ٻڻ ڪينهين هِن رِيءِ، هِي نہ هنهان ڌار،
”اَلانسَانَ سِرِي و اَنا سِرهٗ“ پروڙج ٻچار،
ڪندا ويا تنوار، عالِم عارِف اهڙي.

( ٨ )

نڪا اِبتدا عبدَ جي، نڪا انتها،
جن سڃاتو سِرين، سي وڃڻ کي ويا.

( ٩ )

”اَنا عبدَ“ معبودَ تون، اِت نہ ڪو شِرڪ نہ شڪ،
ٻچارون پِرينِ جون، محبتين مرڪ،
سو سِپونِي حق، جِنهن ۾ پسڻ پِرينءَ کي.

( ١٠ )

سِرُ نايو سجدا ڪرين، تَنُ تواضع تو نہ،
هو جو مٿڪو مَن جو، سهجان سارين سو نہ،
ڪوڙا ٿيندءِ ڪونہ، ڏونئين ڦوڪئي فائدو.

( ١١ )

جانءِ جانءِ ڀسين پاڻَ کي، تانءِ تانءِ ناهِ نمازَ،
سڀ وڃائي سازَ، تہان پوءِ تڪبير چئو.

( ١٢ )

جانءِ جانءِ پسين پاڻَ کي، تانءِ تانءِ ناهِ سجودَ،
وڃائي وجودَ، تہان پوءِ تڪبير چئو.

( ١٣ )

ورد وظيفا وسريا، نہ ڪا رهي نمازَ،
هينئڙو بحر ۾ بازَ، چوري ڪيو چنبن ۾.

( ١٤ )

نابود ۾ نيئي، عبدَ کي اعليٰ ڪيو،
صورت جي مخفي ٿيا، صورت ٻڻ سيئي،
ڪبي اَت ڪيهي، ڳالهہ پريان جي ڳجهہ جي.

( ١٥ )

تعظيما ترڪ ٿيا، واجهاڻيان ويا،
وڃي تت پيا، جت نهايت ناهه ڪا.

( ١٦ )

ڳالهه پريان جي ڳجهه جي، ڳالهه مڙئي ڳجهه،
هينئڙا اُجهه م مُنجهه، ته پرينئان پري نه ٿئين.

( ١٧ )

صورت سوجهه م تنهن جي، تون ڻ پڇين جو،
سخن آهي سو، جو منهن مقابل نه ٿئي.

( ١٨ )

سڄاڻي نه صورت ري، صورت هُذ م سوجهه،
ٿي ٻاراڻي ٻوجهه، وڃائي وجود کي.

( ١٩ )

سڀي فاني ٿيا "في الله"، جن وڃايو وجود،
نه تن قيام نه قاعدو، نڪين ڪن سجود،
جيلانهن ٿيا نابود، تيلانهن رسيا بود کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

ڀرينئون ڀوءِ، موٽيي، موٽي م وِهامي رات،
راهه رمندڙي روءِ.
ڦوڙائو فقير کي قادر کوهه ڏنو؟
راهه رمندڙي روءِ.
چڙهيا ڏاڍين ڏونگرين، ميٽن سانگ نه کوءِ،
راهه رمندڙي روءِ.
آچي اورانهون ٿيي، شال ساجن سانگ سندوءِ،
راهه رمندڙي روءِ.
ويئي وات نهارِيان، سن ڀرين ٻاجهه ڀوءِ،
راهه رمندڙي روءِ.

## داستان ٻيو

( ١ )

آيرندي سج، ڀرين جي نه ٻسندئون،
ڪيڏي ٻيئي ڏج، آڪڙيون ڪانگن کي.

( ٢ )

آيرندي سج سان، ڀرين جي نه ٻسنديون،
ڪيڏي کي ڪانگان، نوالا نيرن ڏيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣)

مون ڪي آکڙين، وڏا ڏورا لائيا،
تہ ھڻ ھرين ھٿن، ڪٿان جي ڪر سامهيون.

(۴)

نيراڻن نِي ليڻ، نيٺي آڃ ھرين ڪي،
ستر ڪاڏا ڪيڻ، جي ڏٺو منهن محبوب جو.

(٥)

تن نيٽن ڪي نيران، جن ساجھر سجڻ ڀيٽيا،
تہ جيءَ جسي ۽ جان، ڪر حضوري حج ڪيو.

(٦)

آکيون علي الصباح، دوست ديکڻ آئيون،
آپينديون آرداس ۽، ٻي تہ ڪنديون ڪا،
رچنديون ري ڀاھہ، ھرچنديون ھرين سين.

(٧)

ڪي جو ڪيڏانهين، آکيون ڏسي آئيون،
تاڻين تيڏانهين، ڀيون پاڻ مهاڙيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٨ )

ڪي جو ڪنهين پار، آڪيون ڏسي آئيون،
تيون ديوانيون دل ۾، آهر لڳين آر،
تهان پوءِ قرار، ستيون ڪين سيد چئي.

( ٩ )

ڪي جو وڃي اَڄ، آڪيون ڏسي آئيون،
سيڻن جي سڄ، لالون ڪيون لطيف چئي.

( ١٠ )

ڪي جو وڃي ڪالهه، آڪيون ڏسي آئيون،
لالون ڪيون لطيف چئي، جانب جي جمال،
ٿيا نيڻ نهال، جنين دلبر ڏٺيو.

( ١١ )

اکين کي آهين، عجب جهڙيون عادتون،
سور پرائي ڏيهه جا، وڃيو وهائين،
آتي لنئون لائين، جت حاجت ناهه هئيار جي.

( ١٢ )

اکڙين آرام، ڪڏهن تان ڪونه ڪيو،
هيون منجهه حمام، ڪانيون ڪوري وچ ۾.

( ١٣ )

آڪين ڪي آئون، جانِ ڪي جهلون ٻانهيان،
لتاڙي لوڪ ڪي، ساڃن سونائون،
مون ڪي منائون، پاڻ پرچي آئيون.

( ١٤ )

آڪين ڪي آهين، وڏا وڃهه، وڙهڻ جا،
منڊي آئيون مامرو، جهيڙو نه لاهين،
جنن سي ڪڪر آپ ۾، آڪيون تنن آهين،
جهڙ ڦڙ نه لاهين، وسن سانوڻ مينهن جنن.

( ١٥ )

آڪيون تان عيد، ڪانهي عيد آڪين ري،
خوشي ۾ خريد، ويٺي ويچارين وسري.

( ١٦ )

آڪڙين آرو، مونهان پڇي نه ڪيو،
آئي وڃي آڙيون، جت چوڻ نه چارو،
هينئڙو ويچارو، وانئون جهليو وڃهلي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۷)

وَسَنِ ۽ وِهَسَنِ، ڏِيهاڙِي ڏَسَنَ لَئِي،
جِئَن جِئَن پِرِين پَسَنِ، تِئَن تِئَن نِشا نِينهَن جا.

(۱۸)

وَسَنِ ۽ وِهَسَنِ، ڏِيهاڙِي ڏَسَنَ لَئِي،
ڏِيئِي ڏِمِي آئِيُون، تو۾ تَلاشُون ڪَنِ،
ڍايُون نَہ ڍاپِنِ، پَسَنَ مَنجِهان پِرِينِ جي.

(۱۹)

ڏَسَنِ ڏِيهاڙِي، تو۾ تَرسَنِ اوڏَهِين،
آيا سَچاڙِي، نِبَنَ نِهارِي پِرِين کِي.

(۲۰)

لَڌِي آيا لَعلَ، پيرَنِ سين پَنڌَ ڪري،
ساڄَنَ اَکِيُون جي کَٽِي، تہ ڪوڙين پانيان پالَ،
مَنهنجِي ناهِ مَجالَ، تہ ڪو وِيڻَ وَرائِي وارِيان.

(۲۱)

آتِي نِي آهِينِ، جِتِي آئِي چِڏِيئِي،
مي سَپاجِهون اَکِيون، ماڪَ نہ مَنائِينِ،
جي آتِي لِڪَ لاهِينِ، تہ ڪَڍي ڪانگَنِ کي ڏِيان.

( ٢٢ )

آکڙيون پرينءَ ري، جيڪي پيو پسن،
تہ ڪڍي ڪي ڪانگن، نوالا نين ڏيان.

( ٢٣ )

اڳيون آهين اَت، جتي آئي ڇڏيئي،
پيو پروسو نہ پت، آکيون اوهان جي آسري.

( ٢٤ )

آک اَلئي ڏار، وانءُ اَلئو عام سين،
جي لِهوارو لوڪ وهي، تہ تون اوچو وهہ اوڀار،
منجهان نوچ نِهار، وانءُ پنيرو پرينءَ ڏي.

( ٢٥ )

تان جي تئين ساميهان، پنيرا سونهن،
منئون ورائي سپرين، منهن جي مانءُ ڏي ڪن،
رکون سپ رچن، تن ۾ تازائي تئي.

( ٢٦ )

آکيون سي ئي ڏار، جن سين اسين پرينءَ کي،
ٻئي ڏانهن ڪيم نهار، کهتو ريسارا سپرين.

( ۲۷ )

آڪين مون کي اوچتو، آتي آڙايو،
انئون تت لڙايو، جت ڪجهه ٿئي ڪونڪو.

## وائي

اي ميان سجڻ، توري اوري، ڪئن رهندا نيڻ منهنجا.
جن جو وارث تون، جن جو آڌر تون.
آنون نيس لائق پون.
جئان آلهي ايري، توٺي تيان پري.
تو وڃجي تن ڏي، آ ڪيون پير ڪري.

## داستان ڏيون

( ۱ )

موهينده مجاز، ڳهٽين تورين ڏينهڙين،
هئان چڏ ۾ باز، تون هاريا حقيقت جو.

( ۲ )

هي جي مجازياٽيون منهن ۾، ديک ۾ تون سين تن،
ڪين مجاتو سپرين، نهاري ليٽن،
پرين جي پسن، ٿئي جنهن پوٽيون.

( ٣ )

ساهه ميں سچاڻان، ساهه ميں ساڻ پرين،
اِهي ته ڻاڻان، آهي رهيا روح ۾.

( ٤ )

مون کي ماءِ مجاز، پيچاري جڏهن پچيو،
هتن چڏي هاج، ويئي سار سنڌن مان.

( ٥ )

منهنجي جان جدا ڪئي، حقيقت هئي،
ساهه هيڪ پرين ري، سڳهان ڪين ڪئي،
ڏئي ٿي ڏئي، رهيو آهي روح ۾.

( ٦ )

حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪريان ذري،
ته وڃن وڻ ٻري، اوپڙ اُپڙي ڪونه ڪو.

( ٧ )

حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪري زبان،
ته ڻاڪر نڪي ڪان، لڳي ماڻ مرن کي.

( ٨ )

سَنئين سَونهائي سَيڪا، ڪا سَون مَنجهائي،
طَلَبَ ۽ تَحصِيل، اورِيان ئِي آئِي،
مان تَندَ تِتِ لائِي، جتِ آهِ نہ ناهِ ڪا.

( ٩ )

جتِ آهِ نہ ناهِ ڪا، اِيَ خاڪِيءَ جو خِيالَ،
جانِبَ جو جمالَ، پَسَّان ئِي پِري ٿِيو.

( ١٠ )

جتِ آهِ نہ ناهِ ڪا، اِيَ خيالَ خاڪِي،
پرِينِ جِي پاڪِي، پَسَّان ئِي پِري ٿِئي.

( ١١ )

پِرِين نہ آکَڙِينِ ۾، هِينئون نہ حاضر جن،
سِي هَونهين جاڙَ جِيَنِ، تَلها ٿاٿا سِڪتا.

( ١٢ )

آکِينِ جهَڙِي وِيهَ، تہ آئون وارِي ڏِڪِيان،
توکِي ڏِسِي نہ ڏِيهَ، آئون نہ پَسان ڪِي پِيو.

( ١٣ )

وَنِينِ ۾ ٿِي وِيهه، تارَنِ ۾ ڪر تڪيو،
پِرِين آڪِينِ ۾ پيهه، تہ آئون اُچارو ٿيان.

( ١٤ )

ِسڪ سِڪائي سِڪ، سِڪ نہ آهي سُتري،
لَڪ لِڪوئي لِڪ، تہ ڪَرَنِ خبر نہ ٿئي.

( ١٥ )

جي خبر ٿي ڪَرَنِ ڪي، تہ مون ڪي ڪندا ڪوه،
صورت سَپِرِينِ جي، ڏِٺي ڪونهي ڏوهُ،
لوريءَ لَڳِم لوهُ، جنهِين رَتَ رِڌارِيو.

( ١٦ )

ڪَرَ جا ڪَڏَ ڪَنِئي، پوَنِ ڪارَنِ پِرينءَ جي،
تنهِن ۾ ٻانِ ٻِئي، غيبتي غار ٿيو.

( ١٧ )

آلا! ڪَرَ جِنِ، مدي جنِ جي مَنَ ۾،
آسان ۾ پِرِينِ جون اميدون پَسَنِ،
تِهان پوءِ مرنِ، سڙي اِنهيءَ سور ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٨ )

ڪَرَ ڪارِيندو سڀ، مانُو جنِ ڀريتئو،
جوش جلايا جي، ماري تنِ مات ڪيو.

( ١٩ )

ڪَرَ ڪي ڪَپَرَ ڪاءِ، نانگ مٿِيارو نڪري،
آئي جو اوناءِ، سر پر سَندي سَنجِڻين.

( ٢٠ )

ڪَرَ نو ڪرايُون ڪرين، هَر هَر هَچارا،
پُورائي پرينِ جا، چوڏاري چارا،
مرين نہ مَنهن ڪارا، سڙي اِنهي سُور پر؟

( ٢١ )

مُچ سَنئيُون ڪنِ، لوڪان ليکي ڏنگيون،
سَندي سپيرينِ، پرِ پرورڻ ڏاڪڙو.

( ٢٢ )

نڪو ڏيکو، نہ ويلَ، نَڪو مَنهن نہ مهاڙِ ڪا،
اِي اِهوئي کيلَ، ڪُور پروڙي ڪِين ڪي.

( ٢٣ )

حوصلو حيرت جو، ڪري ڪين درڪ،
جو حسن سندو حق، ڪور پروڙي ڪين ڪي.

( ٢٤ )

حوصلو حيرت ۾، وڃي ٿيو ويڇون،
محبت جون ميڇون، ڪور پروڙي ڪين ڪي.

( ٢٥ )

حوصلو حيرت جو، آهه نہ مٿي عام،
محبت سندي مام، ڪور پروڙي ڪين ڪي.

( ٢٦ )

حوصلو حيرت ۾، وڃي لڄائو،
ويچارو ڪاٺو، ڏيئي ٿيو ڏسڻ کي.

( ٢٧ )

مٿي هاٿيءَ سين مامرو، آڇي ٻيو آنڌن،
مناڙين هٿن سين، آکيين ڪين ٻسڻ،
’في الحقيقت‘ فيل کي، سڃا سڃاڻن،
سندي سردارن، بصيرت بينا ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

( ١ )

وَجهَ مَنجهه، خَليلَ، آندرِ آذر آهين.
مَڏَ ۾ ڪرِ صحتَ جي، آچا تون عَليل،
نالو ناهِ نفاق جو، جِتي رَبّ جليل،
مَنهن ۾ مُسلمانَ تون، قلبَ تان قَليل،
وِترِ جي وِصالَ ۾، ڏوئي ناهِ دَليل.

## وائي

( ٢ )

اَلله سائين! سائين! پِنان پرينئون ۾ پانهين،
مون تان آسرو آهِ اوڏانهين.
جِتي ديرو دوستِ جو، سا ڪِئن جوء آڳالهين،
مون تان آسرو آهِ اوڏانهين.
قلمَ جنِ جي هٿ ۾، سي سيئي سَباجها سائين،
مون تان آسرو آهِ اوڏانهين.
بندي جي باب ۾ شال ۾ لِکنِ لائين،
مون تان آسرو آهِ اوڏانهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان چوٿون

( ١ )

ڏيکيندي ڏيدار کي، ڪين ڄاتو ڪل،
تازي طويلن ۾، آھ اِحاطو جهل،
ھنا جي آسل، سي حسابان ھڄِي ويا.

( ٢ )

محروم ني سري ويا، ماھر ني نہ ھنا،
چڙھي جنن جھنج پڙي، لڏيانون لٿا،
حباب ني ھنا، آنھي وادي وچ ۾.

( ٣ )

ڏيکيندي ڏيدار کي، ڪل ڄاتي ڪنن،
جانب منجھان جنن، ماھر ني منجھي ويا.

( ٤ )

ترڪ ڪر ترڪ کي، وڃڻ ڪنان وڃ،
آھي اِي آھڄ، سڀي سڃاڻيج تون.

( ٥ )

وڃي رس وڃڻ کي، وڃڻ پڻ وڃاءِ،
لوڪان پاڻ لڪاءِ، لِڪڻان پڻ لِڪيج تون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٦ )

هٿن سين هاج ڪر، نيڻن سين نهار،
آيا آڳڻ يار، هس پنهنجا سپرين.

( ٧ )

آسين سڪهون جن کي، آسين پڻ سيئي،
'لم يلد ولم يولد'، اوڏانهن وڃ پيئي،
تهان منجهيئي، پارک پرکيج حق کي.

( ٨ )

چپ ڪر، چپ م چور، پور آکيون، ڏک ڪن،
ٻاٽي اِي پيٽ م پر، ره آڏورو آن،
ته هوءِ جا مررت منجهاران من، تنهن جو مشاهد و مائٽين.

( ٩ )

ڏسڻ ڏسين جي، ته همه کي حق چئين،
شارڪ شڪ م ني، آنڌا اِنهيءَ ڳالهه ۾.

( ١٠ )

آڏو جو اِثبات کي، سو شرڪ لاهي شڪ،
هٿي جنهن ۾ حق، تنهن نفيءَ جهوڙو ناه ڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۱۱ )

نفيءَ مندي ناهہ سين، پڇي پڇيائون،
پڙا جي پائڻ جا، پيري پڳائون،
آسين ۽ آئون، آتڻ هئي نہ اُن جي.

( ۱۲ )

وڏي تان اُن وات ۾، پيلپ پياٽي،
آهي آونداهيءَ جو، شرڪ سهاٽي،
چڙي چٽائي، الف جي عينڪ ۾.

( ۱۳ )

اُن ۾ نہ ايمان، جٽن ڪلمي کو ڪوڙاٽيين،
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان،
منهن ۾ مسلمان، اندر آذر آهيين.

( ۱۴ )

ڪوڙو تون ڪفر سين، ڪافر م ڪوڙاءِ،
هندو هڏ نہ آهين، جٽيو تو نہ جڳاءِ،
تلڪ تنين کي لاءِ، سچا جي شرڪ سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٥ )

مَنهن ۾ موسيٰ جهڙو، اَندر ۾ اِبليس،
اِهڙو خامُ خَبيث، ڪَڏي ڪوهُ نہ چڙهُنِ؟

( ١٦ )

مَنهن تہ موسيٰ جهڙو، سِيرت شَيطانِي،
بازي بيرانِي، ڪَڏي ڪوهُ نہ چڙهُنِ؟

( ١٧ )

مَنهن تہ آهيرِ يانئِي اَجرو، قَلْبَ ۾ ڪارو،
ٻِهران زيبُ زبانَ مِين، دِل ۾ هچارو،
اِن پَر ويچارو، ويجهو ناهِ وِصال مِين.

( ١٨ )

تون ڪا ڪانئِي ٻاءِ، وَنِ ۾ وِصال جي.
دُو بِينائِي دُورِ ڪري، مَعرِفَت مِلهاءِ،
سَپيرِيان جي سونهن ۾، رَخنون ڪونہ رِهاءِ،
آکِ اَشهَدَ چاءِ، تہ مُسلِمانِي مانئِين.

( ١٩ )

اِينءَ چَوَندي ڪير، تہ آئون ساجاري سَڄڻين،
دائِمُ اِن ديار جا، قِرلدا ٻَسان قير،
جِنِ حضوري هير، ڪَري تَغيري تَنِ مِين.

(٢٠)

مون، تون، آئون، آسين، چارئي چتان لاهه،
سندي دوزخ باهه، تہ تون اوڏائي نہ اچي.

(٢١)

سرمون سياهيءَ جو، رنن کي رهاءِ،
ڪاني ڪارائيءَ جي، مرس ڏني م پاءِ،
اکين ۾ آنڪاءِ، لالائي لالن جي.

(٢٢)

سرمون سفيديءَ جو، جنبي پاتو جن،
تن ڏٺي ڏني تن، اچائي عالم ۾.

(٢٣)

سرمون سرخيءَ جو، جن ھاتو جن،
تن ڏٺي ڏني تن، رونق ريهي جيھڙي.

(٢٤)

جي فارسي سکيو گولو، توءِ غلام،
جو ٻڌو ٻن ڳالھين، سو ڪيئن ڇائي چام؟
اڃيو تان آب گھري، بکيو تان طعام،
اِي عامن سندو عام، خاصن منجھان نہ ٿيو.

( ٢٥ )

آوَکِئِ رَسِي سَيَڪو، ڪِٿين پِرِين رَنام،
ليڪيمِ جي لِسانَ مين، سي ڪَر ڪِينَ ڪِيام،
پاڻَ وِڃائي پانهنجا، ٿورا تَنَ هَنيام،
بَندگِي شَرمندگِي، اِها مِيڙَ مَڪِيام،
پِرِين تَڏِ پَرچِيام، 'آءٌ' جَڏِ اَٿِ ڪَئي.

( ٢٦ )

آوَکِئِ رَسِي سَيَڪو، ڪِٿين پِرِين رَنام،
پَهون پاروتَنِ ،، ڪي ڪَبيرا ڪِيام،
تيلانهِين مَرِيام، سَڪَنِئون سُور گَهٽا.

( ٢٧ )

آلتِيمِ جا هِينئان، سا نَہ سِلتِيمِ ساه کي،
سِپيرِيان جي ڳالهِڙي، لِڪايِمِ لوڪان،
ويئي سُون وَسان، پَڌَرِ پيئي پِرِينءَ ري.

( ٢٨ )

سُون تان لِڪائِي گَهٽُون، ہر رَوئڻ ڪي روشنَ،
رَسِيو رِيزالنِ کي، مَنجهان زَردي ظَنَ،
ويري سُون وَرنَ، ڳالهِ ڪِيائين ڳُجهہ جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٩ )

عاشِق ڍانئين اِئَن، تہ آءٌ سِڪَ ڪِنهن ڪي نہ سَلان،
وِچِ رَهندي ڪئَن، وَهنِ آڪيوَن وِرچِي هِينئون.

( ٣٠ )

مَتيوَن سَڀ منجهاءِ، توَن پاڻَ ڇڏي آوَ چاڻَ،
پهرِين پاڻَ ڦٽو ڪري، پِرِين پوءِ پڇاڻَ،
وِڃاءِ وَحدت ساڻَ، ڪَسافت ڪَثرت جِي.

( ٣١ )

آندَرِ رَهي نَہ گهَٽ، سَپيرِيان جِي ڳالهڙي،
چاڳر سَهي نہ سَٽَ، جهِہ مِهراڻَ موج ڪِي.

( ٣٢ )

'پاڻَ' پردو پاڻَ کي، سَٽي ڪر سَنڀالَ،
وِچان جو وِصالَ، سو تان هَٽَنَ هِن جو.

( ٣٣ )

'پاڻَ' اردو پاڻَ ڪي، طالِبَ سَٽِج توَن،
نَڪا هان نہ هوَن، پردا سِيِ ٿامِي ٿِيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣٤ )

’مون‘ مونهين ۾ سپجي، مون کي ’مون‘ جڳاءِ،
مونهين منجهان ’مون‘ ٿئي، مونهين جي ساڃاءِ،
ڪجهڻ ڪانهي جاءِ، ڪيڏانهن ڪريان پنڌڙو.

( ٣٥ )

آنهين اِئن جڳاءِ، آنَ کي اِئن نه چوڻو،
بن جنهن جيءَ ذاتِ جو، آتي آهِ الله،
تهه نه پڇي ماه، گنديءَ نينهن نه سپجي.

( ٣٦ )

نظر نزديڪونِ، سهي نه سگهان ساعت سيئن،
پسڻ پري سندونِ، آئون نالي ڪيڙي نجهران.

( ٣٧ )

علتي آرامُ، پسي علتَ آئيو،
حسن جو حق جو، سو خامي پانئي خامُ،
آچي ئيا اِءِ لامُ، ڪفر ڪافر پاڻِ ۾.

( ٣٨ )

رئي جا رِهاڻ، سا پيءَ پهتي نه ٿئي،
ڪنهن ڪر وجهي ڪاڻ، پاڻان نينهن نڪيرئو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣٩ )

رمز نہ آهي ريت، ڀهڻين پاهت ناهہ کو،

پسو منجهہ پريت، جيهائي جوڙ وهي.

( ٤٠ )

مون کي مون پرين، ٻڌي وڏو تار ۾،

آيا ايئن چون، مچڻ پاند پسائيين.

( ٤١ )

ڀيو جو ڀاتار، سو پستان ڪٺن پالهو رهي؟

مالڪ مون سيڪار، کو ٻہ انهين² ڀاند جو.

( ٤٢ )

شريعت سڃاڻ، ڪر طريقت تڪيو،

هينئون حقيقت هير تون، ماڳ معرفت چاڻ،

هنج ثابوتي² ساڻ، تہ پسڻ کان ڀالهو رهين.

( ٤٣ )

ڪوڙي ڪج ۾ ڪڌهين، ڦڪي ياٺج قانگ،

ساري سناسين جڻ، لائق رکج لانگ،

تہ چارئي چادر ڀاند، اوسا ڪڻي آکرين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٤٤)

مٿوئي ميچ گهرين، جفا ڏين نہ جان،
صلح ري سيٽان، متان نونڌين نہ چڙهين.

(٤٥)

مٿوئي ميچ گهرين، جفا ڏين نہ جيءَ،
ڀهتي ڌاران پيءَ، مڇڻ نونڌين نہ چڙهين.

(٤٦)

صلح جن سڄڻ سين، ميچ ماڻيندا سي،
'اَلَّذِيْنَ آمَنُوْا وَكَانُوْا يَتَّقُوْنَ'، اِنَ ٻر آيا جي،
نيٺي نونڌن تي، ڏکي چڙهي چاڙهيا.

(٤٧)

جي ٿيا حل حبيب مين، سمهڻ تن ثواب،
ننڊ هيرائي ننڊ مين، خوش ڪيائون خواب،
او سيڙو عذاب، دلين تنين دور ٿيو.

(٤٨)

تن تسبيح سن مٽيون، دل دنبورو جن،
تندون جي طلب جون، وحدت سر وڄن،
'وَحْدَهٗ لَاشَرِيْكَ لَهٗ' اهو راڳ رڳن،
سي ستائي سونهن، ننڊ عبادت آن جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

( ١ )

جيڏيون آئون ڪا پاڻ وهيٺي آهيان،
ڪا مون سار لهيجا.

واڳون ڏٺين هٿ ۾، ڪيڏانهن ڪرهل ڪاهيان،
ڪا مون سار لهيجا.

جيڏانهن وارينم سپرين، پير اوڏانهين پائيان،
ڪا مون سار لهيجا.

قلم ڪاتب هٿ ۾، آئون ڪا لِڪ لڪئي مان لاهيان،
ڪا مون سار لهيجا.

## وائي

( ٢ )

ڪي آنهين منجهه آهي، هوءِ جي جهونا پسجن جهوپڙا،
اِنَ دَرِ سيئي آگهيا، جن ڪسي ڪونه چتائي،
هوءِ جي جهونا پسجن جهوپڙا.

ڏاريان پائين ڏاريون، پاڻ پريان سين ڪائي،
هوءِ جي جهونا پسجن جهوپڙا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’اِنَّ آوْلِيَائِي تَحتَ قَبائِي‘، پَنهنجا پاڻ پراهي،
هوءِ جي جهونا پسجن جهوپڙا.
’لَا يَعرِفُونَهُم غَيرِي‘، پَر ڪِي ڪين پسائي،
هوءِ جي جهونا پسجن جهوپڙا.
پَنهنجون ڇڏي پَتَ ۾، رِڙه آنين جي رائي،
هوءِ جي جهونا پسجن جهوپڙا.
خِدمت ڪري خَلق مين، پاند ڪِڇِيءَ ۾ پائي،
هوءِ جي جهونا پسجن جهوپڙا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پرڀاتي

## داستان ڀهريون

( ١ )

اِي نه ڀانئِ ڀيرَ، جِئَن ڪِينرَ ڪيرِيءَ ٽنڪيو،
سونهاري صبوح سين، وِجهي وڃئين وير،
توکي چوندو ڪير، ڪِيرتِ ڏاران مڱڻو.

( ٢ )

سَتو ڪِئَن ننڊوُن ڪرِئين، روئِي راتِ وِهاءِ،
سيان ساز سَنداءِ، ڀِيا هوندا ڀَٽ ۾.

( ٣ )

روءِ وِهائي روءِ، سَتو ڪِئَن ننڊوُن ڪرِئين؛
سيان ساز سَندوءِ، ڀِيو هوندو ڀَٽ ۾.

( ٤ )

سيرانديءَ ساز ڪيو، سمهيِن ساري راتِ،
جاڄڪائِي ذاتِ، اِئَن نه هئِي آڳهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

جنهين سڪ ناهه ڪو، چارڻ سي چنجڻ،
رڄن راهه پچڻ، متي ڪلهن ڪينرا.

( ٦ )

آکِي ائين نه هيڻ، اِن دَر سندي مڱڻين،
جڻن ڏِکها ڪري هيڻ، سڄيون راتيون سمهين.

( ٧ )

ڀيو ليٽين لٽ، سڄيون راتيون سمهين،
آئي آڏي نه ڪرئين، سپڙ ساڻ سهت،
رُونجهي رات آهڻيا، پيهنيون پائيت،
ميڙِي تنان مت، چوندي پريا چارئين.

( ٨ )

موڙهو پٽين مڱڻان، ڪيڏانهن هئين ڪالهه،
لنگها! چڏ لطيف چئي، آجهن جا آفعال،
سپڙ دَرِ سوال، ڪر تہ قيمت آئيين.

( ٩ )

لَکي جي ٻجهن، پڌر پوءِ م آن سين،
نڏي وڏي ڪالهڙي، سڄي تا سمجهن،
تون ڪِئن آکيان تن، وڄيو وللين وات سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٠ )

چاڻي هِڏَ ۾ چاڻ، اِيَ دَرَ آڀوڄهنِ جو،
اِنَ دَرِ سِيئي آگِهيا، جنِ نَہ پانيو پاڻ،
رِيجهاڻو راڄاڻ، آهي آڀوڄهنِ جو.

( ١١ )

ٻجهان پاڄهہ ٿئي، پاڄهاڻون ٻيلي ڏٿي،
سپڙ سا مئي، جيڪا چارڻ چِت ۾.

( ١٢ )

جيڪي ڏڏَنِ ڏي، گجهيان ٿي گجهہ ۾،
سو جي سئُنِ ڪَڏهين، ڪِرتِ وارا ڪي،
تَہ ماڙ ميڙيئي مي، هوند پٿون ڪنِ پلڪ ۾.

( ١٣ )

آتِ ڪِرتِ وارا ڪيترا، ڪِرتِ ڪبو ڪوهَ،
جيڪي بند و ڪم ڪري، سو سپوڻي ڏوهَ،
تون پارِس، آئون لوهَ، جي سَڃين، تہ سون ٿيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۱۴ )

ذاتِ نہ آهي ذاتِ تي، جو وهي سو لهي،
آريون آبوجهن جون، سپرڙ چام سهي،
جو راءِ وٽ رات رهي، تنهن کي جکي جان کي تان لهي.

( ۱۵ )

طمع جي تنوار، متان ڪرين مڱڻان،
ڏي ڪي ڪنڌ ڏار، ماڻڪ ڏيئي مٽ ۾.

( ۱۶ )

ڏڏ ٿي ڏان گهريج تون، ڇڏي وڃا جي وائي،
سپر راتِ سنباهيا، تازي تو لائي،
جو جاڻي نہ ڪائي، تنهن سين پيلي ڏئيءَ پاجهه ڪي.

( ۱۷ )

ڪرڙه آڪيان ڪپ، ڏيهاٽي ڏاتار جي،
لنگها! لاهِ م لِڪ سينءَ، متان چانئٽ چپ،
مڱنهارنِ مپ، ڪونهي پيو ڪيرتِ ري.

( ۱۸ )

آئيو آبوجهاءَ، سپرڙ جو سڏ ٿيو،
جڻن آئين ڪيرتَ ڪٽ نہ سکيا، تڻن هاڻان ريڏو راءَ،
مگو مون ملاءَ، آئون اوهان جو آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٩ )

ٻوليون ٻيلي جون ڪري، ٻاسي ٻرِ ٻيو،
سٽائي سَتنِ کي، وِهاڻيءَ وِيو،
ڇاٽي ڪين ٻيو، سَر سِکيو ئي هيڪڙو.

( ٢٠ )

سَرِ ساهَ پساهَ، جاجڪ جِم وِسارِئين،
ريهي رَبي سَنديون، تندون تنبي کي ٻاءِ،
لنگها! تون ليلاءِ، اکيان وَجي آن جي.

( ٢١ )

چارڻ وَسِ نہ ڪا، تہ ڪا ڪيرتِ جي ڪري،
جنين سَندو مڱڻون، هَٿِ تنينِ جي آهِ،
جي ڪارائينس تہ ڪاءِ، جي سَمهارينس تہ سَمهي.

( ٢٢ )

جَڏو ڦڏو ڏڏّ، پاڻُ ڪونائي مڱڻون،
نہ ڪنهن نيو پاڻ سين، نہ ڪنهن ڪيو گڏ،
سِيرِ ڪريو سَڏ، ڏکيا چاڙهي ڏولئين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٣ )

ميرا پسي مڱڻان، سيرَ سڌَ ڪيا،
سڀوجهن سَئا، اڀوجهن آسرو.

( ٢٤ )

صبوح جو سهاڳ، مڱڻهارن ماڻيو،
ڏنائون ڏاتار کي، وڏيءَ ويرَ وهاڳ،
وس منهنجي ناهِ ڪا، سيڻن هٿ سهاڳ،
پرين سين پهاڳ، مان نماڻيءَ نصيب ٿئي.

( ٢٥ )

ڏاتارَ ڏکَ ڪيا، پاڻان مٿي مڱڻي،
مون درَ ڇڏيو، مڱڻان! مڱين ڪوهُ پيا؛
تڏهن تو پيا، وڇيان ولها ڏينهڙا.

( ٢٦ )

جو ڏيهاڻي تو ڏئي، مڱ تنهين کي مڱڻان،
ڪوڙا درَ دنيا جا، جاچڪ مڱين جي،
صباح توهين کي، موڙي ڏيندا منهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢٧)

ڪانئي مـي تنبير، جن ريجهايا راڇيا،
وڻڙا وڏيءَ وير، ڪلهي رکي ڪينرا.

(٢٨)

آڄ نه سڄي آکيئن، ڪا تنبيرن تنوار،
مڙهيون مڱڻهار، پوري ڪنهن پار ويا.

(٢٩)

تون سيرُ، آئون سيڪڙو، تون صاحب، آئون مڱ،
ڇڇي تنهنجو پڳ، ڪلهي پاتم ڪينرو.

(٣٠)

تون سير آئون سيڪڙو، تون پارس آئون پينار،
ڏسندي ٿي ڏاتار، ڪلهي پاتم ڪينرو.

(٣١)

تون سيرُ، آئون سيڪڙو، تون ڏاتار، آئون ڏڌ،
سٽي تنهنجو سڌ، ڪلهي پاتم ڪينرو.

(٣٢)

تون سيرُ، آئون سيڪڙو، تون ڏاتار، آئون ڏوهه،
[illegible] جي سپين [illegible]

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۲۳ )

ڏاتار تہ تون، ٻيا مڙيئي مڱڻان،
مينهن منڊائيتا وسڻان، سدا وسين تون،
جي گهر آچين مون، تہ ميريائي مان لهان.

( ۲۴ )

اُپريو تارو، آئي ور وهاڳ ڏي،
مېڙ ريسارو، چت پر ڪيي چارٽين.

وائي

( ۱ )

ٻئي در وانهہ م ڪيڏانهين، آلا! تون جام مڱندين مڱڻان،
ڦير م هينئون، ڪنڌ ڪيا ڙي، ڏيندء هاج هٿائين،
آلا تون جام مڱندين مڱڻان.
مائڪ، موتي، مال خزينا، ڏيندء پيلي سائين،
آلا تون جام مڱندين مڱڻان.
ورچي تون وهاڳ ڪان، متان ڏيين پاهين،
آلا تون جام مڱندين مڱڻان.
در داتا مڱ مڱڻان، آنڌا هوئيج اوڏاهين،
آلا تون جام مڱندين مڱڻان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻيائيون وِجھي ٻنِ کي، سمو ڪنھن سوائي،
آلا تون چام مگندين مڱڻان.

”اِنّ اَللّہَ وِترٌ يحبّ الوِترَ“، وحدت واڪ وڏائين،
آلا تون چام مگندين مڱڻان.

پنھنجي طرف پاڻھئين، سائل سڏيائين،
آلا تون چام مگندين مڱڻان.

جتي جواڻن کي، ڪوني ڪٺائين،
آلا تون چام مگيندين مڱڻان.

آتي عشاقن کي، اُلفت آھي ڏنائين،
آلا تون چام مگندين مڱڻان.

”الانسان سرّي و انا سرهٗ“، اِن ھر آتائين،
آلا تون چام مگندين مڱڻان.

ڪجھ ڪجھاندر ڪالھيون، راز نہ رکيائين،
آلا تون چام مگندين مڱڻان.

پسو پينارن جي، ٻت ۽ ٻاڻ وڏائين،
آلا تون چام مگندين مڱڻان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

( ۲ )

وڏڙا ڏانءَ ڏنائين، ڪيائين رخت ريزالن جو،

آنڌا منڌا آئيا، سخا سڌ وڌائين،

ڪيائين رخت ريزالن جو.

ڪين منجهان جو ڪي ڪري، سو نہ ساراهين سائين،

ڪيائين رخت ريزالن جو.

”و تعز من تشاءُ و تذل من تشاءُ“، آهي سڀ آتائين،

ڪيائين رخت ريزالن جو.

نوازيائين نطفو، منجهان ڪين ڪيائين،

ڪيائين رخت ريزالن جو.

حرفت حريفن جي، پڇي سڀ پڳائين،

ڪيائين رخت ريزالن جو.

حامد سڀ حزن ۾، مدعي هاڻ مڃائين،

ڪيائين رخت ريزالن جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رامڪلي

## داستان پهريون

( ۱ )

جوڳيڙا جهانَ ۾، نوري ۽ ناري،
ٻري جنِ ٻاري، آئون نه جيندي آنِ ري.

( ۲ )

جوڳيڙا جهانَ ۾، هٿا منجهه حمامَ،
آرامان آرَڪ ٿيا، اوڏا نه آرامَ،
ڪيائون قيامَ، آئون نه جيندي آنِ ري.

( ۳ )

مَتر سِنگِڙينِ سين، لحظي لاتائون،
ڪِينرَ ڪُنِي آهيان، آنهين جي آئون،
مون کي ماريائون، آئون نه جيندي آنِ ري.

( ۴ )

لڪين ڪيا لِسانَ سين، لاهوتينِ لوڙا،
کهوڙا ڙي کهوڙا، آئون نه جيندي آنِ ري.

( ٥ )

ڳوليان ۽ ڳنڊيان، وِيا وِيراڪِي نِڪري،
صحبت جا سنڌيان، آئون نہ جيئندي اَنِ ري.

( ٦ )

مَران مٿو پٽيان، نِهارِيان ليٽانِ،
سخن جي سندانِ، آئون نہ جيئندي اَنِ ري.

( ٧ )

وارو ويراڪِينِ ڪِي، ويلَ مَ وِساريج،
قدم ڪاپڙين جا، لِيلائي لهيج،
پيرتِ پسيو پٽ جِي، وچن ڪي وچيج،
راتو ڏيھن رڙيج، آئون نہ جيئندي اَنِ ري.

( ٨ )

واڇٽ ويراڪِينِ جا، مون وَٽ وڏي وَٽ،
سون سيوِئي سِڱيون، اِسي ڪين مَ ڪَٽ،
ڏِيساھي ويلَ ڪنھين، پورب ويندو پٽ،
هلَ ا ڪَنياڻون هَٽ، آئون نہ جيئندي اَنِ ري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٩ )

هِني هَني ڪيو هَٽ هَٽان، جوڳي وِتڙا جاٽ،
پيهي وِتڙا پاٽ، آئون نہ جيندي آنِ ري.

( ١٠ )

واجِٽ ويراڳِينِ جا، مون وَٽ وَڏو مالُ،
مَتالان مهندِ ٿيا، ڪونهي وَتِنِ قالُ،
حاصِلُ جنين حالُ، آئون نہ جيندي آنِ ري.

( ١١ )

سِتي سيج هَياسِ، مون کي آه آٿاريو،
جنين جا ڳاياسِ، آئون نہ جيندي آنِ ري.

( ١٢ )

جيڪي مون کي نسي، پڳہ پائي ہاٿ ڏي،
پہ پروڙِيم پٽ جا، ڪينر منجهان ڪي،
هاٿي جي هنيثي، آئون نہ جيندي آنِ ري.

( ١٣ )

جيڪي مون کي نِيو، ہڳہ ہائي ہاٿ سين،
قوت مَنهِنجو ڪاپڙي، سِگين منجهہ سِهو،
ڪا قري قوڪ ڏيو، آئون نہ جيندي آنِ ري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٤ )

سوڌ و سِگرڙينِ سينءِ، ڪِي جو ڪِهيائون،
هو جي هنيائون، آئون نہ جيندي آنِ ري.

( ١٥ )

صَبحِ سِگرڙيون ڪَٽي، وِيا وڃائي ڀاڻ،
اِهڙو جنِ اَهڃاڻ، آئونِ نہ جيندي آنِ ري.

( ١٦ )

صَبحِ سِگرڙيون ڪَٽي، وِيا ڏکائي ڏورِ،
ٽِيا ڏينارِئان ڏورِ، آئون نہ جيندي آنِ ري.

( ١٧ )

صَبحِ سِگرڙيون ڪَٽي، وِيا وڃائي وِير،
ڏورِيان ڏورِيان، نہ لهان، بيراڪِينِ ٻهير،
جنِ آمڻ سنجهہ عبير، آئون نہ جيندي آنِ ري.

( ١٨ )

ميڙِيو ڀاڻ ڀِرِيون ڪِيو، جوڳِي جلائينِ،
سامِي سِگرڙينِ سينءِ، خودِيءَ ڪي ڪانئينِ،
هو جي تاربہ تِڪائينِ، آئون نہ جيندي آنِ ري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٩ )

پسيو آسڻ اَن جا، اَچي نہ آرام،
ڪينر ڪئي آهيان، تنين جي تمام،
مون کي ٿيو ماتام، آئون نہ جيندي اَن ري.

( ٢٠ )

پسيو آسڻ اَن جا، اُڇنگارون آچنِ،
پاڻان وڃيس پٽ تي، لاهي لاهوتينِ،
جي راڙي منجھہ رهنِ، آئون نہ جيندي اَن ري.

( ٢١ )

پسيو آسڻ اَن جا، آدوها آچنِ،
ڪينر ڪاپڙينِ جا، صبح تان نہ سڄنِ،
جي راڙي منجھہ رهنِ، آئون نہ جيندي اَن ري.

( ٢٢ )

آسڻ وٽ آهون ڪريان، وس نہ منهنجي وات،
لڱيم لاهوتين جو، ڪينر منجھان ڪات،
هلڻ کي هيهات، آئون نہ جيندي اَن ري.

( ٢٣ )

پسيو آسڻ اَن جا، پانهنِ وڃهان وات،
هو جي کهيا ڏنهن قلات، آئون نہ جيندي اَن ري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٤ )

وَتنِ وينِي آهِيان، ڏِسيو ڪين ڏِسانِ،
جِنهن جِهوئِي ناهِ ڪِي، سا ڪا سونهن سنديانِ،
ڀِسيو ڪينِ پسانِ، آئون نہ جِيندِي آنِ ري.

( ٢٥ )

بابوُ بيِڪاري ٿِيا، اَجَ نہ آسَرَ وَٽَ،
خودي ڪائِي هَليا، پيرَ نہ لاٿئون پَٽَ،
هِئِي هِئِي! جنهِين هَٽِ، آئون نہ جِيندِي آنِ ري.

( ٢٦ )

بابوُ بيِڪاري ٿِيا، پَچِي چڙيائون پاٽَ،
نِسورو ئِي نينهن جو، نانگَنِ وَٽِ لِڏانَ،
سِرڪَنڊَ جنهِين ساٿَ، آئون نہ جِيندِي آنِ ري.

( ٢٧ )

بابوُ بيِڪاري ٿِيا، آسَرَ وَٽِ نہ اَجَ،
ڀِڙِلي پِي نہ سِگِيا، پاڻان چوندءِ پَچَ،
نِسورو ئِي نينهن جو، سامِينِ کِي سَهَجَ،
هيئان! تنهِين سين هَجَ، آئون نہ جِيندِي آنِ ري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٨ )

نانڪا نانيءَ هَليا، سامِي سيپئِي،

وِهَڪَ مون وِيئِي، آئون نَ جِيندِي آنِ ري.

( ٢٩ )

نانڪا نانيءَ هَليا، ويچارا وِئا،

ڪِينَرَ ڪاپڙِين جا، صُبح تان نَه سُئا،

هو جي هِتِ هُئا، آئون نَ جِيندِي آنِ ري.

( ٣٠ )

نانڪا نانيءَ هَليا، چيلهيا چيلهِ ڀڄَنِ،

هو جي هِتِ هُانِ، آئون نَ جِيندِي آنِ ري.

( ٣١ )

نانڪا نانيءَ هَليا، ڪِينَرَ ڏَري ڪنڌ،

ڀَريا پورب سامُهان، راوَلَ ٿيا رَنَد،

هي جي هُئا هِن هنڌ، آئون نَ جِيندِي آنِ ري.

( ٣٢ )

نانڪا نانيءَ هَليا، هُئِي! مُنهِنجي حالَ،

هو جي ڪَهيا ڪالهه، آئون نَ جِيندِي آنِ ري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣٣ )

نانگا لانيءَ هليا، لوڪان ڪري لڪَ،

ويٺي مون وِهڪَ، آئون نہ جيندي آنِ ري.

( ٣٤ )

جَسِي سندو جوڳ ري، مون نہ گھرجي ساهُ،

سامِي منهنجو ساهُ، آئون نہ جيندي آنِ ري.

( ٣٥ )

ڪالهوڪو ڪاڏي ويو، جوڳِينِ سندو جوشُ،

پسي تنهِن پٽ ڪي، هِتِ نہ رهيو هوشُ،

آسَ ۽ افسوسُ، آئون نہ جيندي آنِ ري.

( ٣٦ )

ويراڳِينِ ورن، ڏِسڻ گھٽو ڏَهلا،

هِڪ ٻولڻ ٻوڙنِ سين، ٻيو مندا فانيڻِ فن،

ڪي گھرجنِ ڪن، آئون نہ جيندي آنِ ري.

( ٣٧ )

نانگا نانيءَ هليا، سِگيون سانڱ ڪٽي،

آيلِ آديسينِ جي، هينئين حُبَ گھٽي،

جنين منهن مٽي، آئون نہ جيندي آنِ ري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣٨ )

لانگا نانيءَ هليا، سنهي سناسي،
آيل آديسين ري، آئون اداسي،
جي ھورب پروا ميي، آئون نہ جيندي آن ري.

( ٣٩ )

ٻانهين وينا ٻاڻ سين، ٻر ٻر ٻرياٽين،
هو جي هلڻ سنديون، ڳالهيون ڳالهائين،
وڃڻ وڃائين، آئون نہ جيندي آن ري.

( ٤٠ )

ٻانهين وينا ٻاڻ سين، ٻر ٻر ٻرياٽين،
سامي سفر هليا، آسڻ آجهائين،
رخصت روئارين، آئون نہ جيندي آن ري.

( ٤١ )

نہ ڪي ڪَڻ ٻاڻ سين، نہ ڪو ساٿ ٻاڻ،
اهڙا جن آهياڻ، آئون نہ جيندي آن ري.

( ٤٢ )

وڃائي واٽ ٿيا، جوڳي جڳائي،
هٿا جي هاٽي، آئون نہ جيندي آن ري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٤٣ )

جزو ڇايو جوکِئين، ڪُل مين آهِن ڪَمُ،
آسَنِ جَنِ عَدَمُ، آئون نَ جيندي آنِ ري.

( ٤٤ )

گونڌر گَذارِيو ڪاپڙي، پَڌرِ وِجهن نَ پاڻِ،
تَنِ، آيل آديسينِ جِي، روئان ڪاڻِ رهاڻ،
هتِ نَ پسِجنِ هاڻ، وِيا وِيراڳي نِڪري.

## وائي

سنڌِڙيانِ سِگِڙي، ڳالهه ڪِجهڙي، مون مارِيندي ڪَذِهين.
جا وَڃائِيِن جَترا، نه تَنهن نَرڙ جهڙي،
مون مارِيندي ڪَذِهين.
مِرليءَ ڪي جنهن مات ڪيو، نه تَنهن تَل تَنبڙي،
مون مارِيندي ڪَذِهين.
تارِيو جنهن توڏيءَ ڪي، نه سو گهنڊ گهنڊڙي،
مون مارِيندي ڪَذِهين.
ڏارِيو جنهن ڏِياچ ڪي، تندنان تنهن تِڪڙي،
مون مارِيندي ڪَذِهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ سِري، نہ مِنڌ ڪا، نڪا هِند هِهڙي،
مون مارِيندي ڪڍِهين.
ڪوڙين واڇت ڪيترا، لڪين لاٺون هنڌڙي،
مون مارِيندي ڪڍِهين.
ڪَرڙي ڪلاتِن ڪـي، محبت وارن مِنڙي،
مون مارِيندي ڪڍِهين.
مِنائيان سِئي گهٽون، چوندا جن چڪيئڙي،
مون مارِيندي ڪڍِهين.
وانءُ اوناءَ آن ڪـي، وہ م، ڪَرِ وِڪڙي،
مون مارِيندي ڪڍِهين.
بيخود بابو مي نيا، پرندي جن ہڏڙي.
مون مارِيندي ڪڍِهين.
جا ماراهيل سبحان جي، تنهن واڪاڻ ڪهڙي؟
مون مارِيندي ڪڍِهين.
سهسين سرودن ڪي، پاٺان پوءِ وجهندڙي،
مون مارِيندي ڪڍِهين.
گهاندار سِرون سوهيا، هيءَ ماڙهو مهندڙي،
مون مارِيندي ڪڍِهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان پيو

( ١ )

ڪيم ڪاپڙين جي، پهرئين ڏينهن هروڙ،
سڀکا ساعت نہ هيڪڙي، چارئي پهر چوڙ،
سدائين سيد چئي، هون سناسي ۾ سوڙ،
جوڳي ساڻ ضرور، لِکا پٽن لوڪ ۾.

( ٢ )

ويهي ويراڳين جو، پڇي ڏينهن پڌرِ حال،
آن جا ڏاڍا ڏوڙ پڪليا، جاڳوتا زوال،
تن چاڻي چڏائون چڏيون، چوتا چڱي چال،
ويچارا وجود جي، ڪنهن سين ڪن نہ ڳالهہ،
نانگا ٿيو نهال، لِکا پٽن لوڪ ۾.

( ٣ )

نٿيں ڏينهن نمڪائين، ڏونهيون دائرن ۾،
ميڙيو ڪرچ ڪائيون جوڳي جلائين،
سنڌيون ڪامڻ خبرون، تن آديسين آهين،
ڳجهہ نہ ڳالهائين، لِکا پٽن لوڪ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٤ )

ڇوتين ڏينهن چوگان ۾، ڪنهن جنهن پهه پيا،
وهم پرِيان جي وڏيا، تن ۾ ڪوڙ ڪها،
آندر آديسين کي، اچن جوش جها،
سامي سون ٿيا، لِڪا پٽن لوڪ ۾.

( ٥ )

ڪنهن جنهن هور پچائيا، پنجين ڏينهن پٽي،
آندر آديسين کي، سورن شاخ ڪٽي،
محبت جي ميدان ۾، لاشڪ پيا لٽي،
ساري رات سيد چئي، تن گوندر ساڻ گٽي،
ڪريو سيڻ سهي، لِڪا پٽن لوڪ ۾.

( ٦ )

پيا ڪِنهن پرياڻ ۾، ڇهين ڏينهن ڇٽي،
آندر آديسين کي، ڏرِيائي ڏٽي،
پري پاڇهارا ڪٽا، ڪانٺي خاڪ ڪٽي،
پنيو پنج ڪٽي، لِڪا پٽن لوڪ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٧ )

سَتين ڏِينهن سيد چئي، ڏاڪا ڏو تائون،
اَيي آلڪ ساموُن، هانئون ٻڌائون،
وَڏيءَ ڪنهن وِلاتَ جا، اَهجَ آندائون،
روحَ پنهنجو رامَ سين، هِر ۾ ھوتائون،
ڪَئيو ڪِدائون، لِڪا پَٽنِ لوڪَ ۾.

( ٨ )

آئين ڏِينهن اَيي وِيا، جوڳِي جاءِ ڀڄاءِ،
سا ھِر سامِي سِکِيا، جا ھِر جوڳَ جڳاءِ،
ويرو تار وَجودَ ۾، تنِ رامَ رَهيو ئِي آهِ،
ڪنهن جِنهن ڪمائِي لاءِ، لِڪا پَٽنِ لوڪَ ۾.

( ٩ )

نائين ڏِينهن نيٽانِ، اوجاڳِي اَجارِيا،
سَہاجهي ٻاجهه ڪِي، سَجائِي سيٽانِ،
جِتِي نَظَرَ ناٿَ جو، آتِي اوتارانِ،
اِهِي اَهِجاٽانِ، لِڪا پَٽنِ لوڪَ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٠ )

ڏھين ڏينھن ڏک ٿيا، پرينءَ پاڻ پوھيا، ھس!
ورق جي وصال جا، واري ڪيائون وس،
لذائون لطيف چئي، ڳروءَ سندو ڳس،
جو ڪِيي ڪنيو جس، لڪا پٽن لوڪ ۾.

( ١١ )

وريو ويراڳين جو، ڪارھين ڏينھن ڪرم،
جوڳين جاناڻون ڳنيون، ھلي ويا حرم،
دائم جھليو دم، لڪا پٽن لوڪ ۾.

( ١٢ )

ٻارھين ڏينھن ٻئي، من مرادون ڳنيون،
جوڳِي اِنَ جاڻا ڪي، ٿي سڪيا سيٺي،
سماڻا سيئي، جي ڳر ڳذجي آئيا.

وائي

ڪلپتي آئيا، ھو ماءِ، آئون ھلندي آن سين.
حرص ھوائي جن جا، سکين تان نہ سڏائيا،
ھو ماءِ، آئون ھلندي آن سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تن تڪيا تاڪي ڇڏيا، جي ايهيءَ ورونهن وڏائيا،
هو ماڻهو آئون هلندي آن سين.

توشڪون ۽ تڪيا، وهاڻا جن وراهيا،
هو ماڻهو آئون هلندي آن سين.

هلو ته پسون تن کي، جن لنگ لاهوتين لائيا،
هو ماڻهو آئون هلندي آن سين.

## داستان ٽيون

( ١ )

سناسي ڪنهن سور ۾، وهلوريا وتن،
آئي پهر آلڪ جو، ڪو وڏ ويراڳين،
سدائين صاحب پيءُ، تا ڪاپڙي ڪنبن،
جي راتو ڏينهن رن، هلو ته تڪيا پسون تن جا.

( ٢ )

ڪنهن جنهن سناسي سور، جي وتن ۾ وهلور،
پهر پولي پي ڦري، ڳهت ۾ ڳهايل ڳهور،
جت جنين جا چور، هلو ته تڪيا پسون تن جا.

( ٣ )

سدائين سفر ۾، رمڻ منهنجي راهه،
پرن پورب پنڌ ڏي، منجهه موالي ماهه،
جي آلڪ سين آگاهه، هلو ته تڪيا تن جا.

( ٤ )

ڪن ڪت، ڪاپت، ڪاپڙي، ڪنوٽيا، ڪن چير،
سدا وهن سامهان، عاشق آتر هير،
تسا ڏيئي تن کي، ساڙيائون سرير،
جي فنا ٿيا فقير، هلو ته تڪيا تن جا.

( ٥ )

ڪن ڪت، ڪاپت، ڪاپڙي، ڪن جي ڪمائين،
لاهوتي لطيف چئي، ماڪ نه منائين،
جي خوديءَ کي کائين، هلو ته تڪيا تن جا.

( ٦ )

ڪن ڪت، ڪاپت، ڪاپڙي، ڪنوٽيا، ڪن ڪت،
ڏونهان جن ڏکائيا، هلي منهنجي هت،
خاڪ جنين جي ڪت، هلو ته تڪيا تن جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٧ )

ڪَنَ ڪَتَ، ڪاپَتَ، ڪاپَڙي، لانگوٽيا لالَ،
لاهوتي لَطيف چئي، موهيا اِن ڪِنهن مالَ،
ڀِهڙا جنين حالَ، هلو تہ تَڪيا ڀسون تنِ جا.

( ٨ )

ڪَنَ ڪَتَ، ڪاپَتَ، ڪاپَڙي، ڪَنوٽيا ڪَن ڍارَ،
هَلنِ جي هِنگلاجَ ڏي، بابو چَڏي بارَ،
جي ڪِين قبولڻهارَ، هلو تہ تَڪيا ڀسون تنِ جا.

( ٩ )

تَڪيا ڀسون تنِ جا، هَلي منجهان حالَ،
ڪوڙين ڪنوٽينِ جا، پيئر پانيان پالَ،
سامينِ جي سنپالَ، منهنجو چِتُ چَگُون ڪِيو.

( ١٠ )

تَڪيا تاڪِيائون، وِيا رَمندا رامَ ڏي،
ڪِجان خبر نہ لَهان، تنِ آديسين آئون،
ڪِنهن ڪرِ ڪَنيائون! ڪاڏي وِيا ڪاپڙي؟

( ١١ )

سامي ڪامي ٻرينءَ لئي، ڪسي ٿيا ڪباب،
جهڙو ڏسن ڏوهه ڪي، تهڙو تن ثواب،
اوتين آرتي ڳاڏئون، منجهان آڪن آب،
منڊو ذات جواب، تون ڪيئن پڇين تن کي.

( ١٢ )

سامي سمر سور، گوندر ڳبرين ۾،
جڙي پڏائون جان ۾، پيغامن جا پور،
آديسي آسور، وڃائي وات ٿيا.

( ١٣ )

سامي سڙهي سنڌياءَ، سامهين مون سيلهه ٿئي،
سا تان ڪهه آڏياءَ، جان نانگا وڃين نڪري.

وائي

آسو آهي، موٽي ايندا، مون نه ڇڏيندا، پاڻ پسندا.

ايندا آديسي، وري، ڏونهيون ڏکائي،
پٽر وار پر لئي، ويهه تون وڃائي،
ڏک لاهيندا ڏيل جا، ڪجهو ڳالهائي،
مون کي نيندا پاڻ سين، هي سڳ سا ڳاهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان چوٿون

( ۱ )

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ سڳ سپيئي ڇن،
وڃي در دوستن جي، نانگا ڪيم نن،
پٽ تنهين جي پن، جن ٻجهي نہ ٻجهيو.

( ۲ )

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ سڳ سپيئي ٽوڙ،
جي چاپا تہ چاهندا، جيءُ تنهن سين جوڙ،
تہ تون ڀڃين توڙ، محبت جي ميدان ۾.

( ۳ )

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ ڀر گروءُ جي پار،
هوائون هنڪلاچ ڏي، ويندي سڀ وسار،
نانگا ناٿ نهار، سامي وڏيءُ سڪ سين.

( ۴ )

جي پائين جوڳي ٿيان، تہ طمع ڇڏ تمام،
گولا جي گولن جا، تن جو ٿيءُ غلام،
صبر جيءُ شمشير سين، ڪر ڪيني کي قتلام،
تہ نانگا تنهنجو نام، لکجي لاهوت ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

جي ڀائين جوڳي ٿيان، تہ ترڪ طمع کي ڏي،
لانگا ننڍي ناٿ کي، تابع ٿيءُ تڏي،
ويراڳي وجود کي، لاشڪ ڇڏ لڏي،
جو آجهائون آڏي، پري ڀورب آن ڪان.

( ٦ )

جي ڀائين جوڳي ٿيان، تہ ترڪ طمع کي ڪر،
وڃي وهم وجود جا، ڏيان خاصي ڏر،
تہ ڪنهن ڀڄين ڀر، لڪجين لاهوت ۾.

( ٧ )

جي ڀائين جوڳي ٿيان، تہ من ڀوري منجهہ مار،
دائم دونهين دل ۾، من مين مالها وار،
سه سيڪا آر، آگي جي آدب سين.

( ٨ )

جي ڀائين جوڳي ٿيان، تہ ڪين پيالو پي،
ناه نهاري هٿ ڪر، "آئون" ات نہ ٿي،
تہ سندو وحدت وي، طالب توڙان ماٿين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٩ )

جي پائين جوڳي ٿيان، ته منهن ۾ منڊا پاءِ،
ڪنين ڪين ورچائيو، جن ڪوڙين ڪڪر وڏاءِ،
ڇڏ چادر، ڀڏ ڇمڙا، جتي تون نه جڳاءِ،
ته ساميڙا سنڌياءِ، ڳر وت ڳلا نه ٿئي.

( ١٠ )

جوڳين جوڳ جڳاءِ، جوڳ پڻ سونهي جوڳين،
جوڳين سنڌيءَ جان ۾، ڳجهه، ڳجهاندر آهه،
هاءِ مونهين کي واءِ، جا آئون جوڳ نه سگهي.

( ١١ )

جوڳ نه جوڳو تون، ڪرين پچارون جوڳ جون،
هڪڙو پنڌ پرين جو، ٻي تنهنجي پون،
سامي سيٽن ڏون، رونداڻي رت ويا.

( ١٢ )

جوڳي هون نه جيڙا، ٻائي جوڳ ۾ جي،
هاريا هن ڪنن مين، سڻ سنيهو اِي،
وچائي وجود کي ٻاٽان ٻاسي ٿي،
هڏهين ڪونهي هي، آسارا "آئون" چوين،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۱۳ )

جا جِياري جوڳَ کي، سا ماڙهنِ مصيبت،
سامِينِ سور صِحت، جي ڀوربيا پروڙِيِن.

( ۱۴ )

جوڳِيا! تنهِنجي جوڳَ ۾، ڪِالهِ، گهرجي ڪجُ،
وڍيو، چيريو، چچريو، پرِ ۾ پيو پچُ،
سونِي بارِج سچُ، جِنَن باهرِ باقي نه نڪري.

( ۱۵ )

جان ڪِي جوڳِي ٿِيو، نه تہ ونءُ، نرچا! نڪري،
ڪوهُ تون ڪَن ڪپائيِن، جان نه سهِين تون سِيءُ؟
پڇِي پاسِي ٿِيو، متان، لانگوٽِيا لجائيِن.

( ۱۶ )

جوڳِي ٿِين نه يار، ڪِنهن سان قريبن ري،
مَن ملاقي جِن سين، تِن پورب جي پچار،
آنئِي ڀهر اَنِ جي، آه نانيءَ ڏانهن لِهار،
لاڻِي وِيا، لطِيف چئي، آندر منجهِ آهار،
سامِي ساڻُ ستار، لاهوتِي لال ٿيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٧)

مون ٻُوڙبي ٻِچيا، جوڳِي جاڙ ڪَري،
هيون جَنِ ڳَري، سَڏيون سَنڌيون سڄڻين.

(١٨)

ڪَٿي ڪِدائون هَليا، جوڳِي جيڏانهِين،
آئون پڻ اوڏانهِين، تَن ڪي تندون پائِيان.

(١٩)

گولا جي گِراهَ جا، جوڻا سِي جوڳِي،
قِتَل سِي قوڳِي، جَنِين شڪرُ سالڙيا.

(٢٠)

جَنِ تا ٻچن اَنَ ڪي، تِنِ جي ٻچن ٻندَ،
تہ رِڙهِي لڏائون رَندَ، لَٿِين لڪ لَطيفُ چئي.

(٢١)

ڪَنَ ڪورائي ڪاپڙي، جِندا! ٿِيءُ جوانُ،
ڪاہ تہ ڪَنجي ڪان، نانگَنِ هٿان نينهن جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٢ )

نسوروئِي نينهن جو، دِل ۾ دونهون پاءِ،
آئِي آڳ عِشق جِي، ٻاري جان جلاءِ،
جِئان تون جاڳاءِ، جنهن ۾ آتشِ آب ٿئي.

( ٢٣ )

ڪَن ڪورائيين، ڪاپڙي! اِيءَ زنانو جوڳ،
سامِي! سچاڻ تو پِيو، هيڪ ڏهي پِيو ڏوڳ،
جنهِين پاليو قوڳ، رام تنهين کي ريبيو.

( ٢٤ )

هو جي ڪن ڪپار جا، سوڌو سِي نہ سُٽِن،
آندرِ جِي آهِنِ، سَڻ سَنِهو تَنِ سِين.

( ٢٥ )

هي ڪن ڳاڌها وِڪٽِي، ڪن کي پِيا ڳنهيچ،
تنهِين ساڻ سُٽيچ، سِپرِيان جِي ڳالهڙِي.

( ٢٦ )

سِپرِيان جِي ڳالهِ ڪِي، سامِي ڪِي سمجهه،
لانگا! تون لانِيءَ ڏِي، آديسي م اَجهه،
وِيهِي تون وجود مان، ڳولِي لهج ڳجهه،
پِئِي ڏانهن هَڏِ م پُڇهه، آلڪ اتي ٿِي، ڪاپڙِي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

راوَلَ رَهي نہ راتِ، جيڏيون! مُنهنجو راوَلَ رَهي نہ راتِ،

ڪوهہ ڪريندِيس ڪانڌَ ري، وِهائي ٻرِياتِ،

مُنهِنجو راوَلَ رَهي نہ راتِ.

مِٽَ نہ مَعذورِينِ جا، ڪا جا جوڳِي ذاتِ،

مُنهِنجو راوَلَ رَهي نہ راتِ.

لَکِيَر لاهوتِينِ جي، مُنجهان ڪِينرَ ڪاتِ،

مُنهِنجو راوَلَ رَهي نہ راتِ.

## داستان پنجون

( ۱ )

مونا طورِسينا، مَندا مَناسِينِ،

سِجدي ۾ سَيدَ چئي، گوڏا گودڙِينِ،

”اَللّهُ وَلِيُّ الَّذِينَ آمَنُوا يُخرِجُهُم مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَي النُّوْرِ“

اِهڙي پرِ پرِنِ،

”خَرَّ مُوسيٰ صَعِقاً“، جوڳِي جَنگ جَلَنِ،

”مازاغَ البَصرُ وما طَغيٰ“، اهڙيءَ روشِ رَهَنِ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڪُلّ مَن عَليهَا فَانٍ"، بَاقِي ڪِين بچن،
"فَڪَانَ قَابَ قَوسَينِ اَو اَدنيٰ"، تا نانگا اِئَن نمن،
مُشاهِدو مَحبُوب جو، آتي آديِسين،
"بِي يُبصِرو بِي يَسمعُ"، بِي وِصالِ وِهَنِ،
"بِي يَمشِي بِي يَنطِقُ"، اهڙِي چالِ چَلَنِ،
سَيدُ جَئِي سَندِينِ، ڪَلُ ڇِين تون ڪهڙِي.

( ٢ )

مونا طُورِسِينا، سَندا سَناسِينِ،
پورِب ڪَنيو نه پاڻَ سين، بوڌ بيراڳِينِ،
رِدا آهي راز جِي، اوڇڻ آديِسِينِ،
قُرب ڪاپڙِينِ، نهن چوڻِي سِيئَن ڏِڪيو.

( ٣ )

مونا طُورسِينا، سَندا سَناسِينِ،
"طالِبُ المَولیٰ مُذَڪّرُ"، ايءُ ڪَلامُ ڪِيائُون ڪَنِ،
مَڪَنِ ڪي سيپن پرئين، پَجهِي ڏنائُون ڀَنِ،
اَلِفُ آديِسِنِ، چوري رَکيو چِت ۾.

( ۴ )

مونا جن محراب، جسو جامع تن جو،
قبلہ نما قلب ڪري، تن کي ڪيائون تراب،
تحقيق جي تڪبير چئي، جسمان ڪيائون جواب،
تن کهڙو ڏوهه ثواب، هادي جنهين حال تيو.

( ۵ )

منهن محراب هرين جو، جامع سڀ جهان،
قرهيءَ تان فرقان کي، ڪانيائون قرآن،
اڏامي آت ويو، عقل ۽ عرفان،
سيوئي سبحان، ڪيڏانهن ڪري نيتيان.

( ٦ )

مٿيائون ملڪوت کي، نڳيا ناسوتان،
جوکي جبروتان، وڃائي واٽ ٿيا.

( ۷ )

پايو منهن مونن ۾، وينا ئي وهسن،
جوکي جاڻا ڪن، آيا الوهيت ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٨ )

آيا آلوَهيتِ ۾، لاهُوتَ لَنگهيو جَنِ،
مَنجهان تَنِ جَسَنِ، حَرَف نہ سُجھي هيڪڙو.

( ٩ )

نا اُميدي آجِڪي، اوچِڻ آديسينِ،
سَدا سِڪ وَسَنِ، طالِب اوءِ تقدير تي.

( ١٠ )

نا اُميدي آجِڪو، اوچِڻ آديسينِ،
ڪَڏهن تازيءَ ٽِٻ تي، ڪَڏهن هيٺِ هَلَنِ،
ساميڙا سموَنڊ ۾، تنبي جيئَن تَرَنِ،
جي واڪوءِ واتِ وَٽَنِ، تہ ڪَسَن ڪَڇَنِ ڪينڪي.

( ١١ )

لَعلَ لَڪِي لَعلَ ٿيا، لَعلَ لڌيو هو جَن،
عدم جي اوڙاهَ تي، ڪيا آسَرَ آديسينِ،
گَردانيو گَنگَنِ، گِرداب ڪي گيانَ سين.

( ١٢ )

کھڙي پڇين ڪالھ، ڪر نہ ڪا اَڄ صباح،
وَنءُ تَنھين سين واڪيو، جو پسين منجھ، پساھ،
رَم رَباني راھ، مٿي حالَ ھوشيار ٿِيءُ.

( ١٣ )

ڪيھي ڪامَ ڪاپڙي، ٿا اھڙي رَوش رَوَن،
نَڪا دِل دوزَخ ڏي، نَڪي بِھشت گھرن،
نَڪو ڪم ڪفار سين، نَڪا مسلماني مَنِ،
آيا ايئن چوَنِ، تہ ھِرين ڪجو پانھنجو.

( ١٤ )

نامرادي نِجھرو، عدم اوتارون،
رَضا راڄ سَندونِ، موَرِ نہ مَڱَنِ ڪِي ٻيو.

وائي

تنِ ڪِٽَنِ ڳَھَرَ وِڃائي، ھو مائِي! جوڳِينِ مون سين جي ڪيا،
ڪَري مَرِجَ ڪاھڙي، ڳَر وَٽ ڳدائي،
ھو مائِي! جوڳِينِ مون سين جي ڪِيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اشارتون اَن جيون، وَنءُ ڪِپي تون ڪائِي،
هو مائِي! جوڳِيَن مون سين جي ڪيا.

نِندَ تَنهِين کي ناهِ ڪا، جا آد ٻِسِين آنائِي،
هو مائِي! جوڳِيَن مون سين جي ڪيا.

آهي انهيءَ ڳالهه جِي، راول! اِيءَ رباعي،
هو مائِي! جوڳِيَن مون سين جي ڪيا.

هيڪائِي هيڪ ٿِيا، ٻَنِ کان ٻِيائِي،
هو مائِي! جوڳِيَن مون سين جي ڪيا.

آکِينِ آرَسَ ڇڏِيو، دِل ۾ ناهِ دُغائِي،
هو مائِي! جوڳِيَن مون سين جي ڪيا.

"اِنّ الله وِتر يُحِبُّ الوِترِ"، اِيءَ انهين لاءِ آئي،
هو مائِي! جوڳِيَن مون سين جي ڪيا.

رِيجهائِي رَموز سين، ڪاهوڙِيَنِ آئون ڪِجائِي،
هو مائِي! جوڳِيَن مون سين جي ڪيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان ڇهون

( ١ )

ڪِنهن جِنهن ڪُنا ڪات، جِتن سامِي موڙِ نَہ سَنرا،
ڏِينهان ڏُکي ڏِيلَ ۾، سوڙ سِڄيانئي رات،
سَندي جوڳِيان ذات، جِيجان آهِ جُڏائڙي.

( ٢ )

روح ۾ رَهِينِ رام، ڀِرِ ڀولِينِ ڪِي ڀِيو،
پيالو ڀر ڪري، جوڀَ پِيتائون جام،
تِهان پَوءِ تمام، تِن تَڪِيا تاڪِي ڇِڏِيا.

( ٣ )

رام رَهِينِ ۾ روح، ڀِرِ ڀولِين ڪِي ڀِيو،
سدائِين سفر ۾، مَتا تِينِ موءَ،
سامِينِ جا صبوحَ، ماريان گهڻون سِيدَ ڇِپي.

( ٤ )

مَتا موءِ تِيانِ، سَدا سوئِيتا ڪاپڙِي،
ڪوئِي ڪِنهن نَہ پُڇِيا، تہ ڪي آندرَ آندو هِيانِ،
جيڪا ڇماران، سا منجهِ گونڌرَ گُذري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

ويئي جنهن ورهه ٿيا، متي مين ميري،
آکيون جنهن جون آلڪ ڏي، پون ڏي نه پيري،
ڪارڻان ڪڪا ٿيا، چراٽيا چيري،
لڙڪ لال، لطيف چئي، ڪنبي ۽ ڪيري،
تينهن نه نبيري، سور چرندي سنرو.

( ٦ )

ويئي جن وره ٿيا، متي ميري سانُ،
ڪارڻان ڪڪا ٿيا، چيري وجهي چانُ،
خودي ڪانئين هايا، پئيءَ وجهي پانُ،
سي پهر نه هٿن پانُ، جن گڏيو گر گربان ٻ.

( ٧ )

نانگن ڪين نمائيو، ناٿ نمائيو لينهن،
مڙهن آئا مينهن، جوڳيان سنديءَ ذات کي.

( ٨ )

نڪي نمن ناٿ کي، ناٿ نه نمائين،
جانا ڪن نه جوڳ جي، جوڳ نه جهارين.
آديسي آئين آهجاڻيون الماس جيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٩ )

پنا چر چرائيا، منهن ڪانئيا ميءَ،
مابن مڱڻ بکيا، نہ ڪا لڄ نہ ليهہ،
باہو بيڪاري ٿيا، نہ ڪو پٽ نہ ڏيءَ،
پسوا جلابا جيءَ، ويراڳين ويراڳ سين.

( ١٠ )

هر هر ڪن هرنام، ٿون ڏيهائي ڏوتيا،
جن نہ ريجهايو رام، ناٿ نہ نمي تن کي.

( ١١ )

ڏون ڏيهائي ڏوتيا، هر هر ڪن آميس،
جن نہ ماري ميس، ناٿ نہ نمي آن کي.

( ١٢ )

کهنڊن پاسي کهنڊ، ڳڏ ڳذارين ڪودڙيا،
پليديءَ کان پانهنجا، پاڪ رکيائون پنڊ،
نانگا ڪن نہ ننڊ، وڃن روندا رام ڏي.

( ١٣ )

تهڙا ڪڙج ڪکرا، جهڙا جانئن ڦل،
تن سامين جي سڌ مران، جن گودڙين ۾ گل،
آندر ۾ آمل، پهر ڪوجها ڪاپڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٤ )

ياد ڪرو ڪن گودڙيا، پر بازارين بيٺا،

ھڙھن سور سبحان جي، ھين تنھن ھيٺا،

جيلان سنھن ميٺا، تيلان نشا چاڙھيئون نينھن جا.

وائي

تن آڪين دل آڙائي، ھڙي! جيڏيون!

ڪنھن در ڏيان دانھڙي؟

ڪيون ڏيئي ڪيون، وٽيجن آئون ورچائي،

ھڙي! جيڏيون! ڪنھن در ڏيان دانھڙي؟

حسن ھوتن جي آديون، لاليءَ آئون لڄائي،

ھڙي! جيڏيون! ڪنھن در ڏيان دانھڙي؟

الفت ڪرم آن سين، قرب جا ڪڙائي،

ھڙي! جيڏيون! ڪنھن در ڏيان دانھڙي؟

صحبت سپيرين جي، مٺي آه مٺائي،

ھڙي! جيڏيون! ڪنھن در ڏيان دانھڙي؟

آلا! عبداللطيف سين، وحدت وٽ وڙھائي،

ھڙي! جيڏيون! ڪنھن در ڏيان دانھڙي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان ستون

( ١ )

قوت ڪڙايا ڪاپڙي، طعام نہ طاماعو،
سين هنيائون سچ ۾، پهر نہ پيناٿو،
آوسر آسائو، آئي گوندر گڏيا.

( ٢ )

قوت ڪڙايا ڪاپڙي، طعام نہ طمعدار،
سين هنيائون سچ ۾، جوڳي ڪنهن نہ يار،
آوسر جيءَ آڌار، آئي گوندر گڏيا.

( ٣ )

قوت ڪڙايا ڪاپڙي، بک چکيائون بوءِ،
ويا نيرانا نڪري، جوڳي منجهان جوءِ،
آوسر آجا آوءِ، آئي گوندر گڏيا.

( ٤ )

پنن ڪين پٽ ڪٿي، گهرن ڪين گهران،
مهيسي مخلوق جي، آئين دور دران،
پچن ڪوه شرعان، آلدر عدالت آن جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٥)

ڀِنَ جو پَٽ ڪَٽي، سو جي سَچاڻِنِ،
تہ بہ ٻيڪ لهنِ، پهر نہ ڀِنِ ڪاپڙي.

(٦)

آسَڪَ جن آويرِ، سي سانجهيءَ رهنِ سمهي،
لاهوتي لَطيف چئي، آڏيءَ ڏينِ الير،
سَتو لوڪ ٻسي پيا سامِي مٿي سير،
ڪيڏهن ڪندا ڀير، مَڙوئي مَٿو ٿيو.

(٧)

وِچِينءَ وينا هونِ، سانجهيءَ رهنِ سمهي،
مَهيسي منهن پانهنجو، ڏاران ڏوڙ نہ ڏونِ،
وِهائيءَ واڻنِ تي، پاسا ڪوڙيو پونِ،
ڪنهن کي اِيئن نہ چونِ، تہ آسين آديسِي آهيون.

(٨)

وِچِينءَ وينا رهنِ، سانجهيءَ رهنِ سمهي،
ٻڪَ مَرندي ٻڪيا، ڪنهن ڪان ڪِينَ ڳهرنِ،
پيٽَ نہ هيريائون پانهنجا، چوري ساڻ چسنِ،
ڦَڪي فقيرنِ، ماڳان پني ماٽ جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٩ )

ڪَشٽِنِ ساڻِ ڪَشيِ، ڏِيلَ ڪياٿون ڏَبرا،
ٻيتَ نہ هيرياٿون ٻانهنجا، چوريءَ ساڻ چسيِ،
وِيراڳِيَنِ وَسيِ، رام سدائين روح ۾.

( ١٠ )

ڪَشيِ ڇيلهہ ڪشا، ڏِيلَ ڪياٿون ڏُبرا،
لاهوتي لَطيفُ چئي، تن کي ڏين تسا،
ڪَروءَ جي گسا، پاسي ڪن نہ ٻانَ کي.

( ١١ )

آديسِي آديس، هِتان ڪري هليا،
ڪاپڙِينِ قلب ۾، ڪيو ڏوراٿون ڏيس،
وِيراڳِي نٿون وِيس، راول ڍڪي رميا.

( ١٢ )

آهي آڪڙِينِ ۾ آديسِينِ آدَبُ،
تِنِ جو حسب نسبُ ناهِ ڪو، نہ آما نہ اَبُ،
سامِينِ کي سِپِين ٻرين، روح ۾ رهيو ربُ،
ري لانگوٽي لَبُ، ٻاڇي ڪَٽَنِ نہ ٻاڻَ سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٣ )

لانگوٽي لاهي، وڻءَ ويراڳين ساموهون،
ٻڌ سورن جو سندرو، منجهان سڪ ساهي،
انهين وٽ آهي، اوچڻ ڳالهه آگهاڙ جي.

( ١٤ )

لنگ ڪڍيائون لانگ، موڻي ڪن نہ مسحو،
جا اسلامان آڳي هئي، سا مٿائون ٻانگ،
ساڃي ڇڏي سانگ، گڏيا گورکنات کي.

( ١٥ )

ويراڳي واڳي، ڏين ڏهاڙي ڏيل کي،
راول رتين مولهيئين، ساڃي سهاڳي،
جن سين لنئون لاڳي، سي جوڳي ڀسان تہ جيان.

( ١٦ )

ويراڳي واري، الا! اڱڻ آئيين،
ڏک لاهيندا ڏيل مان، تهن جڻن تاري،
ايندم اوتاري، ڪينءَ جون ڏيندم خبرون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۱۷ )

آرتو آکينِ مان وَهي، مٿي ڳَلنِ ڳاٽ،
کوري ڪَننِ وِچ ۾، ڦَچ ڏناٺون ڦاٽ،
هٿي توبہ تاٽ، نانڪا نِسورا ٿيا.

( ۱۸ )

لاهوتِي، لَطيف چئي، سَڌَ نہ ڪَٿنِ ساڻ،
اِيءُ آديسينِ اهڃاڻ، جِڻن تعلق ڇڏيائون تَڪيا.

( ۱۹ )

جَر جَرالِينِ آڳڙا، ڪوري ڪانينِ ڪَل،
ماڻهُ مارِيندم آنِ جا، آڏيا ماڳ محل،
ڪيائون ڪانہ ڪَهل، آديون! عَبدُاللطيف چئي.

( ۲۰ )

پوڇا ڪارِ م پانَ کي، ڪوءِ! راول، ٻنِ رجات،
لباسان لَطيف چئي، هلِ ويراڳِي وات،
مَنَ ماري ڪرمات، تہ تِيرَٿ ٻسين تڪيو.

( ۲۱ )

پوڇا ڪارِ م پاڻ کي، هَلِ پوڇا ڪان پاڻ،
جاٺي ڇڏي جاڻ، پرِج پورب پَندَ تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۲۲ )

پُوڇا ڪارِ مَ پاڻَ ڪي، جوڳِي رَکِجِ جوڳُ،
خَلقَ خادِمُ جِئَن ڪرين، اِيئَ راوَل وَڏو روڳُ،
پَکَنِ ڪونهي پوڳُ، نانڪا وَڃَنِ نِڳيا.

( ۲۳ )

پُوڇا ڪارِ مَ پاڻَ ڪي، سَمَجهه ڪي سامِي،
تِي سُورَنِ سِين سَنرو، وِيهه مَ وِسامِي،
خَطرا ڇَڏِ خامِي، تَہ نانڪا رَسين ناٿَ ڪي.

## وائي

مِڙِينئون موڪَلَ، ڪالهه ڪَندا وِيا ڪاپَڙِي،
ڪَڍِهِن آتَر سامُهان، ڪَڏهِن دونهِينءَ جهل،
ڪالهه ڪَندا وِيا ڪاپَڙِي.
هَن سِيڪِيندي هَتّرا، سُون ڳاڙِيندي ڳَل،
ڪالهه ڪَندا وِيا ڪاپَڙِي.
ڇِيري ڇَندن ڪاٺَ جِئَن، سُوَر ڏانئُم سَل،
ڪالهه ڪندا وِيا ڪاپَڙِي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بابو ڪن نہ بيکيا، نَڪا وَلن وَل،
ڪالھہ ڪَندا وِيا ڪاپڙي.
آلا عبداللطيف چئي، اِيندم شال آمل،
ڪالھہ ڪَندا وِيا ڪاپڙي.

## داستان اٺون

( ١ )

رَهيا آئيڻي راتِ، صُبح ويندا صابري،
لئن لٿن منجهہ لطيف چئي، ڪر تنين جي تاتِ،
سندي جوڳين ذاتِ، پيري ڪنهن پاڳ مڙي.

( ٢ )

صُبح وِيندا صابري، آڳِ آهينِ آڄ،
ڪِڄ ڪو ڪاپڙين مان، روح رچندو رڄ،
پير تنين جا پڄ، متان سِڪين مناسِين کي.

( ٣ )

جان آهينِ اوطاقن ۾، تان ڪِي سانئن اور،
ڏه ڏه پيرا ڏينهن ۾، ھاڻ متانئن گهور،
وِہا جي ھنگلور، تہ ڪرم مِلندہ ڪاپڙي.

( ۴ )

جان آهينِ اوطاقنِ ۾، تان ڪِي وِڻنِ ويہ،
سامِي سفرِ هَليا، ڏورِ چِتائِي ڏيہ،
ڇڏي سڪ سائيہ، متي ڪَنگا ڪَجيا.

( ۵ )

جان آهينِ اوطاقنِ ۾، تان ڪِي وِڻنِ وَچ،
سامِي سفرِ هَليا، رائو چِتائِي رَچ،
اهڙو جنِ اَهيج، سي ڪرمِ مِلنداءِ ڪاپڙي.

( ۶ )

جان آهينِ اوطاقنِ ۾، تان ڪِي وِڻنِ آءِ،
وِيو تنِ نہ وِسري، لاهوتيڪو لاءِ،
فنا ۾ فِراق جو، سامِينِ چکيو ساءِ،
وڃان تو وينداءِ، ڪاپڙي ڪابول ڏي.

( ۷ )

آجَ نہ اوطاقنِ ۾، جاڪرِ نجوڳِينِ جو،
ساريو سنامِينِ کي، روندين تان رو،
پَسِ پارِيان تو، لاهوتِي لڏي ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٨ )

اَڄ نَہ اوطاقنِ ۾، طالبَ تنوارِينِ،
آديسِي آئِي وِيا، مڙهِيونَ موُنَ سارِينِ،
جي جِيءَ کي جِيارِينِ، سي لاهوتِي لَڏِي ويا.

( ٩ )

اَڄ نَہ اوطاقنِ ۾، سَنڌي جوڳِنِ جوڙ،
ساري سَنامِينِ کي، ڪامِي ٿِيس ڪوڙَ،
مَنَ جِنينِ سِين موڙ، سي لاهوتِي لَڏِي ويا.

( ١٠ )

اَڄ نَہ اوطاقنِ ۾، سَنڌي جوڳِينِ ذاتِ،
ساري سَنامِينِ کي، رُنمِ ساري راتِ،
مون جنهين جي تاتِ، سي لاهوتِي لَڏِي ويا.

( ١١ )

اَڄ نَہ اوطاقنِ ۾، تازا ٻَڙِ ڪَکَ،
آديسِي آئِي وِيا، ڀِڳِي آڏامي رَکَ،
سامِي ڪَٿِي سَنکَ، وَڄائِي واتَ ٿِيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٢ )

آڄ نہ اوطاقن ۾ ، ڍو نهين، ڏنڌ، نہ لاٽ،
ويا وڏراڪِيءَ نڪري، چت چکائي چاٽ،
آئون ماريس تنهين ماٽ، جيجان جوڳيڙن جي.

( ١٣ )

جياسون جوڙ ٿِي ، جوڳِيءَ ڏٺوسون،
ملا تنهين مون ، حاصل ڪي حال ڪيو.

( ١٤ )

جياسون جوڙ ٿِي ، جوڳيءَ لاٿو جار،
سندو پورب پار، آڇيائون اِيندن کي.

( ١٥ )

جياسون جوڙ ٿِي ، جوڳيءَ ڏٺوسون جان،
سڳ هو جنهين سان، سامِي سو ساڻيءَ ٿيو.

( ١٦ )

جياسون جوڙ ٿِي، لانگو ڏٺوسون نت،
چنجهو هو جو چت ، ڪلي سو باغ ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٧ )

هئي! جي هُٺا هِت، ته مٿن هوند حق ٿيو،
مِٺيون، سورت سَت، مان وسريون ڪي لهان.

( ١٨ )

هئي! جي هُٺا هاڻ، ته مٿن هوند حق ٿيو،
پيهي ويا پاڻ، آڏيا مڙه مارين مون.

( ١٩ )

ڪاپڙي ڪن چير، ويا ويراڳي نڪري،
دل هٿي ويا دلق سين، ٿورو هئڙا فقير،
سنگيون منجهه سرير، هٿي ويا جام سين.

## وائي

جوڳي جڳ کٺان، لا، مون وه ويراڳين سين.
ڪاچي ڪن نه پاڻ سين، ٽيءِ منجهه، ڪٺان، آلا،
مون وه ويراڳين سين.
جان ڪي ڏاٺيون ڏوڙ ۾، جان ڪي ڪين ڇٺان، آلا،
مون وه ويراڳين سين.
ويٺي وانئڙين تي، پٽن جٺن پٺان، آلا،
مون وه ويراڳين سين.

ساريو سَناسِيَنِ ڪَسي، وِيٺي هَٽَ هَٽان، آلا،
مون وَهُ وِيراڳِينِ سين.
آيَلِ آديسِيَنِ جا، سون تبي گُسَن گهٽان، آلا،
مون وَهُ وِيراڳِينِ سين.

## داستان نائون

(١)

جِنَّن ٿا پَچَنِ اَنَ کي، تَنَن جي پَچَنِ هَنڌَ،
تهِ رِڙهي لَڏائون رَنڌ، لَتَيَنِ لَڪَ لَطِيفُ چئي.

(٢)

جِنَّن ٿا پَچَنِ اَنَ کي، تِنَّن جي پَچَنِ اَللهَ،
تهِ رِڙهي لَڏائون راهَ، لَتَيَنِ لَڪَ لَطِيف چئي.

(٣)

سِپيريءَ سيد چئي، جِنَّن ٿا پَچَنِ اَنَ،
تَنِ ڪاپڙِينِ نهَ ڪَنِ، جوڳي چائينِ جاڙَ ٿا.

(٤)

گَندي ۾ گِراهَ، جِنهن سَناسيءَ سانڍيو،
اَنهيءَ ڪان اَللهَ، آڇان آڳاهون ٿيو.

( ٥ )

وڃڻو پڇين پر، ڪر ھِنئار ھلڻ جي،
اَڄ اَڏيسِي مَر، سِيان مرندو سِپڪو.

( ٦ )

جو ڪَھنڊِ سَھنڊِ سامھون، پِرتِ تنھين سين پارِ،
نينھن نہ لِبھي جِنھن جو، تِنھن سين تون م تنوارِ،
ھِڏ م واٽ وِسارِ، نِيءُ نِرالو نِبري.

( ٧ )

پوري ھِني رَہ، اَھني اَجھہ م ڪاپڙي،
اَلا جِي عِشق جا، سي تون سَھيو سَہ،
اَڄ پاڻ ڪي پَہ، ھِنگلاج ھلڻ جو.

( ٨ )

ڏورڻ گھٽون ڏاڪڙو، ڏورِج ري م ڏِٺي،
تان تون ھوئِج حجري، جانسين يار جِٺي،
جڏھِن ھاسِي ھاڻ ٿِئي، تڏھِن چڏج تڪيو.

( ٩ )

ڏورڻ گھٽون ڏاڪڙو، ڏورِ م ڏِيان ڏارِ،
ڪوڙين لَک ھزار، اُن اَونڏائيءَ آنڏا ڪيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٠)

تو جو ڏيو ٻانڀيو، سا سورج سھائي،
آنڌن اونڌائي، جي رات وهامي ڏينهن ٿيو.

(١١)

ناٿ جنهين نندِ، تِت نہ نهاريو جوڳيئن،
ڪي ڪوڀساهيا ڪاپڙي، ٻرها پراهين پنڌِ،
هوءِ هنين هندِ، هو هونهين ويا هنگلاج ڏي.

(١٢)

سامي تون سلوڪ ڪي، هتان هڏ م چڏ،
لڏيندن سين لڏ، تہ رهين تون راج ڪري.

(١٣)

ويندن ڪي ويڪ ٿيي، هئندن ڪونهي هنڌ،
"من له المولى فله الکل"، إيءُ ٻروڙج پنڌ.

(١٤)

چڏ جاڳو نا جوڳيئن، ڏونهين ڪام ڏڪاءَ،
"واذڪر ربڪ في نفسڪ"، آندر آڳ جلاءِ،
جن سچڻ سين ساڃاءِ، تن ڪينا ملو ڪي نہ پيو.

www.sindhsalamat.com - - books.sindhsalamat.com

( ١٥ )

لنگھہ لاھوتيان ڪاپڙي، دونهين ڪام دکاءِ،
اوري ڪرِ م آسرو، پري پير م پاءِ،
جنهن جي جاءِ نہ ماءِ، ونءُ تنهين سين واڪيو.

( ١٦ )

ڪوءِ گودڙ، ٻن گبريون، نيئي ڪداڻون ڪانءِ،
جيڏاهين جوڳ ويو، نيڻ تيڏاهين تانءِ،
پٺو ايهين پانءِ، تہ سگيون شومت هٿ جون.

( ١٧ )

نڪو گهٽان نکائيا، تون نڪن ڪي نکاءِ،
آئي آڌيءَ رات ڪي، پنهنجو تن ٻچاءِ،
لاهوتي م لڄاءِ، نانگا تون ناموس ڪي.

( ١٨ )

گل گل ڏسي گودڙيا، گهٽان م پائيج،
سوئي سجائيج، هيءُ هو آهي هيڪڙو.

( ١٩ )

راتيان رڃهن رام سين، ڏينهان ڪن سنان،
جوڳي سي آنان، ونءُ جن وراهيون.

( ٢٠ )

دَلَقَ ڍَڪائِجِ دِلِ ڪي، لائِجِ ڪومَ لباسَ،
پوري ڪائِجِ پانهنجو، مڙهيان آندرِ ماسَ،
تہ وڃراڳِي تو واسَ، بر ۾ بويون موڪلي.

## وائي

وڃہ ۾ وِسري، تون ڪِي جاڳِي اورِ اَللهَ سين.

مَحَبَتَ جي ميدان ۾، سچِي ڳالهہ ڳري،
تون ڪِي جاڳِي اورِ اَللهَ سين.

سي پڻ روندا رتَ وِيا، مِڙيا جي مري،
تون ڪِي جاڳِي اورِ اَللهَ سين.

سَتِي سَچَو نَہ مِلِي، آهي اِيَّ ڪَري،
تون ڪِي جاڳِي اورِ اَللهَ سين.

جي اوسِيڙِي آڏِيءَ اَئِنِ، تَنِين واڳُ وَرِي،
تون ڪِي جاڳِي اورِ اَللهَ سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ڏھون

( ۱ )

ٻَڪَ وِڏائون ٻَڪرِئين، جوڳِي ڪَندا جَڄ،
طالب رَکَنِ نَہ طعام جي، اوتيو پِينِ آڄ،
لاھوتِين لَطِيفُ چئي، مَن ماري ڪيو مڄ،
سامِي جھاڳِي سڄ، وَسِيئَن ڪي وِيجھا ٿِيا.

( ۲ )

نَہ گِندا، نَہ گَبرِي، نَہ لانگوٽِي لِينگَ،
ٻِنگا جَنھِين ٻِينگَ، صاحبُ تَنھِين سامھون.

( ۳ )

نَہ گِندا، نَہ گَبرِي، نَہ لانگوٽِي لِڪَ،
جيڏانھن پِرِينِ وِڪَ، تيڏانھن صاحبُ سامھون.

( ۴ )

نَہ گِندا، نَہ گَبرِي، نَہ لانگوٽِي لِيڙَ،
جيڏانھن ڪَرِينِ ٻِيڙَ، تيڏانھن صاحِبُ سامھون.

( ۵ )

نَہ گِندا، نَہ گَبرِي، نَہ ڪِچ نَہ ڪاچوٽِي،
سامِين ٻارِي سِج ۾، ٻابَنِ ٻاھوٽِي،
جوڳِي جبروتِي، وَڃائي واٽَ ٿِيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٦ )

ڪچي ڪاچوني، نانگن ڏي نينهن جي،
ڇهڙا آيا جڳ ۾، ٿهڙا ويا موٽي،
سک نه ستا ڪاپڙي، لاهي لانگوٽي،
آنين جي چوٽي، پورب پيندي پڌري.

( ٧ )

جا براد ٻتن جي، سا اڄ ٻک آديسين،
روزا رند رکن، عيد نه اوڏا ڪاپڙي.

( ٨ )

رام ڪلي ڏکيا ڪهي، سکيا ڪهي نه ڪوءِ،
ڪو ميٺي ڪو مائٽي، ڪو روچي ڪو روءِ،
رام ڪلي ڪهي سوءِ، جنهن ياڳي دک آچي.

( ٩ )

پريندڙيهي اپر ٿيا، گنجو ڇڏي گام،
ويهي ڪيو نه وچ ۾، آديسين آرام،
راه ۾ گڏئين رام، پنڌان چٽا ڪاپڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٠ )

آڪيون آلو ساهہ، سدا سناسين جون،
واري نيڻ نندانءَ، جاڳي جهليا جوڳين.

( ١١ )

اُڏ لڳيون آهين، آيل اديسين جيون،
ويهي وهائين، ڪا قضاني راتڙي.

( ١٢ )

آجان سي آهين، جي سزاوار سڳين جا،
وينا وڃائين، جي سناسي سٽئين.

( ١٣ )

مرڻ مسلم جن، واحد تن نہ وسري،
جتي سگهر ڪاپڙي، نانگا ننڊ نہ ڪن،
نيڻ سدائين تن، اوجاڳي آجاريا.

( ١٤ )

عاشق شهر فقير، در در هٽن سين،
"من عرف الله ڪلّ لسانہ" اهڙائي آمين،
جتي پسن ڪين، تتي ڪرين تڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۱۵ )

پئيءَ نيون پڙڪنِ، باھيون ٻيراڪِينِ جيون،
ھلو ته سِڪيون ھتڙا، مٿي تنِ مچنِ،
ملا سناسينِ، جڙ لڳي مون جانِ ۾.

( ۱٦ )

ھو جي ٿيا ھر ڪيس، تنِ لڳي ڪين لباس سين،
وتنِ ولهي ويس، لاھوتي لطيف چئي.

( ۱۷ )

ٻک انھين جي ٻڪيا، ڏوڙ انھين جو ڏوپ،
سو ڪٿائون روپ، جنهان لوڪ لڄ ڏئي.

( ۱۸ )

سِگيون، سيليون، ڳبريون، ٿيئي ڏول ڏکو،
پٽ کي ھٿي ھٿ سين، ٻيري تنِ پکو،
لاھوت جنِ لڳو، سي مڙھيان سورِ نه سگيا.

( ۱۹ )

ويئي وٿيائون، ڪي جي مڳا سور جا،
پويو پاتائون، ساڃا ڪيو سگينِ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۲۰ )

ڳَرَ جا ڏِيِي ڳوڙِهي، سا مون ڪي نِي مَرَڪَ،
چيلا! مارِ چرخ، اوڍي ويهه آدَب سين.

( ۲۱ )

ڳَرَ جا ڏِنِي ڳوڙهي، سا ٿئِي لاهيندي لَڄَ،
سَندا تنهن سهڄ، چيلو چوندو ڪيترا.

( ۲۲ )

جا ڳَرَ ڏِنِي ڳوڙهي، سا مون ڳهَڻون سهاءِ،
نيئي رساڻي ماءِ، اوڍِينِ جي آدَب سين.

( ۲۳ )

پَٽَ چَڏِياڻون پَٽَ پِر، ڏَنڍِ چَڏِياڻون ڏورِ،
مهيسي معمورِ، وڃي ڪالههَ ڪَلِ ٿيا.

( ۲۴ )

پَٽَ چِڏِياڻون پَٽَ پِر، ڏَنڍِ چَڏِياڻون ڏِس،
آلائشان آڳي ٿِيا، مونِي ٿينِ نَہ مَس،
هِيءَ چَڏِياڻون حس، وڃي ڪالههَ ڪَلِ ٿيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٥ )

ڏاڍا هَڏِ نہ ڏوءِ، دِل ڏوتائون ڏک سين،
لاهوتيِ لَطيف چئي، روحان اَندرِ روءِ،
ڪو نہ ڏِٺوسون ڪوءِ، سَنياسيِ سورنِ ري.

( ٢٦ )

ٻچڻ ھر ڏيهين جيو، آسَ وَٽ آهي،
لِڪن جي لاهي، هنهين تان حق لهي.

( ٢٧ )

نَڪي طعام تنبڙين ۾، نَڪي گبرين،
سون ھِن ملا تنِ، حاصِل هيءُ حال ڪيو.

( ٢٨ )

ٻولي ٻجهارتَ، جوڳيان سنديءَ ذات جي،
ڏورڻ گهٽون ڏاڪڙو، هلڻ ۾ حيرت،
عجب عبادتَ، پهر پروڙڻ آن جو.

( ٢٩ )

جِنهن ڪارڻِ جوڳيِ نيا، جان جان سو نہ پسنِ،
تان تان سَتاسينِ، وِرهم وِهاميِ راتڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣١)

نَہ ڪِلن، نَہ ڪِين ڪِي، نَہ ڪِي ڳالھائِين،
ڪنھن جِنھن ۾ آھِين، سا ھِر ھِر وِڙِنَ ڏاڪڙو.

(٣٢)

ڪِي جو ڏِنائون، جِئن ڏھڪِجي ڏورِ ٿيا،
وِھڪَ نَہ ڪيائون، آپيڪ عيب نَہ آنِ جو.

(٣٣)

ذَرو ناھِ زمِين، جتِي عرش نَہ آپ ڪو،
نَہ ڪو سورج، چنڊ جو، ھتو آتِ ھسِين،
نَہ ڪِي تارا ڪتيون، نَہ ڪِي جِسم جنِين،
آتِي آدِيسِين جي، قدم ري پِيو ڪِين،
مِلي ٿِيا مِسڪِين، رام رِيجھائِي راز مِين.

(٣٤)

جتِي عرش نَہ آپ ڪو، زمين ناھ ذرو،
نَہ ڪو چاڙھائو چنڊ جو، نڪو سِج مرو،
آتِي آدِيسِين جو، لڳو ڏنگ دَرو،
ھري ھِينِ پرو، ناتِ ڏنائون نانھن ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

جوڳي ڏاڍي ذات، جيجان ساڃي ڏاڍي ذات،
ماءُ مون قبوليا ڪاپڙي.
راتيان ڏينهان روح ۾، مون کي سنڌين تات،
ماءُ مون قبوليا ڪاپڙي.
سِکيا ايندم سپرين، شل سَياڻي پر پات،
ماءُ مون قبوليا ڪاپڙي.
اُنهن آديسين جي، مون کي وائي آهي وات،
ماءُ مون قبوليا ڪاپڙي.
ڪريان عرض الله کي، آئون اُنئي آڌيءَ رات،
ماءُ مون قبوليا ڪاپڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪاهوڙي

( ١ )

ڪاهوڙين خفيءَ سين، سوجهي لڌو سُبحان،
عاشق اهڙين آڪرين، لنگهيا لامڪان،
هوءَ ۽ ڪڏهن هوءَ ٿيا، باهو سي بريان،
سيوئي سبحان، آيو نظر اُن جي.

( ٢ )

مون سي ڏٺا ماءِ، جنهين ڏٺو پرين کي،
انهين سندي ڪاءِ، ڪري نه سگهان ڳالهڙي.

( ٣ )

مون سي ڏٺا ماءِ، جنهين ڏٺو پرين کي،
رهي اڇجي راتڙي، تن جنگن سنديءَ جاءِ،
انهين جي ساڃاءِ، ترهو ٿئي تار ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٤ )

ويٺيون پٻ پٽي، ڪيرون ڪاهوڙين جون،
آئون تن ڏوٿين جون، پچان ڪير پهي،
رڃن راتِ رهي، جنين ڏونگر ڏوريا.

( ٥ )

ياران پچي آءُ، خبر ڪاهوڙين جي،
ڏوٿين ڏونگرانءَ، ڪنهن پرِ ڏوريو ڏٺ ڪي.

( ٦ )

تون هڏِ ڪچاڙيا، سنجهي سعيو نه ڪرين؟
سوارا سنڊ ڪٽي، ڪاهوڙي ويا،
آٿيندين ڪٿا، ڏٺ ڏوراڻي ڏيهه جو.

( ٧ )

هوءِ ڏوٿي، هوءِ ڏينهن، هوءِ ڏونگر، هوءِ لڪيون،
ڪنهن جنهن لڏا نينهن، پٽان لهسن لڪ ۾.

( ٨ )

جا جوءِ، مٽي نه پڏي، ڏوٿي سا ڏورين،
پاسا متي پاهٽين، ڪاهوڙي ڪوڙين،
ويا آت ووڙين، جت نهايت ناه ڪا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٩ )

ڪاهوڙي ڪيجن، هيئو ٻورهيت ويسرا،
ٻي ڏونيڙا ڏور ويا، رڃن جي رهن،
ڪا مَن آهي تن، مون پريان جي ڳالهڙي.

( ١٠ )

ڏلق ڪڍيو ڏوڙ ۾، ڀڪليا ڀِتن،
ڳالهيون ڳهلي لوڪ سين، ٻڌر ٻئي نه ڪن،
ڪا مَن آهي تن، مون پريان جي ڳالهڙي.

( ١١ )

تون وتن ويهي آءِ، آڳڻ ڪاهوڙين جي،
جوش ڏنائون جيءَ کي، لڪائي لوڪاءِ،
ڏونگين ڪنهن ڏڪاءِ، سمهي سک نه مائيو.

( ١٢ )

ڪي ڪي ڪاهوڙي! ڇپر ۾ مڏ ٿيو،
آڳي ٻي مئي، جنهين سندي ڳالهڙي.

( ١٣ )

ڏٺ گهٽائي ڪن، اُن اورانهين ڏينهن جو،
سندا ڪاهوڙين، ٻري سچن ٻيچرا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٤ )

ڏٽ نہ ڪنو ڏوئين، جيڪي ڏٽ ڪرين،
آهچائيون عالم جون، اوريائين آئين،
تهان ٻري ڏسين، ٻريان سندي ٻالهڙي.

( ١٥ )

جيڪو ڏٽ ڪري، تہ ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو،
چپر ڪين ڏئي، سوکڙيون ستن کي.

( ١٦ )

سون ڪاهوڙي لکيا، سوران ۾ ماتام،
ڪيائون قيام، جهہ ڏوئي ڏٽ گڏ ٿيا.

( ١٧ )

سون ڪاهوڙي لکيا، گهرين نہ گهارين،
واحد لڳ ولهن ۾، رويو جر هارين،
گوندر گذارين، جهہ ڏوئي ڏٽ گڏ ٿيا.

( ١٨ )

سون ڪاهوڙي لکيا، ويهي نہ ويرم ڪن،
ڏينهن تتي ۾ ڏونگرين، ڪارڻ قوت ڪهن،
جهنگل ۾ جهڳڪن، جهہ ڏوئي ڏٽ گڏ ٿيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٩ )

مون ڪاھوڙي لکيا، آئين نہ آرام،
ڪيائون تن تمام، جھڙ ڏونئي ڏت گڏ ٿيا.

( ٢٠ )

مون ڪاھوڙي لکيا، سمھن ڪين پئي،
سمر ڪيائون سچ جو، ڏوري ڏت لھي،
ويا تتِ وھِي، جت نِھايت ناھ ڪا.

( ٢١ )

راتو رچ رھون، جتي نينھان نِڪتي،
لکيو ھير لکن مين، چِڄيو ٿين چھون،
تان ڪا سار لھون، ھوت! ڪميٽيءَ سِبرين.

( ٢٢ )

ڪاھوڙين ڪٽي، ساجھر پڌا سندرا،
ڏوريندي ء ڏونگرين، پاڻ ڪيائون پٽي،
ڏکن ڏيل ھٽي، چيھ لڏائون چيرين.

( ٢٣ )

ماءا ڪاھوڙي ھليا، ڏونھان ڏکاڻي،
ونڙا وِساڻي، ڏونئي ڏونگر وٿ ء.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٤ )

ماءَ ! ڪاهوڙي هَليا، ڏڪائي ڏونهان،
ڇَپَرَ جا سونهان، ڏوٿين ڏٺ ڇتائيو.

( ٢٥ )

ڪَٿي نہ ڪيڪان، پَنڌِ پراهين هَليا،
ڏوٿيڙا ڪنهن ڏَٺَ ڪي، جَنبيا ڏَنهن جايان،
ڪاهوڙين اهڃاڻ، آنگ نہ سَجي آڪڙي.

( ٢٦ )

سَڪ اَ سَتا ڪَڏَهين، ڪَرڪَنان لاهي،
اوسيئڙو آهي، ڪاهوڙين اَنَ پَنڌَ جو.

( ٢٧ )

پيرين پراٿان ڪيترا، سَڪا مَنهن سَندَن،
سا جوءِ ڏوري آئيا، سونهان جت مَنجهن،
ڳجها ڳجهيون ڪِن، تِهان پراهين پَنڌَ جيون.

( ٢٨ )

سَڪا سَنڌَ ڪَڇَن ۾، ڪَرڪَنان پيرين،
نِمندي نيٺين، آنَ ڪي ڪاهوڙي ڪَڏيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٩ )

سڪ سنڌ ڪچن ۸، ڪرڪٽان پيرين،
وهائي ۲ ويرين، آئن تن عين آڪ جي.

## وائي

وسائيندڙي مينهن، مان ملان ڪي سجڻين،
آئون ملندي پرين ۳ کي، راتيون ڏوري ڏينهن،
مان ملان ڪي سجڻين.
مون کي پرين ميڙئين، روجهڙيون ميڙئين مينهن،
مان ملان ڪي سجڻين.
آڪيين آگم لائيا، ڪر منڊائيتا مينهن،
مان ملان ڪي سجڻين.
مادر! سوني نه وهان، جان پريان سين نيهن،
مان ملان ڪي سجڻين.

## داستان ٻيو

( ١ )

پيرو جني پري، ڳنڍي ڏونگو گام جو،
چڏي ڪيت ڪرو، لوچي لاهوتي ٿيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢ )

ٻيٺي جن ٻرڪ، ڳنجي ڏونگر گام جي،
وانجي سڀ ورق، لوچي لاهوتي ٿيا.

( ٣ )

ٻيٺي جن پٽي، ڳنجي ڏونگر گام جي،
ڇڏي ننڊ کٽي، لوچي لاهوتي ٿيا.

( ٤ )

ٻيٺي جنين بوءِ، ڳنجي ڏونگر گام جي،
ڏوري سائي جوءِ، لوچي لاهوتي ٿيا.

( ٥ )

ٻيٺي جنين باس، ڳنجي ڏونگر گام جي،
ڇڏي سڀ لباس، لوچي لاهوتي ٿيا.

( ٦ )

ڳنجي ڏونگر گام جي، ٻيٺي جنين ستِ،
ٻي سڀ ڇڏي ٻتِ، لوچي لاهوتي ٿيا.

( ٧ )

ڳنجي ڏونگر گام جي، ٻيٺي جن ٻروڙ،
ڇڏي سڀ ضروڙ، لوچي لاهوتي ٿيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٨ )

ڀِڏهي جنِ ٻروڙيو، گنجو ڏونگر گام،
ڪري تنَ تمام، لوچي لاهوتي ٿيا.

( ٩ )

ڪِهڙو آئيني ڪام، گنجي ڏونگر گام ۾،
ڀَسي تنهن ڀهاڙ کي، آچي نہ آرام،
مَتان ڏونگر ڏوريين، اڄهين ڪي، عوام،
”هئڙ“ ڪر حرام، ڪام، تہ ڪاهوڙي ٿيين.

( ١٠ )

گنجي ۾ گڻ گهٽان، ڀير ڀروڙي ٻاءِ،
ڪاهوڙي ڪرا ويا، نڪا اوڏي ماءِ،
جنين ڏٺي جاءِ، تنين موٽڻ مٺهون.

( ١١ )

جتِ نہ ٻڪيءَ ڀير، تتِ تمڪي ٻاهڙيي،
ٻيو ٻاريندو ڪير، ڪاهوڙڪيءَ ڪير ري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

آئون جيهائي ذات، تون پاڻ سڃاڻج سپرين.
اوئيون آديسين جيون، پسريان ساري رات،
تون پاڻ سڃاڻج سپرين.
جي ٻانهي ڪوٺيين پاڄهه سين، ته ڪر لڌيم ذات،
تون پاڻ سڃاڻج سپرين.
تان ڪي ڏونگر ڏوريان، جان نه وهامي رات،
تون پاڻ سڃاڻج سپرين.
ڪنديس عرض الله کي، وهائي پرڀات،
تون پاڻ سڃاڻج سپرين.

## داستان ٽيون

(۱)

آچي پيا آت ۾، وات وڃائي جن،
اوءِ بصير برن ۾، آندا ٽيو آهن،
ڪني آڏيون تاڙيون، ڳنگن جئن ڳهن،
فراقي فرمان جو، آهي ۾ هوڙن،
لنگها ٽيا لاهوت کي، متا پيا سڪن،
ڪپت ڪاهوڙين، آه اٿئي پٺي نه لهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢ )

ڏسي ڏوري ڏونگرين، وات وڃائي جن،
ڪرندان ڪي پروڙيو، رنديون سي نہ رڙهن،
پيئي دار ديون ڪيو، پيرت تان نہ ڇڏن،
ڏوڙ ڀريان لئي ڌار ڪيو، ويچارا وڃهن،
خبر ڪاهوڙين، آهي لڪ لاهوت جي.

( ٣ )

ويچهو وڃ م وات ڪي، ڪهڙ ڏنهن ڪوات،
اڇي منجهان آت، آوڀسي ٿي آءُ تون.

( ٤ )

ڪپيري ۽ پير، ڪنهين پاتو پيرين،
جتان منجهڙ ماڙهئين، سڄڻ تتان ٿي سير،
ان پون سند و پير، ڪوڙن منجهان ڪو لهي.

( ٥ )

ڪپيريان پري ٿيا، آهڙي ڀڏائون،
انهين ڪي آئون، هينئڙ ڏسي آئيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٦ )

ماءُ ڪاھوڙي آئيا، ڏوري ڏوري ڏيھ،
سين پيرين ڪيھ، ڪھ، جاڻان ڪنھن پار جي.

( ٧ )

جھنگل ھليا، سي نہ پليا، راھ ھليا ڦرجن،
اوجھڙ سي نہ پون، ہئي جنين جڏيون.

( ٨ )

جھنگ ڪامي پٽ ٿيو، پڳي چوران لڪ،
سيڪڙو ۽ سڪ، ہئي گڏيا پاڻ ۾.

( ٩ )

جھنگل آھيڙين ڪي، ڀنڻ ڪيو روءِ،
نہ ڪتا، نہ ڪوڙڪيون، چڙھيو آيو چوءِ،
ھاڻي ھنھان پوءِ، لڳي لونو نہ ٿئي.

( ١٠ )

جھنگل آھيڙين ڪي، ڀنڻ ڪيو روندو،
نہ ڪتا، نہ ڪوڙڪيون، چڙھيو آيو چوندو،
ھڏھين نہ ھوندو، انھان پوءِ عالم ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١١)

نہ ڪتا نہ ڪوڪار، نہ سي مڏ شڪارين،
ڍڍيو ڪٿي ٻار، جهنگل آهيڙين کي.

(١٢)

ور سا سڄي وڙه، جنهن ۾ سڄڻ هيڪڙو،
سو ماڪ ٿي ڦير، جتي ڪوڙ ڪماڙهين.

(١٣)

ور سا ڪاري رات، جنهن ۾ راه ڪم ٿئي،
نہ ڪا هن جي تات، هيءَ ٻن وڃي وسري.

(١٤)

ڪاري رات اچو ڏينهن، اي‌ءَ صفتان نور،
جتي پرينءَ حضور، تتي رنگ نہ روپ ڪو.

(١٥)

تحقيق جي تون ٻري، متي ريءَ ڪثيج،
جا حاج هتن ري نہ ٿئي، سا تونئو ٿي ڪريج،
شڪل حقيقت جي، پوڙو ٿي ٻڌيج،
آنڌو ٿي پسيج، مشاهدو محبوب جو.

(١٦)

وائي وڃيم شال، ڪنن سين ڪيم ستان،
پلو ڪري پال، اکين سين آنڌو ٿيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٧)

ڏونگرين ڏسجن، اَڄ ٻن ريون آن جيون،
ڏوٽيڙا ڏت کي، آراڙان آچن،
خيما ڪاهوڙين، اَڄ نہ آنهين پيٽين.

(١٨)

ڏونگر نہ ڏوٽي، ڏونگر سچون ڏوٽن رپي،
ٻچان ٻروٽي، ڪي ڏوٽي ڏت آچنان؟

(١٩)

ڪاهوڙي ڪرا، سوڏي خبر پسڪٽين،
سوجهي جن ڪيا، متي آگن آهرا.

## وائي

(١)

سياڪو سيٽان، پوري تو پاڻ سڄائي نہ ڪيو،
موٽي ماڪ نهارئين، ڪيهڙي منهن ڪيٽان،
پوري تو ٻاڻ سڄائي نہ ڪيو.
سچ ٻسي ڪٽن موٽين، سڙٿين نہ لٽي سيٽان،
پوري تو ٻاڻ سڄائي نہ ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واريءَ جِئَن وِچري ھيٺئون، ڪُڪي لِئي ڪيٽان،
پوري تو پاڻ سَچائي نہ ڪيو.
آئـن مُنھنجا آنڪڙا، ڪَل نہ پوي ڪيٽان،
پوري تو پاڻ سَچائي نہ ڪيو.

## وائي
## ( ٢ )

جاڳي آڪڙين، تو ڪوہ اوجاڳو نہ ڪيو؟
آڪڙيون پريسن لئي، تہ تہ ڪيو نِسمن،
تو ڪوہ اوجاڳو نہ ڪيو؟
جي سنجھيئي سٽيون، سي مر سور سھن،
تو ڪوہ اوجاڳو نہ ڪيو؟
جن ڪي آرس آکيين، سي ڪئن پرين پسن؟
تو ڪوہ اوجاڳو نہ ڪيو؟
جن نيڻ ھيرايا ننڊ سين، سي ڪئن محب ملن؟
تو ڪوہ اوجاڳو نہ ڪيو؟
وِھائيءَ وھائيين، گھوڙھا سر ڪلين،
تو ڪوہ اوجاڳو نہ ڪيو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پورب

## داستان پهريون

( ١ )

ڪري ڪانگ ڪورلشون، پِرِين پِرِينءَ پُڇج،
آئون جو ڏِيانءِ سنيهڙو، وِڃِ م وِساريج،
الله لڳ لطيف چئي، ڳجهو ڳالهائيج،
چِئان تِنِ چُئيج، ته ڪنياتا خوش هئين.

( ٢ )

اُڏر لڳ الله، وِيلو ڪرِ م وِڃ ڻ،
آئون جو ڏِيانءِ سنيهو، سانڍِ برابر ساه،
سندي ڳجهاندر ڳاه، ڪهجِ م قربينِ ري.

( ٣ )

آءُ اُڏامي ڪانگڙا، پارانيانِ پچار،
وِهي هِتِ وِصال جو، تان ڪو تِرُ تنوار،
جي ڏِسَن ٻ ڏيسار، مي اُڏامي آئِ پِرِين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٤ )

مٿي لامَ لطيف چئي، ٻارانيان ٻچار،
ٿيرِ ۾ فضيلت تون، جا ڪر اوهان جي ڪار،
جي ڏنئي ۾ ڏيسار، سي آڏامي آئن ٻرين.

( ٥ )

وهلو ور، وريا ٻرين، آءٌ ڪانگا ون ويهه،
جن ڏورِ وسايو ڏيهه، سي آڏامي آئن ٻرين.

( ٦ )

ٻرين جي پرڏيهه ويا، ڪانگل سيئي ڪوٽ،
جنين ري جهان ۾، آ ڪرڙين آروٽ،
الله لڳ لطيف چئي، ڪج ڳاراچو ڳوٽ،
جي ڏمريا ڪنهن ڏوٽ، سي آڏامي آئن ٻرين.

( ٧ )

ٻرين جي پرديس ويا، تن جي ڪانگا ڪج خبر،
تہ سڀ مڙهيان سون سين، ڪي تنهنجا پر،
ڪهمي مٿان ڪهر، ڏج ٻارانيا ٻرين کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٨ )

آءُ ڪانگا وَٽ ويهه، سَڏيوَن ڏي سائِيهه جوَن،
ڇَگا پَلا سِپرِين، ڪِي مَڪ وَسي سائِيهه،
پرِينِ لَئِي پرڏيهه، موَن تان ڪهٽوَن نِهاريو.

( ٩ )

ڪَرَ ڪَٽيو ڪانگ لَنئِي، مَنيءَ تي مَضبوطَ،
آئيو ڏِئِي آتَن ۾، سَنيها ثابوتَ،
ڪانگَل آئِون قوتَ، پيغامَ تَنِ پرِينِ جا.

( ١٠ )

مَٿان مَنهن مَنهِنجي، ڪِنهن آڏايو ڪانءُ،
ڪِنهي آئيو ڪالهڙي، سَندي سِپرِيانءُ،
جيڏيون جاڙ ڪِيانءُ، سَٿرِ هوند سَنيهڙو.

( ١١ )

ڪِڏِي ڪانگا تو ڏِيانَ، هنئون سانُ هٿَن،
وَڃي ڪاءُ وِلاتَ ۾، آڪِيان عَجيبَن،
پرِينِ مانَ چوَن، تہ هِٿن قربانُ ڪَيرِ ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٢ )

ڏائي چڙهي ڏار تي، ڪِي جو ڪانگ ڪهيو،
سوريتيءَ سور ٻئي، پهو پٽ هنيو،
ڪامي آرت ڪنيو، ويچاريءَ ورونهن ماڻ.

( ١٣ )

ڏائي چڙهي ڏار تي، تو زاغ ڪري زاريون،
آئيو ڏي آتڻ ۾، سنيها ساريون،
ماڻ ڪريو مارِيون، ته ڪهيو سٽان ڪانگ جو.

( ١٤ )

ڏائي چڙهي ڏار تي، ڪا نجا لاتِ لتي،
آتڻ ۾ آندوہ ٿيو، سکهي ڪان ڪتي،
ويڙهي منجهه وتي، ڪي جو ڪانگ ڪمائيو.

( ١٥ )

ڪي جو زاغ زبان سين، لنيو مٿي لام،
پهچايائين پرين جا، سرتيون آج سلام،
ڪاڪيون ڪتي ڪا م، ته ڪهيو سٽان ڪانگ جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٦ )

واڪا ڪِيو وڻن ۾، آچيو آچيو پون،
سنيها سيڻن جا، چوني چڙهيو چون،
ڪانگ نہ ڪوڙا هون، پريان سندي پار جا.

( ١٧ )

پريان سندي پار جو، ڪانگل نہ ڪوڙو،
آچي وچي وڄ ۾، مٿي ڏر ڏوڙو،
جو آندر اوسيڙو، سو لاٿائين لطيف چئي.

( ١٨ )

ڪانگل ترين جا، آچي واڻي وڻ،
تو ۾ بوءِ بهار جي، مشڪ ڪٿوري مڻ،
آچي عجيبن جو، اورانگهج آڱڻ،
توکي پسي تڻ، سورنئون صاف ٿئي.

( ١٩ )

آنديون ڪانگ قريب جون، اَڄ واڌايون واه،
مَن مُرادون پنيون، ٿيون سرهائيون ساه،
آندا پرين الله، سڌ منهنجا ساب پيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٠ )

پيو آھين پٽ ۾، ڪانگل ڪوھ ٿيو،
آڳي آس ترڪو نہ سھين، اَڄ سارو ڏينھن سئو،
پسي حال سندو، ڪانگن ڪانگيرو ڪيو.

( ٢١ )

ھٿين وسيلو وڃ ۾، ڪانگل ٻارڙيءَ ڪان،
آنوءَ ڪين عجيب ڪي، ظاھر ساڻ زبان،
توڙ ھٿين تان نہ، اوريان ٿي آئيو ڏئين.

( ٢٢ )

ڪانگل تنھنجي چانگ، جڏو جيءَ جياريو،
مٿان لامن لت ڏيو، ٻولئين سر ٻيلانگ،
اڏر مٿان ڦانگ، تہ گھر آون سپرين.

( ٢٣ )

ڪانگل نيئي ڪانگ، منھنجي ڏي محبوب کي،
”لالن لائي ڏينھڙا، ڪنھن سٽائي سانگ،
اوھان ريءَ آڙانگ، وينئي وره وسائيان.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٤ )

آءُ ڪانگل تو ڏِيان، چِٺِي چورائي،
مُنهنجي ڏِجِ محبوبَ کي، لوڪان لِڪائي،
پِرين پڙهائي، مانَ مَڏِ لهن سور جي.

( ٢٥ )

آگَنان هيٺ نه آتري، ڪانگان ڪانگ ڪري،
پِريان سندي پار جي، ڪانگل ڳالهه ڪري،
ٻِڌَ نه ٻيو ڏري، آيو چوي آيا پرين.

( ٢٦ )

آءُ ڪانگا ٻهڙ ڪولِ، سَڏيون ڏي سائيهه جون،
جي آندءُ عجيبن جا، مي خط خوشيءَ مان ڪول،
آئون سَنان تون ٻولِ، سُنيهو سڄڻ جو.

( ٢٧ )

ڪانگا ڪِتابت جي، آندئي خوب خبر،
لِس تِنهين پر لِکيا، دلاسا دِلبر،
هينئڙو سون هر هر، وانچيو وانچيه ويڙدري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۲۸ )

ري پرِيان پرديس ۾، وِرہ وِڌي ڪِي وَسَ،
آڪِيون هارِ پِرينِ جي، ٿيون ڳام نِهارِين ڳَسَ،
ڏِيندا پانڌي ڏَسَ، ڪِينءَ جون آئي خبرون.

( ۲۹ )

زاغ تَنهنجيءَ ذات جو، لُورو مٿي مون،
آڌامِجِ، عبداللطيف چَئي، صبح سيڻِ ڏونهن،
ڪِجِ وِيتيون وِتريون، پاجهائِجِ پهون،
لالن ڪون لهون، جهو تو جهان ۾.

( ۳۰ )

قُرِيبنِ جو ڪانڳڙو، تاريءَ تي ٽِلي،
ڪِٿيو ڪِنياتو خبرون، ڪِيرون ڏِيو ڪِلي،
لائي جَنهن لالن سان، مَنهنجي بات بِلي،
سو ور چشمنِ تي چِلي، جو درباري دوس جو.

( ۳۱ )

ڪانگَل قاصدَ پِرينءَ جا آڱڻِ آيو ٽِلَ،
بياثيدِ، بنشنيدِ، محب مون کي مِلَ،
زاغ گُفت فهميدم، خوشحالَ وِيٺو ڪِلَ،
غرابَ نَہ غافِلَ، جنهن طعنا تنڪا لائيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣٢ )

پريان سندي پار جو، ڪنو جي ڪانءُ،
انهين مٿان آءُ، ڪوڙين قرباني ٿيان.

( ٣٣ )

سو ڪانگ م قاصد ڪر، جو سدا ڏونڍي ڏونڍ ڪي،
ڪي ڪندو پنهنجي پيٽ جي، ڪي ويندو دوسن در،
جنهن جي پوليائي ”پر پر“، سو لياپا نيئي رهيو.

## وائي

سائين! سڱ سندوم، م ڇڄي سين جوڳين،
هلڻ جو هنگلاج ڏي، آد بسين آتوم،
سائين! سڱ سندوم.
نيئي پورب پار ڏي، ويراڳين وڏوم،
سائين! سڱ سندوم.
سوئي تيرٿ تڪيو، سوئي پنڌ سندوم،
سائين! سڱ سندوم.
هو جو تيرٿ تڪيو، سامين سونهايوم،
سائين! سڱ سندوم.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# داستان پهريون

(١)

سدا شوق ٻرينِ جي، ڦران ڦيري دار،
مان سڄيهون ٻار، آڳيان آڪڙيون ڪئي.

(٢)

تنِ آڪينِ آتان سک، ڪِلندي ڪُنِ جي،
ٻرين ٻاٻوهڻ مان، ڏور ڪيا سڀ ڏک،
مارُهنِ ليکي ٻک، سامِي سور سنهان ڪيا.

(٣)

سامِي جاٺيين، سک طلبيين، هوندنِ جُنِ ۾ هو،
توکي وِس وِجائيو، وِس وِڄايو تو،
سامِي آهي سو، جنهن پاڻ وِجائي ٻوريو.

(٤)

سامِي جاٺيين، سک طلبيين، سِکئين نه سامِي،
آڇا اورِئين ٻنڌ ۾، وِٿين وِسامِي،
ڳرڪي تون نه ڳڏئين، جاٺيين اِنعامِي،
دائم مدامِي، ٻورو رهجِ ٻرينِ مين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

سامِي ڇائِيين، سَڪ طَلبِئين، هو مِ هوندَنِ جِنِ،
لاهوتِي لَطِيفُ چئي، هونِ آديسي اِئن،
سي ڪاپڙِي ڪِئن، جي تَعلق رَکَنِ تڪيا.

( ٦ )

سامِي ڇائِيين، سَڪ طَلبِئين، وارِئين نَہ ويراڳُ،
لاڳاپا لَطِيف چئي، جوڳِي ڇڏي جاڳُ،
جِنِ تون پُڇين سنرو، اي آديسين آياڳُ،
لاهوتِيڪو لاڳُ، مَرِين جي تہ مائٽين.

( ٧ )

سامِي ڇائِيين، سَڪ طَلبِئين، تِسڻا ڏِئين نَہ تَن،
مارڙهنِ ڪان منهن ڪيو، پنين آنا ۽ اَن،
ڪاپڙِي تو ڪَن، ڪِ چيرايا چِشن لئي.

( ٨ )

پورِبيا پوري ويا، آسڻ آڏيءَ رات،
سيرِ نہ سَناسِينِ جون، پچارون پرڀات،
ڪا جا جوڳِي ذات، مَتِ نَہ مَعذورن جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٩ )

پوربيا پوري ويا، آسڻ آڄ صبوح،
خستوريءَ خوشبوءِ، آھي آديسي ڳيا.

( ١٠ )

متي راھ روان ٿيا، پورب پورِيائون،
ھي ڪھر ڪھوريائون، آڳانديائون آڪيان.

( ١١ )

پورب ۾ پيھي، تان مون ڪنٿون نھاريا،
سڌ نہ ڪي سڄڻين، جيھي نہ تيھي،
ھٿا پرڏيھي، وڃائي واٽ ٿيا.

( ١٢ )

پورب ماريائس، ڪنھن در ڏيان دانھڙي؟
متيون ڏيندي لوڪ کي، جري پاڻ ٿياس،
جنھين نہ جيھياس، مان لنئون لکي تن سين.

( ١٣ )

پورب پورب تب ڪرون، جب ھينڙي آون پور،
سڪندي ڪي سڄڻين، نڪون لايون نور،
ماريس انھين سور، جڻن ساڄن سڄي، نہ ملي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

جَنِ جو وارِثُ تُون، آلا! سڀ ڪِئَن رَهندا نيڀ مَنهِنجا؟
آکي آپ خَلقيا، ٻَلي خلقيائين ٻُون،
جَنِ جو وارِثُ تُون، آلا!
جوڙيائين جوڙ جَهانَ جي، چئي "ڪُن فيڪون"،
جَنِ جو وارِثُ تُون، آلا!
ڪوڙي دُنيا، ڪوڙا پَسارا، ڏينهَن مڙيئي ڏون،
جَنِ جو وارِثُ تُون، آلا!
آهيون الفَ آسري، مُحمّد مجيوسون،
جَنِ جو وارِثُ تُون، آلا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بلاول

## داستان پهريون

( ١ )

وَسَهُ اِنهين وِٽِن کي، جِنَ دَعوَت ڪِي داتا،
مَضمَضَهَ واتا، وِجهَه تَه ڏِينٿي وات ۾.

( ٢ )

ڪَڍِي کِهِل ڪَهَران، صَلَحَ ڪَرِ سَلطانَ سين،
تَه توَن تنهن دَران، ڏيهاڻي ڏانَ لهين.

( ٣ )

پيءُ م طَهورا، وانءِ اورانگهي اوريان،
وِچان جي وِصالَ کي، مي سَڀ آجوُرا،
حاصِلَ حضورا، سمي جي سڀ ٿِئي.

( ٤ )

سَما! تو سِرِ ڇَتَ، نات پاڪارا ٻَرَس گهٽان،
گهرڻ تنهنجي کَنج تي، اچي جالَ جَڳَتَ،
جن جهڙو ٿي ٻَٽ، تن تِهڙَيئِي بِکيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

ٻيريون ٻيري ٻچ، ھي جي منجھان ٻوريون،
ٻي ڌر ڪنھين ۾ وڃ، رھي ھاشمي ھيڪڙي.

( ٦ )

سمون تن سڌ ڪري، جن تي وڏو وير،
اُني تہ آجي ٿيان، پاءِ ٻاڪوڙي ٻير،
تو رھي ٻيو ڪير، سرٽين جا سونا سھي؟

( ٧ )

سرٽين جا سونا سھي، وسيلو ولھن،
لڌي ڪين لطيف چئي، اڪيان لال لڪن،
جت ڪوڙين ڪين ڪڇن، اُت ٻاھوھي ٻڌ رو.

( ٨ )

جو چليون پسي نہ چڪيو، تنھن واڪاٽيو وڪ،
لڌي ڪين لطيف چئي، لڪن آڪيان لڪ،
ٻير نہ موڙي ٻانھنجو، تڪي ٻيئي تڪ،
سرٽين ڏئي نہ سڪ، ھڪل سين ھالار ڏئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٩ )

ترِ ترِ ڪير ترس، سر نِهارج سيرو،
ڏيندءِ لڪ لطيف چئي، راڄ راهوءَ جي رَس،
وِلها جِنهن ونهيان ڪيا، ڀاڳ تنهن جي ڀس،
ڪوڙين لاهي ڪس، جي ڳالهائي ڳات ڪٽي.

( ١٠ )

آروڙِجي اَئيو، ڏيمن ڀِيس ڏک،
لاٿائين لطيف چئي، عالم تان آهک،
تن سرتين ٿيا سک، جي آجهي اَئيون آبڙي.

( ١١ )

آروڙِجي آئيو، ڏيمن ڀِيس ڏانهن،
ڀاڀوهيو ڀير ڪٽي، سهوڻ سرتين ڏانهن،
متان مَٽي ڀانهن، آيو آجي سلطان ڪي.

( ١٢ )

سرتين جي سک لئي، ساهر ڪنٽي سردار،
جي آيون آبڙي جي آڌار، سي سونک نه ڏينديون سوميريون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۱۳ )

آبڙو آڳاهين ۾، سيڙ جتن پهائي،
مي پٽ ڪنهين نه پوريا، جي تو پيڙ پيائي،
سڄڻ سانوڻ سينڌين جئن، رڃون تڙ ريئي،
آچن جي ويلي، تن بور بخشي پٽ ڏئي.

( ۱۴ )

آءِ جکري جيهو، پرس پسان کو نه پيو،
وائي جنهن جي وات ۾، ڏيو ۽ ڏيو،
وڃي چو نه وهو، آن در مٿي مڱتان.

( ۱۵ )

آبڙو وڏو سوڙو، جهلي سو سامن،
سرئين جا سوٽا سهي، سمون سونهن سپن،
تنهن در سڀ آچن، ڪنڌ نه ڪيي ڪچ ڏئي.

( ۱٦ )

بڙ ۾ آيو پاڻ، سائين کي سڏ ڪري،
پلي جي لاڏاڻ، سپ لنگهيندا لکيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

ڏک ڏيکيندو، مون نہ ڇڏيندو، شفيع شافع سپرين •

آنڊا اونڌا، آکڙيا، سڀ نباهي نيندو،

شفيع، شافع سپرين •

بدلي بدڪارن جي، داروُن پاڻ ڏريندو،

شفيع، شافع سپرين •

جي ڏُعارِين ڏاڪڙا، اُڪ سي لنگهائيندو،

شفيع، شافع سپرين •

نور ناڪارو نہ ڪري، مُحمّد منٿ مڃيندو،

شفيع، شافع سپرين •

هتِ پڻ حامي هيڻن جو، ڏتِ پڻ دستُ ڏريندو،

شفيع، شافع سپرين •

طيوُرا تزين کي، پانئون پياريندو،

شفيع، شافع سپرين •

پاڻ مڃائي پانهين ڪامل ڪرم ڪريندو،

شفيع، شافع سپرين •

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنبو آئي تاءِ، عاصين ڪاڻِ آڏيندو،

شفيع، شافع سپرين.

داتا دوزخين تان، لينگهو لهرائيندو،

شفيع، شافع سپرين.

رسن ويڙ، رمي ڪري، مشڪ رنگ مينيندو،

شفيع، شافع سپرين.

"رحمة للعالمين"، آهڪيءَ آڪهہ ٽيندو،

شفيع، شافع سپرين.

آتي عبداللطيف جو، هادي هت جهليندو،

شفيع، شافع سپرين.

## داستان پهريون

( ١ )

جڪرو جوڙي، پاڻ ڌڻيءَ پيدا ڪيو،

ڪيهر جِنَ ڪر ڪٽي، مجون مُلهہ موڙي،

جڏهن کهوٽ چڙهيو کهوڙي، تڏهن عالمُ آسودو ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢ )

جَڪرو جَسَ ڪَرو، پِيا مِڙ ٻِئي خانَ،
مِڻي اِنَ مَڪان، آصلَ هِئي ايتري.

( ٣ )

جَڪرو جَسَ ڪَرو، پِيا مِڙ ٻِئي جامَ،
مِڻي اِنَ مَقامَ، آصلَ هِئي ايتري.

( ٤ )

جَڪرو جَسَ ڪَرو، پِيا مِڙ ٻِئي مِيرَ،
جِنان کِهڙيو جڪرو، تِنان نَ ٻِڙيا پِيرَ،
مِڻي اِنَ خَميرَ، آصلَ هِئي ايتري.

( ٥ )

جَڪرو جَسَ ڪَرو، پِيا مِڙ ٻِئي مَلَ،
سَمي جي سُهاڳ جِي، ڪَنهين نَ ٻِئي ڪَلَ،
مِڻي اِنَ مُرسَلَ، آصلَ هِئي ايتري.

( ٦ )

جَڪرو جَسَ ڪَرو، پِيا سَبِ آنيرا،
جِنان جَڙيو جَڪرو، تِنان تان نَ پِيا،
مِڻي اِنَ ماڳا، آصلَ هِئي ايتري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٧ )

جَڪرا تون جِئين، تنهنجو مَدو ڪنين مَ سٽان،
آڪين ۽ هيٺئين، پنهي تاري تنهنجي.

( ٨ )

جَڪرا جِئين شال، تنهنجو مَدو ڪنين مَ سٽان،
جِئَن تو آچِي ڪالهہ، نالائق نوازِيا.

( ٩ )

ڏِني جادَمَ جَڪري، چِتِ نَہ پِيا چڙهنِ،
تہ ڪِي ڪوہ ڪجنِ، جہ سَرَ لِپي سيرو.

( ١٠ )

سَرَ نِهارِجِ سِيرو، تڙِ تڙِ ڪِيمَ ترسَ،
لاهِيندو لُطفَ سِينِ، مٿان قلبَنِ ڪسَ،
اوڪا چِڏِ آرسَ، اوڏو ئي تہ اَجرين.

( ١١ )

هَٿان جادَمَ جَڪري، وِئي هوءَ مَ وِچَ،
”آچو، آيا نِيچ“، سَمِي وائِي وات ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٢ )

وِڌِي وِچ نہ پوءِ، هٿان جادم جکري،
پيٽي سو پر ڏٺي، جو حاتم ہامي هوءِ،
ڪيف ڏاران ڪوءِ، جيڏي ڪو م جهان ۾.

( ١٣ )

راهوءَ جا رهيام، سنيها سرير ۾،
پيا ڊ ر وِسريام، ڏِني جادم جکري.

( ١٤ )

راهو تنهنجي ريت، اُر ڪنڌين پڌري،
گهٽان گهوڙن چاڙهيئي، مسافر مسيت،
پڇين ڪاڻ وڏيت، جي آئيا سي آکيا.

( ١٥ )

ڏِني جادم جکري، چِت پيا چڙهن ڪين،
سمون تن مارون لهي، جي مٽا ۽ بسڪين،
اِنهي مل سبين، الڏي مار سين جي.

( ١٦ )

جِڪري جهو جُوانُ، ڏسان ڪونہ ڏيھہ ۾،
مهڙ مِڙني مرسلين، سرسُ سندس شانُ،
"فڪان قاب قوسينِ اَوْاَدْني،" ميسر تيسِ مڪانُ،
تنهن آڳي جو احسانُ، جنهن هادي ميڙيو مِهڙ و.

( ١٧ )

سَنوَن سوائي، پهون پنڌان آڳرو،
دانهن جي درٻارِ ۾، وَرتي ايءَ وائي،
ڳهن ڳالهائي، مهن سڀ ملهائيا.

( ١٨ )

سِنڌ، سُورَت، هِند هاڻ، جهڙس ڪونہ جهان ۾،
دَرِ داتا مڱ مڱتا، ٻئي جي ڪِڏ م ڪاڻ،
اي ٻالوندر ٻاڻ، حال پسيو پال ڪري.

( ١٩ )

ڪري آس آڌار، ٻاريءَ جهليو نہ رهي،
ٻيلي ۾ ڪِرنار، اَنو ڳنگا جَل جِڪرو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٠ )

ٻيهي ٻن ڀاتارِ ۾، جت ڳڙه ڳنگا جرّ راهه،
ڇڏي حيلا ِهن هنڌ جا، ٿي جکري ڀاسي جاهه،
اوڏو ٿِي آلله کي، ڪاج تنهن جو ڪاهه،
سُکنِ اِهنده ساهه، ويلهه وِيندئي وسري.

( ٢١ )

ڏمريو ته ڏِٺي، ڀرچي ته ڀاتَ پڙي،
جنگ جکري کي، ٿِي چڱيون چت ۾.

واڻي

آسرو آهي، الا! مون کي هوت حبيب جو،
جانِ جانِ اوڏا ڪرها، ٻچان تان ڪاهي،
مون کي هوت حبيب جو.
هوت منهنجا سپرين، واڳون ورائي،
مون کي هوت حبيب جو.
شفاعت جا شفيع جي، تنهن ۾ ڦير هَذ نه آهي،
مون کي هوت حبيب جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مِير مُحمد ڪارڻِسي، آڙيا ڇڏائِي،
مون کي هوت حبيب جو.
اِهي ڪرمَ ڪريمَ جا، جِنَ لنگا لنگهائِي،
مون کي هوت حبيب جو.
لطف سانءِ، لطيف ڇِپي، سورهيا مِلائِي،
مون کي هوت حبيب جو.

## داستان ٽيون

( ١ )

مارِ مُطيعن کي، مجوسيءَ کي مار،
وِڌي جنگ ۽ وِسار، نِنديان نفعو ناهِ ڪو.

( ٢ )

نِنديان نفعو ناهِ ڪو، وِڌي ۽ وِساري،
مجوسي ماري، اڪبر ڏانهن اچيج تون.

( ٣ )

اصغر ڏي اهن گهڻا، تون اڪبر ڏي آءُ،
متان لوڙو لاهِئين، مجوسيءَ متانءُ،
حيدر جي هٿانءُ، وِڙهه تہ وِيري مارئين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٤ )

ڀانڊيَ سين نہ ڀاڙيان، سوين ڀيا سردار،
آهي مثل مينهن جي، سخي تنهنجي سار،
حاتم هڙده هزار، جهڙ تنهنجيءَ جهپيا.

( ٥ )

جهڙ تنهنجيءَ جهپيا، هزارين حاتم،
ڪوجهن سندا ڪم، ڪامل ري ڪير ڪري.

( ٦ )

جي تون آسائو آئيو، تہ وڻءَ جڪري لا ئبي،
متان وڃ وڃائيين، ڪنهن ٻئي در ليلائبي،
سمي ساماڻبي، چنتا لٿي چارڻين.

( ٧ )

جي تون آسائو آئيو، تہ چانڻُ ٻي م چور،
ڪيرا ڪميتن جا، ڪٿي آئي ڪوڙ،
اِنَ در عراقي گهٽا، چانگون ڪيو چوڙ،
تنهن سيد وڏي سوڙ، جنهن م متو اِڪايو مڱڻي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٨ )

سَمون سَخاوَتَ جي، وِيٺو ٻَڃي ٻَرِ،
ڪونيو ڪنگالَنِ کي، ڏئي دِلاسا دَرِ،
مٿي وِلهنِ وَرِ، ڏيهاڻي ڏاتار جي.

( ٩ )

ڪوهَ نہ جهارِيين جَکرو، جِنهن ڏيهہ ڏِيا ڏيئي؟
جي لَڏِيا ٿي لِينگهنِ ۾، سالَنِ ۾ سيئي،
سَمي سيپئي، طاماعو تارِ ڪِيا.

( ١٠ )

آلا! جَنگ جِينِ، جِنهين آجهي ڳهارِيان،
شالَ م سڪي وِيري، جِتان ٻِي ٻِينِ،
مَرڪَنِ آکَڙينِ، تو ڏِٺي مون سُکَ ٿِيو.

( ١١ )

اِهندي لَٿي آجَ، ٻِہ پَرِيندي تَرِيا،
سَنجهہ وِيريءَ سَچَ، ڪَرَ لَڏي رِنَ اَکارِئين.

( ١٢ )

تون اوڏڙ، تون اوڏڪو، تون آڃهو، تون آڳ،
هت ڀڻ تنهنجو تڪيو، مهند ڀڻ تونهين ماڳ،
سي لوريون ڏين نہ لاڳ، جي آجهي آئيون آبڙي.

( ١٣ )

آڪين سوئي اوڙڪيو، جو ڪنين سوم قرن،
ماڻ منهنجو من، چام پسنديئي پتيو.

( ١٤ )

پسنديئي پر ٿيا، جڪرو ٿي جاجڪ،
تنان ڏني مڱڻي، طهورا مان تڪ،
سي پيڪين سڪ، واصل ٿيا وصال ڪي.

( ١٥ )

جي آڏميو آڄ، تہ وسائيندو سون ٿڻي،
جال ڏئيندو جڳ، جوڏان وسي جڪرو.

واٽي

جنان ڏنائون پيرڻ، جنان ڏنائون،
سڀي آڱڻ آئيا، سونهڻ لڳا سيڻ،
جنان ڏنائون پيرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جِتان نَبي نِڳيو، پَري مُبارڪ پير،
جِتان ڏِنائون پير.
لَٿا ڏَک، سَک ٿيا، تَي واڌائيءَ وير،
جِتان ڏِنائون پير.
لُطفُ توريءَ لطيف چئي، ڪندو پيو ڪير؟
جِتان ڏِنائون پير.

## داستان چوٿون

( ۱ )

ڳَندي، ماني، ماڳ، موچارو، ھامي پير ٿِيوسِ،
وَسِ نَہ ڪِنهن وِڌوسِ، وَڳَنُ وَري آئيو.

( ۲ )

وَڳَند وَري آئيو، پنارئُون پوءِ،
مَحڪَمُ لَڳسِ موچڙا، ڏرو نہ ڏِنسِ جوءِ،
وِيٺو ايهين چوءِ، تہ پيران ھامي نہ ٿيان.

( ۳ )

آسُور سَندي آسري، وِيٺو آهِ وَڳَند،
هَڏَ نہ ڇڏيندو هَنڌَ، آيس بوءِ بهار جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٤ )

آسور سندو آسرو، وڻند ڪي وڏو،
جسي ۾ جڏو، ۾ ڪين ني ڪڙا ڪٽي.

( ٥ )

وڻند وري آئيو، بدو سين بدبوءِ،
خاوندا! ڏي خوشبوءِ، تہ سرهو ٿيان سيڪهہ ۾.

( ٦ )

وڻنڌ وري آئيو، ڪنو ٿي ڪوجهو،
ڇڏي نہ موزو، لڳس آر عطر سين.

( ٧ )

وڻند ويٺو ٻس، داتا سندي در تي،
تنهن روڪيءَ کي رس، جو آلودو آزار سين.

( ٨ )

دائم آهي در تي، وڻند ويچارو،
عطر سين آرو، لڳس تي لڏ ڪٽي.

( ٩ )

داتا سندي در تي، وڻند ٿي ويٺو،
بصر سين بازار ۾، ڪر واٽيون ڇيٺو،
دران تنهن پيٺو، جت ڪفر ٿئي ڪين ڪي.

( ١٠ )

وڪند وَري آئيو، نسورو نرڳ،
ڳندا ڳلابي ڪري، سيد جو سرڳ،
عطر سين آورڳ، تہ ھئين سدائين سرھو.

( ١١ )

وڪند وَري آئيو، ڪونڙيان ڪلاڻ،
سندو ڪرڙ ڪاڻ، ھن نرڳيءَ ڪي نڪئين.

( ١٢ )

وڪند وري آئيو، ھڏو ٻي نماز،
جڻن تيتر متي باز، وڪند تئن خوشبوءِ تي.

( ١٣ )

ٻانڊو ٻيلي تہ ٿيو، ورو آج ويو،
ٻيڙ پنڌ ٿيو، سونهاري سيد ڏي.

واڻي

مون ۾ عيب آھار، يارا آئون جا طامع آھيان تنهنجي.
ھيڪ وڃايم وسري، ڄاڻي سڀ چمار،
آئون جا طامع آھيان تنهنجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِنَ مُنهنجي حالَ جي، توکي مَدّ سَتار،

آئون جا طامع آهيان تنهنجي.

آسرَ اوڏي نہ ٿيان، نهيءَ ڪيس نِڪار،

آئون جا طامع آهيان تنهنجي.

جيڪي وهي وجود ۾، سو ڄاڻين ڄاڻهار،

آئون جا طامع آهيان تنهنجي.

جِئن سي گل گلاب جا، ڪرڙيا ڪنڌهار،

آئون جا طامع آهيان تنهنجي.

مون کي سِڪ سيد ڇئي، آهي مديني موچار،

آئون جا طامع آهيان تنهنجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سارنگ

## داستان پهريون

( ١ )

لَڳَهَ، پَسُ! لَطيفُ چئِي، آڳَميو آهي،
وَٽا مينهَن وَڏَڦڙا، ڪَڍو ڏَنُ ڪاهي،
وِهو مَ لاهي، آسَرو اَللهَ مان.

( ٢ )

لَڳَهَ، پَسُ! لَطيفُ چئِي، آڳَمُ ڪِيا اَللهَ،
ٻلر جي ٻالوٽ سين، ٻَنِ جَهليا ٻاهَ،
واحِدَ وَڏائي ڪِيا، مٿي ڳَسَنِ ڳاهَ،
سانگِيَنِ وِريا ساهَ، آئو آبَ آڳوندَرو.

( ٣ )

آڳَمَ اِيئن نہ آنگ، جِهڙو ڀَسَڻ ٻرِينءَ جو،
سيٽَنِ رِيءَ سيد چئي، روح نہ رَچنِ رَنگ،
سَهسِين ٿِيا سارنگ، جاني آيو جوءِ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٤ )

جاني آيو جوءِ ۾، ٿيو قلب قرار،
وهلو وڃان ٿي ويو، ڪري غم گذار،
نظارو نروار، پِي پسايو پانهنجو.

( ٥ )

پِي پسايو پانهنجو، نوري نظارو،
ويو غم وجود مان، ڪيو ڪلفت ڪنارو،
آيو سو پيارو، من مرادون پنيون.

( ٦ )

اڀون ڪڪر ڪڍيون، اُتر ڏي آهين،
ڪري آگم آئيون، منڊ نہ منائين،
متان لوڪ لطيف چئي، گوندر گنوائين،
پلر پيارين، اڃين آب آگوندرو.

( ٧ )

مانهو، مرگهہ، مينهيون، سڀ سارنگ کي سارين،
آڙيون آهر آسري، تارا تنوارين،
سپون جي سمولڊ جون، نٿين سچ نهارين،
پلر پيارين، تہ سنگهارن سک ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٨)

اَڄ پڻ اُتر پار ڏي، تاڙي ڪِي تنوار،
هارِينِ هر سنباهِيا، سرها ٿِيا سنگهار،
اَڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪِيا.

(٩)

اَڄ پڻ اُتر پار ڏي، ڪَڪرِيون ڪارِيون،
وسي ٿو وَڏَڦڙو، ٿَهڪَن ٿِيون ٿاريون،
لَٿيِنِ لَڪ لَطيف چئي، ڏايون پاساريون،
پڇنديون پَنارِيون، وري وٿائين آئيون.

(١٠)

اَڄ پڻ اُتر پار ڏي، ڪَڪر ٿو ڪري،
وسايو واڻِن تي، ٿو خالِق ڪَنڌ پري،
پاسارِيون پري، شال م وڃن سپرين.

(١١)

اَڄ پڻ اُتر پار ڏي، ڪارا ڪڪر ڪيس،
وڄون وسڻ آئيون، ڪري لعل لبيس،
ٻِرين جي پرديس، سي مون کي مينهن ميڙيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٢ )

آڄ پڻ آتر ٻار ڏي، ڪڪر ڪي چوڦي،
منداڻتي ميهن جي، ڪنوڻ نہ ڪوڻي،
اڄ، لالن! موٽي، گهوريا رسڻ ڏينهڙا.

( ١٣ )

آڄ پڻ آتر ٻار ڏي، ڪڪر تو ڪري،
روضي پاڪ رسول جي، پلٽيو ھٽ پري،
وڄڻ ساڻ وري، تہ سنگهارن سک ٿيا.

( ١٤ )

آڄ پڻ آتر ٻار ڏي، ڪڪر ڪيائين،
منداڻتن ميهن جي، رت نہ روڪيائين،
پلر پلٽيائين، سانگين گهڻا سک ٿيا.

( ١٥ )

آڄ پڻ اُميدون، آڪر سنديون آيہ،
ساوڻ ٻسي، سرتيون! سڄڻ ساريو مون،
آئون آسائتي آهيان، مان ٻڄائي ٻون!
گهر تہ گهرجين تون، مند مڙيوئي ميهن جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٦ )

مَندَ مِڙيوئي مينهَن جِي، وَسِي تَڏهن وَسُ،
ڪَتَرَنِ ڪِيئا چِڏِيا، جي مِڙيون ئي مَسُ،
ڪاها مَٿي گَسَ، ڏَکَ نہ ڪندا ڏَہرا.

( ١٧ )

وَسُ آ ڪَڙِينِ جيئَن، جي هُوندَ سِڪئين، مينهَن!
تَہ هُوندَ راتو ڏينهَن، بَس بُوندَنئون نہ ڪرِيين.

( ١٨ )

وِڄُون وَسَڻ آئِيُون، سارنگ سينگاري،
آجِيا لَڪ لَطِيفَ چئي، پَلَرَ پياري،
وِڄَڙِينِ واري، ڪَئي ڪعبي تي ڪَندَ نائيا!

( ١٩ )

گامَ گَندِيءَ گَنجَ، آبَرَ ۽ آهاءَ ٿِيو!
پسِي ہرِ ہرِينِ جي، ڏورَ ٿِيا سَبَ ڏَنجهہ،
شالَ وَسندو سَنجهہ، عاشِقَ تي اوهيڙا ڪري!

( ٢٠ )

آئو اوهِيڙا ڪري، عاشِقَ مَٿي آجَ،
ڏورَ ڏڪاريا! ڀِڄ، مينهَن منهَن ڏيکاريا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢١ )

ڪَڪَرَ پَسو آپَ ۾، آتَران جي آچَنِ،
آبَر سَندي اوجَ ۾، وِڄون وَراڪا ڪَنِ،
وَسي وَڏَڦڙَنِ، ساٿيھ، سَپَ سُکي ڪيو.

( ٢٢ )

ڪَڪَرَ مَنجِهہ ڪَپارَ، جهڙ نِيڻَنِئون نَہ لَهي،
جِهڙا مَنهِنجا سِپِرِين، تِهڙا ميگهہ مَلارَ،
ڪَنِ آڪيون ڪِلَ، يارَا! وَڄِنِ سورَ سَنڌا ڪيو.

( ٢٣ )

جهڙ اِيِئَنئون نَہ لَهي، ڪَڪَرَ هونِ نَہ هونِ،
ساريو سِپِرِينِ کي، لُڙڪَ ڪِلَنِ سين پونِ،
مِي مَرِ رويو رونِ، جِنِ مسافر سِپِرين.

( ٢٤ )

آڳِنِ تازي، پِهرِ ڪَنڍيون، پَڪا هَٽَ سونَهنِ،
سَرهي سيڄَ، پاسي پِرِينِ، مَرِ تا سِينَهن وَسَنِ،
آسانَ ۽ پِرِينِ، شالَ هونِ بَرابَرِ ڏِينهڙا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٥ )

ڀي پسائيو پانهنجو، نظارو ناگاه،
لٿو ڪٽ قلب تان، سرھو ٿيو ساه،
اميدون آرواح، ڀي مسندي ھنيون.

( ٢٦ )

بر وٺا، تر وٺا، وٺيون ترايون،
پره جو پنهن تي، ڪن ولوڙا وايون،
مکڻ پرين ھٿڙا، سنگھاريون سايون،
ساري ڏھن سامھيون، ٻولاھيون رايون،
پايون ۽ دايون، ٻکي سونهن پانهنجي.

( ٢٧ )

بر وٺا، تر وٺا، وٺو جيسر مير،
آگم ڪري آئيون، پاڙ يري پير،
لاٿائون لطيف چئي، واڻين مٿان وير،
سرھا ڪيائون سير، سرھيون سنگھاريون ٿيون

( ٢٨ )

بر وٺا، تر وٺا، وٺي ڪڇ ڪنار،
ٻونياڙيءَ پنهن تي، ڏس! نايائين نار،
سڀاجھي مٿار، لاٿا ڏرت ڏيھ تان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٩ )

مَکي مَٿان موتيون، اُنيون تي عَرَفات،
روضي پاڪ رَسُولَ جي، رَنگ ڪيائون رات،
وِجهِڙيون وِرِيات، موٽي مِصر آئيون.

( ٣٠ )

ڪِيائون مِيران سَندو سَجرو، جَرڪِيون ۽ جِيلانَ،
جتي غوث بهاؤالدِينَ، اَتِ مَرڪِيون ۽ مُلتانَ،
ڪِنوي خراسانَ، سَڪَ وَسايئون سِنڌڙي.

( ٣١ )

ڪانڌَا! م وِڪڻ ڪنڊِيون، ڏَڻَ سَيوُنِي ڏارِ،
اَپِرِيون سَپِرِيون پانهِنجِيونَ، مِسيون سَڀِ سَنبارِ،
پَنَ ڇڏي ڇَنِ پَٽِي، وَڃِي وَلهارَنِ وارِ،
تہ اَچِي اَڳَٿان پَهارِ، سرلا ڪَنڊِيون سڌڙا.

( ٣٢ )

سارَنگ کي سَعيو، تو کي سَعيو نہ ٿِئي،
ڳَڙي نو ڳمانَ ۾، آيو ڪِينَ آيو،
هارِينَ لاءِ هرجاءِ ۾، هاديءَ هَلايو،
مَٿان آئِين پانيو، تہ ڪا پادَلَ آهي بسَ کي.

( ٣٣ )

سارنگ سار لهيج، الله لگ آچين جي،
ٻاڙي پوچ ٻڌن ۾، آرزان آن ڪريج،
وطن وسائيج، تہ سنگهارن سک ٿئي.

## داستان ٻيو

( ١ )

ٻري ٻٽ تي آئيو، سارنگ سهج منجها،
ڪڙيون ڪنڌار جڻن، وچون آتر واءِ،
سرها سبزا موريا، ڏامڻ ڏب ڪيا،
ٻهري ٻنيا، ٻريائين ڪن ڪراڙ جا.

( ٢ )

ٻريائين ڪن ڪراڙ جا، وتو واريا سو،
ڪوٺيتي ڪوٺ جو، ٻگون چوماسو،
ماڪائيءَ تان مونيو، ڏيئي ٻهب ٻاسو،
خالق ڪيو خاصو، ڇيهو چڪيءَ ڪنڌبين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣ )

ڪَنگوءَ جِيان گوڙِ ڪري، ڪاھِيائين ڪاھوجِي ڏانھَن،
وَٺو مينھن وَڏَڦڙو، سِري پِريائين ساهَ،
ڏِيئي پَٽَنِ پاهَ، پِرِيائين ڪَنَ ڪِراڙِ جا.

( ٤ )

جِيھو چِڪَيءَ ڪَنڌِيين، ڪِيائين ڪَڙنگ تي ڪَلَ،
ھَڏا ڪَنِيان هَليو، پِري ترايون تَلَ،
اَلدِئين آبَ اَڇَلَ، مَٿي باغ بَھار تِي.

( ٥ )

آجَ رَسيلا رَنگ، بادل ڪَليا بَرجَنِ سِين،
ساز سارنگيون سُرندا، وَڄايئين بَرجَنگ،
صُراحِيون سارنگ، هَلَتِيون هَدام تي.

( ٦ )

مِينھان ۽ نِينھان، ٻئي آکَر هيڪڙي،
جي وسِ جا وِس ڪري، تہ ڪڪر ڪنِ ڪيھان،
بادلَ تِي بِيھان، جي آکَرَ آڇِن جا ڪَرين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٧ )

ڪڪرن ڪانڌ چتِ ڪيو، جهڙ پسيو جهجن،
ور ريءَ وانڍين آڏيا، هيڪا سي ۾ هسن،
اتر ڍاهي آنِ جا، ته ڪنهن کي ڪارون ڪنِ،
وارث وري تن، آچي شال اولو ڪري.

( ٨ )

ڪڪرن ڪانڌ چتِ ڪيو، جهڙ پسيو جهڪنِ،
سٽيو رڙ رعد جي، ڪليون نيون ڪنبنِ،
ڪنيون ڪين ڪچنِ، وچاريون ورن ري.

## وائي

ڪرسر ڪامي، پچي، آئون ويندي درِ دوستن جي.
جيائين ڏجهن تڪيو، سجڻ تپائين آچي،
آئون ويندي درِ دوستن جي.
نورا پايو نينهن جا، درِ پلي جي نچي،
آئون ويندي درِ دوستن جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان ٽيون

( ۱ )

ڪنير ڪت سڪنِ، چلڻ جي چاهه پئي،
هنڌوا حيرت ۾ پيا، لالي ڪي لبنِ،
چمڪنِ چوڏسِ چنڊ جئن، وڄڙيون وهسنِ،
لوچنِ تا لطيف چئي، پسڻ لئي پرينِ،
ڪيسر قربنِ، سنپاري سيد چئي.

( ۲ )

منڊ ٿي منڊل وڃيا، ڪي اوهيڙنِ اوڪ،
چاچر ٿي چٽنِ ۾، سينهئون چرنِ موڪ،
سرهيون ٽيونِ سنگهاريون، پوپو پائنِ طوق،
ميها، ڇيڙ، ڦنگيون، ٽينِ سيپيءَ ٽوڪ،
لاهئين مٿان لوڪ، ڏولائي جا ڏينهڙا.

( ۳ )

منڊ ٿي منڊل وڃيا، تاڙي ڪي تنوار،
هارينِ هر سنباهيا، سرها ٿيا سنگهار،
اَڄ اِڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٤ )

مَندَ ڏِي مَنڊَل وَڃِيا، آهو جَهڙ جهاڙِي،
هيڪ آرزان آنَ ڏيو، ڀيو مَکڻ مَنجهه مانِي،
ڪلمي سين ڪانِي، لاٿم ڪَٽ قلوب تان.

( ٥ )

موٽ، مُنهنجا سُپرين، آئيئي اَللهَ،
توکِي ساري ساهه، اَکنڊئو آهون ڪري.

( ٦ )

آڪَرَ ڪِيو آچَنِ، سَڄَڻ سانوڻ مِينهَن جِئَن،
ڀاسِي تِنِ وَسَنِ، جي سَڀ ڄماندر سِڪيا.

( ٧ )

ڀاڄائيان ڀڃِي، ڏيو آڪانئا آڪرو،
چڪس سَڀ چِڻِي، تڏهِن مولي مينهن وَسائيا.

( ٨ )

اوڇڻ گهَرجي آجڪون، جهوپو سهي نَه سِيءَ،
سٽائيج سوڙ ڪِي، حال منهنجو هِيءَ،
آڳن آيو ڏِيءَ، ته ڍولا ڪِنهن ڏِل ڪِيو ڏِيان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٩ )

ڪانڌ! تنهنجي پالڊ ري، سنجهي ميڻ مران،
ڪامل! ڪپاهن ۾ پيئي ٿار ٿران،
تاري ۾ تنهن تران، جنهن ور وهائي ۾ واريو.

( ١٠ )

ڪانڌ! تنهنجي پالڊ ري، ميڻ مران سڀ رات،
ڪامل ڪپاهن ۾، جهوپ نہ آچي جهات،
آچين جي ٻريات، تہ آئون ميڻ نہ ساريان.

( ١١ )

سينڌ و سينهن پسائيو، سري ٿيو سيلو،
پڪي پيهي آئيو، رحمت جو ريلو،
ساجن سويلو، پيچ پئي ۾ گهر آئيو.

## وائي

آڪيون ميگهہ ملار، صورت تنهنجي سڀ جڳ سوهيو.
سجدو فيل في الحال، ڪيو پسي مطلب نور نراڙ.
چاهن وقت چام جي، ڪريا ڪوٽ ڪفار.
آگي آسمانن جو، توکي ڪاريو سير ستار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”وَلسوف يُعطيڪ رَبُّڪ“ تو مين قادِر ڪيا قرار،
آهينِ ڪَرَمَ ڪَرِيمَ جا، اَحمَدَ ساڻ آڌار،
اَڪنڊِ ڻا جِي اَبرَ کي، سَرها ٿِيا سنگهار،
مولَ نَي مِينهَن کي، دوستَ هَٿان دِلدار.

## داستان چوٿون

( ۱ )

مونِي ماندائِنِ جِي، جُڙِي ڪِيائين جوڙُ،
وِچون وَسڻَ آئِيون، ڀِڄ ڀِڄ ڪري ڀوڙُ،
آنَن جا عالَمَ ۾، ڪَرنِ آندَر ڪوڙُ،
سارَنگ لاٿِي سوڙَ ۾، ماندھ مَهائو ٿيو.

( ۲ )

مونِي ماندائِنِ جِي، پُري ڪِيائين پيچ،
وِچون وَسڻَ آئِيون، سارنگ چڙهِيو سيج،
تنهن تو رِيون نوازِيون، ڏوٽان ڏِيئي ڏيج،
پِيج ڪَٿِي ڀت هَليا، هارِي مَنجهان هيج،
راضِي مَنجهان رِيجِ، عالَمُ سڀ آباد ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣ )

موٽِي مانداڻِن جا، پِري ڪِيائين پَرَ،
وِڇون وَسڻ آئِيون، ڪوڏٺان ڪَٽِي ڪَرَ،
مِينهُون پاڻ مُراديُون، تَدا چَرن تَرَ،
وَڏي اوهه آئِيون، پَٺِيءَ لائي قَرَ،
ساري آچِيو سامهيون، ڏِين ڪير سَچَرَ،
ساڻ وانديِن، وَرَ، پرِيون پرچڻ جون ڪيون.

( ٤ )

موٽِي مانداڻِن جي، واري ڪِيائين وارَ،
وِڇون وَسڻ آئِيون، چَگِيءَ پَٽ چوڏارَ،
ڪي آئِيون اِستنبول تي، ڪن مَچيان مغرب پارَ،
ڪي چمڪن چِين تي، ڪي لَهن سَمرقند سارَ،
ڪي رمي ويئيون روم تي، ڪي ڪابلِ، ڪي قَنڌارَ،
ڪي دِهلي، ڪي دکن، ڪي گڙن مٿي گرنارَ،
ڪن جنبي جيسلمير تان، ڏنا بيڪانير ٻڪارَ،
ڪنهين ڀڄ ڀڃائيو، ڪنهين ڍٽ ٿري ڌارَ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهين آچي عمرڪوٽ تان، وسايا وڻهار،
سائينءَ! سدائين، ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست! مٺا دلدار! عالم سڀ آباد ڪرين.

( ٥ )

حڪم ٿيو بادل کي، سارنگ ماٺ ڪجن،
وڃون وسڻ آئيون، ته ته مينهن ٿين،
جن مونکي لئي ميڙيو، مي ٿا هٿ هڻن،
پنجن منجهان پند رهن ٿيا، ايئن ٿا ورق ورن،
ڏڪاريا ڏيهه، ماڻ، موذي شال مرن!
وڌيڪي جن وره ٿيا، موٽيو سي مڙن،
وري وڏيءَ وس جون، ڪيون ڳالهيون ڳنوارن،
سيد چئي سڻ، آهه توهه تنهنجي آسرو.

( ٦ )

واهوندان وڃون ٿيون، ڪڙيون ڏنهن ڪنيات،
ڪنڌيون ڪاهي گس ڪريو، وڃون ڪريو وات،
سنگهارن سڪ ٿيا، لٿي آچ آمات،
جهڙ ڦڙ ڏيئي جهات، پسائيندو پنيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٧)

ڏٺ ڏري پٽ پيون ڀاسي ڀارڪر،
سيپٽي پريا سر، ڀلر جي ڀالوٽ سين.

(٨)

ڏٺ ڏري پٽ پيون، آيون عمرڪوٽ،
پسايائون ڀلر سين، سڪا پٽ جي سوٽ،
چنچل ڏيئي چوٽ، سڀ سامارو سر ڪيو.

(٩)

ڏٺ ڏري پٽ پيون، آئيون ڪاهي ڪاماري،
وتا پٽ پراڻ جا، وٺيون ساماري،
ڪڪر ۽ ڪاري، وچڙين، پسوا وپس ڪيا.

(١٠)

ڏٺ ڏري پٽ پيون، وچون ويس ڪري،
مينهن وسي ملڪ جا، چڏيا تل پري،
قادر ڪرم ڪري، سڪا پٽ ساوا ڪيا.

(١١)

ڏٺ ڏري پٽ پيون، ٿيا ولهارن ويءَ،
سورج قمر نه ڀاڙيان، سيٽن جي شبيه،
جي جانب آندر جيءَ، سي پرين پيهي گهر آئيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٢ )

ڏِٺ ڏِري ﭘٽِ پِيون، وِڄن ڪِيو واچو،
ﭘَکو ﭘنهنجي ﭘِرينءَ لئِي، سِڀي ڪرِ ساچو،
سڄڻ سباجهو، پيچ ﭘِرِي گهرِ آئيو.

( ١٣ )

ڏِٺ ڏِري ﭘٽ پِيون، وِڄون ڪري وارا،
آئا وَڏِي اورِ مينهن، ڪَڪر جي ڪارا،
واحدَ وَسڪارا، چوڏاري چڱان ڪِيا.

( ١٤ )

ڏِٺ ڏِري ﭘٽ پِيون، وِڄن ڪيا ڏرم،
واحدَ وَڏائي ڪِيا، ڪَنڌِين ساڻ ڪرم،
سَنکهارِن شرم، رک منهنجا سپرين.

( ١٥ )

ڏونگا آڇِ م تنِ ڪي، ڪاسا جنِ جو ڪرم،
ﭘنندي ﭘرڏيهه ۾، تنِ سوڍِين ٿئي شرم،
آئين گهٽي آدب مين، ڪِاللهائين نرم،
قادر ڪرِ ڪرم، تن وطن ۾ وس ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٦ )

سَچو صاف نہ آهِي، سَرَلي وِچان سِچُ،
مَنهن چڙهيو ماڻهن کي، ڏي واڏايون وِچُ،
هِينئڙا کَپ مَ کِچُ، سَگهيا مِلندءِ سَپرين!

( ١٧ )

سَچَن ساوَڻ مينهن جِئَن، جهِڻَڪن پاسي جهوڪ،
ڏِيندا پاهہ پَٽن کي، مَنجهان مِينهن موڪ،
لَس پيارين لوڪ، آڳم کيو آکِين سين.

( ١٨ )

اَندرِ جهڙ جهور وَهي، پهرِ بَرسي بوند آپار،
وَتِ جَنين جي يار، سي اوڪائين نہ آکيون.

( ١٩ )

اَندرِ جهڙ جهور وَهي، پهرِ کڪر نہ کوءِ،
وَسائيندي وِچڙي، حُب جَنهين کي هوءِ،
لالَن جَنِين لوءِ، سي اوکائِين نہ آکيون.

( ٢٠ )

اَندرِ جهڙ جهور وَهي، پهرِ نہ برسي بوند،
سَچَن جَنهِين جي هوند، سي اوڪائين نہ آکيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢١ )

وَسِي ساري راتِ، صُبحَ جو ساهُ کٽيِ،
سَنجهيئي سينئن پرينِ جو، جي تَنَ ۾ هئي تاتِ،
تہ وِهائيءَ پرڀاتِ، هوندَ بادَل بَسِ نہ ڪري.

( ٢٢ )

آگَمِجي آئيون، آتران ڪَري آورِ،
جي پرين هئڙا ڏورِ، سي مون کي سينهنِ سيڙيا.

وائي

آئي مَندَ مَلارَ، ميگهہ مَلارَ، آئون ڪَنهنبا ڪَنديس ڪپڙا.
وَسُ جا ويسَ ڪيا، آجَ مُنهنجي يارَ،
آئي مَندَ مَلارَ.
لارَ لائيندي وَچڙا، پَنڙسِ پَنيا وارَ،
آئي مَندَ مَلارَ.
ڀَڪي آءُ پرين تون، لَهہ تون سَيدَ سارَ،
آئي مَندَ مَلارَ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سر ڏيراڳ

## داستان پهريون

( ١ )

مانَ ڀڄنئي سِپرِين چتان لاهِ مَ چِر،
آنين جا آمر، ڪَن، ته خالِي مَ ٿيين.

( ٢ )

مانَ ڀڄنئي سِپرِين، چِتان چر مَ لاهِ،
پرِينِ اڪيان پاءِ، پاؤ مڱڻهار جِئَن.

( ٣ )

مانَ ڀڄنئي سِپرِين، چيتاريج چِت،
دائما ڏورِبيءَ ۾، پسِين وِلاتِنِ وِت،
نيهَ نيڪاري نِت، ملاحَ گڏ مَعلِم سين.

( ٤ )

مانَ ڀڄنئي سِپرِين، چِتَ ۾ رکِج چيت،
سِينو ڌوئِي صاف ڪرِ، صابڻ ساڻ سپيت،
ساموندِي سچيت، ٿِيءَ ته پهچين پار ڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

مان پڇنئي سپرين، ڇت م ڇيتاريج،
ڪَڍج ڪائي ڪچ ڪي، ڪوڙ م ڪمائيج،
وڃج وهائيج، سپ سوداگر سچ جو.

( ٦ )

مان پڇنئي سپرين، ڇتان لاهه م ڇور،
ڪڍي ڇڏ تون قلب مان، ماري ڪوڙو ڪور،
هن پر سندو هور، متان تو معاف ٿئي.

( ٧ )

ڪانو ڪمايوم، موتي مون نه وڃيا،
سيهي جو سيد چئي، وکر وهايوم،
هيڙو حال سندوم، توه تنهنجي آبهان.

( ٨ )

ڪچ ڪمايم ڪوڙ، پڪيم عهد الله جا،
پيڙو جو پاڻ جو، سو چوڻيءَ تائين ڇور،
معلوم آئيئي مذڪور، ڪوڙها، الهيءَ ڪاله جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٩ )

ڪوڙ ڪماءِ ۾ ڪچ، اٿئي اور الله سين،
ڪڏ تون دغا دل مان، صاحب وٽئي سچ،
محبت سندو من ۾، ماڻڪ ٻارج مچ،
ان پر اٿئي اچ، ته سودو ٿيئي سڦرو.

( ١٠ )

سودو جو سڦرو، سو مون ڀلئي ڀاءِ،
وس ويچاريءَ ناهه ڪو، تون آگا! عرض آگهاءِ،
ريءَ همراهيءَ هاديءَ جي، مور نه ٿئي ڪي ماءِ،
لطف ساڻ لنگهاءِ، لاهرو لهرن وچ مان.

( ١١ )

لڙ، لهريون، لس، ليٽ، جتي انت نه آب جو،
الله! اتِ ۾ اوليين، ٻيڙا مٿي ٻيٽ،
جو ڪو ٿئي ۾ جهاز ڪي، ڦرهي اچي ۾ ڦيٽ،
لڳي ڪا ۾ لپيٽ، هن غاريبي غراب کي.

( ١٢ )

سڙهه، سنوان، لاڄو نوان، اولا سندن عاج،
ساٿي سفر هليا، پري جنگ جهاج،
حاصل ڪريين حاج، واحد! ونجارن جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٣ )

سِرَڙهه سنوان، لاڄو نوان، مُهاڻا سندن مِير،
ساڻي سفرِ هليا، ٽِيا مٽاوا سِير،
جي آڇنِ ساڻَ آکير، سي ٻيڙا رکين ٻاجهه سين.

( ١٤ )

مَنجهان پيٽي مَکڙيءَ، ڪا جا پاڻيءَ ڀِڪ،
وکر هِٽي ونڪ، ڪنهِجي ڪارو ٽيو.

( ١٥ )

مَنجهان پيٽي مَکڙيءَ، ڪا جا پاڻيءَ بوندَ،
سيٺي ڏنِرِ رُونڊ، وکر جنين وڃائيو.

( ١٦ )

وهائيندڙ ويسرا، وکر ڏيرئون ڏير،
ڪنين وهائي وسَ ڪيو، وکر وڏيءَ وير،
ڪنين گهمندي سير، وکر وِڪامي ويو.

واڻي

سهسين شڪرانا، ڪوڙين ڀال ڪريم جا.
حمد ڇڄ حڪيم کي، جور هٽي جانا،
ڪوڙين ڀال ڪريم جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون ڏيکاري تون ڏٺي، باطنَ جا بانا،
ڪوڙيين پالَ ڪريمَ جا.

متان مَردا! وساريين، صاحب جي ثنا،
ڪوڙيين پالَ ڪريمَ جا.

دوستَ رکيي دِل ۾، پڙهه لاتَنِ لسانا،
ڪوڙيين پالَ ڪريمَ جا.

جفا ڏيئي جيءَ کي، ٿي فِڪر مَنجهه فنا،
ڪوڙيين پالَ ڪريمَ جا.

تَسي تو سين توهه ڪري، مَنَ آگو اِحسانا،
ڪوڙيين پالَ ڪريمَ جا.

ڪڏ توُن دَغا دِل مان، پانهپ سين پانها،
ڪوڙيين پالَ ڪريمَ جا.

صاحب وٺي سچ سين، ٿيءُ دانـه ديوانا،
ڪوڙيين پالَ ڪريمَ جا.

جي تسليم سين تحقيق هئا، سي ڪِئن آمانا،
ڪوڙيين پالَ ڪريمَ جا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاڪِيما جي جَبارَ لئي، سيئي سمانا،
ڪوڙِيين پالَ ڪَرِيمُ جا.
فَاذْكُرُونِي اَذْكُرْكُمْ، ڪَهِيو قرآنا،
ڪوڙِيين پالَ ڪَرِيمُ جا.
وَاشْكُرُوالِي وَلَا تَكْفُرُونِ، ڪَڍِ تو ڪفرانا،
ڪوڙِيين پالَ ڪَرِيمُ جا.
سَبِ سَنواريا سِپرِينْ، ڪَوَلَ تو ڪنا،
ڪوڙِيين پالَ ڪَرِيمُ جا.
چَڱِي چَنِج چاهہ سين، مَدحَ اِيءَ مَنا،
ڪوڙِيين پالَ ڪَرِيمُ جا.
تائِبَ ٿِيو تَڪِڙا، جوشان، جَوانا،
ڪوڙِيين پالَ ڪَرِيمُ جا.
تہ لَهين تون لَطِيف ڪان، آمَنَ ايمانا،
ڪوڙِيين پالَ ڪَرِيمُ جا.

## وائي

مون ۾ تون موجود! آءٌ آڳاهين آهيان!
آءٌ آسونهِين آهيان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڪيون آڪرين ڪي، سڪيو ڪن سجود،
آءُ آڳاهين آهيان!
آءُ آسونهين آهيان!

تيلانهن رسيون بود ڪي، جيلانهن ٿيون نابود،
آءُ آڳاهين آهيان!
آءُ آسونهين آهيان!

ماڙهن جي مونڻ جو، صاحب هٿ سجود،
آءُ آڳاهين آهيان!
آءُ آسونهين آهيان!

اِنَ دَر سيئي آگهيا، جن وڃايو وجود،
آءُ آڳاهين آهيان،
آءُ آسونهين آهيان.

## داستان ٻيو

( ١ )

جيڪي منجهه جهان، سو تاريءَ تڳي تنهنجي،
لطف جي لطيف چئي، تو وٽ ڪمي ڪانَ،
عدل ڇڏيان آن نہ، ڪو ڦيرو ڪج فضل جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢ )

ساري راتِ سُبحانُ، جاڳي جَنِ يادِ ڪيو،
اَنِ جِيءَ، عَبداللطيف چئي، مِنِّيءَ لَڏو مانُ،
ڪوڙِين ڪَنِ سَلامُ، اچيو آڳهِ اَنِ جي.

( ٣ )

سِپوا ڪرِ سمنڊ جِي، جِتِ جر وَهي ٿو جالُ،
سَئين سِپَجِنَ سَمنڊ ۾، ماڻڪ، موتِي، لالُ؛
جي ماسو مِليئي مالُ، ته پوڄارا اِن ٿئين.

( ٤ )

سي پوڄارا پِرِ ٿِيا، سَمنڊ سِپِرِيو جَنِ،
آلداڻون عَقيق مانُ، جوتِي جواهرِنِ،
لَڏائون لَطيفَ چئي، لالون مان لهرِنِ،
ڪانهي قِيمت تَنِ، مُلُ مهانگو اَنِ جو.

( ٥ )

سيوڻو جَنِ سُبحانُ، وِيرُ نه وِڙهي تَنِ سين،
تو بهہ جي تاثِير سين، تري ويا طوفانُ،
ڏِيئي توَڪَل تڪيو، آرُ لنگهيا آسانُ،
ڪامِلَ ڪِشتيبانُ، وچ ۾ گَڏِين واهرو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٦ )

ساري راتِ سَجاڻ، سودو ڪَنِ صاحب سين،
ٻانهپ ٻَري ٻيڙيون، هَليا جوبَ جوانَ،
ٻاڙِي ٻَهِلوانَ، لَحظي سَنجهِ لنگهي ويا.

( ٧ )

ٻانهپ جو ٻيڙِين ۾، وَکَر وِڌائون،
موتِي مَعرفت جا، سَچا سوديائون،
اَلتّائِب مِنَ الذَّنبِ، اِيءَ کَپَ کَٽيائون،
اَنين جيءَ آئون، بَرڪت بارَ لنگهائِيان.

( ٨ )

جَنين سَودي، سَچ جو، وَکَر وِهايو،
بَحرو لهمُ البُشريٰ جو، اَنهين لَئي آيو،
اَنِ ڪي لالَن لنگهايو، ساندارو سمونڊ جو.

( ٩ )

اِيءَ کَپ غَواصنِ، جِنّن سَمنڊ سوجهِيائون،
ٻِڏِي مَنجهه پاتار جي، ماڻڪ ميڙيائون،
آڻِي ڏِنائون، موتِي لالَ هَٿَن سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٠ )

آچارا عميق جا، گڏيا غواصن،
جھريون جھاڳي آئيا، کارونيار ڪنن،
سمنڊ سوجھي جن، آئي آسل اوليا.

( ١١ )

وِيا جي عميق ڏي، منهن ڪانو ڏيئي،
تن سِپون سوجھي ڪڍيون، ھاتاران پيھي،
پسندا سيئي، آسلھ آکڙين سين.

( ١٢ )

آڏو چِڪڻ چاڙھ، منهنجي موج نہ سھي سگھڙي،
ميڙي متاين جو، بيحد چاڙھيم بار،
چون چارو ناھ ڪو، بديون بي شمار،
ڪپر ڪارونيار، آڪارئين اِحسان سين.

( ١٣ )

ويرم لاھي ويھ، متي آر اوڙاھ جي،
پسي پاڙي واريون، ڪِج آنديشو ايھ،
ويندو نہ پسين ڏيھ، پتڻ ھن پار متي؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٤ )

آئي پهر اوڙاهه تي، منجهه گهرءِ گهاري،
وس نه ويچاري، ته ڪا ماڳ ڏڪندي مڪڙي.

( ١٥ )

هيڪي پاڻهي چت ۾، پي صاحب سنواري،
ڏنگي مڻ درياهه مان، هلائي هاڪاري،
ترازو تاري، ستر سيئي ڪري.

( ١٦ )

هيڪي پاڻهي چت ۾، پي سيئي صاحب،
ڪيڏي اونهي ڪن مان، اي آڳي جو عجب،
ايءَ سائينءَ جو سبب، جئن پڌا آڪاري پار مان.

( ١٧ )

هيڪي پاڻهي چت ۾، پي جا ڪري الله،
پاڻهين وجهي ڪن ۾، پاڻهين آڪاري اوڙاهه،
تنهن واحد کي واهه، جو ستر سيئي ڪري.

( ١٨ )

هيڪي پاڻهي من ۾، پي جا الله ڪري،
پاڻهين وجهي ڪن ۾، پاڻهين ڪنڌيءَ ني،
ستر سي ڏوني، جي تر توائي مڪڙا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۱۹ )

هِڪي ٻانهي چِت ۾، ٻي ڪري جوڙ جِبار،
ڪڍي آونهي ڪَن مان، اِيءُ آڪي جو آڌار،
جهاز جوهرين جو، تنهن کي پُوءِ ڏي پتار،
تَنديا وڏا مڪڙا، سڀ پسندا پار،
جيڏانهن منهن مديني جو، سَچي محمد سوچار،
سِپاجهو ستار، ستر سپيئي ڪري.

وائي

ڪنڌي ساريان ڪان، يا آمِن آمانَ!

يا اِلاهِي! ٻاجهه ٻِلاٽِي پائيان.

ڪُثرَ ڪِاٿيئو ناهه ڪو، آهر ٿيا عِصيانَ،

يا اِلاهِي! ٻاجهه ٻِلاٽِي پائيان.

خبر ناهه قبر جي، نسورا نِسيانَ،

يا اِلاهِي! ٻاجهه ٻِلاٽِي پائيان.

والِي! رَسج وَهلو، آرڪ ٿيا انسانَ،

يا اِلاهِي! ٻاجهه ٻِلاٽِي پائيان.

سُڻ سِپاجها سِپرين! نعرو، نِگهبانَ،

يا اِلاهِي! ٻاجهه ٻِلاٽِي پائيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَديون ڀَسي مُنهنجيون، شرمايا شيطان،
يا اِلاهِي! ڀاڄهه ٻِلاڻِي ڀائِيان.

هِن مَنهِنجي حالَ تِي، هُئِي هُئِي ڪِن حيوان،
يا اِلاهِي! ڀاڄهه ٻِلاڻِي ڀائِيان.

سائِين! سُڪائِي آهِيين، سامونڊيءَ سُبحان،
يا اِلاهِي! ڀاڄهه ٻِلاڻِي ڀائِيان.

تَرهو ڇِنهِ تارِ ۾، رَسِج تُون رَحمان،
يا اِلاهِي! ڀاڄهه ٻِلاڻِي ڀائِيان.

ٻيلِي جو ٻَڌِن جو، مون تي موڻِي مان،
يا اِلاهِي! ڀاڄهه ٻِلاڻِي ڀائِيان.

ويڙهو ڀَنِي ڀَنڊو، ڪَرِ ٻيڙو مٿي ڀان،
يا اِلاهِي! ڀاڄهه ٻِلاڻِي ڀائِيان.

خالِقَ تان خوبَ ڪِيا، ڳولِن جا گُذرانَ،
يا اِلاهِي! ڀاڄهه ٻِلاڻِي ڀائِيان.

آئُون ڀِڻ آندو آنِ ۾، ويڙهو ڀِنان ڀانَ،
يا اِلاهِي! ڀاڄهه ٻِلاڻِي ڀائِيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڀِ سوالــي سمڪنا، داتــا ڏيئي دانَ،

يا اِلاهِي! پاڄهه پلاڻِي پائيان.

وِليا سڀِ وِنهيان ڪيا، تنهنجي جوڏ، جوان!

يا اِلاهِي! پاڄهه پلاڻِي پائيان.

متان مون کي ڇڏ يِين، پيلي سندا پانَ،

يا اِلاهي، پاڄهه پِلاڻي پائِيان.

ويــر وسيلو آهيين، داڙو ۽ ديــوانَ،

يا اِلاهِي، پاڄهه پِلاڻِي پائيان.

لاءِ ڏهارِين ڏينهن کي، خيمون آڏيو خانَ،

يا اِلاهِي، پاڄهه پِلاڻِي پائِيان.

آئي عبد اللطيف چئي، سڀ جا سلطانَ،

يا اِلاهِي، پاڄهه پِلاڻِي پائيان.

## داستان ٽيون

( ١ )

پيڙي پرائِي، وکر پاءُ ۾ وِترو،

تري ۾ تن پيا، پاسنئون پائِي،

هيءُ، هڏ وهائِي، ڪُرڙه ڪالهوڻي ڏينهن کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۲ )

ترِي تنَ پيامِ، ھاسِئُون ھاٿِي وھِي،
ڪوھو جھر جھنو ٿيو، لاچو سپِ لڙياسِ،
جيلان سڌرَ سڪاٽياسِ، وھِي تِي وھ ساٿھون.

( ۳ )

وِيٺو تنَ تنيئِنسِ، مکِ ڏيھاڙِي سڪڙِي،
سنباھِي سيڌ چِٽِي، مٿِي نيڙو نيئِنسِ،
وتائِي وڏاندرا، لاچو لڳائِيئِنسِ،
آخرِ آھِرائِيئِنسِ، تہ جوکو ٿئي نہ جھاز کِي.

( ۴ )

تنَ تنيندو آھ، مکِ ڏيھاڙِي مڪڙِي،
سانباھِي سمونڊ جِي، منا مورِ م لاھ،
آجَ ڪِ سنجھہ صباح، آھرندي آتانک تڙِيَن.

( ۵ )

تانڪھِي ۾ تاٽِي، ھِنڌ پنھنجو ترھو،
اونھي ۾ آئِي، ڪونہ ڏيندءِ ڪو بِيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٦ )

وَکَرَ سو وِهاءِ، جو ڪِنِي پراڻون نہ ٿِئي،

ويچيندي وِلات ۾، ذرو ٿِئي نہ ضاءِ،

سا ڪا ڏَڙَ هلاءِ، آکِہ جنهن جي آهين.

( ٧ )

وِڻي وِجهہ وَکَرَ جا، دَنگِيءَ ۾ داڻا،

وِير وِڙهنديئي، ويسرا، وَهُ مَ، وِڪاڻا!

هِيءَ نِنڊ، نہ جاڻان، ڪڏهن هَٿَندِيئي تار ۾.

( ٨ )

وَڻجارا، وِڻِيءِ، تو نہ سرَندي شاهہ ري،

مِک پنهنجي مَڪڙيءِ، چِڪِي ڪرِ چِيٺِي،

پاسا پاڪَڙِنِ جا، سمنڊ تو سِيکِي،

جي لَنڊا ۾ لِيکِي، وِير وِڙهندي تنِ سين،

( ٩ )

وَهَ تَڪَ وَهَڪَرا، جِت نَنگَرَ نہ ٺِهرنِ،

وَڏاندريون وَهَ سامهِيون، جَجهي زورِ جنبنِ،

نيڊُوءَ ۾ ناتاريون، وَڻجارا وِجهنِ،

مَلا مُعلِمنِ، مون ڳري سَئِي ڪالهِڙي.

( ١٠ )

جتو وانڌ، جهاز، ڪَڍيو غرابن سين،
هورِيندي هن پار ڏي، سڌر ڪَنج ساز،
آچنِ ٿا آواز، سڻائي سمونڊ جا.

( ١١ )

ڪوهه ڪالهه ڪَئي، آنِ وِڌا اُتر آسري،
آلا ا جهري ۾ آنِ جي، اولي جي آئِي،
وَڻجارن وَئي، وَڪَر وِڌو ٻيڙين.

( ١٢ )

ٻيڙي تنهنجِي ٻاجهه، وَڪَر تِنهن وِصال جو،
ڪوهه، اولا، تو ڪِيا، سَپِ سونهارا ساج،
آتِ ڪا مُعلمن حاج، جتِ ٻورَٽ وارو ٻاٽهين.

( ١٣ )

جَرَ ۾ ڦونڌو جِئن، لهرِيون لَڳَندي آڏ ٿئي،
تون پڻ آهين تئن، دُنِيا ۾ ڪو ڏينهڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

سائِينِ نَندا بارَ، وڙا تَنِ ٻانڌِينِ نندا بارَ،

توکي آرسَ آڪرِّينِ ہر.

ٻاتا ٻاڙيوارِيين، ٻکَّهَ منجهه ٻاتارَ،

توکي آرسَ آڪرِّينِ ہر.

ٽِتَڻ نو ڀورَ ڪري، آئي تُهجڙي وارَ،

توکي آرسَ آڪرِّينِ ہر.

سَچيوَن راتيوَن سَمهين، ڪِيو منجهه خُمارَ،

توکي آرسَ آڪرِّينِ ہر.

ڪِ تو ڪنين نہ سُئي، هلڻ جي هاڪارَ،

توکي آرسَ آڪرِّينِ ہر.

تائبَ ٿيو تڪڙا، سچي اِيءَ سَنيارَ،

توکي آرسَ آڪرِّينِ ہر.

نِنڊَ نہ ڪجي ايتري، سڄ، آدا يارَ،

توکي آرسَ آڪرِّينِ ہر.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سائينءَ مڪيءِ سچ کي، تون ڪوڙو منجهه قطار،
توکي آرس آکڙين ۾.
ڪي تو ڪنين نه سڻيو، ڪپر جي ڪوڪار،
توکي آرس آکڙين ۾.
گهڙيان نـيـو رهيءَ گهڙي، الاهـي تـهـار.
توکي آرس آکڙين ۾.
هو جو شڪ شارڪ جو، تنان وک، ستارا!
توکي آرس آکڙين ۾.
ڪل نفس ذائقة الموت، پڙهـو ايءَ پچار،
توکي آرس آکڙين ۾.
شڪار تون شهباز جو، تون تان منجهه شڪارا!
توکي آرس آکڙين ۾.
يوم يفر المرءُ من اخيه، جت پچندا يار،
توکي آرس آکڙين ۾.
تـرهو چـنـو تـار ۾، آڇج تون اوسار.
توکي آرس آکڙين ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لَکَ مِڙيئي لِنڊيا، هنِئين وِيا هَزارَ،
توکي آرسَ آکَڙِينِ ۾.
ڏِٺِيَ جي اَللهَ کي، هوندَ ڏِيين ڊِرِيِين پارَ،
توکي آرسَ آکَڙِينِ ۾.
جوڙِنِ سَتّان جَنِکي، ڏنيي تنهنجي دارَ،
توکي آرسَ آکَڙِينِ ۾.
جيڪو آهِ حَديث ۾، آنڌيِ اِي آچارَ،
توکي آرسَ آکَڙِينِ ۾.
وَڻِيئي ڪِينَ وِلِهنِ سين، ڪَنبي پِرِ ڦهارَ،
توکي آرسَ آکَڙِينِ ۾.
سا ڪِئَن هليي توسين، جا پَکِيي ڪان پَتارَ؟
توکي آرسَ آکَڙِينِ ۾.
جِئَن جالَ نَہ نِبهِي، سَڄَي، اِيءَ سنيارَ،
توکي آرسَ آکَڙِينِ ۾.
جِم وِسارِيين وِسرا، پَتَنِ جِي پَلِڪارَ،
توکي آرسَ آکَڙِينِ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# داستان چوٿون

( ١ )

مون ٻڌي ڇيڙي ڪانڌ، پٽي پاڙ ۾ مڪڙي،
سڙه پراڻا پاند، لهريون سهي لڳنديون.

( ٢ )

اڳهين آتومانءِ، ته مڪ پنهنجي مڪڙي،
پورا شڪ ۾ پانءِ، لهريون سهي لڳنديون.

( ٣ )

اچي سو ڏٺوءِ، جو ڪپر سوءِ ڪنن سين،
ستي لوڪ، لطيف چئي، ياد نه ذرو ڪئوءِ،
غافل ٿي غراب ڪئي، اوڙاهه تي آندوءِ،
سو ڇتر ڇوڙهي ڪان رکين، جو پيو پراڻون پوءِ،
جهاز ضعيفن جو، هاٺيءَ ۾ پرتوءِ،
سيد! ساٿ سندوءِ، پر بندر پهچائيين.

( ٤ )

هاڻ پرائو چاڙهيو؛ وکر وڻجارا،
اچي لهريون لڳيون، ٻيڙيءَ ٻپارا،
جاکو جي يارا، ته ترڙ توائي نه ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

لَھرينِ لِيڪو ناھِ، ڪو، جتِ ڪپرَ ڪَنَ ڪارا،
اَچارا عميق جا، آڇنِ اوپارا،
اِئي آمارا، وِيرِ وِيڙهنديُن وِسرا.

( ٦ )

وِيرِ وِڙهنديُن وِسرا، اِئي توھَ طَلبَ،
سائُر ڪنھن سببِ، ڪالھ نہ وِڌئِي ڪَن ۾.

( ٧ )

ڪالھ وِڌائين ڪَن ۾، جاڏا جَنگ جھازَ،
تُنھنجي اَجَ تَرازَ، آھي آرَ آکِينَ ۾.

( ٨ )

آھي آرَ آکِينَ ۾، ناکُئا ڪِج نِگاھَ،
وَڏا ٻيڙا ٻوڙيا، سائُر ڏيئي ساھَ،
مُلاحِظو ملاحَ، ڪِجِ ڪو اَنھي ڪَنَ جو.

( ٩ )

ڏَنگي وِچِ دَرياھَ، ڪِي ٻُڏي ڪِي اُپڙي،
ھو جي وادِي واڻيا، سي سونھَن سِپ سڙيا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُعلم ماڪ نه آڪِين، ڦلنڪي منجهه ڦِريا،
مَلاح، تنهنجي مڪڙي، آچي چور چڙهيا،
جتي ڏِينگ ڏِريا، تتي تاري تنهنجي.

( ١٠ )

ٻيڙيا تا ٻيٺي، تو نه ڦيندِيون ڪالهڙيون،
سچيون راتيون سمهين، پر سکاڻ ڏيٺي،
صباح سپيٺي، پار پڇندءِ خبرون.

( ١١ )

بندر جان پٺي، ته سکائيا، م سمهو،
ڪپر تو ڪن ڪري، جن ماڻي منجهه مهي،
ايڏو سور سهي، ننڊ نه ڪجي، ناکئا.

( ١٢ )

سَندي مُعلم آسري، متا سڀ پٺي،
آئين ٻي سمهو ناکئا، بندر ناهه پٺي،
جن جي لائق لڄ رکي، مي سڀ لنگهيندا لکيون.

( ١٣ )

اورِيائين آئين، ٻيڙيو معلم خبرون،
سا تان سَڏ نه ڏِين، جتي وه ويڙ ڪري

( ١٤ )

ناکُئو نِگهبانُ، مُعلم مُنجهي خبرونُ،
جنِ ساري ڪَنيو سمونڊ تي، سفر جو سامانُ،
لُطفَ ساڻ لطيفُ چئي، تنِ لنگهيو طوفانُ،
سَنياري سبحانُ، وڃي عادنئون آڪنا.

( ١٥ )

مُلاحظو مهراڻَ جو، مورَ م لاهه مَناءَ،
سامونڊي سَنيال ڪِي، سُمهڻ آئي ساءَ،
جاڳي جر مَتاءَ، تاري واڻءَ ترازَ کي.

( ١٦ )

تاري واڻءَ تراز کي مَنجهان موج ملاحَ،
داهون ڪنِ دَرياهَ جيونُ، اونهي جا آگاهه،
سونهنِ جي صلاحَ، وَتُ تہ ويرِ لنگهي وڃين.

( ١٧ )

سونهان سَديون ڏينِ، هنَ ديواني دَرياهَ جيونُ،
ڪوڙُ اوڏائي ڪينَ ڪي، رکو سچ سودِنِ،
عجز جو آڌ راتِ کي، وَکرُ وهائينِ،
ساڻ نباهيو نينِ، ثابتِ اِنهين سيرَ مان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٨ )

توُن وِيسرو وير، سائينِ سنيٽِ پنڌ جي،
جوڙي جنگ جهاز کي، ڪوڏ هٿائج ڪير،
وهي وڻجارنِ جي، بندر ڏانهن ٻهير،
گهرِ تنين جي ڪير، جنِ لاڪيدار لنگهائيا.

( ١٩ )

قرقل، قوٽا، پارچا، پاٽيث ٻاتائون،
ڪوٺيون قيمت سنديون، ترُ ٻ تاڪيائون،
لاچنِ منجهه، لطيف چئي، ٻيڙا ٻڌائون،
نذر نبيءَ جام جو، چڙهندي چيائون،
جي ڇهي چوڙيائون، سي ٻيڙيون رکين پاڄهه مين.

( ٢٠ )

وڃڻءَ جان ويهي، جر هلڻو ٻائيان،
”ترِ ٻيڙا، گهرِ سپرين،“ اوسڌِ ايءَ پيئي،
جِنّن وڻجارو سين وکرين، سرها سيئي،
حرمت ساڻ حبيب جي، سونگيا نه سيئي،
پاڻهي آوءَ پيهي، ڪنڌ ڪيڙائو آئيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

عمر سپ عبث، ويل وڃايم، وقت وڃايم پانهنجا.

ويٺي ليکيو لوڙيان، جيکين ڪنڙو مس،

ويل وڃايم پانهنجا.

آچي آيا ڪينن ڪي رمچ، آچي رس،

ويل وڃايم پانهنجا.

حال منهنجو هيڙو جهڙو، تان تون پريم پس،

ويل وڃايم پانهنجا.

قلب جو ڪارو ٿيو، ڪاتب لاهين ڪس،

ويل وڃايم پانهنجا.

## داستان پنجون

( ١ )

سپيئي سئين ڪرين، ڪوم منجهايين وات،

سهڪي ڪيچ سچا ڏئي، سچي جا صراط،

سپيريان جي سات، لائو لڳو ميڙين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢ )

سَيِپَئِي سُبحانَ جي، ڪَرِ حَوالي ڪَمَ،
ثِيءُ تحقيق تَسليمَ ۾، لاهي غَمَ وَهمَ،
قادِرُ ساڻُ ڪَرَمَ، حاصِلُ ڪَري حاجَ تو.

( ٣ )

ڳَچَّنِ ساڻُ ڳَچَّائِيون، اِينءَ سَيَڪو هوءِ،
تو جِتَّنِ ڪَري نہ ڪوءِ، ٻَچَنِ ساڻُ ٻِلائِيون.

( ٤ )

ڳَچَّا ڪَنِ ڳَچَّائِيون، مَتَّائِيون مَتَّنِ،
جو وَڙُ جَڙي جَنِ سين، سو وَڙُ سَيِپَئِي ڪَنِ.

( ٥ )

مَيِنَ مَتّي مَمرا، ڪَهِينَ سَڌَ ڪَرِينِ،
ساڻُ نِباهيو نينِ، اِيءَ پَرِ سَندي سَڄَڻين.

( ٦ )

وِتُ وِيهي جو جي لهين، تہ پِي ڪارِ نہ ڪَرِيين ڪا،
سا پروڙِجِ ڳالهڙي، وَڻجارَنِ وَٽا،
موتِي جَنِ هَٽا، آندئي گهٽي آدَبَ سين.

( ٧ )

آملهہ آچِ مَ آنِ کيِ، جي نہ پَروڙِن مَٽ،
جتِ گَڏجيئي جوهري، مانِڪ تَنهين مَٽِ،
جنهين سون سين سَٽ، تَنِ هٽيِ رِيِ رَدِ ڪيو.

( ٨ )

سونا! وانءُ صَراف سِينءُ، لَڌو لاهِ مَ، لَڌِ،
سودو سوڻِي ڇڏِ، جِنهن ۾ جَواهر نامِ ڪو.

( ٩ )

سونا! وانءُ صَراف سِينءُ، لَڌو هَڏَ م لاهِ،
آهي تَنِ اُونداهِ، جَنِ جَواهر ضايع ڪِيا.

( ١٠ )

جو صَرافَنِ لَڌيو، تہ تون پِڻِ لَڌِجِ، سونَ!
قَدَرُ لهندءِ ڪونَ، نيئي گَڏينديئي گَڏوءُ سين.

( ١١ )

وَجنِ مَ وِينجهارا! پائيتَ جي اَرَڪَنا،
ڪنير پايو آکِيين، لهنِ سِيڪَنهن سارَ،
موتيءُ جي مِزاجَ جو، قَدَرُ منجهہ ڪِنارَ،
صَرافنِئون ڏارَ، مانِڪ مَلاحظو ٿئي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٢ )

جي نہ سڃاڻنِ سچ کي، وِهہ م تنين وٽِ،
آملهہ کي آڏ ڪري، پاڻا هٿندا ڀٽِ،
وڃي مهر تنين وٽِ ميٽ، جي پارکو پارس جا.

( ١٣ )

قدر وارا ڪم ٿيا، ڪٿا خريدار،
پاڻيٺ جي پرکڻا، ويا سي وڻجهار،
عينڪ پائي آکين، لهن سيڪنهن سار،
صرافنئون ڏار، ماڻڪ ملا حظو ٿئي!

( ١٤ )

آگهيو ڪائو ڪچ، ماڻڪن موٽ ٿي!
پلؤ پايو سچ، آڇيندي لڄ مران!

( ١٥ )

ويا سي وڻجهار! هيرو لعل وڌين جي،
تنين سندا پوئيان، سيهي لهن نہ سار،
ڪنين ڪٽ لهار، هاٿي آنهين پيٽيين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٦ )

ٿا صراف سچن، پاڻ ڪوٺائن جوهري،
ماڻڪ ڪري مٿ ۾، وانءُ وٺي وٽ تن،
سندس ٿي سيد چئي، ڪهڙو قدر ڪن،
ڀاڙيت ڀي ڀرڪن، ڪ ڪنچل گڏن ڪچ سين؟

( ١٧ )

آمل، آساري ڀئي، پوري! پڳئي جت،
ڪہ نہ رنئي تت، ڀئي آڏ هٿ ڪري.

( ١٨ )

آمل، آساري پئي، پوري! ڀڳئي جيئن،
وانءُ صرافن سيئن، ڀئي آڏ هٿ ڪري.

( ١٩ )

آمل، آساري ڀئي، پوري پڳئي جان،
ڀئي آڏ هٿ ڪري، سري صرافن وانءُ،
تہ سو تنهين تان، سچو ڪرايين سيکہ ۾.

( ٢٠ )

ماڻڪ، منڌ هٿان، پيتيءَ ۾ پرزا ٿيو!
سچو تان سيد چئي، لهي لڪ سوا،
پڳي پچاڻان، پڌمان ٿي پري ٿيو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢١ )

جتي مائڪ ماڳ، تتي چوران تڪيو،
سنئون تن سياڳ، آمل جن اوڀاهيو.

( ٢٢ )

چور آيو ايئن چوءِ، ته آءٌ آهوئي آهيان،
جي آسي آڪين هوءِ، ته لڪي ڪي ڪونه لهي.

( ٢٣ )

چوريءَ پهت ڪجهه سين، پڌر ناهه آرت،
پوءِ لڪائج وت، پهرين لڪائي هاڻ ڪي.

( ٢٤ )

جهنگ ڪاسي پٽ ٿيو، لٽي چوران لڪ،
ويئي وجودان نڪري، جيڪا دڙي دڪ،
هيڪ سجڻ ئي سڪ، ٻئي پهتا پاڻ ۾.

وائي

جاڳ، يارا! جيڏيون! پاڻ پرنجي،
جاڳو جوشان، جيڏيون! پاڻ پرنجي.
هلندي حبيبن ڏي، ويلو وچ نه ڪجي،
جاڳو جوشان، جيڏيون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مـتا آهـن اسِري، پتنگ جـن پڄي،
جاڳو جوشان، جيڏيون!
عرض احـوال انِ کي، ڄڳيءَ پِتَ ڇڄي،
جاڳو جوشان، جيڏيون!
ڪري نِـياز نِڪتون، واحِد ڏي وِرِڄي،
جاڳو جوشان، جيڏيون!
آهي موت مِڙنِ تي، گوڙيون ڪيو ڳجي،
جاڳو جوشان، جيڏيون!
اَجـل اينده اوچتو، جـو سـدا تـو سڄي،
جاڳو جوشان، جيڏيون!
اڳيان اونـداهيءَ جـو، سمر ساڻ ڪجي،
جاڳو جوشان، جيڏيون!
ڪَنَ تون قوت قـبـر جو، کهٽو تو گهرجي،
جاڳو جوشان، جيڏيون!
آڳـو عيب آنـهجا، ڏِڪـيا ڪِجهه ٻجهي،
جاڳو جوشان، جيڏيون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي وهي وجود ۾، صاحب سو سمجهي،
جاڳو جوشان، جيڏيون!
آمن آهي آن ڪي، جو منجهه الله آجهي،
جاڳو جوشان، جيڏيون!

## داستان ڇهون

( ١ )

تانگهي ۾ تاڻي، ٻڌ پنهنجو ترهو،
اونهي ۾ آڻي، ڪونه ڏينده ڪو ٻيو.

( ٢ )

تارو تريو وڃن، ننڍا وڏا واهڙا،
هٿي، ٻرا! آتارن، جتن ڳرا مٿن مولهيا.

( ٣ )

ڏوري لهه ڏاتار، جم وهين ويسرو،
هڪڙو هوج هشيار، ڪوڙ ڪوندي اوڇتي.

( ٤ )

مٿين کهڙيءَ سار، وڃ ڪونديي ويسرا،
تو جيڏا تو پار، لهرين لهوارا ڪيا.

( ٥ )

سَتين سَنجهيئي، وِچ ڪوندِيئي وِيسرا،
وِير وَري وِيئي، آسارَن تان اوچتي.

( ٦ )

ڪوڻِ ڪِوايو، آيَئي نِندَ آياڪَ جِي،
جَنين نہ پيتو پاڻيو، ڪَري توائي تَنِ ڪي.

( ٧ )

سامونڊي تو سَنبهين، ساڃو جهلِ سُڪاڻ،
لَڳي واءُ وَڏاندرو، مُنجهائي مِهراڻ،
جَنين پاڻيو پاڻُ، ڪَري توائِي تَنِ ڪي.

( ٨ )

نَڪو سُڪَ نَڪتين، نہ وِسانڊِ نئين،
جيڪا آچَئي سامِهين، پاپين سا سئين،
موڙي ڪوهہ مئين، جَنِ سَجيون راتيون سَمهين.

( ٩ )

آهَڪي راهَہ اَللهَ جي، آهَڪي، آهَڪي پَتَ،
هوءَ جي ڍِهائي ڍيهہ جا، تَنِ پَرِ مَنجهي مَتِ،
آچاران آبتِ، گهوڙج گهاٽي لينهن مين.

( ۱۰ )

مَ ڪِينَ هيجُ، مَ هوجِ، تَرسُ مَ، تانڻ جَهاز ڪي،
ڇِنو ڪَلِمون مُحمّدَ تي، تَہ آڪِيان آچِيِڙي اوجَ،
سَهڪِيءَ پَتِ، سَبُوجهہ، تَنهنجي مَڪي ڊِڪي مَڪَڙي.

( ۱۱ )

تَنَ ۾ تَراز توهَ جِي، گُهڻُون لَهہ گهوري،
آدَبَ ۽ اِخلاصَ جا، سِرَّهَ پَدَجِ سوري،
وَڪَرَ وِيتَنِ جو، تِنهِن ۾ پاءُ توري،
تَہ عادِتُون اوري، تَنهِنجو توائِي نہ ٿِئِي.

( ۱۲ )

ثابت لنگهيا ميِرَ، لَهرِن لوڏِيا ڪِينَ ڪِي،
وَڃِي پهتا پار ڪِي، نِرتُون مَنجهان نِيرَ،
ماءُ پهتا مِيرَ، پارِ لنگهيائُون پاڄهہ سين.

( ۱۳ )

وِيهہ تُون وِساري، چَنڊا جي چِلِڻ جا،
جو لَڪَ لَهرِيُون ڏِي، ڪَرِ ساڃاهِ تِنهن سَمونڊَ جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٤ )

سمنڊ جي سيوين، تنين ماڻڪ ميڙيا،
چلر جي چوئين، تن سانگوڙا ۽ سِپون.

( ١٥ )

توڻي تنواني، توءِ تنهنجو آسرو!
سڄڻ ڪِرِ لائي، ڪيرون ڏينديس جيڏيين.

واٺي

هِي جي، هو جي لڪ، مون مارِيندا لڪ،
مون مارِيندا لڪ.

يا والِي، ڪيچ نہ اوڏي چڪ،
مون مارِيندا لڪ.

آنت نہ ڏجي عام کي، لوڪان ڪجي لِڪ،
مون مارِيندا لڪ.

پاڻ ۾ هارِيون ڪري، لينهن وهائجي نِڪ،
مون مارِيندا لڪ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سامونڊي

## داستان پهريون

( ١ )

ٻـگھہ پاسي گھارِ، آيلِ سامونڊينِ جي،
وِجھي جيءُ جنجارِ، جِم وڃِنئي اوهري.

( ٢ )

ٻـگھہ پاسي پچّ، آيل سامونڊين جي،
مَن ۾ ٻاري مچّ، جِم وڃنئي اوهري.

( ٣ )

ٻـگھہ پاسي وِيھہ، آيل سامونڊين جي،
تون ويسري وِک کنئين، هو پورِيندا پرڏيھہ،
سمنڊ جنِ سازيھہ، ڪوہ نہ وِيئين تنِ سين.

( ٤ )

جان ايندين تان آءُ، هٿِي ھت ٻـگھہ ۾،
لـَڳي واءُ سواءُ، سِڙھہ سانباهي نہ سھي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

ننگر جان نہ ڪَنِ، وانءُ وهلي نِڪري،
مَچڻ ڏيھہ وڃنِ، لاڙيون ٻوري ناڪنا.

( ٦ )

ننگر ۾ ناڙيون، پکيھہ ڪَٽي پَندِ ٿيا،
بندر بازاريون، سڀ سامونڊين ري.

( ٧ )

ننگرئون نيٽين، مَن اولي نہ اوهري،
سياجهين سيٽين، ٻائي ڪَڻ کِهيو هينئون.

( ٨ )

سيٽي جوين ڏينهن، جڏهن سڄڻ سفر هليا،
روئان، رهن نہ سپرين، آيل ڪريان ڪيئن،
مون ڪي چاڙهي چيئن، وِيو وڻجارو اوهري.

( ٩ )

نہ سي ترِ هوڙاڪ، نہ وايون وڻجارن جون،
سرتيون سامونڊين جا، آج ٻڻ ڇڪير چاڪ،
مارينهون فراق، پاڙيچيون پرين جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٠ )

وِيا اوهري اوءِ، مون کي ڇڏي ماڪهين،
جڪِنِ جا جڳ ٿيا، تن نہ مونيو ڪوءِ،
ڪونڌر مارِيندوءِ، ويچاري وِنِ جوءِ.

( ١١ )

آءُ نهي م اوهري، جڏهن جي وِيا،
ساڻداري سمونڊ جي، نهوڙي نيا،
وڃي ٽِت پيا، جتِ نهايت ناهه ڪا.

( ١٢ )

آءُ نهي م اوهري، جڏهن وِيا جي،
مونِي ماڳ نہ آئيا، ماءُ ساموندي سي،
ڪارو تنين ڪي، جيڪسِ وه وري وِيو.

( ١٣ )

اوڙاهِ وِيا نہ وريا، آءٌ تنهن ماري وڃ،
ڪري ساموندي سيڻ، جسي جار پرائيو.

( ١٤ )

جي وِيڙم آڄ، سي ڪڏهن ايندا ماڻ ڪري،
پريان جي هن پار ڏي، وڃي دؤنڪي ڏڄ،
ساموندِيڪو ڏجهه، ماءُ مارِيندم ڪڏهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٥ )

اوھرِيا جِٺائين، ڏِکَنِ تَنِ تَڙَنِ تي،
سامونڊِين، سائين! واءَ مٺائو وارِيينِ.

( ١٦ )

سامونڊي ساري، مٿي تَڙ گُذاريان،
مون کي نِي ماري، اُنهين سَندي ڳالهڙي!

( ١٧ )

سامونڊي ساري، ماءُ مُنهِنجو جِندڙو،
بَندَرِ وِيچاري، وَڃِي لايا ڏِينهڙا.

( ١٨ )

سامونڊِيَڪو سَنگُ، آهي کُوندَرَ ڪاڏَئون،
اَنکهن چاڙهي اَنگُ، وِيو وَڻجارو اوھري.

( ١٩ )

وڃيئي وِسري شال! جو تون سودو سِکيو،
آيا آئين ڪالهه، مونيو سفر سنبهين.

( ٢٠ )

ڪِرِيو جهلِيو روءِ، مٿي مُهري هَٽڙا،
ڪوءِ! سودو سَندوءِ، جو تون، ڍوليا سِکيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۲۱ )

الوڙن نہ ڏٺي، ور وڏائين ونجھہ کي،
رھہ آچوکي راتڙي، لالن! مون لائي،
وڃ م توڙائي، ايڏي سفر، سپرين.

( ۲۲ )

مون جھليندي نہ رھيا، جڪس لہر نينھن سندوم،
قادر شال ڪندوم، وڃھي ونجارن سين.

( ۲۳ )

جڪس نہر نينھن سندوم، جلن مون آيي، ھن نيليو،
سعيو سامونڊين سين، آڳھين تان نہ ڪيوم،
وڃھن منجھہ ھئوم، ھاڻ وراڪي رس سين.

( ۲۴ )

پيڙيءَ جي پٽن، نينھن نہ ڪجي آن سين،
اپيون ڏنب ڏسن، جھہ سڙھہ ڏيٺي سير ٿيا.

( ۲۵ )

ھيلڙو پيڙيءَ جان، ڏتڙ ھئي ڏينھن ٿيا،
پڇيو تان نہ پريان، جھر لاھوتي ڪڏھين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٦ )

تن جنين جي تانگ، مي سڄڻ سفر هليا،
لنج لات، لطيف چئي، ڪڏهن ايندم ڪانگ،
ڪنهن سنائي سانگ، پرين پرڏيهي ڪيا.

( ٢٧ )

تانءِ ڪين لنج ڪانگ، ڪڏهن ايندا مون گهر بن،
سيئن ڪارڻ سانگ، مون تانءِ گهٽيئي ڪيا.

( ٢٨ )

سر نسريا هاند، آتر لڳا، آه پرين،
مون تو ڪارڻ ڪانگ، سهسين سڪائون ڪيون.

( ٢٩ )

سر، لوهيڙا ڳپيا، ڪسر نسريا،
تو ڪئن وسريا، ڍوليا! ڏينهن آڇڻ جا.

( ٣٠ )

جيڪر آچي هاڻ، ته ڪريان روح رڇنديون،
آيل ڍولئي ساڻ، هوند ڳر لڳي، ڳالهيون ڪريان.

( ٣١ )

آيل ڍولئي ساڻ، آچي ته جهيڙيان،
"لائي ڏينهن گهڻان، مون سين ڪيئي تورڙا."

( ٣٢ )

ڊوليو وِنڙو ڏورِ، تي ٿي سِيءَ گُذاربان،
مادرِ مون م چورِ، نا تہ پڌرِ ٿيندي پرينءَ ربي ۔

( ٣٣ )

لاهيندا ٿي ڪنِ، ڳالهيون هلڻ سنديون،
ڏيندا مون ڏکنِ، وهِ وڃهندا جندڙو ۔

( ٣٤ )

مون ڪي جياريو، پرينِ جي ڳالهِ ڪري،
ڊئو آج آڏيو، هينڙو ڪوٽ برج جئن ۔

( ٣٥ )

وانءُ وڃي وانڻِ، هينڙا ماڪ پرين جو،
ڇميو، چم چانڻ، هوءَ جا سندي سڄڻين ۔

( ٣٦ )

آئون جنِ آساري، متي ترّ گذاريان،
مون ڪي وساري، شال م ڏجن اوهري ۔

( ٣٧ )

آساري آهيين، متي ترّ گذاريين،
تون ڪئن وساريين، سنگت ساموندين جي

( ٣٨ )

سنهي لڪِ، نڪ سٿِن، ڪجل پلِن نينِ،
ساموندِيَ، مون سينءِ، ڪ تو ڪالهہ لنگهائيا؟

( ٣٩ )

هي سڄڻ سِپِي، جي مون ڪوڏِ نهاريا،
اِيندم جانءِ پِيهِي، تہ سڀ لاهيندم ڏڪڙا.

( ٤٠ )

چمڪيون چوڏار، ڏچون ڏاڙبچن جيون،
ماءِ ساموندِي آئيا، سهسين ڪري سنگار،
آنهين جِي پچار، ڪالهونڪر ڪانگ ڪري.

## وائي

( ١ )

ڪرهل هائي لچ، ڪه نہ وِيئينءَ آنِ سين؟
آجارِياڻون اوليون، ڏناريانون ڏچ،
ڪه نہ وِيئينءَ آنِ سين؟
متان وِهين وِسري، آئي پورل پچ،
ڪه نہ وِيئينءَ آنِ سين؟
سيٽنِ ساجهر لڏيو، تون آئي نهارين آچ،
ڪه نہ وِيئينءَ آنِ سين؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪالهه سپايئي ڪنجرو، آنڱون پاتيئي آڄ،
ڪهه نه وينءَ آن سين؟
ڪيرَ سَنڌو تنهنجيون، آدو رائون آڄ،
ڪهه نه وينءَ آن سين؟

واڻي
(٢)

ويندي آئون هوتن وٽ، مون وهه وڻجارن سين.
پکيهه ڪن م، پاٽي، جاني مون اٿي جٽ،
مون وهه وڻجارن سين.
وابون وڻجارن جيون، آديون آڄ نه هٽ،
مون وهه وڻجارن سين.
ڪرهيان مور سفر جو، هلي پنهنجي آرٽ،
مون وهه وڻجارن سين.
پورينديس پرين ڏي، ڪانه ڪرينديس کهٽ،
مون وهه وڻجارن سين.
ڏيئي سڙهه سير ٿيا، پير نه لايئون پٽ،
مون وهه وڻجارن سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# داستان ٻيو

( ١ )

پَران، ماڻ پَچان، بَندر مون ڏور ٿيا،
نَہ مون هَڙِ نَہ هنج ڪِينَ، جو آئون چَئي چڙهان،
ايهين ڪيجِ هاٿِيِ، جنهن پرِ پِرِين مڙان،
ڪارون تي ڪَرِيان، تو دَرِ آيِي، ناڪَئا.

( ٢ )

هَڙَ ۾ ڪِين هيونِ، هونهَين هَنِ نَہ چاڙهِيا،
سارو ڏينهن سَمُونڊ تي، لهي سِج وِيونِ،
جِڏهِ سائِين ءَ سَبَبَ ڪِيونِ، تَڏهِ سَتَرِ ٿيا، سَيد چئي.

( ٣ )

آسان اَڏارا، آئي آونگ چاڙهيا،
مَنهن ڏيئِي مون آئيا، سَمهان سيارا،
اِپرنِ سيڪارا، پسيو ورِ پِينِ جا.

( ٤ )

مون آيِي تَڙ وَٽِ، پِرِينِ پَکِهہ چوڙيا،
ڪا مَنهِينَ ۾ کُهٽِ، تات مَجھہ سباجها گهٽون.

( ٥ )

مون آپي ترڙ هيٺ، ٻرين ٻڪيهه چوڙيا،
ڪا منهين ۾ ڏيٺ، نات سڄڻ سباجها گهٽون.

( ٦ )

مون آپي ترڙ جهل، ٻرين ٻڪيهه چوڙيا،
ڪا منهين ۾ آل، نات سڄڻ سباجها گهٽون.

( ٧ )

مون آپي ترڙ پاس، ٻرين ٻڪيهه چوڙيا،
هو الله هارا آهريا، آءٌ دمدم دعا ڪندياس،
آءٌ نه لاهينديس، موٽي ايندا مون گهرين.

( ٨ )

ڪيڙائن ڪارو، سنجهيئي ماريو،
آٻل آمارو، آهن ٻرين ٻار جو.

( ٩ )

ڪاري ڪيڙائون، متي مٿي سونيا،
سودو ڪن نه مون جو، وڏا وهائون،
موتي جي مهراڻ جا، تن جا طاماعون،
سامونڊي سائون، لنڪا لوڀي آئيا.

( ١٠ )

لنڪا لنڪا ڪن، لئي لنڪا جي اوھريا،
سٽي سون لنڪا جو، سڪ نہ ساموندين،
پره پڳه چوڙيا، ڪاري ڪيڙائن،
وڏي ڀاڳ پڙن، جي ڪنيا ڪارونڀار ڏي.

( ١١ )

ونجارن وري، پره پڳه چوڙيا،
اوليون پسي آن جيون، ٻئُرم ڪچ ڪري،
ويندِيس ماءِ مري، ساري ساموندين کي.

( ١٢ )

ونجارن واري، پره پڳه چوڙيا،
ڪيڙائو ڪاري، سنيوڙا، سيد چئي.

( ١٣ )

ونجاري وائي، سدا آه سفر جي،
آيل ايھائي، مون ماريندي ڳالھڙي.

( ١٤ )

ونجاري جي ماءِ، ونجارو نہ پليين،
آيو ٻارھين ماه، پڻ تو سفر سنبھي.

( ١٥ )

وڻجاري ڪانڌ، مون ور ويئي گهاريو،
لڳي اُتر واءُ، ڍوليو هلڻ جيون ڪري.

( ١٦ )

جي تون وڻجارو ڪانڌ، ته مون هڏ م لائون لڏيون!
پرڏيه مٿي سانگ، آئي پهر جنئن ڪيو.

( ١٧ )

پرڏيه پوريائون، سامونڊين سڙه سنباهيا،
مان تن ماريائون، پاٽان وڃي گوندرين.

( ١٨ )

ٿيا ڏياريءَ ڏينهن، سامونڊين سفر جي ڪئي،
مون سر وٺا جيڏيون، ڏکڻ سندا مينهن،
ڪيس نماڻي نيهن، ڪاري ڪيڙائن جي.

( ١٩ )

ڪارو جي ڪيڙين، سيئي منهنجا سيرين،
روئان رهن نه لڪ سينءَ، جهليان جهل نه ڏين،
وره ويڙ ڪرين، آيل سامونڊين جا.

( ٢٠ )

ڏٺي ڏياري، ساموندين سڙه سنباهيا،
وڃيو ور ونجهه کي، روئي ونجاري،
مارينده، ماري! پره سور پرين جا.

( ٢١ )

ڏٺي ڏياري، ساموندين سڙه سنباهيا،
اُن کي منڌ اُتر جي، اوچتي آئي،
ونجارن وائي، آهي ھرين ھار جي.

( ٢٢ )

ٿي ڏياري ڏيٺ، ڏوليو هلڻ جي ڪري،
مکيو پنهنجي مڪڙي، چيلي چڱي چيٺ،
روئان رهن نہ سپرين، جانکين جهليان ييٺ،
مون سين ڪري ميٺ، سجڻ سفر هليا.

## وائي

( ١ )

آئين آچي ھسو، جيڏيون! ووءِ! هي جو وه منهنجي جندڙي.
باٺي وڻڙا ھر ڳهر، منجهان ڪرس ڪسو،
ووءِ! هي جو وه منهنجي جندڙي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيئي وِنڙا ڏاهِ کي، سورن جو سرسو،
ووءِ! هي جو وه منهنجي جِندڙي.
آءٌ ڏورِيندي اَنِ کي، ڏيئي تن تسو،
ووءِ! هي جو وه منهنجي جِندڙي.
ساٿ نہ آيان سوز جو، هاٿي ٿيون هسو،
ووءِ! هي جو وه منهنجي جِندڙي.
ستان وهو، وِيسريون! رڙهو تي رسو،
ووءِ! هي جو وه منهنجي جِندڙي.
سنڌائتي مِينهن جِئن، ويرو تار وسو،
ووءِ! هي جو وه منهنجي جِندڙي.

وائي

(٢)

آئين مون کي، زورِ ۾ جهليو، جيڏيون،
ووءِ! آئون هلندي هوت ڏي.
اُونهي رنڙا اوهري، ترازون تاري،
ووءِ! آئون هلندي هوت ڏي.
مري رهنديس ماکِهين، سامونڊي ساري،
ووءِ! آئون هلندي هوت ڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سور تنهنجو سپرين، مون معذور کي ماري،
ووءِ! آئون هلندي هوت ذي.
هاڻ نہ جيان جيڏيون، آئون ڪنيس ڪوهياري،
ووءِ! آئون هلندي هوت ذي.

## وائي

(٣)

آيل ڪريان ڪيئن؟ منهنجو نينهن آڳليو نہ رهي.
ويو وڻجارو اوهري، مون کي ڇاڙهي ڇيئن،
منهنجو نينهن آڳليو نہ رهي.
ساموندين جي سڳ کي، روئان راتو ڏينهن،
منهنجو نينهن آڳليو نہ رهي.
آڏو هيءَ جنّ ڏڪرا، چڙهيا چوٽيءَ سيئن،
منهنجو نينهن آڳليو نہ رهي.
گوندر مٿاهہ چندڙي، ورڻا ولڻ جيئن،
منهنجو نينهن آڳليو نہ رهي.
سادر پاڻي منديون، وڃان هاديءَ سيئن،
منهنجو نينهن آڳليو نہ رهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان ڏيون

( ١ )

جي ويا ٻهرين پور، آهيان گهوري اُن جي،
ساموندڙيڪو سور، ماءِ ماريندم ڪڏهين.

( ٢ )

ساموڏين سعيو، سدائين سفر جو،
ڪو ڏيهه ڇتايو، اوائي وڃن اوهريا.

( ٣ )

اَج پڻ وايون ڪن، ونجارا وڃڻ جيون،
اَئي پهر آئن، سعيو ڪنهن سفر جو.

( ٤ )

اَج پڻ وايون ڪن، ونجارا وڃڻ جيون،
مون آيئي هليا، بندر جن ترّن،
سرتيون سور سندن، مون ماريندو جندڙي.

( ٥ )

اَج پڻ وايون ڪن، ونجارا وڃڻ جيون،
هلڻ هارا سپرين، روئان تان نہ رهن،
آءٌ جهليندي ڪيترو، آيل ساموڏين،
ٻکيهہ چوڙي جن، وڏا ٻيڙا پار ۾.

( ٦ )

لاهِيان جي نہ چِتان، آلا! اَنِ مَ وِسران،
مَڙهيو مَنجهاران، جيءَ مُنهنجو جِن سِين.

( ٧ )

چِتان جي نہ چِرنِ، آلا! اَنِ مَ وِسران،
مُون مَن آهي تَنِ، مَڙهيو مَنجهارا هِينئين.

( ٨ )

تَڙِين تَنوارِين، ساهُ سامونڊِيءَ آئيا،
مُون کي جِيارِين، وايُون وِنجارَن جيون.

( ٩ )

اولا کِني آوءَ، ٻَکِيهَہ چوڙي ٻِنڌِ ٿِيا،
آيلِ سامونڊِين جي، آءِ آڙانگي جوءَ،
کڏهن ڏِسنديس روءِ، وري هِنِ آکين سين.

( ١٠ )

لَکِي اَتَرَ هِيرَ، سامونڊِين سِڙهہ سَنباهِيا،
تنکر کِني ناکُنا، ٿِنا سُتاوا سِيرَ،
هينڙي نِتَ اکِيرَ، کاري کيڙائن جي.

(١١)

لڳي آتر آهريا، واهونڊن ورن،
آءِ ڪَهٽوني ڪهوريان، سان سودو سامونڊن،
آڳڻ جن آچن، عيد ورتي ان ڪي.

(١٢)

آڳڻ آيا جان، تہ سرتيون، سون سڪ ٿيا،
آسل ڀرين مٿان، ٻرڪيو ٻئن ڏيان.

(١٣)

آئي آتر منڊ، هينئين اڏڪو نہ لهي،
ونين لاچوبند، پيهر مکن پيڙيون.

(١٤)

لاچو ٿا لون، آچن سڙه آهنيا،
ڪارڻ تن پرين، ويئي وات نهاريان.

(١٥)

سڙه سڃاڻيو چوءِ، "ماءِ، سامونڊي آئيا،
سان منهنجو هوءِ، جاني هن جهاز ۾".

( ١٦ )

سِڙهه تُنهنجي سِبيائون، ٻَندرجن تڙن تي،
سِڙهه سِبي ساڃا ڪري، ڪوهه ڪَنيائون،
بيرقون ٻَڌن ٻر، ڇوڙي ڇڏيائون،
لهرِيون لنگهيائون، لطف ساڻ، لطيف چئي.

( ١٧ )

سِڙهه تُنهنجي سِبيائون، ٻَندرجن تڙن تي،
ملا معلم خبرون، ٻڇي پُوريائون،
سَتر سونِيائون، آوتر ڪِنهن نه اوليا.

( ١٨ )

ٻَندر ديسان ديس، مَل نه مِلي وارِيين،
فقيرائي ويس، اَمل ڏِينِ آتورِئا.

( ١٩ )

پَتَنِ پوءِ پچار، آن ڪِي سِڙهه ويندا گَڏيا؟
آکنڊ مون آهار، شال منهنجا موٽيا.

( ٢٠ )

آيِيون تڙ ٻوڇينِ، وهون وَنجارنِ جِيون،
آئيو آکا ڏِبنِ، ڪئوري مموند ڪي.

( ٢١ )

جنين ڪارڻ مون، ٻي ترّ ٻوڙارا ٻوڙيا،
ٻنيءِ آميدون، سيئي سڄڻ آئيا.

( ٢٢ )

وائڻيون ڏيون ورڪن، آڄا سِڙه نه ٻڌرا،
سيئي ڏيون مرڪن، جنين سندا آئيا.

( ٢٣ )

ڪوهن سِر وائڻيون، وائڻين سِر ڪنڌ،
ڪيڙي ڪيڙي ڪنڌ، ماءِ سامونڊي آئيا.

( ٢٤ )

جر ترَ ڏيا ڏي، ونِ ڏنِ ٻڌي وائڻيون،
”آلا! ڪانڌ آچي، آسائتي آهيان.“

( ٢٥ )

جا جرِ جاتون نه ڏئي، ڏيا نه موهي،
سڏون ڪوه ڪري، سا ٻنهنجي ڪانڌ جيون.

## وائي

( ١ )

پِرينِ جي پنڌان، مون کي جي جهلينديون،
سي نہ پڇنديون.

پـالـِي ڪري آئِـيـو، تـانـارو ڏيـهـان،
سي نہ پڇنديون.

پـڳـِي ڪـٽ سِجي ئِي، لـٿـِي جاڪ ڳِران،
سي نہ پڇنديون.

مـرتـِينِ مـور پِـرائـيـا، هاڻي هـِن هنڌان،
سي نہ پڇنديون.

تـان ڪِـين واس وِهـائـيـو، پاروچي ملان،
سي نہ پڇنديون.

تان ڪِين ڏونگر ڏورِيان، جان ڪـڙه آندر ماه،
سي نہ پڇنديون.

مـتيون مونکي سنديون، تون هـڏ آچ م ماڻ،
سي نہ پڇنديون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

( ٢ )

ترّ نهاريان تي، سنهنجا بندر ونڙا جي،
مان سڙه سجاڻان سجڻين.
آيي اوسه پائيان، ڪارڻ وڻجاري،
مان سڙه سجاڻان سجڻين.
ڳهڻون آڪنڊي آهيان، پرينءَ پنهنجي ڪي،
مان سڙه سجاڻان سجڻين.
آسائتي آهيان، آلا! ڪانڌ آڇي،
مان سڙه سجاڻان سجڻين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪاموڏ

## داستان پهريون

( ١ )

تون سمون، آئون گندري، مون ۾ عيبن جوءِ،
پسي راڻين روءِ، مٽان ماڳر منئين.

( ٢ )

تون سمون، آئون گندري، مون ۾ عيب اپار،
پسي لِي لغار، مٽان ماڳر منئين.

( ٣ )

تون سمون، آئون گندري، مون ۾ عيبن ڪوڙِ،
پسي ڪِڪي ڪوڙِ، مٽان ماڳر منئين.

( ٤ )

تون سمون، آئون گندري، عيب مون ۾ ويهه،
پسي مِڻڪي ڏيهه، مٽان ماڳر منئين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

تون سمون، آئون گندري، مون ۾ عيبن لک،
ڍن منهنجي حال جي، توکي سڀ پرک،
ڪارڻ رب الک، متان ماڳر مٽيين.

( ٦ )

تون تماچي، تڙ ڌڻي، آئون مهاڻي مي،
مون ڏهاڳ ۾ ڏي، آئون جا نالي ميس تنهنجي.

( ٧ )

تون تماچي، تڙ ڌڻي، آئون گندري غريب،
ترسين چام قريب، ڪي ڏن چڏائي، ڏيج مون.

( ٨ )

ڪاچ جنين جو ڪيون، مال جنين جا مڏ،
سمي ميڙي سين ڪيا، هيٺا جن جا هڏ،
جام پرتئي لڏ، مانگين جي سيد چئي.

( ٩ )

چارا ۽ ڪارا، مال جنين جو مڪڙيون،
تماچيءَ جي تڪڀي، آچن سوارا،
جي ميءَ مڇيءَ مارا، سمي سي سين ڪيا.

( ١٠ )

ڪِڪِيءَ هاٺيون ڪارِيون، ڇِڄِيءَ هاٺا ڇڄ،
پاند جنين جي ڦاند سين، لـَڳو ٿئي لڄ،
سَمون چام مهج، اِيءِ ڪَري آن سين.

( ١١ )

ڪارِيون، ڪوڄِهيون، ڪوڙِيون، سُورِ نَه سوچارِيون،
وَلِي وِيئيون واٽ تي، ڪِڪِيءَ جيون ڪارِيون،
آهين جيون آريون، سَمِي ريءَ ڪِير سهي.

( ١٢ )

چارِيون، ڪارِيون، ڇڄ، ڇِپِرِيون، جن جِي محبت سَچِيءَ سان،
رهن، وهن سِرِ پاندِين، سيڀِي هڏ بو هاڻ،
نَڏِڙن جئن لطيف چئي، ڳالِيءَ وِجهن ڳاڻ،
تن مَلاحن جو مان، سَمي سِرِ ڪيو ڳانهنجِي.

( ١٣ )

ڳَنڍ جن ٻِيءَ ڪوڏ ٻ، ڳاهوڙا پوشاڪ،
آنهين جي اوطاق، راجا ريجهي آئيو.

( ١٤ )

کَند جَنِ جيءَ گوڏِ ۾، پاہوڙا پينام،
آنھين کي اِنعام، مچر مِڙوئِي ڏيو.

( ١٥ )

کَند جَنِ جيءَ گوڏِ ۾، مٿن تي موڙيون،
آڇن سنيوڙيون، سمي جي سلام تي.

( ١٦ )

ڏيا تماچيءَ چام سين، ڏھاڻا محروم،
ننڍيءَ وڏيءَ گندريءَ، مٿي ماڙيءَ ڏوم،
جي ڪينجھر، جي روم؛ تہ سڀ اِنعامي ڏيا.

( ١٧ )

نہ وَڏِي، نہ وِڪِئِي؛ نہ ماري، نہ ڏاري؛
ڪارو وِڏائين ڪوہ ۾، نِرتون نِھاري،
سائِي ہرِ ہاري، جا ڳھر سمي جي سپجي.

( ١٨ )

نہ وَڏِي، نہ وِڪِئِي؛ نہ ڪَٽِي ۾ ڪاري؛
آھج، سِھج، ساھميون، ڏريان نہ ڏاري،
سائِي ہرِ پاري، جا ڳھرِ سمي جي سپجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٩ )

پاپوڙو پيش ڪيو، نوريءَ لئون لئي،
حاضر هيون هڪيون، سڀيون سيئي،
نوازي نيئي، ڳاڏيءَ چاڙهي ڳنڍري.

( ٢٠ )

مهاڻيءَ جي من ۾، نه ڳيرب، نه ڳاءُ،
نيڻن سين ناز ڪري، ريجهايائين راءُ،
سمون سين سلاءُ، هيريائين حرفت سين.

( ٢١ )

نوريءَ جي نياز جو، عجب آجهل هوءَ،
سمون سر سين ۾، ميءَ مورچيو سوءَ،
آچيو آيين پوءِ، حجت پڳي راڻيين.

( ٢٢ )

ميءَ مڇيءَ ۾ هتڙال، وڃي ڪري ورن،
راءُ آکيين رکيي، مهاڻي منجهه من،
تماچيءَ جي تن، ڳالهيون چيس ڳجهيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٣ )

هٿين، پيرين، لڪٿين، منهن نه مهانئي،
جتن سڀ وچ مرندڙي، تنن رائين منجهه راتي،
اصل هئي آن کي، آهن چاماتي،
ممي سچائي، ٻيڙو ٻڏس پانهن ۾.

( ٢٤ )

ٿهڙو ڪينجهر ۾، ڪين پيو، جهڙي سونهن سندياس،
مڏ، مياڻيون، مڪڙا، ٻڙٽي معاف ٿياس،
مورچل متاس، هئي جام هٿن سين.

( ٢٥ )

تڙ تماچيءَ جام جو، تماچي تڙ راءِ،
تماچي جي تڪئين، نون تماچي ڳاهه،
نه نون تماچياءِ، تماچي تڙ لهين.

( ٢٦ )

سپ سميون، سپ سومريون، سيني ڄڃيءَ هس،
پسن ڪارڻ پرينءَ جي، وڏا ڪيائون وس،
ڍول تن جي ڪس، هيئايون هلن جي.

( ٢٧ )

ڪوءِ سميون، ٻنِ سومريون، جي جامن جيون جايون،
ڪريو ويس وڏاندرا، آڳڻ ٿي آيون،
گونڊر گمايون، جهڙي سڀ جهڙپ سين.

( ٢٨ )

ڪوءِ سميون، ٻنِ سومريون، جي آچن اونچي ڳاٽ،
ور سي ڪينجهر جائيون، جنِ تماچيءَ جي تاتَ،
رائين ملا رات، مائڪ سيءَ پرائيو.

وائي

هيري هت وڏائين، ويهي سائين وچ ۾.
نوازش نوريءَ جي، آهي تماچيءَ تائين،
ويهي سائين وچ ۾.
گندگيءَ گوشو ڪيو، عطر اوتيائين،
ويهي سائين وچ ۾.
آنڊا منڊا آئيا، سخا سڌ وڏائين،
ويهي سائين وچ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پسو جود جوان جو، ڪو هنڌ ڪون مٽيائين،
وِيهي سائين وِچ ۾.
قيمت ڪميڻ سين، جهڙي وٽ ونيائين،
وِيهي سائين وِچ ۾.
موتي مچيءَ هٿ تي، ڪوڏن جڻن ڪڍيائين،
وِيهي سائين وِچ ۾.
سانڪ ميائين ۾، چِلرن جڻن چڻيائين،
وِيهي سائين وِچ ۾.
ڏيئي سون سوال ۾، رهي راند ڪيائين،
وِيهي سائين وِچ ۾.
پائيت آئي پاڻ سين، لعلون سڀ لَنيائين،
وِيهي سائين وِچ ۾.
فيروزا فقيرن تان، گهوري سڀ گهوريائين،
وِيهي سائين وِچ ۾.
آئي عبداللطيف چئي، اَچلي آسل ڏنائين،
وِيهي سائين وِچ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان پيو

( ١ )

سر صلابت، سڀڙين! سرڪن، تون ۾ سريج،
آهين ٿار آڪين جو، وٿان مون ۾ وڃيج،
تماچي تڪيج، ڪو ڏينهن ڪينجهر ڪنڌيين.

( ٢ )

ڪو ڏينهن ڪينجهر ڪنڌيين، تون تماچي تڪ،
اونچو ٿيوم آڪ، مون ڪر ملاحن ۾.

( ٣ )

هيٺ جر، مٿي مڇر، پاسي ۾ وڏراءِ،
آچي وڃي وچ ۾، تماچيءَ جي ساءِ،
لڳي اُتر واءِ، ڪينجهر هندورو ٿئي.

( ٤ )

هيٺ جر، مٿي مڇر، ڪنڌيءَ ڪونر ترن،
ورني واهوندن، ڪينجهر ڪٿوري ٿئي.

( ٥ )

هيٺ جر، مٿي مڇر، پاسي پرين سندام،
ڪوڙيين ڪاج سڏام، آئ سڏو ڪون رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٦ )

سميون ڪري سينگار، راڄ ريجهائڻ آئيون،
چام هٿ ۾ چار، ڇلي ڇپرن وچ ۾.

( ٧ )

سي ۽ هٿ ۾ سڪڙي، چام هٿ ۾ چار،
سچو ڏينهن شڪار، ڪينجهر ۾ ڪالهہ هيو.

( ٨ )

جيلانهن نوري نوازيئين، نيو تماچي تي،
ڳاڏي ۽ چاڙهي ڳنڊري، ماڙهو ڪيو سي،
ڪينجهر چوندا ڪي، تہ سچ سياڻي ڳالهڙي.

( ٩ )

ڀڪن پوء پچار: ”آڄ تماچي آئيو“؛
مرڪن ملاحن جا، متي ٻانڌيءَ ٻار،
وڏي چام چمار، جنهن سياڻيون سوکيون.

( ١٠ )

ڀڪا ڀڪاريو، چام تماچي آئيو،
گوندر لاهيو، ڳنڊريون! آتڻ اجاريو،
ڪينجهر قراريو، سمي سام بخشئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١١ )

ڪو جو ڪامڻ سيءَ، آهي آڪڙين ۾،
تن تماچيءَ جام جو، ناپون پايو ني،
عشق ايئن ڪري، جئن جارو جام ڪلهي ڪيو.

( ١٢ )

جامان آڳي جي جائيون، تن جي ذرت نوريءَ ڪي نائي،
نه سنهن، نه مارڪي، نه وڃن ڪنهن ويهانءِ،
سي ڪينجهر ڪنديون ڪانهه، جن تماچي ٽڪيو.

( ١٣ )

نه ڪنهن جاير جام ڪي، نڪو جام وياءِ،
نئڙيءَ وڏيءَ ڳنڊريءَ، ميين آه سياءِ،
"لم يلد ولم يولد" ايءَ نيابت نياءِ،
ڪبر ڪبرياءِ، تخت تماچيءَ جام جو.

وائي

تنهن ڪي ڪير چوندو سي؟ آڙي! ايءَ سمي جا سمنگي.
سمي جي سهاڳڻ جو، ميندو ڳتو سي.
جارو جام ڪلهي ڪيو، عشق ائن ڪري.
جن وعن نـ ڏني وٽ ۾، تيا ملاسي سي.
عـالـم انعامي ڪيو، نوريءَ نانءَ ...

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سسئي آبري

## داستان پهريون

( ۱ )

اَولِ آخرِ آءِ، هلڻ مَنهنجو هوتَ ڏي،
ٻورِهيو سَندو ٻورِهيتين، والِي! ڪيم وِڃاءِ،
تَڪيءَ تورو لاءِ، جِتَن جِتَري مِلي جَتَ ڪي.

( ۲ )

ڏري ۽ ڏاري، سَتَ سوَرنِ جي سَسئي،
پيائِي پَنهونءَ ڏي، نِرمَلِ نِهاري،
لالَن جِي، لَطيف چئي، سوَنهن سَتي ساري،
ٻرِيتڻونَ ٻاري، مارَڪ ۾ مَنڌَ مُئي.

( ۳ )

جي سِجهائِي سِڪ، تہ پَڻ سِڪي سَسئِي،
پِيتائين پَنهونءَ سين، هڏ نہ ڀڳيس هِڪ،
اِن ترَ مَنجهان تِڪ، ڏني ٻاڻ اَچ ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٤ )

پسي جھاجھہ جمال جي، جنين ڀيتي ڀڪ،
آهر آڪانجهو ٿيو، سور انهين کي سڪ،
هڏ نہ پڳين هڪ، سدا سائر سير ۾.

( ٥ )

محبت جن جي من ۾، تن تشنگي تار،
پي پيالو آج جو، آج سين آج اتيار،
پنهون پاڻ پيار، تہ آج سين آج اجهائيان.

( ٦ )

محبت سندو من ۾، پر پيالو جن،
پيئن پرچا ناهہ ڪو، ڪنهن جنهن ڏاهہ ڏين،
تنهن نهايت ناهہ ڪا، جنهن سچا سچ وجن،
تيلانهن آج مرن، سدا سائر سير ۾.

( ٧ )

سدا سائر سير ۾، آندر لهي نہ آج،
پسڻ جو پرينءَ جو، سا سيائي سڄ،
تيلانهن مرن آج، سدا سائر سير ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٨ )

ساڄن ڪارڻ سچ، مر قبولي سسئي،
آندر جنين آچ، هاڻي آچيو آن کي.

( ٩ )

هاڻي مٿي جهوپڙا، مورک آچ مرن،
ساهان اوڏو سپرين، لوچي تان نه لهن،
دم نه سڃاڻن، دانهون ڪن مٿن جڻن.

( ١٠ )

سسئي ڪين سمجهيو، اوري آريءَ ساڻ،
ڪري پيک پنهونءَ سين، ڀاڏاريائين ڀاڻ،
جيت وڃايو جاڻ، ڀانئي ڀاروچن سين.

( ١١ )

لڳي ڪوسو واءُ، لوڪ مڙوئي لهسيو،
آئين منجهان آئيو، ”هئي هئي“ جو هڳاءُ،
طيورن تنواريو، پنهونءَ پڇاڻاءُ،
رسيو سور شبان کي، وحوشن وناءَ،
مروئن موت قبوليو، آپر آفسوساءُ،
بر ان ڪن بڪاءُ، اڪنڊيا آريءَ لئي ڪهنون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٢ )

مهند محتاجي ڪري، اٺيءَ ٻير ڪٽيج،
کيليائيءَ ڪيچ ڏي، ڄج م هلائيج،
ٻاٽان ڏار ٻريٽئون، مسٽي! ساڻ ڪٽيج،
اوڏي عزازيل ڪي، ويجهي تان م وڃيج،
نا اميدي نيج، ته اوڏي ٿيين اميد ڪي.

( ١٣ )

مهند محتاجي ڪري، ڄج وڃائي هل،
عذرخواهيون، عاجزيون، مسٽي ڪنهن م مل،
ڏونگر ڏورڻ ڏاڪڙو، لٽئون ري ڪونهي لل،
اي ٻلائيءَ جو ٻل، جڻ ٻاسي ٿين ٻاڻ ڪان.

( ١٤ )

وه م منڌا ٻنيور ۾، ڪر ڪو واڪو وس،
ٻانهي ٻاروچن جي، ڪولي ڇڏ م ڪس،
ڏورڻ منجهان ڏس، ٻونده هوت ٻنهون جو.

( ١٥ )

وه م منڌا ٻنيور ۾، هاڙهي هڏ م هل،
ڪوڙي ڪج م ڪڏهين، سچي ڳالهہ م مل،
جانب لئي م جل، سور وسار م، مسٽي!

( ١٦ )

سَکِين نِيَ مَ سَنرِي، پَسِي ڏَک مَ ڏَر،
پَنِّي کَرِ مَ پانهِنجو، کِهوري! آڏِ مَ گهر،
ماري! هڏِ مَ سَر، مَڇڻِ جِيءُ جِيارِئين.

( ١٧ )

سَکِين نِيَ نَ سَنرِي، ڏَکِين تان نَ ڏَري،
اوري هڏِ نَ آپِيي، پَري تان نَ پَري،
سَرتِيون! تُو نَ سَري، بِنهين ريءَ بالِيَنِ کَي.

## وائي

( ١ )

تَن مَن مَنجهِه تَنوار، هو يارَ! سَدا آهي سِڪَ جِي.
تَنِّ چِٽڪِن چِت ۾، جِنَّ ما گهُنڊِيءَ لار،
هو يارَ! سَدا آهي سِڪَ جِي.
لَڳِي اَڄَ آکِينَ کِي، سِکهو سوٽ، سَتار!
هو يارَ! سَدا آهي سِڪَ جِي.
پَسانَ کِينَ پِرِيَتُون، ڪاڏِي پِرَت پَچار؟
هو يارَ! سَدا آهي سِڪَ جِي.

بنديائي پنهور ۾، آهيان آهيان ڏار،
هو يار! سدا آهي سِڪ جي.
مون کي چڏ ۾ چڙهن، آريائي آڌار!
هو يار! سدا آهي سِڪ جي.
ڏيان خيز خزان ۾، جي تو منجهه بهار،
هو يار! سدا آهي سِڪ جي.
سفر تان مون کي ڪيا، حڪيمن هزار،
هو يار! سدا آهي سِڪ جي.
دوا آهين دل جي، وارو واقف ڪارا،
هو يار! سدا آهي سِڪ جي.
آئي ڏي عليل کي، معجونون سوچارا
هو يار! سدا آهي سِڪ جي.

## وائي

( ٢ )

مون کي تان جهل ۾ پائيو، وو جيڏيون!
آئون هاندي هوت ڏي.
هي جو بار پنهور جو، لوئي تان سِي لاهيو،
آئون هلندي هوت ڏي.

آهي عاجزنِ تي، پسو سندو ساعيو،
آئون هلندي هوت ڏي.

ڪين وهنديس ڪنڌ ۾، نه مون پؤ نه پايو،
آئون هلندي هوت ڏي.

وهاري وطن ۾، شهدي ڪي م سڪايو،
آئون هلندي هوت ڏي.

ڪنلِ ڪجائنِ ۾، چاڙهي هيءَ هلايو،
آئون هلندي هوت ڏي.

منهنجو پنڌ پنهونءَ ڏي، ربي تان م رهايو،
آئون هلندي هوت ڏي.

## داستان پيو

( ١ )

هيج نه هوندو جنِ، سي ڪئن ونڊر وينديون،
وهو وچ رهنِ، سهسين سڏن واريون.

( ٢ )

سڏائتي سيڪا، بڪ نه باسي ڪا،
جيهيءَ تيهيءَ ذات جي، جنبش ڪانهي جا،
مون سين هلي سا، جيءَ مٺو جا نه ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣ )

ڪيچ نہ جنبڻ جاءِ، تہ ڪا هلي هوت ڏي،
مون سين هلي ساءِ، جا جيءَ منو نہ ڪري.

( ٤ )

آتڻ ۾ پرياڻ، هو سپني جيڏيون،
مون سياڪيءَ ساڻ، ڪير چلندي چپرين.

( ٥ )

سکڻ واري سڌ، متان ڪا مون سين ڪري،
اندر جنين آڌ، ڏونگر سي ڏوريندئون.

( ٦ )

پيرا آئون پوري، مون سگ سڄائي نہ ڪيو،
ڏيندا مون ڏير ويا، جهجڻ ۾ جهوري،
لڳي جن لوري، ڏونگر سي ڏوريندئون.

( ٧ )

اديون آئون آڇاڻ، مون سگ سڄائي نہ ڪيو،
هوند نہ سيئم هيتري، ڪوهياري جي ڪاڻ،
رتيءَ جي رهاڻ، جي آڙايم جت سين.

( ٨ )

ڏونگر نہ ڏوري، سگهن جيون سڏون ڪري،
وڃي گهر گهوري، مٿان ڀرين ڇنڊڙو.

( ٩ )

وريتيون ورو، آئون نہ ورنديس ور ري،
جاڏي هن جبل جو، تانگهينديس ترو،
جتن ساڻ ڏرو، لينهن نبيرو نہ ٿيو.

( ١٠ )

وڃو سڀ وري، آئين جي ورن واريون،
ڦوڙائي فراق جي، سڄي ڪالهہ ڪري،
ٻنيان جن ٻري، ڏونگر سي ڏوريندي يون.

( ١١ )

وڃو سڀ سوني، آئين جي ورن واريون،
ڪاڻ هلندي ڪيچ ڏي، ڪريو م ڪوني،
ڪلهير ڪاچوني، وڌم جوڳ جتن لئي.

( ١٢ )

ڏکائيندي ڏونهڙا، منڌا! سيٽاني وڃ،
پريتون م پڃ، ساٿ چڙهندو لڪين.

( ١٣ )

آڄ مِلنديس ماءُ، ڏاڍا ڪنديس ڪَپڙا،
جيجان! جوڳياڻي ٿيان، مون کي جهل م ماءُ،
هوت ڀاروچي لاءِ، ڪنين ڪنر پائيان.

( ١٤ )

سنڌيون سور ڪرين، هڏ پڻ ڏکن هوت لئي،
ٻرين جي ڀاڻ ڏنا، سي سٽي سک نه ڏين،
جي ماڙهن کي مارين، تن سورن کي سڌ ڪريان.

( ١٥ )

مون کي ڀانئي ڀاڄ، ڏير ڏوراڻا هليا،
آڪيان آئي اِن جي، خوب نه ڀِڪو ڪاڄ،
ميڙي آپ سرتيون، نڪي ڪاٻر ڪاڄ،
سا مون هتان نه ٿئي، جيڪا رسم راڄ،
آيل! آئون آڪاڄ، ٻول ڀاروچي وتري.

( ١٦ )

تو جو ٻول، ٻروچ! ويهي ڪيو وٽڪار ٻه،
سوئي ٻارج، هوت! ولهيءَ مون معذور سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٧ )

ڀڳرين تون ڀاريج، ڀارڻ ڀوءِ ڀنهونءَ تي،
ڀول ۾ وساريج، هو جو ڪيوءِ هوت سين.

( ١٨ )

جانساماڻيڻن، مستي! تان ويس وڻن جو ڪر،
لاهي لڄ، لطيف چئي، ٿي بيڪارياڻي ٻر،
۽ وينڌي ڀوڻي ور، آکيان هوت حضور ۾.

( ١٩ )

توسين ڀول ڀهون، سهسين ساڄن جي ڪري،
ڪنڌئين توءِ ڪهون، جي ڏالو ڳيڙءِ نينهن جو.

( ٢٠ )

مٺي ڀول سندان، جم سمهين مستي،
ڪنڌئين ڪه ڪيٺان، جهه مي آن اورانگهيا.

( ٢١ )

مڇ آلٽي مستي، رت ورٽون روءِ،
ڀي نہ ڀانڌي ڪو، جنهن ڪر ڀڄي لوءِ،
موڙهي وڃي توءِ، مونڻ جي ڪان ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٢ )

ڇلان، منجھہ نہ ڇاڪ، ڀران ڀونر ڀرڪٽان؛
متان ٻکا منڌ ڪري، موٽن جي مذاق،
ڇت سندو مون ڇاڪ، ماڙھي ھڏ ھٿي ڪيو.

( ٢٣ )

ڀرين ڀير ڀرڪٽان، رهہ رت رنوم،
ڀاراتو ڀرين ڪي، تپي تان نہ ڏنوم،
ڇڪي تي چيوم، "سواھرو" سجڻين.

( ٢٤ )

ڇڪيءَ کي چئي، ڪا جاڳائي جيڏيون،
ويڙو سات وھي، تو ننڊائي نہ لھي.

( ٢٥ )

ڇڪس سب چئي، ماڙھو شھر ڀنڀور جا،
سا موٽي ڪيئن مئي، جنھن جو جاب جت وٺي ويا.

( ٢٦ )

موٽن جا مذڪور، جان ڪي چيس جيڏيين،
ڀريٽ ڀھري ڀور، نيئي ڀھچائي پنھونءَ ڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٧ )

موٽڻ جي مصلحت، مون کي ڏهو ۾ جيڏيون،
نهاريندين نڪري، آريائي آلبت،
ڪنديس اوٽ عيب جي، لڪن ڏيٺي لت،
سرتيون! شريڪت، آئون ڪئين آڳن سين ڪريان.

( ٢٨ )

موٽي مران ۾، ماءُ! موٽڻ ڪان آهي مران،
تجي لالن لاءِ، شال هونديس پير تي.

## وائي

( ١ )

معلوم حال، حبيب! مون کي درد قديمي، ووا
درد جديدي، حب حبيبي.
آلودي آزار ڪان، تو ريءَ تيس طبيب،
درد جديدي، حب حبيبي.
شادي ڏيين صحت جي، غمي لاهِ غريب،
درد جديدي، حب حبيبي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهِئان ٿي آهون ڪريان، نعرو منجهہ نصيب،
دردِ جديدي، حب حبيبي.
ڪاهلِ آهيان ڪوڙي، رسي لاهِ رقيب،
دردِ جديدي، حب حبيبي.
حاذق آهين هن جو، آچين شال عجيب،
دردِ جديدي، حب حبيبي.
دوا آهين دِل جي، ٻج ٻچ رهيس طبيب،
دردِ جديدي، حب حبيبي.

## وائي

( ٢ )

ڳالهيون هوت پاروچي سان،
وو! منهنجي جيءُ جيون جيڏيون.
چلي پيئيس چيرين، سگ تنهنجي سان،
منهنجي جيءُ جيون جيڏيون.
چڙهي ڏاڍين ڏونگرين، ٻرزا ڪنديس ٻان،
منهنجي جيءُ جيون جيڏيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رلي چلي چهرين، جام وڃايم جانِ،
منهنجي جيءَ جيون جيڏيون.
هتان هڏ نہ چڏيان، سنڌو نينهن نڏان،
منهنجي جيءَ جيون جيڏيون.
نصيب ڪر مسئيءَ کي، پنهون، آڪ، وٽانِ،
منهنجي جيءَ جيون جيڏيون.

## داستان ڏيون

( ١ )

پسي ڏونگر ڏاهِ، جم هلڻ ۾ هيٺي وهين،
لانچي لڪ، لطيف چئي، پنيءَ ڪيچين ڪاهِ،
ٻچي هورجِ، مسئي بلوچاڻي باهِ،
اِنَ وڙائتي ور جو، آسر هڏ م لاهِ،
جو آ ڪيئون اوڏو آهِ، سو پرين پراهون م چئو.

( ٢ )

هتان ڪٿي هت، جن رکيو، سي رسيون،
ساجن سولهن سرت، وِڪائي وبجهو گهڻون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣ )

جيڪس ياد ڪياسِ، ورَ وڃي وڻڪار ۾،
جلد جريدي پنڌ ۾، آديون آڄ ٿياسِ،
وڃي ڪيچ پنياسِ، ٻاروچاڻيءَ ٻاجهه مين.

( ٤ )

وَڏا وَڻَ وڻڪار جا، جتِ جائو، جهر، جر،
ڪوسا تپنِ ڪڪرا، ٻِي دمدمِ تپي ڏر،
ويچاريءَ ڏي ور، پير نہ لهي پرينءَ جو.

( ٥ )

وَڏا وَڻَ وڻڪارَ جا، جتِ نالڪ سجنِ نيلا،
آتي عبداللطيفَ چئي، ڪيا هيڪلين حيلا،
جتِ ڪَرَمُ نہ قبيلا، آتِ رهبر رسيج راهه ۾.

( ٦ )

ويچاريءَ وڻڪار، آڪَ نہ ڏئو هو ڪڏهين،
مهر نہ هئي مارُهئين، هو سڀ هندوڪار،
جتِ ڪيائون يار، سورنَ ڪارڻ سرتيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٧ )

واقف نه وڻڪار جي، جت جبل جوراٽون،
آتي عبداللطيف چئي، سڃي سفر سماٽون،
ڀيروئي پاٽون، سولو ڪريين ساٿ جو.

( ٨ )

واقف نه وڻڪار جي، ٻاري سڃڻ ٻر،
ور، وسيلا سِپرين! تڪيس ڏوري ڻر،
لهج، لعل لطيف چئي، ڪانڌ مٺي جي ڪر،
ولهي ڪري ور، مڃڻ ساري چڏيين.

( ٩ )

واقف نه وڻڪار جي، آڪ نه ڏيهه ڏنوم،
ڏونگر ڏوراپن سين، ڪاتيءَ ري ڪٽوم،
جيلانهن محب مٺوم، تي چلون ڪريان چپرين.

( ١٠ )

واقف نه وڻڪار جي، پاٿيءَ ڪنيم نه پاهه،
جبل جلدايون ڪري، تڪ ڏيکاري تاهه،
لڳي لڪ، لطيف چئي، معذورن مٿاهه،
آتي اوڏو آهه، جت هوت! هيڪلي آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١١ )

مَسَئِيءَ کي مَڏ نِيو، آسان اولائون،
پَنڌَ نہ پَڇائون، آڻَ ڪِنِئي ڪان ڪري.

( ١٢ )

ڀسو! پَرائِنِ، سورنِ آڏي مَسَئِي،
پَرايا پَهچَنِ، وِڄهنِ وِيچاريءَ تِي.

( ١٣ )

مَنڌَ نہ مَنجهان تَنِ، پَسِي لڪ لَڏَنِ جي،
جا ڀَرِ ڪاهوڙينِ، سا هِرِ سِکِي مَسَئِي.

( ١٤ )

مَنڌَ مَ مَنهن وِجهه، آيِي اوسر آس ۾،
تو سِيئِي سِهِڻَ ڪيا، ڏور جنين جو ڏيهه،
ڀاڙِي ڀاڙي ڀيهه، وَتَ ڀَڇنڌي ڀِرينءَ کي.

وائي

( ١ )

هو جي هَليا هوت، سونهارا، سون نہ وَهيڻان، ڀَنهونءَ سَگيڻان.
مَسَئِي اڇي سات جا، اوطاقون اوتارا،
سون نہ وهيڻان، ڀنهونءَ سَگيڻان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آنَ کي ويندا ڪَڏيا، آريائي اِه ھارا،
مون نہ وَھيڻان، پَنھونءَ سگَيڻان.
مون کي نيندا پاڻ سين، ڪامل ڪر آجارا،
مون نہ وَھيڻان، پَنھونءَ سگَيڻان.

## وائي

( ٢ )

ڪَرَھا مَ ڪاھيو، ميان ڪيچي!
آئون آريائي عرض چوندي:

ڪَري ھوت ھلڻ جي، لوليءَ کي مَ لڄايو،
وِسيلو وِلھيءَ جو، آڳاندو آھيو،
ھاسي ھ ھريت جي، جھيڪي آڻ جھڪايو،
وِلھيءَ جي وِھاڻ ھ، واجھ سڀ وڃايو،
آڱواڙيون آسڻ ھ، پَنھنجيون ھاڻ پَراھيو،
سائينءَ ڪارڻ، سپرين! صورت کي مَ سڪايو،
ساڪن ني شھر جا، معذور کي مَرڪايو،
پنھون چام پريت سين، وڃي سور وراھيو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاهي بار پنهور ۾، ويندو گهوٽ وناهيو،
پنهونءَ جاچيڙن کي، رڏي ڪين ڪارايو،
پرٿائي پنهونءَ کي، نيڪيئي نڪرايو،
پيلي ٿي پانڻ سين، ڏکيءَ ڏيج ڏيکاريو.

داستان چوٿون

( ١ )

جدائيءَ جو جام، ڏنائون ڏکيءَ کي،
منگل منهنجي من ۾، پاريو هوت حمام،
آرڪ ٿيو آرام، ڪاڪل پسي ڪانڌ جو.

( ٢ )

درد نه لهي دارئين، زلف زور ڏنوم،
ڪاڪل ڪالهه ڏنوم، رخساري تي روپ سين.

( ٣ )

پنهو جو پنهور ۾، ڪاڪل ڏنم ڪالهه،
هئي تنهين جي حال، زلف جي زاف ڪيون.

( ٤ )

پرينديئي پاڻ ويو، زلف ڪيس زاف،
سندو ڪاڪل ڪاف، ماري معذورن کي.

( ٥ )

هاڻ نه ڄيان جيڏيون، زلف زاف ڪياس،
ڪاڪل آئون ڪٺياس، پنهو جو پنهور ۾.

( ٦ )

ڪاڪل ڪلي جا، ڪفن تنهن ڪِين ٿئي،
منجهه شهادت ساءِ، لڏي ۽ لاڏ ڪري.

( ٧ )

ڏکا ڏونگر چاڙهه، ڪر معذورن تي،
توتي لڄ لطيف چئي، آهي سنڌي عام،
مار م، چئي معذور ڪي، وهيان ڪانڌ ڪلام،
پرچ پيادين سين، الله لڳ، غلام!
جا لوازي آهنجي نام، سا هوت م ڇڏج هيڪلي.

( ٨ )

ڏسر، ڏونگر چاڙها سڪر پاڻ شريڪ سين،
ڪيهي ڪلفت تن سين، جا ڳولي آهنجي ڳام.
ورج وير وريام، منهنجو اڃو آن ڳري.

( ٩ )

ڏکا ڏونگر لاهه، آئون آڪ مٿي آهيان،
آريائي ۾ سين آهه، ذاتي مڱ، ضعيف جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٠ )

پير ھڻائين ڪونڙا، ڏونگر مٿي ڏي،
ڦٽيا ڦڙ فقير جا، ميرون ٽيڙا سي،
جهڙي ٿيڙي حال سين، پري پنھونءَ ڏي؛
وڃي مان وري، پانھيءَ پنڌڻ جنھن سين.

( ١١ )

پير پٽائين ڪونڙا، ڏونگر مٿي ڏي،
پاڻ نہ پسي ڦٽيو، ڪڙهي ڪيچين ڪي،
هاڙهو هوت هري، ڪهہ ڄاڻان، ڪِٿَن لنگهيا.

( ١٢ )

سمھڻان ساڙو، جيڏيون جيڏوئي ٿيو،
پرين جو پاڙو، مون سين اِنڊ نبيريو.

## وائي

( ١ )

مون آنديءَ ڏي ايندا، هوت سلامت سپرين.
پلءَ لائي پانھنجي، ني ڪي آت نيندا،
هوت سلامت سپرين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مَگَ نہ ڪَندا سَڪ سين، سُور سگَيتا ٿيندا،

هوتَ سَلامت سپرين.

رَکِي کَل کَلنِ تسي، نينهن نِيابو ڏيندا،

هوتَ سَلامت سپرين.

پَرِيتَ نِيندا پانڻ سين، چوري تان نہ ڇڏيندا،

هوتَ سَلامت سپرين.

## وائي

( ٢ )

ادا ڙي ڏوٿِي! آئون پنهوان تو ٿِي:

ڪيچ رَمَنديس ڪِئن، ڏَس مون ڏِي.

نہ سمي، نہ سومري، نہ آئون جت، اوٺي،

آئون آنهين مان آهيان، جي ٻانيڻ پَڙهن پوٺي،

پرت ٿينديس، پرين پڇنديس، ٻچاڙينديس پوٺي،

سنجهي وِنڙو سپرين، ساڄن ٻچان سو ٿِي،

ساجهر ساٿ پلاڻيو تو پلاڻيو پوءِ ٿِي،

هتان ٿي هوت ويو، جت پڇين جو ٿِي،

هاڻِ هوت پنهونءَ ڏي، منجهان نينهن نِڪو ٿِي،
آتڻ وِجهِي آڳ ۾، منجهان جوڻن جوءِ ٿِي،
سنجهي ساٿ سِڌاريو، پنهون ڇپان پوءِ ٿِي،
رويو رُنان رڃ ۾، هئي هئي! آئون هت ڪوهه ٿِي؟

## داستان پنجون

( ١ )

ڏورِ م ڏيهه وِيو، پير تنهنجي پِرينءَ جو،
وهڻ وانڙِين تِيءِ، ڪيچِين ري ڪِهو،
وِندرِ جو وِيو، سو، اللهَ! واري آڻين.

( ٢ )

وِندرِ جي وڃڻ، مي مر پنڌن سندرا،
پيون ڪوهه پنڌن، ڇورِي جي ڇڏِينديون.

( ٣ )

ڏيهه ڏيهائِين ڏورِ، ڏيهان ڍري ٿِيا،
سيڻن ڪارڻ سسئِي، پِيئِي پراهين پورِ،
تون وڃين هوت حضورِ، منهنجو جِتن جيلاهين ٿِئي.

( ۴ )

هيڪانديءَ هوئِي، آئِي راتِ رَوان ٿيا،
ساهه سڀڪي ۾ سور جي، پنهون وِيو هوئِي،
رَهه، قضا! دَمُ ڪوئِي، تہ هيڪر هيڪاندي ٿِيان.

( ٥ )

هَڏَ نہ ساهه سَڌَير، دِل درمالڊي دوس ري،
پائِي وِنڙا پِرت جو، زوراوَر زَنجير،
جِيءَ، جسو جاڳير، هاٿِي مِلڪ هوت جي.

( ٦ )

عمرِ سڀِ عشق سين، پنهون جي پڇڻ،
رِيس ريزاليون تن سين، ڪجاڙي ڪي ڪنِ،
مارڪِ جي مرنِ، وَڏا طالع تنِ جا.

( ٧ )

وَڏو طالعَ تو، جِنِ لِڳيئين پِير پنهونءَ جي،
سسئي! انَ ستون ڪي، رويو رويو رو،
ويئي هتِ م هو، هَلين تہ هوت لَهين.

( ٨ )

وِيئين ناهِ وراڪو، مٿين ڪونهي مڱ،
هوت هلنديِن ڪَنيو، جنِ آنڱنِ چاڙهيو آنڱ،
مٿي هاسي ڀئي پنڱ، رڙهي چام رسيون.

( ٩ )

ويئي ور نہ پونِ، مٿي مِلنِ نہ سپرين،
جي مٿي رندن رونِ، ساڄن مِلي تنِ کي.

( ١٠ )

ڪڙهي ۽ ڪڙي، ڀر ۾ پير پنهونءَ جو،
هڪ ٻڌائين منڊرو، جانب لئي جڙي،
لِکنِ مِرَ، لطيف چئي، منڌ جهيڙي ۽ جهڙي،
پئيءَ تان نہ پڙي، جي عمرِ سڀ ايئن ڪري.

( ١١ )

ڪي ڪي ڪڙيان پير، ڪي ڪڙهان ڪيچ ڏئين لئي،
اي ڏٺون ڏيئي ڏير، ٻاڻان پراهان ويا.

( ١٢ )

ڪڙه ڀر ڪيچ ڏئين لئي، ڪڙ ڀر پير سندان،
انهين ڀر آتان، پوندنِ منڌا پهاڙ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٣ )

سورن سڄهائي، ڇپلهه ٻڌيو ڇوٽيين چڙهي،
سگ پريان جي سسئي، سيڙي سلائي،
لڏائين، لطيف چئي، لالن ليلائي،
ٻانيڻِ ٻاڏائي: ”حبتان واريو هوت کي!“

( ١٤ )

رائي ڪي رنجور، ٿڪر توه ٿانڪيو چڙهي،
لانچي لڪ لطيف چئي، هلي ڏاڻهن حضور،
رهيا سپ رڃن ۾، سسئي جا سالور،
ساجن سيڙيس سور، سک نه سيڙيس سپرين.

( ١٥ )

منجهان ٻڻن پروڙ، سپ ۾ ٻڇج، سسئي!
وٽيي وڏي ڏک سان، ڏٺي وڃهج ڏوڙ،
ته تون سائيين سوڙ، جي ٻند اِهائي ٻارين.

( ١٦ )

لچي، ڪين ڪڇي، آئي سنڌ آندوه ۾،
ٻر ۾ ٻيٖر ٻڇي، لالن جو، لطيف چئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٧ )

ٻرِياٽي تہ ٻارِ، ڦوڪي تہ لڳي آنبرين،
هٿي جي هٿ جيون، وٺون سڀ وسارِ،
سوري سرڪارِ، نيٺي رکج ناهہ ٠

( ١٨ )

ٿر پڌي، تون ڪين، ٻچندئن پنهونءَ سين،
جنِ سينون ماهيين، سسئي! ٿئين ٿورون تيئن،
منجي ٿي مسڪين، همت هوت وڃائيو٠

( ١٩ )

ٻرِ لڳو ٻاڻ، پسوا جوءِ جرا ٿيي،
سا منڌ مري نہ جئي، پيئي اڄاڙي ٻاڻ،
سسئي سورن ساڻ، سنيوڙي، سيد چئي٠

وائي

( ١ )

ٻاروچان ٻاجهہ کڻي، آن ٿيي ڇلان ڇپرين،
آئون پنهنجي پرينءَ سين، وينديس واڪ وڻي،
آن ٿي ڇلان ڇپرين٠

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مـر تـان ڀـوڀـرِ منهن ۾، سندي ڀـي ڀـٽـي،
آن ٿي ڇلان ڇپرين.

ڪـونـهـي هِـن پنهور ۾، ڏاران دوس ڏٺـي،
آن ٿي ڇلان ڇپرين.

هتان هـڏ نـہ ڇڏيان، آريءَ جـي پ آئي،
آن ٿي ڇلان ڇپرين.

آعـي هـوتـن هـٿ ۾، سنـدي جـيءَ جـٽـي،
آن ٿي ڇلان ڇپرين.

ڪـيـن ورِيـا ڪِهِين، ڇـليـا ڇـن هـٽـي،
آن ٿي ڇلان ڇپرين.

مون ڪي ڪونيو هاٿ ڏي، هادي هٿ ڪٽي،
آن ٿي ڇلان ڇپرين.

پنـهـونءَ ڏاران ڀب ۾، ڀـيـلـي نـاه ڀـٽـي،
آن ٿي ڇلان ڇپرين.

تو ريءَ تـيـل نـہ پائيان، نڪا سينڌ ٿٽي،
آن ٿي ڇلان ڇپرين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

(۲)

ڪهڙو سگ سياڪو، هاريءَ مون هوتن سين.
آئون هيڪلي حب ۾، نہ مون ست نہ ڪاڪو،
هاريءَ مون هوتن سين.
منڌ پيادي، هنڌ ڪهٽون، نہ مون آٽ، نہ ناقو،
هاريءَ مون هوتن سين.
چڙهي نہ سگهان چوٽين، ڏونگر ڪونهي ڏاڪو،
هاريءَ مون هوتن سين.
ٻرين ٻچنديس ٻپ ۾، وڻ وڻ وڃهنديس واڪو،
هاريءَ مون هوتن سين.
هوءَ جا ڪڪ ڄهونءَ جي چڱيان تنهن چتاڪو،
هاريءَ مون هوتن سين.
پسڻ ڏاران پريءَ جي، فقير پوءِ ۾ فاقو،
هاريءَ مون هوتن سين.

وِچ ۾ پـوءِ وِصال ۾، لِـڪَ ۾ پـوءِ لِـيـاڪو،
هاريءَ مون هوتن سين.
آتڻ وِجهي آڪ ۾، پَچنديس پـوءِ پـڇـاڪو،
هاريءَ مون هوتن سين.

## داستان ڇهون

( ١ )

آڏرِ، نِڏرِ، آيري، آسونهين آهيان،
لَڙڪَ لعل، لطيف چئي، وَر لئي وهايان،
هيجان هنجون حب ۾، هوتن لئي هاريان،
جانب ضعيفيءَ سين، پنهون پهايان،
پيهان، پچايان، جي مانُ نيو ماڻ سين.

( ٢ )

آڏرِ، نِڏرِ، آيري، آسونهين آئون،
چينا، چور چنجن ۾، بسر ۾ بلائون،
موٽ پنهون پاهون، متان محب مري رهان.

( ٣ )

آڏر، نِڏر، آيَري، آهيان آسونهين،
پرڏيهي پِرين ڪيا، مَرڻ لئي مونهين؛
سسئي کي سيد چئي، تنگن ۾ تونهين،
هاري! جِئَن هونهين، ري سمر سڏون ڪرين.

( ٤ )

آڏر، نِڏر، آيَري، اوکي، آوائي،
ڪين نهاري نَڪرين، سانِ سڳائِي،
لاڳاپن، لطيف چئي، منڌ راڻي رهائِي،
جاڻ جڏائِي، آري! لاهه آصيل تان.

( ٥ )

آڏر نِڏر، آيَري، گمن گمائِي،
سا جِئَن وِهي ويسري، جا گهائِي، گهمائِي،
پيئي پيش پنهونءَ جي، آسن ۾ آئِي،
جا لڱن لوسائِي، سا سيج چڙهندي سسئِي.

( ٦ )

آڏر، نِڏر، آيَري، ويچاري نه وري،
لالن لاءِ لطيف چئي، اري ٻير ٻري،
ڪينئي ڪري، ڪارون ڪيچ ڏئين ڪي.

( ٧ )

آچي عِزرائيل، مٿي جاڳائي سسئي،
ڏي دوڙائي دَليل، تہ پنهونءَ ماڙهو موڪليو.

( ٨ )

مُنڪر ۽ نَڪير ڪي، جڏهن ڏٺائين،
اَکيان آئي اُن ڪي، پنهون پڇيائين،
آدا! اِهائين، ڪو ويو ساٿ سڄڻ جو؟

( ٩ )

ڏاڍائي ڏي ڏور، هئيءَ ڪيچين ڪڪرا،
رانو مڙوڙي رت سين، ڪارڻ ڪانڌ ڪڪور،
لانچي لڪ لطيف چئي، آئي ڏونگر ڏور،
جت وڃي تو زور، اُهڙ تان اوڏي ٿيين.

( ١٠ )

پئي ڏي پيمال، سا مُنڌ مري، نہ جئي،
ٻري هن ٻنيور سين، هُڌ نہ ڳرهي حال،
لالن جو لطيف چئي، وساري نہ وصال،
پري ڪجاه پال، هيءَ ذاه ذورينذي ڪيترو؟

( ١١ )

جهت ڀني، ٻه، جهنگ، هاڙهي پچ ۾ هوت کي،
سور سهيلي، سسئي! لک تنهين سين لنگهه،
ته سپيريان جي سنگ، منڍا! سڙائو تو ٿئي.

( ١٢ )

ٽڪيائي، ٽر ٽيل، چڙهه چڪيائي، جوٽيين،
هلندي هوت پنهونءَ ڏي، ٻؤ سڙيئي پيل،
آئي رانو ريل، وينئن تان واري وري.

( ١٣ )

هيءَ ڪسي، هيءَ ڪس، هيءَ پهڻ، هيءَ پيچرو،
ويچاريءَ وڏو ڪيو، وڃڻ ٻئي وس،
ليڙن جو، لطيف چئي، ڏونگر آئي ڏس،
جڳ ۾ رهيس جس، سگهر ٿي سردار جي.

( ١٤ )

ميڻن ڪارڻ، سسئي! وڃي ڪجي وس،
جم ورچي ڇڏين، سندو ڪنگڻ ڪس،
ڏوٿي ڏيندءَ ڏس، آڳيان پاروچن جو.

( ١٥ )

هل تہ هيڪاندي نيِن، وڃي وِجهہ ۾ وير،
دِل ۾ آڻ ۾ دور تون، ڦِرڻ سندو ڦير،
توڙي اُهين نہ پير، تہ پڻ راحت رڻ ۾.

وائي

( ١ )

هوت سين هلڻهار، ووا جيڏيون!
ڪِئن ڪريان آئون اِن سين.
ڪوه پلنگ، پن مارُيون، ڪيڏ سين تيز ۾ ڪار،
ڪِئن ڪريان آئون اِن سين.
سونهن سپيرين جا، آتڻ وٽ اوتار،
ڪِئن ڪريان آئون اِن سين.
وينو ڏي ڏکين کي، پنهون چام پوچار،
ڪِئن ڪريان آئون اِن سين.
آهيان نہ پٽ پنهونءَ جي، ڪنديس ڪنر ڪار،
ڪِئن ڪريان آئون اِن سين.
پير ۾ چڏج پرينءَ جو، هئي هئي! هٿ آسار،
ڪِئن ڪريان آئون اِن سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيچين ڪره ھلائيا، ميا ڏيڙم مارا،
ڪِئن ڪريان آئون اِن سين.
آنڌين آھين آسرو، موڙيج، مجب موچارا،
ڪِئن ڪريان آئون اِن سين.

وائي

( ٢ )

جيڏيون! آئون تان نہ چوندي، لوا
ڏک ڏوراھو سيڻن کي صريح، لوا
سگ نہ ورن سپرين، منت مونِ مان،
پينرا پيئي حج جي، ڪوھياري سين ڪان،
سو تون صاحب آھين، جو نہ پيرائين پان،
سئين سوالي سگيا، تو، داتا! ڏيئي دان.

## داستان ستون

( ١ )

آءُ اوراھون، سپرين! وڃ م آڳاھون،
تڪي ڪئي ترن م، پاڪاريو پاھون،
درد جيون داھون، مون ماريندين، موٽ تون.

( ٢ )

آءُ اوراهون، سپرين! وڃ م، ٻيءُ! ٻري،
مون ڏٺي، مون وسهو، ورچي تنان نہ وري،
ڏاران منهن مري، ڏکيءُ جي ڏيکاريين.

( ٣ )

آءُ اوراهون، سپرين! آري لڳ الله،
توکي ساري ساه، آکنديو آهون ڪري.

( ٤ )

آءُ اوراهون، سپرين! ٻري وڃ م، ٻيءُ!
موٽ مرنديس ڇپرين، تون جيارا جيءُ،
هوت! م ڇڏج هيءُ، پنهون! پيادي پنڌ ۾.

( ٥ )

آءُ اوراهون، سپرين! ڏکيءُ ڏيج م ڏاڳهه،
وٽ ڇڏي مون واڳهه، آري! وٺين عشق جو.

( ٦ )

آءُ اوراهون، سپرين! ڏکيءُ ڏاڳهه م ڏيج،
پيهي گهر ڇجيج، تہ هوت! هلاڪ نہ ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٧ )

مڃڻ، وَرا! وِسارِين، آري! لڳ آلله،
توکي ساري ساھ، اَکنڍِيو آھون ڪري.

( ٨ )

مڃڻ وَرا وِسارِين، صبر نہ سارِيان،
توکي نِھارِيان، آءٌ مَنھنجا سپرِين.

( ٩ )

ھتّان ھڏِ نہ ڇڏيان، صبر شڪرانو،
ذوق زمانو، مون وَرا! وِيو وِسري.

( ١٠ )

صبر ۽ شڪرڪي، ڪاڏي آئون ڪندي،
آھيان جنھن مندي، سو تہ گھرجي سانڻ مون.

( ١١ )

صبر ۽ شڪرڪي، وِٺي آئون ويٺي،
ڏکيءَ سين ڏيٺي، ڪا ڪِج آڇي ڪَڌھين.

( ١٢ )

صبر ۽ شڪرڪي، ھٿ ڪيو مون ھاڻ،
پرِيرا آڇي ٻاڻ، ٻنيءَ کي ٻچيج تون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٣ )

ناهِ جميعت جانِ کي، هوت پنهاڻان هاڻ،
الله! سيئي آڻ، جن ساڻ چڪاير سِڪ جو.

( ١٤ )

ناهِ جميعت جانِ کي، هوت پنهاڻان هتِ،
پنهونءَ جيءَ پِرتِ، ساڻ چڪاير سِڪ جو.

( ١٥ )

ناهِ جميعت جانِ کي، پنهونءَ پنهاڻان،
مي مون سيباڻان، جن ساڻ چڪاير سِڪ جو.

وائي

هلڪ نہ رهي دِل توري، وَر ميان خان بلوچا!
آڻ چاريندِيس اَن جا، مَٿان نَڪر نوري،
وَر ميان خان بلوچا!
ڏيندِيس ساهہ مرن کي، مٿان ڪَلهن ڪوري،
وَر ميان خان بلوچا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪانگ ڪينم ڪيچ جا، ماس چنجن مان چوري،
ور ميان خان بلوچا!
ڏک لاهينديس ڏيل جا، مان عجيبن اوري،
ور ميان خان بلوچا!

## داستان اٺون

( ١ )

ڪن ٻڌي، ڪيچن ڪڇيو، ڪڇ م، تا ڪڇن؛
اشارتون آن جيون، سکوتان سڄن،
وتان ويهي تن، مَن ته سوز پرائيين.

( ٢ )

مَن ته سوز پرائيين، "آءٌ" چيائون آج،
پولي پي نه سکيا، "هاٿان"، چوندو، "پيچ"،
واچي وٽ م وڄ، پڌ ته پياني لهي.

( ٣ )

پڌ ته پياني لهي، "آئون" اِت نه آهِ،
ڪچڻ ڪندي لاهِ، ڪن ٻڌي، ڪيچن ڪڇيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٤ )

ڪَن نِي ڪيچَنِ ڪَچيون، ڪيچ ۾، ڪچيائون،
رَهي نَه رَتيءَ جيتري، اَنهين وَٽ آئون،
وِڍي وِڌائون، هو جو وَنُ ’هَنُ‘ جو.

( ٥ )

ڪَڏهِن پُٺِي ڪَن نِي، ڪَڏهِن تِيجي وات،
ڪَڏهِن تِجي ڪات، ڪَڏهِن تِجي پَڪرو.

( ٦ )

ڪَنارو ۽ ڪوسَ، آڳِ آريءَ جام جي،
ڍِبَتَ آهي دوسَ، مارُڪ ۾ مَين جي.

( ٧ )

ڪامون مَچيجاه، ڪَهڻيون گَهرجنِ اوڻيا!
هي وَنُ نَه لَهندا، هو وَنُ اوڏاهين گَهٽا.

( ٨ )

آ ڪيون لَتَ اورانيون، ڪَنهن پر ڪَڙيان پير،
لَتَ لاهيندو ڪير، مون جيهيءَ مَعذورِ ڪان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۹ )

آڪيون آريءَ ڄام جيون، آنديءَ مين آهين،
هو ٻي وڻ وندر جا، مي مون سولهائين،
ڏيو ڏيڪارين، پيشاني پنهونءَ جي.

( ۱۰ )

آڪيون آريءَ ڄام جيون، آهين آنديءَ ساڻ،
پسي ڪنديون پاڻ، پيشاني پنهونءَ جي.

( ۱۱ )

سڏ م ڪر سڏن ري، هلڻ ري م هل،
جلڻ ري م جل، رئڻ ري متان رئين.

وائي

( ۱ )

درد مٿيءَ جا دارون، ووا موٽ، سپاجها سپرين.
مون لکيون، مون وسهو، محبت جيون مارون،
ووا موٽ، سپاجها سپرين.
مائٽنان مون سين ڪهڻا، ڪسڻ ڪيا ڪارون،
ووا موٽ، سپاجها سپرين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَڪنِ سون سين ڪين ڪيو، سورن لڏيم ساروَن،
وو! موٽ، سڀاجها سپرين.
منهنجيون شهر پنيور ۾، هلڪي هون پچارون،
وو! موٽ، سڀاجها سپرين.

## وائي

( ٢ )

آتڻ ۾ ويهي، سڀ دعا ڪريجاه، جيڏيون!
ڪانهي بس ڀيرُ ڪي، هل چل هٿي ٿيئي،
راه مسافر سيڪو، ڪون ڏنوسون هت ڏيهي،
مارِيندا صلوات ڪي، منجهه قبر سڀ ڀيهي،
ڪوثاٿو ڪريم جو، ڳالهه پچندم ڪيهي،
نوازيندو نور سين، ناقص ڪي آت نيٺي،
"الله هيڪ، محمد برحق"، شال چئان سان حرف اهيئي.

## داستان نائون

( ١ )

وه ۾ وساري، پچا ڪرم پنڌ جي،
نرمل نهاري، هلندين تان هٿ ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢ )

آوجھڙ آسونهن، ڏيهہ کھٽوئي ڏوريو،
سگھر رئي سونهن، پهتي ڪاڻ پنڌ ڪري.

( ٣ )

واءِ! وڃاءِ م سو، پئي جنهن پنڌ ڪريان،
چنا! چپر پرينءَ جو، پير پرنيان تو،
پر بورائو جو، سو، لکي، متان لٿين.

( ٤ )

واءِ وڃايم ڪالھہ، پئي جنهن پنڌ ڪريان،
وڃڻ مون وانئي پيو، هوتن ڪارڻ حال،
جبل ڏوريان جال، ڪارڻ پير پنهونءَ جي.

( ٥ )

کيچ م، اڃا کيهہ، گرد پس ڱنڱن جي،
ڏکيا! منجهان ڏيهہ، نکر نانهن ڪاهي ڪري.

( ٦ )

ڏور م تون ڏوريج، صبر ڪر م، سسئي!
پرڻ چڏ پيرن سين، وهڻ وساريج،
سکن جا سيد چئي، لاکايا لاهيج،
هينئين ساڻ هليج، ته پنڌ پاسي پر نيري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٧ )

وِيئِيس، وِک نہ اَپڙي، تون آرِياڻِي آءُ،
چِکيءَ تو سين چاھُ، ھاسي پِرِ اِئين رڙھي.

( ٨ )

کَھِي جا کَنياڻِين، وِک تَھِين وِيجھي ڪَئي،
چِکي چَناڻِين، پَنڌُ مِڙوئي ھَپ جو.

( ٩ )

ڏُو کوہ کَري سِيڪا، تون، کَھِي کَنجِ وِک،
تاڻِج مَنجھان تِک، تہ پَنڌُ ھاسي پِرِ نِبري.

( ١٠ )

وِيو جاکاڻِي جَت، وِيري کِنھن وِلاتَ جو،
سِندو سُورنِ خَطَ، ڏِنو ھوتَ ھَٿن سين.

( ١١ )

ڏَھلا مُون ڏِينھن ٿِيا، پِيرِ، چام چِيون،
ڪَندي پَنڌُ پَھاڙَ ڏي، ٿِيڙمِ روحُ رِيون،
لِڇِيو ٿِيان، لَطِيفُ چئي، ڪارڻ دوستَ ڏَھِيون،
پاپان لَکَ لِيون، جي سُور پِريان جا ساڻ مُون.

( ۱۲ )

هيڪلياڻي هاڻ، پورينديس پنهونءَ ڏي،
ڪنديس ڪوهيارل سين، رچي روح رهاڻ،
رلي چلي چيرين، ڪنهن ٻر لاهيان ڪاڻ،
آهيان گهٽون آڇاڻ، پر سوڙ ٻريان جا ساڻ سون.

( ۱۳ )

هيڪلياڻي هيل، پورينديس پنهونءَ ڏي،
آڏا ڏونگر، لڪيون، سوريون سڄڻ سيل،
ته ڪر پيلي آهن پيل، جي سوڙ ٻريان جا ساڻ سون.

( ۱۴ )

دوست ڏنائين دل سين، ورچي تان نه وهي،
لانچي لڪ، لطيف چئي، ٻهڻ منجهه پهي،
سندي لينهن نهي، ڪي سرفراز سسئي.

وائي

وڃي وڃي ليندين ويجهي، پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي.
آڏا ڏونگر، لڪيون، سونج محب مجيجي،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻريـن، ٻهنـوار تـو ڇٽان ٻـيـر آهيان ٻي جي،
ٻسڻ ڪارڻ ٻرينءَ جي.
نـہ ڳهرجي نينهن جي، آهيان آئون آريجي،
ٻسڻ ڪارڻ ٻرينءَ جي.
حا نـہ هلندي هوت ڏي، ٻي تنهين جو ٻاجي،
ٻسڻ ڪارڻ ٻرينءَ جي.

## داستان ڏهون

( ١ )

ٻنهون ڇڏيو ٻوءِ، تون جانب جبل ڳوليين،
تيلاهين تنڪون ڪريين، جيلاهين تون جوءِ،
ساجن سڄ نهاريين، ڏکي کهڙي ڏوءِ،
هاڙهي هوت نہ هوءِ، وري ٻچ وينين ڪان.

( ٢ )

وري ٻچ وينين ڪي، سندا ٻنهونءَ ٻار،
ساجن سپ چمار، ڏکي ڏورج ڏيل ٻـ.

( ۳ )

ڪونهي آتِ ڪوهيارَ، جتِ تو پوري پائيو،
پنڌَ مَ ڪرِ پهاڙَ ڏي، وجودُ ئي وڻڪار،
ڏاريا پانئجِ ڏار، پنهل پريان ڪر پاڻ تون.

( ۴ )

سڀئي ساري، سسئي! گهر ڪنڌ ونءُ تون گهور،
وڃي ڏورِ مَ ڏور، ڏران منجهه دوست ٿيو.

( ۵ )

ڏران منجهه دوست ٿيو، مون ئي پنهنجا هاڻين،
عبث آڪاڇين، وڃيو ڪوڪين ڪانڌ کي.

( ۶ )

پرگهران پاسو ڪري، پنهل پريان ڪر پاڻ،
سو تان تونهين ساڻ، جنهن لئي جفائون ڪرين.

( ۷ )

سوئي ڪٿيو ساڻ، سوئي ڏوريين، سسئي!
ڪڏهن ڪهين نہ ڪيو، جلڻ منجهان جاڻ،
پنهل پريان ڪر پاڻ، تہ تون ٿاٿين لهين.

( ۸ )

جو تون ڏورين ڏورِ، سو سدا آهي ساڻ تو،
لالن لئي لطيف چئي، منجهيئي ٿئي معذورِ،
مُجهان پاڻ پروڙِ، تو منجهه آهين تڪيو.

( ۹ )

وڃين ڇو وڻڪارِ، هت نه ڳولين هوت کي،
لِڪو ڪين لطيف چئي، پاروچو پٺي پارِ،
ٿيءُ سٽي پڌ سندروءِ، پرت پنهونءَ سين پارِ،
پائي نيڻ نهارِ، تو پر ڏيرو دوست جو.

( ۱۰ )

هوت تنهنجي هنج ۾، پڇين ڪهه پريان،
"وَنحنُ اَقربُ اِليهِ مِن حبلِ الوَرِيدِ" تنهنجو توهين سان،
پنهنجو آهي پاڻ، اڏو عجيبن کي.

( ۱۱ )

ڪوڙيون پڇن ڪيچ، هوت نه پڇن هتهين،
جن پنهونءَ سين پيچ، تن پيرين پنڌ وساريو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٢ )

هَلَ هِينئِين سين هوتَ ڏي، پيرين پَنڌَ وسارِ،
قاصِدائي ڪارِ، ڪَين رسائي ڪيچ کي.

( ١٣ )

هَلَ هِينئِين سين هوتَ ڏي، پيرين ڪَرِ م پَنڌَ،
رائي پچ م رَنڊ، رِڙهه، روحانِي سسئِي.

( ١٤ )

هَلَ هِينئِين سين هوتَ ڏي، ڇپرِ هَڏَ م چَلَ،
آرِيائِي آملَ، ڪابا ڪانڌَ ٿِيو.

( ١٥ )

هَلَ هِينئِين سين هوتَ ڏي، ڇپرِ چَلَ م تون،
مَنجهان لَڏو مون، ڪوهيارو ڪيچ ڏٿِي.

( ١٦ )

هَلَ هِينئِين سين هوتَ ڏي، سِسي کَڻَ م ساڻَ،
جَنين پانيو هاڻَ، سي آرِياڻان اوري رهيون.

( ١٧ )

ڪِجي پَنڌَ، پَچان تو، ڪيچنِ ڪارڻ ڪيئن،
بيخود هَلج بر ۾، آئون تو چَئان ءِ اِيئن،
سِڪَنِ ساجن سيئن، مَتان مَني چڏيين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۱۸ )

متان مٺي ڇڏيين، پريتڙون ڀاڻان،
جاڻن جِنِ چاڻان، تون پڻ هوئج تن جِنِ.

( ۱۹ )

متان مٺي ڇڏيين، ڀاڻان پريتڙون،
ڪٺوري ڪٺون، مڙهي مڙهج منهن ۾.

## وائي

غفلت يار گنوايو، پڙي! جيڏيون،
ڪِنِ ڪريان آئون، ڪهه ٿيو.
سيتيس تان ساٿ ويو، اٿيس تان ڏک آئيو،
ڪِنِ ڪريان آئون، ڪهه ٿيو.
ڀڄان ڀوءِ ڀنڀورءِ ڪي، عبث تان آن ڪائيو،
ڪِنِ ڪريان آئون، ڪهه ٿيو.
هوت هلندي جا ڪئي، سا مون ڳالهه سڻائيو.
ڪِنِ ڪريان آئون، ڪهه ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان ٻارهون

( ١ )

پڇي جان پنهور ڪان، ڏونگر ڏوريو مون،
ڪاهي رهيس ڪيچ ڪي، جتي ٻاڻ پنهون،
سيتَ آهين تون، قضا ڪنديس ڪنهن سين.

( ٢ )

ڏنا جتن انهي جيڏيون، ڏيرن مون کي ڏک،
پڇيس جان پنهور ڪان، تان سور ٻڙڻي سک،
لڳي مون تان لک، پنهون تيس ٻاڻهين.

( ٣ )

پڇي جان ٻاڻ ۾، ڪير روح رهاڻ،
تہ نکو ڏونگر ڏيهه ۾، نکا ڪيچين ڪاڻ،
پنهون تيس ٻاڻ، سسئي تان سور هئا.

( ٤ )

پنهون تيس ٻاڻهين، ويو سسئيءَ جو شرم،
هيڪليون هلڻ جي، پڇي تن ٻرم،
جو وندر ۾ ورم، سو سودو سريس هتهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

پنهون ٿيس پاڻهين، ويو مستيءَ جو سينگار،
"من عرف نفسه، فقد عرف ربه،" اِهوئي آچار،
جو وندر ۾ واپار، سو سودو سِريِس هتهين.

( ٦ )

پنهون ٿيس پاڻهين، ويئي مستي جي سونهن،
"خلق آدم علي صورته" ايءَ وٽن منجهه ورونهن،
جريءَ منجها جونهن، ڪٿي هوت هنج ڪيو.

( ٧ )

ويئي سونهن مستيءَ جي، پنهون ٿيس پاڻ،
ٿين جي سيد چئي، آهي آن آڻ،
پنيور جا پاڻ، آڏا عجيبن ڪي.

( ٨ )

وهم وِرساياس، لاٿ پنهون آئون پاڻ هٿي،
پاڻ وِڃايم پاڻهنجو، هٿي پريان جي پاس،
وتي علم نہ رِاس، ڏاران پسن پرينءَ جي.

( ۹ )

ڌاڙئون ڪاهيندياس، موٽان تان ڪر منهنڻون،
ٻانهي ٻاروچن جي، سگ نہ ساهيندياس،
"الفراق اشد من الموت"، هتي نہ هونديام،
آہ نہ لاهيندياس، جٺري جت ڏسي مران.

( ۱۰ )

جنھن جت ڏاران، معذور جو مس ٿئي،
چانگن سر چڙهي ويا، ساٿي سوارا،
آکيون اوتارا، ٻيو روڻ منهن ۾ جا.

( ۱۱ )

هيڪر هنڻ جڏهن، تہ اوڏي ٿيين عجيب کي.
"مارأيت شيئا الا ورأيت الله" نيڻ آجها اوڏهين آڏ،
تہ هوت تونهين ڪان هڏ، پرين پاسي نہ ٿئي.

( ۱۲ )

هوت تنھنجي هنج ۾، ٻچين ڪوہ ٻهي،
"وفي انفسڪم افلا تبصرون" سوجهي ڪر سهي،
ڪڏهن ڪانہ وئي، هوت ڳولڻ هٿ تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۱۳ )

وڙير سڀ وڻاڻ، يار ڪارڻ جت جي،
اَللهُ بِڪلِ شَيءٍ مُحيطٌ، اِيءَ آرياڻيءَ اُهڃاڻ،
سڀ ۾ پنهون پاڻ، ڪينهين پيو پروچ ري.

( ۱۴ )

جاڻي سڃاڻي، وِهان ڪِئن ماٺ ڪري؟
اَندر آڳ عشق جي، آهي آڌاڻي،
"اَلعِشقُ نارُ اللهِ المُوقدة،" ڪوري جِئن ڪاڻي،
آهي آرياڻيءَ پيو سرتيون سڄي ڪين ڪي.

( ۱۵ )

ڪڏ پنهونءَ ڏي ڪاهي، جاڻيءَ روح چريو ڪيو،
اُٺي ويٺي اوڏهين، سٽي پڇ ساهي،
"اَلعِشقُ حِجابٌ بينَ العاشِقِ وَ المعشوق،" لاشڪ تيءَ لاهي،
آرياڻي آهيءَ پيو سرتيون سڄي ڪين ڪي.

( ۱٦ )

سرتيون سيوئي ٿيو، اندر آرياڻي،
ويٺي ڀسان پاڻ ۾، ڏونگر ڏيهاڻي،
هيس هوتن هاڻي، تي ڪيچي ڪَڏيم ڪهه ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

ڪا جا ڳالهه هئِي، سا جي لوڪ سُئِي،
لو ڀاروچي جي من ۽ ۰
سِر سڳرِ، ڀر ايچري، تون جا لوڪ سُئِي،
سَسئي سڳر ڀنڀين، ڪير چوندو سُئِي؟
پنڌ ڪريندي ڀرينِ ڏي، ڪڏهن ڪان ڪَهِي،
آن ڪا ڏِٺي اونيا، هوتنِ وٽ هُئِي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# معذوري

## داستان پهريون

( ۱ )

هلندي هوت پنهونءَ ڏي، ڪهجن ڪي ڪوئيون،
پانهنءَ تن پٽ ٿيي، جي لٿي لالن لوئيون،
سڀ سهيليون سڪ ڪي، چنجهون ۽ چوئيون،
پانهنءَ! ٿي پوئيون، ته ڪتا ڪينٿي ڪيچ جا.

( ۲ )

ڪتا ڪينٿي ڪيچ جا، سندا جي پنهونءَ،
اکيون هوند، آسونهن جي جانارن ياد پئين.

( ۳ )

تن پيئي جانارن ياد، جي پارئل پنهونءَ چام جا،
سندي لالن لاڏ، ميان پوءِ منڌ ٿيي.

( ٤ )

جاڪاپِس جنبور، ڪَنِي ڦَريبنِ جي،
ڀِي ڀَهڪي آئيو، گهڙي منجهان گهور،
سِي لاهِيندو سور، ڪَري مِن غريب ٿان.

( ٥ )

نَڪين آهِيون چوهڙا، نَڪين آهِيون چور،
هانڪاما ۽ هور، ڪَتا! ڪَرئين ڪنِ تي.

( ٦ )

ڪَتو ڇَپي ڦَريبَ جا، آهيون ساڌ سهِي،
ڀِهرِين بات ڀِهي، پَچون پوء ڀاندِين ڪِي.

( ٧ )

ڪَهين، تان تون ڪَهي، ڏَسِ م چوهڙيان،
مَندا آهيڙِيان، آنُ نَ سهندي هَٿَڙا.

( ٨ )

ڪَتو طالبَ ڍونڊ جو، آسين ڪَتي ڪيڙ،
ڇهڻي آهي ڇيڙ، ڪارايل جي ڪن ۾.

( ٩ )

ڪنو ڪرڻي هڏيون، جوانمرد جگر ڪاڻ،
"الدنيا جيفة و طلابها ڪلاب،" ايءَ هنئين سين لاءِ.

( ١٠ )

جه يار ڏنائون بار جو، پڻيءَ پير ڪرڻ،
ڦريا نه فرمان کان، انهيءَ ۾ آهين،
ڏسي نه ڏاڙهين، شبان جي سڳ ڪي.

( ١١ )

سڳبان سينڌاريا، بچيا، تي ٻهڻ؛
ڦريا نه فرمان کان، ملهه نه موتيڙن،
ڪونهي ڏوهه ڪتن. ڏاڪاريا ڏاڙهين تان.

( ١٢ )

ڏکا، نه ونگر جا مرون، مر تا مون تي ڪن،
پڙندا ڪين پريت تي، هن جا سڌر تا سڄڻ،
سڳائيءَ جي، سيد چئي، آهي سڌ سين،
هوند نه هت نرن، پر قرابت ڪم ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٣ )

ڪمِ قرابت جنِ جيِ، هتي آيمِ هيئن،
رِفاقت راڪنِ جيِ، پهتيس ماهڙ سيئن،
ماڙهو ملاحظو تنهن جو، ڪيچِ نہ ڪندا ڪيئن،
ذاتِ نِسوريائي نيئن، پر سڌر سين مڱ ٿيو.

( ١٤ )

سڌر سين مڱ ڪري، پرڪندين پيياسِ،
ڪير برهمڻ ڪنِ جيِ، ڪير جاٽي ڪيٽاسِ،
هوند نہ سِنڌِ سياسِ، هنِ پرئين ڪيس پڌري.

واٽي

خوبي منجهہ خِفت، اي دوست دِقت،
آهي عبداللطيف کي.
مدح مون کان نہ ٿئي، سندي سور صِفت،
آهي عبداللطيف کي.
هجي ڪرِيان هيج سين، مطالِع محبت،
آهي عبداللطيف کي.

حزن هوت پنهونءَ جو، رکيائي راحت،
آهي عبداللطيف کي.
هريان جي ٻستان جو، فاقوئي فرحت،
آهي عبداللطيف کي.

## داستان ٻيو

( ١ )

ڏکيءَ ڏمر ناه، ٻکيءَ کل نہ آڇهي،
اگهاڙيءَ وهاڻہ، ويو وچاريءَ وسري.

( ٢ )

ڏکيءَ ڏورڻ هاڻ تي، وچاريءَ وڌو،
ڏيل تنهين جو ڏک سين، سيوئي سڌو،
هٿڙس آڪ لڌو، ہوءِ ٿي کري ہنڌڙا.

( ٣ )

ڏکي ٿي ڏڌور، لهسي لنئون پنهونءَ جي،
ڏيٺي آڪ آتور، سپ نہ ماڙي سسئي.

( ٤ )

ڏکيا ڏک وسار، سيج ڦٽي کر، سسئي!
ٻئين پير نهار، تہ آريائي آتان لهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

ڏکي! ڏک مٿي ڪري، وانءِ ڇپر پيهي،
ڳڏبئي ڏيهي، سوڏيون ڏينديءِ خبرون.

( ٦ )

ڏکيءَ ڏيهاڻي، مٿيءَ مٿي هٿڙا،
تنهن ۾ نه ڪائي، جنهن ۾ جئي، جيڏيون!

( ٧ )

ڏکيءَ سنديون ڏونگرين، آڏيءَ آمرن ھون،
ڏاري جو ڏونگر کي، سو ڪين ڇيو ڇون،
آري جي آفسوس ۾، ماڙهو، مرون رون،
اِن ۾ سيئي هون، هينئڙا جن هڇي ويا.

( ٨ )

ڏکيءَ سنديون ڏونگرين، پسوا پٽون ھون،
مٿي پڇاڻا منڌ کي، روجهه رڃن ۾ زون،
پٽا ايهين چون، ته ”مٿيءَ آسان کي ماريو!“

( ٩ )

ڏکيءَ سنديون ڏونگرين، اوچنگارون آڇن،
هٿي سانگ مسئيءَ کي، ڪلو ڪئو ڪيڇين،
جي هٿان هوت مرن، هوت تنين جي هنج ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٠)

ڏکيءَ سنديون ڏونگريون، ونُ نَہِ وايون ڪنِ،
ونان وڃي جنِ، وڏيءَ سِپي واڍوڙيا.

(١١)

وڏيءَ سِپي واڍوڙيا، رتَ نہ ڏنو جنِ،
موتَ قبوليو تنِ، ڏنو جنِ ڏکيءَ کي.

(١٢)

ڪنهن جنهن ڏکان ڏي، ٻارانيا کي ٻانڌيين،
سور پريائين سِپي، ڪالهہ ڪيائين جنِ سين.

(١٣)

ڪو جو وڏي وڍِ، جنِ ونُ وڍيائين وڍِ سين،
ڏک ڏکيءَ کي ڏي، جنِ ڏني سپي ڏکيا ٿيا.

(١٤)

وڏيل ٿي وايون ڪري، ڪنل ڪوڪاري،
هن ٻن ٻنهنجا سارِيا، هيءَ هنجون هڏن لئي هاري.

(١٥)

ڏکيءَ توءِ ڏکارَ، توٽي وَسِن ميِنهڙا،
صاحب هِٿ سڪار، هِنَ وسِ آهين هٿڙا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٦ )

ڏکيءَ توءِ ڏڪار، سيڻن ڏيهه سڪاريو،
ٻاروچاڻون ٻار، سپرين سواءِ سين.

( ١٧ )

اولاڪن اچي، معذور تي مارو ڪيو،
متان ور وسارئين، منجهان ڪر ڪچي،
سپڪ ٿي سورن سين، ڀڇندئن ٻچي،
لاهي لاڳاپا لنگهه تون، سيڻن ڏانهن سچي،
منجهان راهه رچي، ٿيندئن لال لطيف چئي.

## وائي

آچي لالن! لت، ميان! مي جو لوڙهه لکن ۾.
هو ڪان ڪتوريءَ هيرئون، مون ۾ صابڻ ڇت،
مي جو لوڙهه لکن ۾
آرياڻي! آچي ڪري، ڪا کهڙي مون وٽ جت،
مي جو لوڙهه لکن ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتوري ڪشبوءِ سين، هاريائون هٿ هٿ،
مي جو لوڙهه لڪن ۾.
درد منهنجي دل جو، تون ڪامل آچي ڪٽ،
مي جو لوڙهه لڪن ۾.

## داستان ٽيون

( ١ )

جهلي تان نہ رهان، پسي ڏاران پرينءَ جي،
آهيو عاجز آهيان، لالن جان نہ لهان،
فردا مون ڦٽي ڪيو، وعدي ڏي نہ وهان،
صباح سينءَ نہ سهان، خواهہ سيڙيين خواهہ ماريين.

( ٢ )

صباح سيڻن تان مون، سهي ڪير سرتيون!
کهنيان رهن نہ کهٽ پر، پيغامن جا پور،
مٺيائي منظور، هير هلنديس هوت ڏي.

( ٣ )

هير هلنديس هوت ڏي، پيون وڃهي پن،
جهڙو جان ندا ڪريان، بٺان تن پرين،
آيا اڄ گهرجن، فردا مون ڦٽي ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۴ )

فردا منڊ ڦٽي ڪئي، ٽنڊ ڪنيو نار،
هيءَ جا واڪ ولهيءَ جي، ويرم ڏي م وار،
جيڪين منيءَ مار، جيڪين ميڙ منيءَ ڪي.

( ۵ )

منيءَ ني مدعا گهري، موت ٿيو موجود،
اچين ته اچ ڪريان، صباح جو سجود،
جيڪين ني وجود، جيڪين ميڙ منيءَ ڪي.

( ٦ )

جيڪين ميڙ منيءَ ڪي، جيڪين منيءَ مار،
جيرو ڀنهين ڪنڊين، ڀنهين هارين ڀار،
ڏکيءَ ڪي ڏيکار، هيڪر هوت اکين سين.

( ۷ )

ڏسن ڏکان اکرو، مسٽي! آن م شڪ،
ٿيءَ بانهي، پر اوٺيون، لڏ م، هيي لڪ،
ور ڀنهونءَ سين پلڪ! ڪوهہ ٻارهن ماهہ ٻين سين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٨ )

هردم هوت پنهونءَ جو، ڏسڻ پانئج ڏک،
ور پنهونءَ ساڻ پلڪ! ٻن ٻارهن وره ٻين سين!

( ٩ )

ٿور ڏيرمي ٿيءِ، وڃڻ ويرم نه سهي،
ڏيٺي مرج ڏونگرين، جتن ڪارڻ جيءَ،
هڏ نه هوندو هيءَ، ساه پريان تان صدقو!

( ١٠ )

آديون! ور آڳهاڙ، وهانءَ جنهن وساريو،
جيڏيون! ڇڏي جاڙ، سڀ نڪيون ٿي نڪرو.

( ١١ )

سڀ نڪيون ٿي نڪرو، لالچ ڇڏي لوڀ،
سپيريان سين سوڀ، نيڏن ڪندي نه ٿئي.

( ١٢ )

سڀ نڪيون ٿي نڪرو، ٻرهه ڇڏي ٻوءِ،
مهند مرليان هوءِ، ڪبي جا ڪين ڪئي.

( ١٣ )

ڪبي جا ڪين ڪئي، پرينءَ نهتي سا،
وهي ويڙهجي جا، وصل تنهن وڃائيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٤ )

وصل تنھن وڃائيو، سينڌ سرمي سين،

سا لوئي ليلان جين، مٽيون جنھن مٽ ڪيو.

( ١٥ )

ھونديان ھوت پري، اوڏو آڻ ھوند ڪي.

ساڃن تن سري، ’لا‘ سين لڏين جي.

( ١٦ )

لائي خنجر ’لا‘ جو، ھڻن خنجر ڪي ھڻ،

سڏن جيون، سيد چئي، وٽون سپ وڪڻ،

پير پروڙي ڪڻ، تہ ھلڻ ۾ ھوري وھين.

( ١٧ )

ھورن ھاڙھو لنگھيو، ني جريدي جوھ،

ھوند جنين سين ھوھ، ھوت نہ ھوندو تن سين.

( ١٨ )

ھورن ھاڙھو لنگھيو، مٺي! موسٽ چڏ،

’لا‘ سين آئي لڏ، ’ڪين‘ رسائي ڪيچ ڪي.

( ١٩ )

ھورن ھاڙھو لنگھيو، ڳوريون پاسي ڳوٽ،

ڪيچ تنھين کي ڪوٽ، ”ڪين“ جنھين جي ڪچ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٠ )

هورن هاڙهو لکيو، ڪوريون ٽيون ڪمن،
هاڃي تنهن هڄڻ، ڏاران سڪ سيد چئي.

( ٢١ )

نڪا هت، نه هت ڪا، ڪوريءَ سندي ڪالهه،
ڪين پهتي مال، حال پهتي هوت کي.

## وائي

هل هوتن ڪارڻ حال، شال سگهر ٿيندين سات جي!
پير پنهنجي پرينءَ لئي، ڪوڏ رتائين ڪالهه،
شال سگهر ٿيندين سات جي!
چڙهندي سر چونيين، لکن ڪيڙس لال،
شال سگهر ٿيندين سات جي!
جي پايين جتن جي، ويجهي ٿيان وصال،
شال سگهر ٿيندين سات جي!
ٻري ٻپ وٽن م، وجهج ڪا وڙال،
شال سگهر ٿيندين سات جي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيچان آيو قافلو، ميَن مٿي سالَ،
شالَ سڳر ٿيندين، ساٿ جي!
ايندڙي بوءِ بوتن جي، تون جهلج پب پيال،
شالَ سڳر ٿيندين، ساٿ جي!
جتي جمازن ڪي، جبل ٿين جنجال،
شالَ سڳر ٿيندين ساٿ جي!
اڄي پيادين ڪي، اَت آرياڻي آحوال،
شالَ سڳر ٿيندين ساٿ جي!

## داستان چوٿون

( ۱ )

هلندي هاڙهو مٿي، ڪرڻ ڪوه پيام،
آرڏا آري ڄام ري، ڳوندر ڳَڏِريام،
لکيون، لک لطيف چئي، اورانگهن آيام،
پرڻ پنهونءَ پٺ ۾، ايءَ سعادت سنديام،
مٿيس ڪر وڏام، وهان تان نہ وس پيو.

( ٢ )

هلندي هاڙهو مٿي، ڏکن منهنجا ڏوهه،
هو اوچن سِر آئن تي، هيءَ هند ٻجاڙي ٻوهه،
ليڙن ري، لطيف چئي، ڪئن ڪريندس ڪوهه،
اکيان رائو سڄي روهه، وهان تان نه وس پيو.

( ٣ )

هلندي هاڙهو مٿي، ٻيسي ڏينديس ساهه،
لڳن تان لطيف چئي، ٻاري نيڙ ٻاهه،
ڪندو ٻاجهه الله، وهان تان نه وس پيو.

( ٤ )

هلندي هاڙهو مٿي، گسان تان م گسان،
لڪن تان، لطيف چئي، رڙهي مان رسان،
پنهون شال پسان، وهان تان نه وس پيو.

( ٥ )

ٻائي حال هلي ويا، ڪنهن کي سور سلان،
ڪٿيو لڄ، لطيف چئي، لڪن منجهه لڇان،
ٻالڏي ڪير ٻڇان، وهان تان نه وس پيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٦ )

وڏو ڪِيرُ وَڻاهُ! اُونچا، ڏُونگر مَ ٿيو،
نَمو مَ نيڻاهُ، تَ پِيرُ نِهاريان پِرينءَ جو،

( ٧ )

وارو مُون وَڻاهَ، ڪا سَڏِ سُونهَپ جي نَ ڏيو،
ايءَ اهائي ڪاڪِڙي، شجر سَٽيجاهَ،
جُونيءَ چاڙهيجاهَ، تَ مُوڙهيءَ ڪو مَنهن ٿِئي.

( ٨ )

وارو مُون وَڻراهَ، ڪا سَڏِ سُونهَپ جي نَ ڏِيو،
وِجهِي وَراڪَن ۾، مَعذورِ ڪِي مَ مَنجهاءِ،
مَنجهان پاڻ پِياديون، هادِي ٿِي هَلاءِ،
پِريان ڪي پهچاءِ، تَ لڳِي لُوئُو نَ ٿِئين.

( ٩ )

وارو مُون وَڻڪار، ڪا سَڏِ سُونهَپ جي نَ ڏِيو؟
آهي آسُونهِين جِي، مَٿي تو مَيار،
وِڙهيا وِيراڳن سين، لَڪن جا لِيار،
ڪِرِيان ٿِي ڪَوار، ڪَنڊن، ڪانڊيرن جي.

( ۱۰ )

ڪنڌا مون پيرن ۾، توڙي لَڪ لَڳنِ،
آڱرِ، آڱوٺي نه مڙڻي، ڇپون پير ڇڄنِ،
وِينديءَ ڏانهن ڀِرينِ، جتي جات نه پائيان.

( ۱۱ )

جتي مي پائينديون، جنين پير پرين،
لائيون سپِ پرينِ، مستي سپِرينِ کي.

وائي

جيڏيون ! جا جڙ لائي، جيءَ جتن سين،
سا مون مرتيون ! سيبائيام: تنهن جَتُن جال ڪيام،
جيءَ جَتنِ سين، جيڏيون !
سهڙ جا سَينِ جي، سنجهي هٿ هيامِ،
جيءَ جَتنِ سين، جيڏيون !
صبح سُنبي سَڪ ۾، ويسلي ويامِ،
جيءَ جَتنِ سين، جيڏيون !

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪل هوت پنهونءَ جي، سگر منجهه سيام،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
ڏوريندي ۾ ڏونگرين، ٿهر ٿوپ ٿيام،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
ڪوڙين پال ڪريم جا، ڪنجي منجهه ڪهريام،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
سڄي سگر ھنييس، سگهڙي سار لڌيام،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
ڪيهون ڪوهن پنيس، ڪوڪون جمازان،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
هوتاڻي هٿ ڪٿي، پنهون پياديان،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
ڏکون، ڏکون، ڏاکڙا، ڪارڻ جن ڪيام،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!
سونهي ساءِ! ڀنڀور ۾، آڳڻ سي آيام،
جيءَ جتن سين، جيڏيون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

وهجهي وندر جي وٽن،

اي اوڏي آيس، جان پريان جي پيچري،

جي تو اوڏا پانڌيا، سي ڏونگر ڏور ڏسن،

مدي نه هين من ۾، ته ڪيچان ڪوه آچن؟

مرڻ منهنجي ڪي ڪيو، هي ٻه ٻارو چن،

سونهن سگر ٻنين، منهن سعذورن،

وندر وائي جا وهي، سون کي سا نه ملن،

آئي ٻڌا اوٺين، سوتي کي ميڻ،

لاٿائون، لطيف چئي، لڏون سر لکن.

## داستان پنجون

( ١ )

هٿين پيرين، مونڙين، هلج ساڻ هيئنين،

عشق آريءَ چام جو، نباهي نئين،

جان جان ٿي جئين، تان پاڙج ڪوم پنهونءَ سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۲)

هٿين، پيرين، مونڙين، ڪهج پر ڪپار،
متان، چوري! ڇڏين، پريتي پچار،
توکي سنڌ، سسئي! سنڌي لنئون لغار،
جي هونئي هوت هزار، ته پاڙج ڪوم پنهون سين:

(۳)

هٿين، پيرين، مونڙين، ڪهج پر قدام،
وڃ وسيلو ناهِ ڪو، اوري آريءَ جام،
هينئين لائي هام، پاڙج ڪوم پنهون سين.

(۴)

هٿين پيرين، مونڙين، پري ڪج پرک،
قدم ڪيچ ڏٿين ڏي، پاءِ وڏندي وک،
جي هونئي هوتن لک، ته پاڙج ڪوم پنهون سين.

(۵)

هٿين، پيرين، مونڙين، سرج ساهه پساهه،
هوت ڳڏيندي حب ۾، رهبر مٿي راهه،
جان جان ساڻءِ ساهه، ته پاڙج ڪوم پنهون سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٦ )

جڙ جا هنيرِ جت، تنهن ڳجهي ڳاريمِ جندڙو،
آئي آندرِ ڪوڙيا، ڪوهياري ڪروت،
سورن ساڙي آهيان، سڪان ڪي صحت،
آندرِ ريلا رت، پاهر پاڦ نہ نڪري.

( ٧ )

تني ٿڌي ڪاه، ڪانهي ويل وڃڻ جي،
آسر هڏ م لاه، چڻو ڳنڍڻ آن جو.

( ٨ )

ٿڌي نڪي نہ وهي، تني ڪري تاڻ،
وڏائين وٺڪار ۾، سسئي هاڻ سڪاڻ،
پڇي پہ پکين کي، هيٺي منڌ پرياڻ،
ڏنس ڏيہ وٺن جا، تن الله لڳ آهياڻ،
مان پرچي هاڻ، اجي آرياڻي وري.

( ٩ )

تونئي ولاڙون ڪرين، تونئي هلين وک،
لکئي منجهان لک، ذرو ضايع نہ ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۱۰ )

لِکيو جو نِراڙ، سو آنگ ڪياڙي نہ ٿئي،
ھاڙيو وِيٺي ھاڙ، جيڪين لالن لِکيو لوح ۾.

( ۱۱ )

جتي جيتِريون، لِکيون لوح قلم ۾،
تتي تيتِريون، گھڙِيون گھارڻ آئيون.

( ۱۲ )

ڪيائين ڪيچين لئي، جسو جلاوت،
چڏي، ھيٺي چيرڻ، ھاري سڀ حجت،
ھٿي نماڻي نِست، ھنڌ وِڌائين ھاڻ تي.

( ۱۳ )

ھنڌ نہ ھنڌن جيترو، ڪِئن سِجندي ڪيھ،
جيڪر ڪرِيان ريھ، ھر چولدا منڌ چري ٿي.

( ۱۴ )

چونِم مر چري ٿِيي، ھر جي منڌ مٿين،
مر منھين کي ڏِين، ماڙھو آجيو مِھٽان.

( ۱۵ )

ماڙھو ڏيٺي مِھٽان، مون کي ڪندا ڪوہ؟
جنھن چوريءَ ۾ چوہ، ما ھٿون ٿيندي ھِتِ تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

توڏن تان نہ تنواريو، منهنجو لالن واريو،
الله ڪارڻ، ميان اونيا!
شرف لهي سنئي، ڪٿل ڪي ڪم ڪاريو،
منهنجو لالن واريو.
ميندئ مور ملير جا، چانگن ڪي سب چاريو،
منهنجو لالن واريو.

## داستان ڇهون

( ١ )

آئون نہ ڳڏي پرينءَ کي، ٿورا ڏينهن ٿيا،
راتين روز ويا، عبث آريءَ جام ري!

( ٢ )

آئون نہ ڳڏي پرينءَ کي، مهين سج ويا،
هلن وير هتان، ڏيکي شال ڏم ڏيان!

( ٣ )

آئون نہ ڳڏي پرينءَ کي، تون تو لهين سج،
آئون جي ڏيائن سنيها، نيئي پريان ڏج،
وجي ڪيچ چئج، تہ "ويچاري وات مٺي".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٤ )

آئون نہ گڏي ڀرينءَ کي، ڀريون ٿيو ڀساھ،
ڀِڪان ٿي سَڪرات ۾، رويو ڀڄان راھ،
شال ۾ وڃيم ساھ، ڏاران ڀسڻ ڀرينءَ جي!

( ٥ )

آئون نہ گڏي ڀرينءَ کي، عمر تان ويٺي،
ولهيءَ ڏينهن وڃائيا، سرتيون! سيٺي،
ڀيريءَ ۾ ڀيٺي، آکيون آريءَ ڏي ڪٺي.

( ٦ )

آئون نہ گڏي ڀرينءَ کي، جوڻ ويو جاڙ،
آڏا آريجن کي، چاڙهيڪا ۽ چاڙ،
مون مٿيءَ ڪان نہ ٿئي، وڏڻ منجهہ ولاڙ،
عمر سڀ آواز، ويئم! ٿي واڪا ڪريان!

( ٧ )

آئون نہ گڏي ڀرينءَ کي، هيءُ ڀڻ ڏينهن ويو،
نهوڙي ناڻن سين، مون کي نيهن نيو،
مٿي موت ٿيو، "ڀي، ڀي" ڪندي ڀند ۾!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٨ )

آئون نہ ڪڏھي پرينءَ ڪي، آيو عزرائيل،
جوراڻي سين جيڏيون، نڪو قال نہ قيل،
آيو موت دليل، ماربندو مراد ڪان!

( ٩ )

آئون نہ ڪڏھي پرينءَ ڪي، مٿان آيو موت،
واجھائيندي وره ٿيا، ھڏ نہ ڪڏھن ھوت،
جيڪس ٿينديس فوت، فنا ھن فراق ۾!

( ١٠ )

ولاڙيو وٺين چڙھي، ڪجھن ٿيندي ڪاه،
سسئي سوريءَ چاڙھيو، پريان لئي پساه،
ھو مرون، ھيءَ ماه، ڪين ڪميٽيءَ رکيو.

( ١١ )

ولاڙيو وٺين چڙھي، رئي پسيو روءِ،
وچان جو وچ پوءِ، سو ڪنھن پر ڪھي لاھيان!

( ١٢ )

ولاڙيو وٺين چڙھي، آنچن مٿي آچ،
لالن ڪارڻ لچ، پاسيائين بردار جي.

( ١٣ )

وِلاڙيو وٽين چڙهيِ، ڏيو هٿولي لانگ،
ڏاريءَ ڏاريءَ چانگ، مسئيءَ، مور ٻچن جٿن.

( ١٤ )

وِلاڙيو وٽين چڙهيِ، ڪيِ جو ڏنائين،
موت ۾ مارِيائين، ٻانَ تنهين جي پٽ ۾.

( ١٥ )

وِلاڙيو وٽين چڙهيِ، پسو! سکھ سِندياس،
آڏيءَ وِجيو آڪڙيِ، لَڪو ٻيِ نہ ماس،
سونِي سو سِٽاس، پري پڙاڏا ڪري.

( ١٦ )

وِلاڙيو وٽين چڙهيِ، ڏاڍو ڏوري ڏور،
سپيرِيان جي سور، پري پڙاڏا ڪري.

( ١٧ )

ٻري پڙاڏا ڪري، اوري نہ آهي،
ڪمتر ڪا ڪاهي، ٻهچي ھِن هنيءَ ڪي.

( ١٨ )

رڃنِ ۾ رڙ نِي، ڪر ڪوول جي ڪوڪ،
ولولو ۽ ووڪ، اِيءَ تان آھ عِشق جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٩ )

رڃڻ ۽ رڙ نہ ٿي، ڪر چتونءَ جي چانڪار،
ايءَ عشق جي آہڪار، نعرو آهي نينهن جو.

( ٢٠ )

رڃڻ ۽ رڙ نہ ٿي، جهڙي ڪري جوءِ،
ايءَ نہ عورت هوءِ، ايءَ تان آه عشق جي.

( ٢١ )

رڃڻ ۽ رڙ نہ ٿي، ڪر ڪرڪي ڪونج،
نعرو منجهہ نڪونج، ايءَ تان آه عشق جي.

( ٢٢ )

رڃڻ ۽ رڙ نہ ٿي، ڪر سارنگيءَ ساز،
اي عشق جو آواز، ماڙهو رکن نند تي.

## وائي

هيءَ گهايل هڏ گهوري، ورو! آلا ميان! ڪيچي مون نہ سگهيان.

عشق آريءَ جام جي، هيءَ جهونڙي هڏ جهوري،

ورو! آلا ميان! ڪيچي مون نہ سگهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهـِي جا رَچِنِ ﻫ، سا چِپر چِڏيو ۾ چوري،
ورا آلا مِيانْ! ڪيِچِي مون نہ سگِيٺان.
آديون آريچنِ لئِي، ڏونگر ٿيِنديس ڏِوري،
ورا آلا مِيانْ! ڪيِچِي مون نہ سگِيٺان.

## داستان ستون

( ١ )

مري، جيءُ، تہ ماڻيِين، جانبَ جو جمالَ،
ٿيِين هوند حلالَ، جي هِنڌِ اِها ٿِي پارِيِين.

( ٢ )

مَرُ، تہ موچاري ٿِيِين، اَجلان آڳي آڄ،
جانْ ڪِين هِئين جِئري، تہ مَنڌ پِنيوران پڄ،
هنهونءَ سانْ ههچ، تہ مَلَڪُالموت ماڻِيِين.

( ٣ )

مَرُ، تہ موچاري ٿِيِين، جِئڻ آڏو جت،
هاري ڪرِ همت، تہ ڏِيٺِي دَمُ دوسُ لهِين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٤ )

مَرُ، تہ موچاري ٿيِن، وِيھي وِجھہ ۾ وير،
دِل ۾ آڻ ۾ دور تون، ڦرڻ سندو ڦير،
توٽي لهين نہ ہيرُ، توءِ راحت آه رِڙهڻ ۾.

( ٥ )

مَرُ، تہ موچاري ٿيِن، وِيھي جيءَ ۾ جوءِ،
منڌا مرڻا ہوءِ، ہچندئن ہنھونءَ کي.

( ٦ )

آجلان اڳي، سَسُئِي! منڌي، جيرِيائي مرُ،
ٽولٽان تنهن ۾ تُرُ، جنهن روح وِڃايو راه ۾.

( ٧ )

مرڻا آڳي جي مُئا، سي مري ٿين نہ مات،
هوندا سي حيات، جيئان آڳي جي جيا.

( ٨ )

جيئان آڳي جي جيا، جُڳ جُڳ سي جِين،
آوءِ مونِي ڪين مرن، مرڻا اڳي جي مُئا.

( ٩ )

تو ساماڻي، سسُئِي! مرڻ ڪيو مُردار،
ڪِپر سين ڪوهِيار، لوٽيا تو لڄائيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٠ )

اونچو آتا هون، گھٽون، جيڻ کي جبل،
مرڻ! مون سين هل، ته پڇي تو پنڌ ڪريان.

( ١١ )

تو مگ، ساهه! ڳھڻ سين؛ جيئڻ! گوشي جاءِ،
مرڻ! مون سين آءُ، ته پڇي تو پنڌ ڪريان.

( ١٢ )

وڏا طالع تن جا، جي مارڪ منجهه مرن،
پيون چاڪي ڪن، ڪوڙي دعوي دوست سين.

( ١٣ )

سڏ سڃاڻي پرينءَ جو، واڪي جي نه ورن،
ڪجهاڙي ڪي ڪن، ڪوڙي دعوي دوست سين.

( ١٤ )

سين جي مارڪ ۾، چيڙ چلي جي،
ته قدر ڪيچين ڪي، هولڊ پوءِ تنهنجي پنڌ جو.

( ١٥ )

پر ۾ پچي پرينءَ کي، مري نه جاتوءِ،
"مرتوا"، منڌ نه سوءِ، ڪنڌ ڪجهاڙيان ڪانئين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

وِهءُ مَ واٽ وِرچِي، هوا آلا مِيان!

جِئَن ڪَهَندئُن تِئَن لهَندِئُن.

ڪَنين آچِي ڪا ڪهِي، ڪَنين آچِي ڪا چَئِي،

جِئَن ڪَهَندئُن، تِئَن لهَندِئُن.

آمَلَ پانيان اَن ڪي، ساڄَن مون ڪي جا چَئِي،

جِئَن ڪَهَندئُن، تِئَن لهَندِئُن.

ٻيِرَ پَنائين ڪونشرا، رائِي ڪِيس رچِي،

جِئَن ڪَهَندئُن، تِئَن لهَندِئُن.

مَنهن ڪرِ معذورن ڏي، پَهون چام! ٻرچِي،

جِئَن ڪَهَندِئُن، تِئَن لهَندئُن.

مون ڪي تِنهين ساريو، جِتَن جا چَئِي،

جِئَن ڪَهَندئُن، تِئَن لهَندئُن.

وِندَر وائِڙِين ٻي، ڪانڌي ٽِيندم ڪيچي،

جِئَن ڪَهَندِئُن، تِئَن لهَندئُن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڊيسي

## داستان ڀڙيون

( ۱ )

مَٺيس! جهل ٻهارَ، ڪَنِيس! ڪاهِ ۾ ڪرهو،
موُن لِماٽيءَ جي نِجهريءَ، ڀِيرو ڪِج ڀِتار،
ساجن توهان ڏارَ، ڏِٺم ڏِينهن قِيام جو.

( ۲ )

ڏاڪَهن، ڏيرَن، ڏوَنگرن، تِنهين ڏِٺم ڏُکَ،
سِي سَپ پانيم سَکَ، هيڪاند ڪارڻ هوت جي.

( ۳ )

ڏاڪَهنِ، ڏيرَن، ڏوَنگرن، تِنهين ڏُک ڏِٺام،
لَڪَنِ لوسائيو هِينئون، ڇِپُن ڀِير ڇِنام،
رَندين رَتَ رَنام، ڀَرِنديءَ پار پنهونءَ جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٤ )

ڏاکهن، ڏيرن، ڏونگرن، ڏکن آئون ڏڏي،
پڇان پير پنهونءَ جو، وڇان وک وڏي،
لکئي آئون لڏي، نات ٻئن ڪير پند ڪري.

( ٥ )

ڏاکها ڪيم ڏرو، آڇا آريائي آکي ڏيو،
موڙي مجر ناريون، چانگا تا چرو،
آن تان حرف هرو، موراٿين معاف ڏيو.

( ٦ )

آڳن مٿي اوپرا، جڏهن ڏاکها ڏٺي ڏينهن،
وٺي مرڪ مستي، ويه، وهائيءَ سيڻن،
چوٺي سين چانگن کي، جڙ زنجيرن جيڻن،
تہ هوت تنهنجو هيڏن، پنهون نيائون نہ ٻان سين.

( ٧ )

آڳن مٿي اوپرا، جڏهن ڏاکها ڏينهن ڏٺاءِ،
ڪنجون جي قفلن جيون، تان ڪنهن لل لڪاءِ،
تہ سپاٽي سنڌباهہ، ٿئي ساروٽي مستي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٨ )

آڳُن مٿي اوپرا، جڏهن ڏٺي آٽ،
ڏائي نہ ڏاکهن کي، اوکي ساڻ آکٽ،
تہ هوند نہ تنهنجي هٽ، سور پرايا مسٽي.

( ٩ )

آڳن مٿي اوپرا، جڏهن ڏٺي توڏا،
ونگيٺي نہ وارن سين، تن گورن جا گوڏا،
تہ لڪن جا لوڏا، هوند نہ سٺي مسٽي.

( ١٠ )

ڏاکهٿون ڏيرڻ، جي آندا پرد پنهور ۾،
ٿي چيل چرا ڪيا، وہ پٺي وهڙن،
ڪڙيءَ ڪڙڪو آن جو، هوند سٽي سو سين،
ڏاندن ساڻ سيد چئي، پاديون پهچن،
جن جو پير نہ لکو پٽيين، تن آير ساڻ آئن،
ڪنڪن ۽ جنڪن، منڌ آسونهين ميڙيين.

( ١١ )

آکي آٽ رڙن، مون پيري ماٽ ٽيي،
پلاٽيندي پاڻ ۾، ڪچيو ڪين ڪٽن،
ڪا جا مام مٽن، هن پڻ هٿي هن مين.

( ١٢ )

ڇا جي ڏِنگا ڏيرَ، مُنهنجو ڏِينهن ڏِنگو ۾ ٿِئي،
آئِنِ، اوڻيڙنِ جِي، ڇا وَهيٽُو ويرُ،
هيءَ ڪميٽي ڪيرُ، جا آسَر ڪي آڏو اَچي.

( ١٣ )

ديسي سِينَ ڪَجنِ، پَرديسي ڪهڙا پِرينِ،
لَڏيو، لاڏوٽا ڪيو، پَنهنجي ديسِ وڃنِ،
پَڇاڻا پِرينِ، ڪِجي ٻَس پِنيور ڪان.

( ١٤ )

ڏِريائين ڏارِيان، مِٺَ مٿيءَ جا نه ٿِيا،
مَدي ڏيرنَ مَن ۾، ڪِليو ڪيڪاريان،
صبحَ ٿِي سارِيان، تہ آٿَ نہ اوطاقنِ ۾.

( ١٥ )

آٿَ ۾ اوري اَنِ، ڏاڪَهنِ ڏَڌي آهِيان،
هٿي هَٿَ هَينِ ڪِي، ٻري نِيئي ٻلاڻِ،
هوتَ مُنهنجو هاڻِ، پنهونَ نياڻونَ پاڻَ سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٦ )

جتا! شال جيوا جيو تان جاڙون ڪريو،
ٻانيڻ کي ٻروچ ري، ٻيلي لاهه ٻيو،
چنڊ تان نہ ٻيو، هي سگ نہ چنڊ جيهڙو.

( ١٧ )

جتن جا جيلان، ٿي ساٿ ٻجائي سسئي،
آيس آريءَ جام جا، ترت تونڌا تيلان،
ان کي لاڪيليون نڪن ۾، ڏهريون ڏليلان،
سر هٿيو سيلا، لايو نيڻهن نڊون ڪرين.

( ١٨ )

جتن ڪج جتن جو، آئيا ڪي اهندا،
وٺي ٻنهون ٻانهنجو، وٺان تو ويندا،
دم نہ ڏيندا، سڏاريندا سائيهہ ڏي.

( ١٩ )

جت هڏهين هت، سون ٻت هينڙي ۾ حل ٿيا،
چنگل جنين چوڙا، راحت تن جي رت،
ڳنگن جي ڳپت، چيڙي وڏيس ڇپرين.

www.sindhsalamat.com          books.sindhsalamat.com

( ٢٠ )

جتن وڏيس جار، نات هيس نماڻي نڪٽي،
ٿيڙا پاڻ قرار، مون من ڪڏي ڳوندرين.

( ٢١ )

جي چاڻان جتن، پوءِ ٻاندر هيترو،
آءٌ ڪٺن ملا تن، سرتيون سور پرائيان.

( ٢٢ )

هي جي آيا هير، مون آڳ نه ڏٺا ڪڏهين،
آئون ترمان، هو تڪڙا، هٿ نه لائن پير،
پنهوليس ہرن ٻه، پسي پينڊين پير،
آءٌ آريائي آسري، ني واهر جي وير،
هيءَ ڪميڻي ڪير، تون پارس رنج پٻ ٻ.

( ٢٣ )

جتن يارانون، ڪيچين مون سين ڪونه ڪئو،
نالي سيس هوت جي، مٿم پارانون،
تيلاهين طعنون، ڏيندا مون ڏير ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢۴ )

ڪورا وَڃنِ ڪامَ، ڏيرنِ مَندا ڏيھ ٻي،
توڏنِ جيون ترَپيڙ ۾، ترِيون ترڪن تانَ ۾،
اونيڙا آرامَ، لنگھي ٻَبَ ٻري ٿيا.

( ٢٥ )

ڳھ سِرِ ٿئي ۾ ڪَسَ، ٻئي ٻوءِ ۾ ٻرينءِ ٻي،
جنھن سِرِ ساڄن سپرين، تنھن اَٿ ۾ لڳي آسَ،
ٻنھون ٻاڪ ٻرسَ! ھوت نہ ڪجن ھيڏيون.

( ٢٦ )

آسَ ۾ لڳي اوٺيين، ليڙان لَڪَ ۾ لڳ،
اَللهَ! اريچنِ ڪي، ڪوسو واءُ ۾ وڳَ،
جت جَجھا ۾ جڳ، مُنھنجي پرت پنھونءَ سين.

( ٢٧ )

لَڏيندي لِباسَ، جتن جيڏوئي ڪيو،
آچي آريءَ جامَ جو، وَٺَ وَٺَ منجھان واسَ،
مرون ڪينمَ ماسَ، ھڏَ ھلندا ھوت ڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٨ )

آٽ ويري اوٺار ويري، ويري ٽيڙم ڏير،
چوٿون ويري واءُ ٿيو، جنهن لٽيا پنهونءَ پير،
پنجون ويري سج ٿيو، جنهن الهي ڪي آوير،
ڇهون ويري ڇپر ٿيو، جنهن سوان نہ ڪيا سير،
ستون ويري چنڊ ٿيو، جو ڪڙيو نہ وڏيءَ وير،
واهيري جي وير، ڇاون ڪريان ڇپرين.

واڻي

ڏاگهن، ڏيرن ساڻ، ڪرهن، ڪيچين ساڻ،
مٺان ڪا پي لنؤن لائي!
آئون ستي، هو هليا، ونڙا ڪرهل ڪاهي،
مٺان ڪا پي لنؤن لائي!
اسڻ آڪيان ان جي، ”پر پرا“ ڪيو پاڌائي،
مٺان ڪا پي لنؤن لائي!
جتر ڏيٺي چت ڪي، ونڙا هوت ڇپائي،
مٺان ڪا پي لنؤن لائي!
جيڪا هين سن ،، ونڙا پنهنجي پڃائي،
مٺان ڪا پي لنؤن لائي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# داستان پيو

( ١ )

اَڄ ٻه وساڻي اونئين، مٿي مارڪ ماڪ،
پنهون نيائون پاڻَ سين، تاڙيون پڄي طاق،
"هيهات هيهات لما توعدون"، سڄي ٿي اوطاق،
ڇڪيءَ چوري چاڪ، هاڙهي هوت هلي ويا.

( ٢ )

مڙيي منڌ ذي آئيون، ساهيڙيون سهجان،
"آلسفر قطعة من النار"، هاري! موٽ هتان،
سگ صراط المستقيم جو، اٿي تان آگيان،
مي ڪيچي نينده ڪٿان، تنهنجو نينهن نفاق سين.

( ٣ )

جڏان ڪن فيڪون ڇٽي، نيو آرياڻيءَ آرواح،
آنگ آگهين لکيو، منهنجو ميثاقاءِ،
"من طلب شيئا وجد وجد"، آتو علي شاه،
آڇا هن حديث جو، موٽن آسرو آه،
پنهونءَ جي پيغام تان، منهنجو موت مباح،
سرتيون! دعا ڪجاه، ته ميڙائو مون ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۴ )

صبح سياهي، آهي آريءَ ڄام ري،
ڪڏهن پسي ڪا ... ڪا، ري لالن لالائي،
دود دل تان دور ڪري، ڪر ساجن صفائي،
"من لا شيخ له فشيخه الشيطان"، اِن ري آونداهي،
هوءَ جا هلي هيڪلي، سا ڳيرب ڳمائي،
"بلا شيخ من يمشي في الطريق"، اهڙي آوائي،
تنهن ري توائي، ڪوڙين ٿيون ڪيتريون.

( ۵ )

بر وڏو، بار ڳهڻون، ويجهو نه وٽڪار،
ليڙن جو لطيف چئي، ڪنيو منڌ مدار،
وٽندن ته وڙ ڪندا، نات آڪين جي اختيار،
ڪاڏي ٿيو ڪوهيار، ڪاڏي ٿي هٿ ڪٿي.

( ۶ )

ڪيڙي ڪيچاين، ڳوڙا ڳس هلائيا،
لڙيو، چڙهيو چوٽين، ڪريو ڪوه ڪرڻ،
سونهن جي سردار سين، سي توڏ م ترنجن،
لطف ساڻ لطيف چئي، لنگهيو بر بوتن،
تن ڪهڙو غم ڳنڪن، هوت حماتي جن جو.

( ۷ )

جاڳائي جتن، ڳورا ڳس هلائيا،
ڀتيي ري ڀهاڙ ۾، آڪ م آڳهنجن،
لتاڙي لطيف چئي، لنگهيو بر بوٿن،
تن ڪِهڙي ڇڪ چانگن، هوت حماتي جن جو.

( ۸ )

پنيي ٿا پربن، سائين سنڌ هٿن ۾،
ليڙن جو لطيف چئي، مون کي منجهه نه ڏبن،
هوت پنهون ٿا نين، آسونهيءَ جو آڇڪو.

( ۹ )

اوڳارين نه آنرا، ڀڏا چرن نه ڀور،
ليڙن کي لطيف چئي، هلڻ جو مذڪور،
مين ڪسي ماسور، آهي آنتڻ اڳيين پنڌ جي.

( ۱۰ )

دوڪ دهليا جت، ڳورا هلن نه ڳس ۾،
چؤ سال ٿي نه چلئا، ٿي تنگ نهاري تت،
سوڌي آنهين سيد چئي، پوءِ پانچارئن پرت،
اِن آڙالڪي پنڌ جي، ڪا ليشن پوءِ نرت،
سيئي وڏي ست، جا اهڙيءَ پر پنڌ ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۱۱ )

ٻنِ تا ٻلائينِ، اوٺي آڄ آيــڪڙا،
پهه، پارسيون پاڻ ۾، ڏير ڏيهاڻي ڏينِ،
هوت پنهون تا نينِ، ٻاروچي ٻولي ڪيو.

( ۱۲ )

ٻنِ تا ٻلائينِ، اوٺي ڳهٽون آٻاهرا،
عوھ جي هلڻ سنديون، ڳاهون ڳالهائينِ،
ٻون کي تا مارينِ، سڄڻ سانباهي ڪيو.

( ۱۳ )

”هٿي هٿيا“ ڪيو ”هاءِ!“ ٿي پاڻ هٿي سِر ٻاهٽين،
لڏائين لطيف چئي، جتنِ سندي جاءِ،
شڪر ٻارِ سنداءِ، جتن سنائي ساٿ مڙي.

وائي

لالــن آيــڙو پيهي، وِنــڙا ســور سيپئي،
جيس جيسا وو جيڏيون، منهنجو لالن آيو پيهي.
ڳالهيون ڪنديس ڳجهيون، منهن مقابلِ ويهي،
جيس جيسا وو جيڏيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتوريءَ بار پري، آيو ڏونگر ڏيهي،
جيس جيس! وو جيڏيون.
سرڪشي سردار مين، سون ڪميٺي ڪيهي،
جيس جيس! وو جيڏيون.
هٿي شڪستي مسٽي، راز ٻنهونءَ جي ريهي،
جيس جيس! وو جيڏيون.

## داستان ڏيون

(۱)

آلله ڪارڻ اوٺيا، ڪرها م ڪاهيو،
جانب جڏي جيءَ جو، آڪانڊو آهيو،
لاڪاپو لاهيو، متان منهنجو سپرين.

(۲)

آلله ڪارڻ اوٺيا، ليڙا نيو م لڙ،
نيو نماڻي ٻاڻ مين، ٻانهيءَ جهلي ٻر،
مون کي ماري منجهه ٿي، سندي هوتن هر،
ڪچو لائيان ڪر، ڪيچان اوري جي وران.

( ٣ )

ڪيچان اوري ڪَٿِين، وَڻ نہ ويساهين،
ڪيئي ڪيچين لئي، پورجِ پراهين،
تانءِ تيڏاهين، وارِ ڪا م ورڻ جي.

( ٤ )

ڪيچان اوري ڪيتريون، معذوريون ميون،
وانءُ ويہ ٿيون، ڪه چاٽان ڪيهي ويا.

( ٥ )

الا! آچنِ اوءِ، جنِ آئي من سرهو ٿئي،
پسان مان پرِ ڪهين، جتن سندي جوءِ،
انگهي لڪ، لطيف چئي، سٽيان هوتنِ هوءِ،
گولي ٿيان گلبوءِ، جي سچاڻان مات ڏئي.

( ٦ )

ڪيچان آيو قافلو، عطر آندائون،
ڪٿوري خوشبوءِ مين، وڻ ٽِڻ واسيائون،
پسنديءِ پنهون[ع] چام ڪي، وسريون وڃائون،
خيما کوڙيائون، وريو بخت پنهور جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٧ )

ڪيچان آيو قافلو، ساٿ ڏٺي سرواڻ،
وار وڏي واڳون ڪريان، پاڻ هوند ڀلاڻ،
جهڙو پنهون پاڻ، تهڙي سڀ ساٿ جي.

( ٨ )

ڪيچان آيو قافلو، طرح موچاري توڏ،
سينگاريائون سيد چئي، ڪرها منجهان ڪوڏ،
لڪ لهي ٿي لوڏ، جيجان تن جتن جي.

( ٩ )

ڪيچان آيو قافلو، جنگ سونهاري جوڙ،
تليارا توڏن کي، ڪڇي سولهن موڙ،
دولت جايان دوڙ، جي مون نيو پاڻ سين.

( ١٠ )

ڪيچان آيو قافلو، رات موچاري روء،
ٻوتي ۽ بلوچ جي، رڙهي ڀسان روء،
لنگهي لڪ لطيف چئي، ڀڄان ڪيچين ڪوء،
ڪولي ٿيان ڪلبوء، جي مون نيو پاڻ سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١١ )

ڪيچان آيو قافلو، پليرو پايان،
پٽي جا پيرن جي، لڳن کي لايان،
چنبيلي چايان، جي مون ليو ھاڻ سين.

( ١٢ )

ڪيچان آيو قافلو، چامن سند ۽ چام،
پسندي پنھونءَ کي، آکن ڪيو آرام،
ناتر چايان نام، جي مون نيو ھاڻ سين.

( ١٣ )

مزمانن مھري، آئي جھوڪيا جھوڪ ۾،
چانئي چنبن ۾ ويا، جٽن ھاز سٽي ٻحري،
ڪوھيارو ڦھري، ويو نھوڙي ننڊ ۾.

( ١٤ )

ڪيچي ڪالھ ڪھي ويا، آديون آڌيءَ رات،
جا ڪيان تان جيڪين ٿيو، وھائيءَ ٻريات،
ڦوڙائو فقير کي، ذنو جٽن ذات،
رفيع الدرجات، ٻرمل پنھون ميڙيين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٥ )

مون پانيو مون وٽ، هميشه هوندا ٻرين،
ويڙهو ڏيئي ويڪرو، ٻهري ويا ٻٽ،
ساهه جنهين جي سٽ، وڃيم ٻنيءَ وٽڪار ۾.

( ١٦ )

مون پانيو مزمان، هميشه هوندا ٻرين،
ڪهي ڪميٽي هليا، ڪهل ڪيائون ڪان،
ڏيئي ويا ڏاهه ڪي، سورن جا سامان،
جورو رات جوان، جيڏيون جت ڪري ويا.

( ١٧ )

پانيم جي سروان، چلائيندم چپر ٻن،
ڪانيم هوند پلاڻ، اٺ گڏايم اُن جا.

( ١٨ )

سائيڙن سوير، آئي اٺ جهڪائيا،
هيئڙن نه پانيم جيڏيون، نه ڏاڍي ڪندا ڏير،
آئيس آئون آوير، ڪري سچ سنجهي ويا.

( ۱۹ )

جھوڙا جن جھان ۾، ھيري لک ھزار،
لڳا وات وٽن جا، ٻنھونءَ کي ٻالار،
آن کي ويندا ڳڏيا، اھڙيءَ سٽ سوار،
لنگھي ڪالھ قطار، تون، آئي اَڄ نھارين.

( ۲۰ )

ڪاڏي منھن مڪران جو، ڪاڏي ڪيچ ٿيو،
ھڙو سات ٻنيور تان، ڪڏھين ڪونہ پيو،
ڪوھيارو ڪام ھٿي، چوري چت ويو،
جنين جت نيو، تن آئن گھوري آھيان.

( ۲۱ )

بره ٻڌايس ٻر، نات سڪي ڪير سڏون ڪري،
گھٽون ڏوريان ڏک سين، ڏيرن لئي ڏونگر،
وري آبس ور، سفر سي جا ساب پيا.

( ۲۲ )

ور ۾ ڪونھي ور، ڏيرن ور وڏو ڪيو،
نھاريندي نڪتي، بوتن ڪارڻ ٻر،
آڏو ڏنڪر ڏر، متان روه رتيون ٿيين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٣ )

وَرِ وَراڪا وِچ ۾، لِڪِين آڏا لَڪَ،
هو جي آڏا حَقَ، سي ڪندا ڪوهُ ڪَنِي ڪي.

## وائي

هوت! نه پانيم هِينئَن، آئون جا ماري، سڄڻ تنهنجي نينهن،
وڙا! ڇڏي تون ڪو ڇپر وِيندين.
لَڪون لِڪِنِ ڪوسيون، ڏاڍا تِپن ڏينهن،
وڙا! ڇڏي تون ڪو ڇپر وِيندين.
عشق آريءَ جام جي، ڪِيس لِمائي نينهن،
وڙا ڇڏي تون ڪو ڇپر وِيندين.
جهونڪارِ پندي جهنگ ۾، ڏونئرِ ڏڙي ڏينهن،
وڙا! ڇڏي تون ڪو ڇپر وِيندين.
آن جا ڇڏي ڇپر ٻن، ڪيچ رسندي ڪيئن،
وڙا ڇڏي تون ڪو ڇپر وِيندين.
وِلهيءَ هِت وسائيا، سَندا محبت مينهن،
وڙا ڇڏي تون ڪو ڇپر وِيندين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان چوٿون

( ١ )

وارو! وَرَ وَڻي وِيا، آريچا اَطلامُ،
آندائون آريءَ جا، پنهونءَ ڏي پيغامُ،
پهہ ڪيائون پاڻ ۾، مونهان مخفي مامُ،
سنيوڙا ساٿ ڪُٽي، وِساهي وَرِيامُ،
ڪاڪيون! رات قيامُ، جيڏيون! جتَ ڪَري وِيا.

( ٢ )

وارو! وَرَ وَڻي وِيا، ڪَري ڏير ڏِنگيِ،
مون وِلهيءَ کِين وِنگيِ، مامُ پروڙي منجهہ جِي.

( ٣ )

وارو! وَرَ وَڻي وِيا، هاڃون هوتَ ڪَري،
آڏيءَ اِني هَليا، سڃون شهر ڏري،
هيءَ ڏُکي هِتِ ڌَري، هوءِ وَڃي ڪيچ قرارِيا.

( ٤ )

وارو! وَرَ وَڻي وِيا، جابرَ ڪَري جورُ،
بيدي ٿيو پنيورُ، حشر ڪَري هَليا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

وارو! وَرُ وِئي وِيا، ڪَري ڏيرَ ڏَمرُ،
هاڻي ٿيو حشرُ، پنان قولَ قيامَ جا!

( ٦ )

وارو! وَرُ وِئي وِيا، ڏيرَ ڪَري ڏورو،
ساجَنَ ري، سِرَتيونَ! آتڻ آڏورو،
ني سين نِسورو، حشرُ ڪَري هَليا.

( ٧ )

وارو! وَرُ وِئي وِيا، جوري سين جابرِ،
صبرُ ڪِئُن صابِرِ، آچي عجيبنِ ري.

( ٨ )

وارو! وَرُ وِئي وِيا، ڏاڙهيءَ پنيا ڏيرَ،
ڏينديس ڏاڍين ڏونگرينِ، اُنهين لِئِ آليرَ،
ڪيچِ پهچي ڪيرَ، وڃڻ سين وس ڪريان.

( ٩ )

مَنجهي مون نہ مَنياليو، تہ ڪي اوئي ڪندا ايئَن،
ڪهي ڪميٽي ڪِئَن، جڏي رات جتن ڪي!

( ١٠ )

سنجھي مون نہ سنڀاليو، صبح ماريم سور،
جتن لاءِ ضرور، گھٽا گھاريم ڏينھڙا.

( ١١ )

سنجھي مون نہ سنڀاليو، صبح ماريم سور،
آڌيءَ رات اڌ ميو، ڏين پلٽيو پور،
جتن جي ضرور، مادرا ماري آھيان!

( ١٢ )

سنجھي مون نہ سنڀاليو، ماريس سور صبوح،
نيڻ ھيرائي ننڊ سين، جتن لنگھي جوءِ،
ھاجو ڪري ھوءِ، آڌيءَ رات اٿي ويا.

( ١٣ )

آڌيءَ اوءِ اٿي ويا، ڪر رکيائون ڪيچ،
ٻاروچاڻي پيچ، منھنجو من منجھائيو!

( ١٤ )

جذيءَ وٽ جالي، مان لله ڪارڻ لڪ سين،
آھي آريءَ ڄام جي، ھت ھت حوالي،
عيب مون ۾ آگرا، مان نرمل نڪالي!
ٻرنيائي پالي، ڪامل نيندو ڪيچ ڏي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٥ )

پرينِ پالياس، پاڻيءَ پيٽي آهيان،
حسن هوت پنهونءَ جي، ماري موت وڌياس،
جانڪين تان جيندياس، پس ور وصال جي.

( ١٦ )

پرين جي پاڙي، جاڙ گذاريم، جيڏيون،
جنهين مون کي ماريو، سو رن سين ساڙي،
ارادي آئي، سانگين سين سنگ ڪيو.

( ١٧ )

آسين پاڻ پرت، پورهيت پنهونءَ جام جا،
هوت ڪٿوريءَ هيرئون، مون ۾ صابڻ چٽ،
آتڻ منجهه آڪهٽ، ڪانڌ ڪهڻ جي ۾ ڪري!

( ١٨ )

گذيو ڏوهين ڏوهه، پنهونءَ پارچو هٿ ۾،
آئي آريءَ جام جو، قاصد آبس ڪوهه،
"ايءَ ڪامل ڪم نه سندو ءِ، جئن پهس پچاڙيءَ پوتيين."

( ١٩ )

نڪو ڪيچ پنهور، نڪو مائٽ منڌ جو،
هور ميڙوئي هن کي، هوتن ڪونهي هور،
زاريءَ ڌاران زور، هلي ڪونه حبيب سين.

( ٢٠ )

چوري، ندوري، نڪو مائٽ منڌ جو،
سوين هلن ساٿ ۾، ڪمي ۽ ڪوري،
آئون پڄ آهيان آن ۾، لنگهي ۽ لوري،
لنگهائيين، لطيف چئي، ترن جا توري،
آهيان آزوري، تنهنجي جوري جبل لنگهيان.

وائي

جا ڪي تا ڪره قطاريو، ووا! مون نمائيءَ تان ڪي نه چيو.
الله ڪارڻ اوٺيا، آئين واڳ وٺي ور واريو،
ووا مون نمائيءَ تان ڪي نه چيو.
رهو رات پنهور ۾، تان ڪا گهڙي هت گهاريو،
ووا! مون نمائيءَ تان ڪي نه چيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڪي جنهن سڱ ڪيو، تنهن معذور ڪي م ماريو،
ورا مون نمائي تان ڪي نه ڇيو.
سائين ڪارڻ، سپرين! دوست درسن ڪاريو،
ورا مون نمائي تان ڪي نه ڇيو
موڙي مجھ ٽاريون، چانگن ڪي آئين چاريو،
ورا مون نمائي تان ڪي نه ڇيو.
آيري عبداللطيف ڏي، واڳ ونهيل آئين واريو،
ورا مون نمائي تان ڪي نه ڇيو.

## داستان پنجون

( ١ )

نيڻ نهارا مون ڪيا، مٿي واٽڙين،
ايندا مان ڀَسن، اوني آري جام جا.

( ٢ )

نيڻ نهارا مون ڪيا، ڪيچين ڪارڻ ڪالھ،
ايندا ڀسان شال، اوني آري جام جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣ )

لِڙ نِهارا مون ڪيا، اوڻِن ڪارڻ آج،
پنهون چاڙا پهچ، ته، آري! اولون نه ٿيان.

( ٤ )

لِڙ جي نِهارِين، سي آج نه اوني آئيا،
هنجون نه وسائِين، پاڻي پنهون چاڙ ري.

( ٥ )

نيڻ نِهاري منهنجا، روئي ٿيا رت،
پنهون هوءِ پهت، ته پاري نينِ پاڻ سين.

( ٦ )

نيڻ نِهاري منهنجا، رت ٿيا روئي،
ڏکن جي ڏوئي، آهي هٿ آسونهن جي.

( ٧ )

آج آڳڙ ڪيٽانِ، آسر لڳي سوريان،
ڏونگر ڏينهن لڳانِ، مان ورکن سيرين.

( ٨ )

ڏونگر لڳن ڏينهن، مان ورکن سيرين،
ڪيئن نماڻي نينهن، آيل! پاروچن جي.

( ٩ )

نيڻ نهاري منهنجا، روئي رت ٿيا،
جي هٿان هوت ويا، سي آچن ته آجي ٿيان.

( ١٠ )

جڻن سو هرڻ هماءُ، سرگردان سنسار ۾،
هيءُ هيڪ نه کوڙي ڏٿين، هو ڏرڙ سر ڏري نه ساهه،
جيڪس تن ملاءُ، مسئي سور پرائيا.

( ١١ )

رات ڏٺائين روجهه، پانهه ڪي اوٺي آئيا،
پريتي پرين جي، سگهڻ ڪي سوجهه،
هئي ڪهڻون آهوجهه، سورن سونهائي مسئي.

( ١٢ )

روجهه ڏٺائين رات، هوت ڪوليندي حب ۾،
ڪيچين جي ڪڙي ٿيي، توهه تنين جي تات،
ٻاروچاڻي ذات، منان سي نه وسري.

( ١٣ )

جبل ۾ جانار، سره ڪڏ ٻئي مسئي،
ٻنيءَ هوءَ پوارئي، ٻانهڻ جي ٻاڪار،
هوتاڻي هيڪار، مؤلا! مون ڪي ميڙيين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٤ )

سرھ ڪَڏَبِي سَسُئِي، سوڙھِي مَنجھ سبيل،
ڪاھي رَسندا ڦَھِرِيا، جت تَڪڙا سين تعجيل،
آرِيانِي آصِيل، اَتِ پِيادِيءَ کي پَھچ تون.

( ١٥ )

سَمرَ جَنھين نہ سانڀ، ھوت حِماتِي تَنِ جو،
ڪَري چيچ چيڙ ۾، ھَنھون ايندو ھانڀ،
ڏِيندي رِيجھ رِھانءِ، لَحظِي مَنجھ لَطيف چئي.

( ١٦ )

ڀَيِي سي سَرھي ٿِئِي، جي مَيِن لَنگھيا مَس،
تِنَ تنھن کي ڏاھ ڪو، لَڪ مِڙِيئي لَس،
حب جِنھين کي ھوت جِي، وِندر تنھن کي وَس،
سنديءَ چانڊَڪَنِ چَس، ھِير تُرندو ھَپ ۾.

( ١٧ )

سَسئِي لنگھيو سو، مَرد جِنھن مات ڪيا،
جَبَلَ وڏو جو، اونِ مِڙوئِي نِينھن کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٨ )

جَبَلَ ماري جَکَ، جو آڏو اَريچَنِ کي،
توڙي لَڪَنِ لَکَ، سَڀِ لَنگھينديس سِڪَ سين.

( ١٩ )

جَبَلَ جِيڏو ڏيئي، جو آڏو اَريچَنِ کي،
وَڻي وَرَ واڻَ وِيا، بَرفَتَ بِروهِي،
رَچَنِ ۾ روئِي، پَسان شالَ پَنهونءَ کي.

( ٢٠ )

جَبَلَ سَجَنِ جالَ، آڏا اَريچَنِ کي،
هاڙهي ڏانهن هَٿَ کَڻيو، ڇپر مِڙان شالَ!
ڪيچِي وِنڙِم ڪالهه، تي ٿي ڏونگر ڏورِيان.

( ٢١ )

ڇپر ڇمر پاڻيان، ڪانيو ۾ ڪارو،
پَبَ وِجهنديس پَٽَ تي، صُبح سوارو،
وَڃَڻ سُون وارو، ڪِين وِهنديس وِچ ۾.

( ٢٢ )

ڪِين وِهنديس وِچ ۾، هَلَنديس ڪري هاءِ،
ساڃَن سَندي ساءِ، ڏونگر ڏورَڻ سُون پيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٣ )

ڇپر ۾ ڇمر، تا لڳهہ لڳن پانءِ،
آڏا ڏونگر ڪرڪرا، ويڻ، ونگايون، ور،
آئون پيادي پنڌين، نمائي، نڌر،
سوريون جتِ سڳر، اتِ پاتاڙيءَ پيلي ٿيڻ!

وائي

هينئڙو ٿو هنِ ساري، منهنجو ساهہ سيدَ کي ٿو ساري،
جيڏيون! آئون هلندي، ويندي هوت ڏي.
سرتيون! آئون ڪهندي، ويندي ڪيچ ڏي.
هوتن هلڻ منءِ، ڪير ڪُهڙي هتِ ڪهاري؟
جيڏيون! آئون هلندي، ويندي هوت ڏي،
سرتيون! آئون ڪهندي، ويندي ڪيچ ڏي.
اسر پري آهيان، مان واحد آئين واري!
جيڏيون! آئون هلندي، ويندي هوت ڏي،
سرتيون! آئون ڪهندي، ويندي ڪيچ ڏي.
پنڌ اڙانگا پنڌين، مون کي ڪوهيارو ٿو ڪاري،

www.sindhsalamat.com		books.sindhsalamat.com

جيڏيون! آئون هلندي، وِيندي هوت ڏي،
سرتيون! آئون ڪهندي، وِيندي ڪيچ ڏي.

سچو سخن سپرين، مان پنهل پنهنجو ياري!
جيڏيون! آئون هلندي، وِيندي هوت ڏي،
سرتيون! آئون ڪهندي، وِيندي ڪيچ ڏي.

چيرو آندر چندڙي، ويو ياروچل ياري،
جيڏيون! آئون هلندي، وِيندي هوت ڏي،
سرتيون! آئون ڪهندي، وِيندي ڪيچ ڏي.

وڏا ڪم ڪريم تي، هن ويچاريءَ واري،
جيڏيون! آئون هلندي، وِيندي هوت ڏي،
سرتيون! آئون ڪهندي، وِيندي ڪيچ ڏي.

## داستان ڇهون

( ١ )

آڏ تراڇا، آهڙا، ڏاڪا ڏونگر ڪي،
هو جي وڙ وِندر جا، مارِيندا مون کي،
هاڙهو هيٺيءَ کي، لنگهائِج، لطيف چئي.

( ۲ )

آڏ تراچا، آهڙا، ڏونگر کي ڏاڪا،
ڪير آهه عجيب کي، سڪ منجهان ساڪا،
پيئي هٿيڪي هوت کي، ڪوڪ وجي ڪن ڪا،
منهنجو وس واڪا، ٻڌڻ ڪم پروچ جو.

( ۳ )

آڏتراچا، آهڙا، ڏونگر کي ڏاڪا،
وئي ور وات ٿيا، ٻر چڙهي بانڪا،
ڦنيا پير فقير جا، چڙهندي چڙهاڪا،
هين جيءَ اندر جاڪا، ويا ڀڄائي ڀانهنجي.

( ۴ )

آڏتراچا، آهڙا، وندر وراڪا، ورَ،
حب جنهين کي هوت جي، سا ڏوريندي ڏونگر،
ڀڃايين، پروڙا! لطف ساڻ، لطيف چئي.

( ۵ )

آڏتراچا، آهڙا، وندر وراڪا، واڪِ،
اُجهايس اُنَ جي، ڦوڙائي فراق،
ٻنهون پرمل پاڪا! واحد لڳ، وريج تون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٦ )

آڏتراچا، آهڙا، وِنگا وَر واٽنِ،
ڄيرا، ڄِگر، ٻڪيون، آريءَ لَءِ آڻنِ،
ڪسي ڪنواٽنِ، سنيوڙا سيدَ چئي.

( ٧ )

ڪوڏرِ نه ڪاتيِ، جنهن سان تِکر ٽانڪيان،
جيڪو جبل لڱهيان، سو هيبت جو هاٿيِ،
ٻرين جا ٻاتيِ، سا جَڙ ڄڙي نه لهي.

( ٨ )

ڪَرِڙا ڏونگر، ڪَهَ ڪُهِنيِ، ڄتِ برپٽ، پيران،
ڏاهنِ ڏاهپ وِسري، ٿيا حريف ٿِيي حيران،
سسئي لِکهيو، سيدَ چئي، مَحبت سين ميدان،
جنهن جو آرياٽِي اڳوان، تنهن جي ڪانهي ٻاک ٻهير ۾.

( ٩ )

ڪرِڙا ڏونگر، ڪهَ ڪُهِنيِ، جتِ واٽنِ تي واري،
آڏا لڪ، لَطيف چئي، بر سڄنِ باري،
جا منزلَنِ ماري، سا، نادِرا! ڪيچ رسائيين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٠ )

ڪرڙا ڏونگر، ڪھ گھٽي، جت جبل ڳوڙا ڳون،
ليڙن جيون، لطيف چئي، تنگ تنواروڻ ڀون،
جن ڏنو پير پنھونءَ جو، سي نہ ڪي روئن نہ چون،
ھوندن مٿي ھون، لاکاپا ھن لوڪ جا.

( ١١ )

ڪرڙا ڏونگر، ڪھ گھٽي، جت ماتر مٿاھين،
سڄڻ ٿا، سيد چئي، اُت مرون مھائين،
تون آرياڻي آھين، منھن معذورن جي.

( ١٢ )

ڪرڙا ڏونگر، ڪھ گھٽي، جت ويا روڏا رنگائي،
ساڳاھي سيڻن جي، ٿي ولڏر واجھائي،
رھيس، رس، لطيف چئي، تنھن ڪميٽيءَ ڪاھي،
آرياڻي آھي، منھن معذورن جي.

( ١٣ )

ڪرڙا ڏونگر، ڪھ گھٽي، جت رڻ تتو رائو،
ترٽي م تن کي، ڏونگر ۾ ڏائو،
جڏھن جام پنھون جائو، تڏھن ٿي وس وڻڪار ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۱۴ )

ماڻڪ مٽ مندوم، آونداهيءَ ۾ سوجهرو،
حشر ويل حساب ۾، ڇڏي نہ ويندوم،
ساريو سڏ ڪندوم، ڪوهيارو ڪيچ ڏئي.

## وائي

( ۱ )

ويندي ڪيچ ڪهي، سيڻن ساڻ سهي،
وا پنهرا آئون جيندي تان نہ جتن ري.
وهان ڪئن ماٺ ڪري، هيڏو سور سهي،
وا پنهرا آئون جيندي تان نہ جتن ري.
هيڏي شهر ڀنڀور ۾، سارياں ڪونہ سهي،
وا پنهرا آئون جيندي تان نہ جتن ري.
صبح ڏونگر ڏوريان، ڪنهن پر رات رهي،
وا پنهرا آئون جيندي تان نہ جتن ري.

## وائي

( ۲ )

ڪهڻان جبال جبل، ميان، جيڏيون جانب جت لئي،
ڏوريندي ۾ ڏونگرين، ڪنديس آئوڙ اَجل،
جيڏيون جانب جت لئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ھيڏي شھر ڀنڀور ۾، رھان نا ھڪ پل،
جيڏيون جانب جت لئي.
پنھون پاڻ نہ وڃڻو، ڪو مونھين ۾ ول،
جيڏيون جانب جت لئي.
اوڏي ٿيي، عبداللطيف چئي، ھوت ڪارڻ ھل،
جيڏيون جانب جت لئي.

## داستان ستون

( ۱ )

پنھونءَ مين پريت جو، ڪو جو پيچ پيوم،
ڀنڀي ھن ڀنڀور ۾، وھن وہ ٿيوم،
متيون مونڻ منديون، ڪاڪيون ڪير ڏيوم،
سرتيون ساہ سندوم، ليو حوالي ھوت جي.

( ۲ )

پنھونءَ ساڻ پريت جو، ڪو جو پڙم پيچ،
ڪنديس ڪشالا ڪاف جا، ھاڙھو پائيان ھيچ،
ڪاھي مٿديس ڪيچ، دبرو دوست پنھونءَ جو.

( ٣ )

ڪجاڙنان ڪاهي، شتر آنِ سينگاريا،
ٿليون، ڏونر، هلويون، وِيا ڇيرون ڇمڪائي،
لنگهيا لڪ لطيف چئي، وِيا ڪرهل ڪڏائي،
پانيءِ ڪي پروچ جو، آسرو آهي،
واڳون ورائي، ڦيرين مان فقير ٿي.

( ۴ )

ڪو منهن ڪٿلِ آئيو، وس نہ ويچاري،
هوت تنهنجي هٿ ري، پهچي نہ پاري،
آچين جي آري، تہ پاند پڄي، لڪ لنگهيان.

( ٥ )

ڪڏهن تان پاجهہ پئي، ساڄن مڄ سلام،
سڪ تنهنجي سپرين، ڪيو تن تمام،
هٿين حاج وِہ ٿيي، نيٺين ننڊ حرام،
دوس نہ سهان دام، تون ولدر تو ويلا ڪرين؟

( ٦ )

ڪو منهن ڪٿلِ آئيو، ناہ ويچاري وس،
هوت! تنهنجي هٿ ري، گولي ٿئي م ڪس،
ڏک ڏکيءَ کي ڏس، تہ موڙهيءَ ڪو منهن ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٧ )

سَرهي مَنجهان ساتِ، آئي بوءِ پنهور کي،
بينا بازارن ۾، لائي جت جبات،
سنڌيءَ هوت حِمات، ڪيچ پهتو قافلو.

( ٨ )

بر مِڙوئي بوءِ، چپر چانُون مَڪيون،
پهه پهه ٿي پنهور ۾، هنڌ مِڙيئي هوءِ،
راتين وَري روءِ، گوندر لَتا گوليين.

( ٩ )

جَڏهن پيئي چٽ، چپر هوت پنهونءَ جي،
پرهي ويئيون پٽ، گوندر لَتا گوليين.

( ١٠ )

جَڏهن پيئي باس، چپر هوت پنهونءَ جي،
آديون آريچن جا، وٽن مَڪا واس،
آيل! ٿيي آس، پنهون آيو ڪيچ ۾.

( ١١ )

آيل! اوطاقون، ڪري ڪيڇي هَليا،
سَڪيون نه سيٽن جي، ماڳن تان ماڪون،
نِسوريون ناڪون، سچي هَليا سور جيون.

( ١٢ )

جتن سان جانکون، سرتيون! مون سڳ نيو،
ڪري ڪوهيارو ويو، تن چني تانکون،
آن ۾ تڏاکون، آڏ ڏکوئي آهيان.

( ١٣ )

متان ڪا ٻڙي، ٻول ٻاروچي وسهي،
هوند نه ستيس سرتيون، ويهي رهيس وڙي،
جت پنهنجي جوء ۾، ڪهارن مان ڪهڙي،
ڪيچين آن نه ڪڙي، ڪنهن ڏکيءَ ڏاوڻ ڏائيو.

( ١۴ )

سڪي جان ستياس، تان سڪ سمهڻ نه ڏئي،
جاڳي ستيس جن لئي، سي آيا تان نه اٿياس،
پينر آئون پلياس، نت سڪ سمهڻ چا لڳي.

( ١٥ )

ڏيرن ڏوه نه جيڏيون، ساءِ مڙيوئي مون،
آئون آسونهين، او سونهان، ڀرين سندا ڀريون،
اصل آريءَ ڄام جو، ٻانڌ نه ڇتوسون،
جنهن جو تونهين تون، سي پياديون پهچائيين.

( ١٦ )

آديون آئون نہ تِلن، جِلن پِريتڙون پِرين سين،
ڀِڏي سِتيس سوکهو، چِلور چاتِيءِ سيئن،
تہ ڪيڇِي ڪاهي ڪرها، مونهان وڃن ڪيئن،
ڏوهہ مَنهنجي ڏِينهن، پنهونءَ کي ڪا مَ ڇِني.

## وائي

( ١ )

لڳڙي آهہ لغار، وو يارا لنءُ لنءُ ہ لالن جي،
سنڌ سنڌ ہ ساجن جي،
آئون ستي، هو هليا، منجهي ٻِئڙا سوار،
وو يارا لنءُ لنءُ ہ لالن جي.
جيڪين اورڻ پِرينءَ سين، جيڪين پِرينءَ پچار،
وو يارا لنءُ لنءُ ہ لالن جي.
ڪوهہ ٻي جيئن ڏينهڙا، جي هون پِرينئان ڌار،
وو يارا لنءُ لنءُ ہ لالن جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لَکِيِ آهــي، نــہ لَـهِـي، سَـنـڌي عِشق هـچـار،
وو يارا لَنءَ لَنءَ ۾ لالَن جِي.
ڪَهِنّونَ اڪـنـڍِي آهـيـان، تَـنِ جَتَنِ جِي جِنسار،
وو يارا لَنءَ لَنءَ ۾ لالَن جِي.
ڳَـڏِي وِينڊِيس ڳَسِ ۾، ڪاڪيوَن! ساڻُ قَطارَ،
وو يارا لَنءَ لَنءَ ۾ لالَن جِي.
مـيـخـوَن مَـحَـبـت سَنڌيوَن، هِينئڙِي مَنجھِ هَزار،
وو يارا لَنءَ لَنءَ ۾ لالَن جِي.
ڪانـڪَنِ قَـطـاروَن ڪِيوَن، ڇِڪِيءَ ڪَي چِوڌار،
وو يارا لَنءَ لَنءَ ۾ لالَن جِي.
آئـوَن نِـمـاڻـي نِـڪـڻـي، ڏَمـج تـوَن دِلـدار،
وو يارا لَنءَ لَنءَ ۾ لالَن جِي.

## وائي

( ۲ )

هوتَنِ بِـنـا نـي، مِيان! دَرد فِـراق نـي، مِيان!
پَنهوَنءَ سائينءَ، جيڏِيوَن! آلولوا ماري آهيان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آديون! آريچن جي، آئون نهوڙيس نفاق،
هوتن بنا ني، ميان!
ڏونگر ڏوريون ٿيئي، مون ولهيءَ ڪان واڪ،
هوتن بنا ني، ميان!

## وائي

( ٣ )

تن ٻرين کي اکنديءَ آئون، لک لنگهيائون،
ڏير قراريا ڏيهه ۾، تن اُن ڳهوري آئون.
چڙهي ڏاڍين ڏونگرين، ٻانهن آڇلي ٻانهون،
ڏير قراريا ڏيهه ۾.
هيس ٻاس ٻرت جي، ٻانهن ڏيءَ نائون،
ڏير قراريا ڏيهه ۾.

## وائي

( ۴ )

چوري چڏ ۾ چپرين، ٻاروچل! ٻانهي،
جانب جهڙو جڳ ۾، ناهي ڪو ثاني،
چوري چڏ ۾ چپرين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀنهل لِيو پاڻ سين، ڀورهيت ڀرنياڻي،

ڇوري ڇڏِ م ڇپرين.

ڀورهيو ڪنديس ڀِر جو، ڀرينديس پاڻي،

ڇوري ڇڏِ م ڇپرين.

هوت! م ڇڏيو هيڪلي، هيءَ وندر وڪاڻي،

ڇوري ڇڏِ م ڇپرين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪوهياري

## داستان پهريون

( ١ )

لَيلَ نہ جاڳِن لِڪَ سِيئُن، ڪَلِي نوم ڪياءِ!
قَسَمُ تِي ٻَهچ قَرِيبَ ڪي، اُجِلس تو نہ جڳاءِ،
مَتِيءَ! مِهمانن سين، وِيهِي راتِ وِهاءِ،
جيلا لهن لنڊ ڪياءِ، تي روز رهين تِي راهہ ۽.

( ٢ )

لَيلَ نہ جاڳِن لِڪَ سِيئُن، شامَ سَتيئَن سِپ راتِ،
اوڪِي اوٺِيڙَن جا، تِي ٻہ ٻچين ٻِرِيات،
تِي سَڪَرِ تَنِ جي ساٿ، تہ پوري ڪنهن پال مرَّ بن.

( ٣ )

لَيل نہ جاڳِن لِڪَ سِيئُن، سَتيئَن راتِ سَجي،
هِتان هوتائين جيون، وِيون خرزينون ڪَجِي،
پوري تون پَجِي، سڪرِ تيئن نہ ساٿ جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۴ )

اِجِلس ڪري آئيا، تنواريو توڏن،
نوم نوازِئن، اَنِ ڪي؛ مرحبا موڏن،
رِڙهي رِسَ روڏن، اليوم ميروا، سبئي!

( ۵ )

غافِلِ! غفلت ڇوڙِ، تون ڪِئن، آٿاـي اوجهرين؟
ڇپاڻا ڇڙهي وِيا، وڃي پهتا توڙِ،
نيٺين نِنڊ آڪوڙِ، جِم وَرِنِ ۾ واڪا ڪرين.

( ٦ )

نِنڊ ويرياڻي هوءِ، جيڏيون جِم سمهو،
مَتان مون جِئن پوءِ، ورنِ ۾ واڪا ڪريو.

( ۷ )

الوڙو آڪين، آيِم نِنڊ آياڪ ڪي،
هاٺي هِن پنيور ۾، گهارِيان ڪارِڻ ڪِنِ،
آديون! اوئيرِنِ، هينئين سين هاجو ڪيو.

( ۸ )

جڏهِن ستيون جي، پٽرِ ہر ڏکها ڪري،
تڏهِن تنين ڪي، ساٿ ستيئي ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٩)

مَتيئَن ٻير ڏِکيا ڪري، وَڏي جاڙ ڪياءِ،
دَرَ پِرِ آيئَن دوس جي، تہ سَرِ اُرِ هوند ڏياءِ،
آصل آريءَ جام جي، سگهين تون نہ سِياءِ،
پَنهوَنءَ سين ٻياءِ، تي نِياڪِي نِندوُن ڪرين!

(١٠)

اَيِ ڪَرَ ڪيئَنِ، جئَن سُمهَنِ ٻير ڏِکيا ڪري،
لوچين چو نہ، لطيف چئي، هاري لئي هوتَنِ،
نندان نِياکِنِ کي، اوپالا آڇنِ،
سي پَنهوَن ڪوہ پڇنِ، جي سَنجهيءَ ئي رَهنِ سُمهي.

(١١)

مَتيئَن سواري، سَنهَن ويڙهي مَئَنِ جِئَن،
اوجاکو آکَينِ کي، جاتوءَ نہ ڏيئي،
هِتان تو پيئي، تي ڪچو ڪيچِينَ کي ڪرِبين.

(١٢)

مَتيئَن سَواري، سَنهَن ويڙهي مَئَنِ جِئَن،
ڏٿي نہ ڏيرن جا، چوڏاري چاري،
تيلان ويچاري، ساٿ مَتيئي لَڏيو.

( ۱۳ )

اوجاڳو، آجاڻ! ڪيئي نہ ڪميئين جئن،
آساري آھڙيءَ پر، پيئي ڪيچين سين ڪاڻ،
پانهي چايو پاڻ، ٿي سچيون راتيون سمهين!

واڻي

ڳلا ڪام ڪري، ليکيو تان نہ نري،
پڙي! جيڏيون! منهنجي، ووا شهر پنهور ۽
جو مينگار مرتيين، سو مون ناهه ڳري،
منهنجي، ووا! شهر پنهور ۽
جهڙي تهڙي حال سين، وڃان پير پري،
منهنجي، ووا! شهر پنهور ۽
جنهن وٽ هيڏان هليا، سچو سانگ ڪري،
منهنجي، ووا! شهر پنهور ۽
لاءُون تنهن وٽ منديون، لوڏيان، لايان ڳري،
منهنجي، ووا! شهر پنهور ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قضا جا ڪريم جي، ڪنهن تان ڪين ٽري،
منهنجي، ووا! شهر ڀنڀور ۾.
جيڪي لکيو لوح ۾، پاڙيان، سو پوڙي؛
منهنجي، ووا! شهر ڀنڀور ۾.

## داستان پيو

(١)

ڏونگر تون ڏاڍو، ڏاڍا ڏاڍايون ڪرين،
مون تن آندر تيئن وهين، جئن وڻ وڍي واڍو،
اي ڪرم جو ڪاڍو، نات ٽئر ڪير پنڌ ڪري.

(٢)

ڏونگر ڏک سنداءِ، پرينءَ ڳڏجان ته چوان،
پنيءَ ٽيين پوارئون، پيا ونگا ور سنداءِ،
ڇگي ڪان ڪياءِ، پير وڃايئي پرينءَ جو.

(٣)

ڏونگر ڏس پرين جو، ڦاڦ نه ڏيين ڪو،
قطاريا ڪالهه ويا، توڏا وٽان تو،
هوت مٺي جو هو، ڪو ساڄن آنهيءَ سات ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٤ )

ڏونگر ڏس پرين جو، ڪاف نہ ڏين ڪل،
قطارِيا ڪالھ ويا، تونڏا توهين جهل،
سٽي هوت هڪل، مان پڏي پاروچو وري.

( ٥ )

ڏونگر ڏوراهو، پِهرين چوندِيس پرين؟ کي:
"پهن پير پٿون ڪيا، تريون چنيون تو،
رحم نہ پيٽي روح ۾، قدر منهنجو ڪو،
واڪو ڪنديس، وو، مون سين جبل توجاڙون ڪري."

( ٦ )

ڏونگر مون نہ ڏکوءِ، آن آڪ ڏکوئي آهيان.
ساريان ڪون سکوءِ، سور ڪهٽيئي سنپران.

( ٧ )

ڏونگر ڏکوين کي، دلاسا ڏجن،
کهٽون ٻيجي تن کي، جن وٿاق هوت وڃن،
تون ڪئن سندا تن، پهن پير ڏکوئيين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۸ )

ڏونگر ڏک ٿئي، ڪيم تو سين ڳالهڙي.
ٻاٿان آئون مٿي، سور سٽائي پرين جوا

( ۹ )

ڏونگر مون سين رو، ڪڏي ٻار ٻنهون جا،
سڄڻ هوم هيڪڙو، ويو ڦوڙائي سو،
ڪنهن کي ڏيان ڏوهه، مون سين ايرادي ايٿن ڪيو.

( ۱۰ )

ڏونگر ڏکويون، تو ۽ اورڻ آئيون،
جي اچنِ ڦوڙائيون، ڏجن دلاسا تن کي.

( ۱۱ )

ڏونگر ڏکوين کي، ڳلِ نه سڪا ڳوڙها،
هو جي ٻهڻ پب جا، پڄي ٿيا پورا،
ڪولدر جا ڳهوڙا، وڃنِ جانِ جدا ڪيو.

( ۱۲ )

ڏونگر ڏيهاڻي، ٻاڻ مٿان تو کهوريان،
تو منجهه رهاڻي، سدا ٻاروچن جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٣ )

ڪي جي ڪَڍيا هارَ، ڏَکيءَ ڏُونگَرَ ہاڻ ۾،
سَٽي ما تَنوارَ، مِروَن پِيا ماڳَ ۾.

( ١٤ )

ٻَڌي وينا رونِ، ڏَکيءَ ڏُونگَرَ ہاڻ ۾،
ڪنهن کي ڪينَ چُونِ، منجهن جو پريتُونِ.

( ١٥ )

آجُ ہِنِ وينو روءِ، ڏکيءَ ڏُونگَرَ پاڻ ۾،
ڪوهياري جو ڪوءِ، آڇي سور آڌ ميو.

( ١٦ )

ڏُونگَرَ پُونِين ڪيرَ، سَچُ ميخُون ڏُونگَرين،
ڀِهرڙا سين سَڌيرَ، ڪينَ لَهنديئُن ڪي ٻِياءِ.

( ١٧ )

تِپي ڪَندين ڪوهُ، ڏُونگر ڏَکوين ڪيءِ،
تون جي پِهِرُ ہِپ جاءِ، تہ لِڳ منهنجا لوهُ،
ڪنهن جو ڪونهي ڏوهُ، آمر مون سين اِئين ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٨ )

ڏونگر، تہ ٻيلي، ڏجي ٻِنِ ٻيلينِ ري،
ڪان ڇلندي ڇپرين، سائِس سهيلي،
چوليون چنبيلي، جِتِن تِئن جهاڳي آڪتي.

( ١٩ )

ٻڙي! تہ ٻيلي گهٽان، سائي اچي سَڪ،
رفاقت رَچنِ ء، ڏونگر ڪاري ڏَڪ،
آريءَ جو آهَڪ، مون رهنما راه ٿيو.

وائي

آهيان جنِ سنڌي، ڙي آڙي مِيان!
مون ڪي تان، سي نہ ڇڏيندا هوتا.
ڀهائينديس ٻنهونءَ ڪي، آئون ڪِڇيءَ پائي ڪندي،
مون ڪي تان، سي نہ ڇڏيندا هوتا.
وينِي آهيان وانَ تي، آهيان آسروندي،
مون ڪي تان، سي نہ ڇڏيندا هوتا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرينءَ پچاڻان ھتھين، آئون رتي تان نہ رھندي،
مون کي تان، سپي نہ ڇڏيندا ھوتا.
ڪرم ساڻ ڪريم جي، آئون پرينءَ ملندي،
مون کي تان، سپي نہ ڇڏيندا ھوتا.

## داستان ٽيون

( ۱ )

رويو وينئي راڪ، آمڙ اوريان نجھري،
لاتو مون ڏيھ، وٽن ساڻ، لاکاپو م لاڪ،
ڏونگر سپي ڏوريندي، جن اندر پري آڪ،
ھوتائي ھن ماڪ، مون کي ڇڏ م ڇپرين.

( ۲ )

مون کي ڇڏ م ڇپرين، ھت، ھوتائي ھاڻ،
اوڏي منڌ اٿن کي، الله ڪارڻ آڻ،
پورھيو ڪنديس پاڻ، اکيان آريچن جي.

( ۳ )

مون کي ڇڏ م ڇپرين، ھوتائي ھن ھنڌ،
تو مين پونديس پنڌ، ڏينديس ياھ پنھور کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۴ )

مون کي ڇڏِ م ڇپر ٻن، هاتڪ هوتاڻي،
توهين لـءِ ڪاڻي، ڏکي ڏوري ڏونگرين.

( ٥ )

مون کي ڇڏيائون ڇپر ٻن، پوءِ رهايس 'پاڻ'،
جي ڀلايون ڀاڻ، تن کي رَس رسيلا راهه.

( ٦ )

سَتي ٻون ڀِرڪ، آيل، ٻاروچن جا،
وڃ وهاڻي، ووءِ ڙي! ڪوهياري ڪرڪ،
ڏڙ ڏوڙيو تنهن ڏک، جڏهن جيءَ نہ ٿئي.

( ٧ )

سَتي ٻون ڀِرڪ، آيل! ٻاروچن جا،
پنهونءَ جي پيڪاڻ جيون، راسيون منجهان رک،
هنيم هوت ڪِرڪ، لوڇان، لوهہ نہ نڪري.

( ٨ )

جيهي جي تيهي، تپ پانهي ٻاروچن جي،
حجت هوت پنهونءَ سين، مون ڪميڻيءَ ڪيهي،

آصلِ آريءَ جامَ جي، ٻلءِ آئون ٻيٽي،
هوءِ جا ھاڻِ ھِيرُ، تنھن جتيءَ نہ جيھي،
وِساري وِيھي، تنِ ڪيچينِ کي ڪِنَ رهان.

( ٩ )

هيٺي، جي نہ هيٺي، تپ ٻانهي ٻاروچنِ جي،
اِنَ سگ مقابلِ مستي، سنڌينِ لَي سَٽي،
هنِ تان لَج لٿي، هن جو ملڪ هوت ڏي.

( ١٠ )

ڪنيزڪ ڪيچينِ جي، ٻانهي، ٻانهوڙي،
ٻئي ٻاروچي هٿ ۾، چڱنِ سِرِ چوٽي،
ٻانهنِ کي موٽي، ٻانهي پچندو ٻيہ ڏٺي.

( ١١ )

ڪنيزڪ ڪيچينِ جي، ٻانهوڙي، ٻانهي،
مي ڪِنھن وڃنِ وِسري، جي جيءَ آندرِ جاني،
اڱڻِ آماني، شال ڪيچينِ جي ڪام ٿئي!

( ١٢ )

صدا وڏيم سور جي، اڱڻان ڪوهياري،
جو نِجس نِکاري، سو پنھون وڏم ٻاند ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وائي

مون کي نيندا مانڻ، ٻاروچا ٻاجهه ڀئي، آلوا آلوا
ڏيندا سون ڏکيءَ کي، الله لڪ اڇانڻ،
ٻاروچا ٻاجهه ڀئي.
لاتقنطوا مِن رحمةِ اللهِ، پڙهن ڇيو ڀانءِ،
ٻاروچا ٻاجهه ڀئي.
اِنّ الله يغفرالذّنوب جميعاً، سچو اِي ڀريانءِ،
ٻاروچا ٻاجهه ڀئي.

## داستان چوٿون

( ۱ )

ڪانئو، نہ وانئو، اَديون! آريچن جو
لنکھي ڀپ ڀري ٿيا، چڏي رڻ رانئو،
ڏيئي ٿوڙانئو، ويا ويچاريءَ سپرين.

( ۲ )

ڪائي، نہ وائي، اديون آريچن جي،
ڪنهن پر ڪھي لنگهيان، جبل جهاجهائي،
جيڪس واجهائي، هائي مرنديس هوت لئي.

( ۳ )

هلڻ سهان نہ هوت جو، وڃڻ آئون کهوريان،
هون هميشہ هتهين، تہ ڏونگر ڪہ ڏوريان؟
آڪين سين اوريان، پسان شال پنهونءَ کي!

( ۴ )

هلڻ سهان نہ هوت جو، وڃڻ مون نہ وس،
الله! آريچن جي، کولي ميڙين ڪس،
پرين، پنهوار تو پچان، ڏونگريا مون ڏس،
آڪين جي آرس، منڌ جيهائي جوڙ کي!

( ۵ )

هلڻ سهان نہ هوت جو، وڃڻ م واريو،
رهو رات پنهور ۾، ڪا گهڙي هت گهاريو،
معذور کي م ماريو، سکي جنهن سگ ڪيو.

( ۶ )

مون کي جنهين ماريو، آن کي گڏيا سي،
تن ۾ طاقت ناه ڪا، آدا آنهين ري،
سور سلتو تي، جيلانهن ڪالهہ گري ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٧ )

مون کي جنين ماريو، سجاڻ سيئي،
پنهونءَ پيڪان پچنديا، ٻلن تان ٻيئي،
وينجهڻون ويئي، ٿي وهيٽي سڄڻين.

( ٨ )

مون کي جنهن ماريو، سجاڻ پاڻان،
لوهو لڳن ناهه کي، سنڌ پرڻي ماڻان،
دارونءَ جا داڻان، ڏني هوت هٿن سين.

( ٩ )

پرتوو پنهونءَ جو، ڪي چانئين ڪي آس،
قربائي ڪس، آهي ڪر ٻکرڙي.

( ١٠ )

پرتوو پنهونءَ جو، مهائي، ميان،
منهن ڏيئي مون آئيو، رنگارنگي راهه،
پهرين ڏيندا ڀاهه، پوءِ رڱيندا رڱ سين.

( ١١ )

پرتوو پنهونءَ جو، جهڙ جئن جهالا ڏي،
آئون تنهن آريءَ کي، وٺيو راهه، رڻان گهٽون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٢ )

پرتوو پنهونءَ جو، رکيائي راحت،
پاپان ڏينهن پوارئون، ساڄن لاءِ صحت،
مٿي مصيبت، آهي آريءَ ڄام جي.

وائي

ٻاروچي ساڻ، ٻڙي! اي جيڏيون! هيڪر ٿيان، هيڪاندي.
چڙهي ته سگهان چوٽين، يار ٻنان، دل ماندي!
هيڪر ٿيان هيڪاندي.
ڀنڀور ۾ پنهونءَ کي، هيءَ ٻاد ڙي، ٻانڌي،
هيڪر ٿيان هيڪاندي.
ميندر هن ڀنڀور ۾، آئون ايرادي آندي،
هيڪر ٿيان هيڪاندي.
ٻورهيت پنهونءَ ڄام جي، ٻانڌين جي ٻاندي،
هيڪر ٿيان هيڪاندي.
ڪرم ساڻ ڪريم جي، ڪيچي ڏيندم ڪانڌي،
هيڪر ٿيان هيڪاندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان پنجون

( ١ )

ريءَ قريبن قوت ڪيو، ويٺي وِرِه چران،
اِنَ عذابان آڳهين، مادر ڇو نه مران،
آديون! جو نه اوهان، سو مان سور سرتيون.

( ٢ )

ريءَ قريبن قوت ڪيو، وِرِه چران ويٺي،
ٻانيڻ ڪي ٻروچ ري، ٿي ڏکن سين ڏيٺي،
تو پنجاڻان، پرين، آئون سورن سانيڻي،
جا مرضن مروني، سا سرتيون ڪِئن سکهي ٿئي.

( ٣ )

سرتيون! ڪِئن سکهي ٿِيي، ويڙهي جا وِرهن،
ڇت جنهن جو چور ڪيو، ڏکويو ڏکن،
پنجاڻان پرين، آديون آگهي آهيان.

( ٤ )

آديون آگهي آهيان، پرين پنجاڻان،
سي ڪوهيارا ڪيچ ويا، ساجن سياڻان،
جي مسئي سيباڻان، سي وڃي ڪيچ قراريا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

حَقيقَت ھِنَ حال جي، جي ظاھِرَ ڪَريان ڏَري،
لَڳِي ماٺ مِرَن کي، ڏُونگر پُون ڏَري،
وَڃَنِ وَڻَ ٻري، اوڙِ آئيڙي ڪِين ڪي.

( ٦ )

حَقيقت ھِنَ حال جي، جي ظاھِرَ ڪَريان زبان،
لَڳِي ماٺ مِرَن کي، رَمِي مُور شبان،
ٿاڪَرِ ٽڪي ڪانَ، جَبَلَ سَڀِ جلي وڃي.

( ٧ )

جي حَب نہ ھَلَڻَ سِگِيا، سِي جُدا مِيڙ جَلِيلَ،
لنگھائي لَطِيفَ چئي، نِجَنِ ڪيچ قَلِيل،
وِساري وَسِيلَ، مَتان مارِڳَ ڇڏِين!

( ٨ )

سارِيان نِي سَبِيلَ، ھِرِ تَقصِيرُون ھانءَ ڌي،
مَتان مون کي ڇڏِين، آري جام آصِيل،
وَرِ، وِلھِنِ جا وَسِيلَ، رَسِ رَھبر راھ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٩ )

آڇيو آڇيو چوَن: ”وِهُ، وِيا تان گهوريا،“
سَرتين سانگ سَکن سِين، مون جِنُ رَتَ نہ رُوَن،
او مَر ويٺيون هُون، مون ساڳاتو سور ٿيا.

( ١٠ )

سَرتيون سوَراتِين جي، ڪوهُ ٿيون ڀَرِ ڀَرِن،
گهاءُ نہ لَڳَنِ گهٽ جو، ريا مان ٿيون رُوَن،
چيتارِيو نہ چون، ڀار منهجي ڀِرِينءَ جا.

( ١١ )

ڪَذهن ڏِنِيم ڪانڪا، سَرتيون! سَراهي،
ڏِيهاڙي ڏِبرِن ۾، وَچِڙ جي وائي،
جي آئون نہ جائي، تہ عيبَ نہ لِکو هوندَ اونٿين.

وائي

توڙي نِينِ، نہ نِينِ، آلوا مِيان! آئون اَنهين جي آهيان.
زورو ۾ن ضعيف سِين، ڪاـلَ ڪوهُ ڪرِين،
آلوا مِيان! آئون اَنهِين جي آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جت پنهنجي جوءِ ۾، جانب سان جمين!
آلوا ميان! آئون آنهين جي آهيان.
ھِڪ پدمڻا آڪري، سرڪي سان سچين!
آلوا ميان! آئون آنهين جي آهيان.
پانهي پاروچا پانهنجي، سگر سان سڌين!
آلوا ميان! آئون آنهين جي آهيان.
پيرين آئون نہ پڄني، ڪرهل هو نہ جهلين،
آلوا ميان! آئون آنهين جي آهيان.

## داستان ڇهون

( ١ )

ڪنهن پر رئان پرينءَ ڪي، روئي نہ ڄاڻان،
متي ڪيو پٽان، هنجن ڦاڻان هترا.

( ٢ )

ڪنهن پر رئان پرينءَ ڪي، آندر ناه آماٽ،
لوهو ڪا لڪن ۾، ويري متي واٽ،
چپر ۾ چونچاٽ، ڈاڙم ڈکوين جاه

( ۳ )

ڪنهن پرِ رُئان پرينءَ کي، ڏجهڻ ناهه ڏچار،
آنڌرِ ٻي آهون ڪريان، ڪاٽي منجهه خمار،
ڪرڙي جي گفتار، ٻيءَ ڀتِ ڀاروچڻ.

( ۴ )

ڪنهن پرِ رُئان پرينءَ کي، ڀار نه ڄاڻان ڀنڌ،
ڪيچين ڪارڻِ ڪنڌ، نايو ٿي، نرو هٿان.

( ۵ )

ڪنهن پرِ رُئان پرينءَ کي، ڀار نه ڄاڻان ڀير،
پنڌ مون ڏيڙو ٿيو، سورن لايو سير،
آريءَ لئي آهير، رتس ڀاڳي رن جي.

( ۶ )

ڪنهن پرِ رُئان پرينءَ کي، رُئڻ مون رياءُ،
ڀرڻ منجهه ٻڪاءُ، ٻيءَ پٽ ڀڙم جيڏيون.

( ۷ )

سچ وسندي تن کي، جوٻن جلايا جي،
طالب جي تحقيق جا، نينهن تنهين وٽ ني،
نيڏي هسي ٻي، هو تان آهي هيڪڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٨ )

پِيون ڏيٺي ٻنِ ڪنيءَ، هلجِ پاسي هيڪ،

ورنہ سھي ويڪ، تون تيڏي نٿايون ڪرين.

( ٩ )

آچان تون آواٽ، واٽان پاسي ويسريءِ،

سونھين ٿِي سواٽ، تہ منجھان دِل دکُ لھين.

( ١٠ )

ٻانھين، ٻسي ٻٻ، متان ڪا، منڌ ڏيين،

آکيان ڪوُ م ڪڇ، اِيَّ قالي آڏو ڪيچ ڪي.

( ١١ )

ڏاڍي لڪ لکن جي، ٻنّ ھوءِ ٻجاءِ،

چپرِ ڪوسو واءُ، هريا تو نين ڪيا.

وائي

( ١ )

زاري سا زاري، آلو! ٻلو! ڪوهياري سانَ،

آئون جا ڪنديس زاري.

ڪين جيئنديس، جيڏيون! سور ٻريان جي آئون ماري،

آئون جا ڪنديس زاري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ ڪنگائي ھليا، بوتا ھٿون ساريءَ،
آئون جا ڪنديس زاري.
ڪري ڪوھيارو ھليو، مون سين قيامت ڪاريءَ،
آئون جا ڪنديس زاري.
مان ورمن وچ ۾، اولاڻيءَ، آريءَ،
آئون جا ڪنديس زاري.
هندوئن جئن هولي ڪري، مون ڏونڙ مٿي تان واريءَ،
آئون جا ڪنديس زاري.
لالن لڳ، لطيف چئي، واجھائي ٿي ويچاريءَ،
آئون جا ڪنديس زاري.

## وائي

( ٢ )

جنھن جي آھيان ڏونگر ڏوريءَ،
تنھن ڪوھياري ڪي ڪھل پوي!
آئون تان ڳھوري ڳھوٽ جي، ماڙھو چونم پوريءَ،
تنھن ڪوھياري ڪي ڪھل پوي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لِيو نِماڻِي ٻانَ سين، ڇَپَرِ ڇَڏيو مَ ڇوري،
تِنهِن ڪوهِياري کي ڪَهل پوي!

رُوئِي وِڳِينديِس رَتَ سين، ساڻَ ڇِناڪِن ڇوري،
تِنهِن ڪوهِياري کي ڪَهل پوي!

آديُون! آريچَنِ جو، لَهُ لِکو سُون لوري،
تِنهِن ڪوهِياري کي ڪَهل پوي!

ڪَشي ڪانَ ڪَمانَ سان، لائي وِنڙا لوري،
تِنهِن ڪوهِياري کي ڪَهل پوي!

## حسيني

### داستان پهريون

( ۱ )

لَڙَ مَ لاڙائو ٿيو، ڪهتون ڪوهيون ڇڏ،
لاهِ مَ لڏو لڏِ، تہ ڪاڙهي سِج ڪالهہ مِڙئين.

( ۲ )

لَڙَ مَ لاڙائو ٿيو، هلي ڪرِ همت،
سِجَ ساٿهون منهن ۾، متان ڪرين ڪٽ،
پيرِيان جي سٽ، ڪاڙهي سِج ڪالهہ مِڙئين.

( ۳ )

لَڙَ مَ لاڙائو ٿيو، وَرَ جولڏيندي وڄ،
آهي ايءَ اهڄ، هاڙهي هلندين جو.

( ۴ )

لَڙيو سِجَ لڪن تان، راسيون رَتائين،
مون ڪي مارِيائين، آديون اوندا هي ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

وِيو سِڄ وَڻَنِ تان، راسيون ڏيئي رَنگ،
سون جنهين سين سَنگُ، سو ڪوهيارو ڪيچ وِيو.

( ٦ )

آلهي سِڄ آوِرَ ڪِئي، ڏِٺائين ڏونگر،
سسئي ڪِئي، سيد چئي، سورن جو سَرُ،
ڪنَلِ رَکِيو ڪرُ، ويچاريءَ وِڻڪار تي.

( ٧ )

آلهي سِڄ آوِرَ، مَ ڪرِ معذورِينَ تي،
پسي مران پيرَ، ڏونگر ڀاروچَنِ جا.

( ٨ )

وِيو ڀاروچو نِڪري، هاٿِي ڪريان ڪِيئَن؟
سِڄ آلٿي سِيئَن، سُون ڏيندِيس سڄ ٨.

( ٩ )

لَڙِي سِڄ لَڪَنِ تان، ويئي مون وِيو،
آئون ڏورِينديس ڪيترو، هِهَنِ ڀِر ڀِيو؟
سُورَنِ مان سهو، آچي ٿِيم اوچتو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٠ )

سَرتيون سَڄي سَڄ، مَتان ڪا مون سين هلي،
ٻاڻي ناهه، پَنڌ ڪَهڻون، آڪِيان رائو سَڄي رَڄ،
مَتان مَري اَڄ، ڪا ڏِٺي پاراتو ٻِرٻنءِ ڪي.

## وائي

جي هوندَ ڏِنائون، وو جيڏِيون، حالَ مُنهنجو مِهڙو،
چڙهي نہ سگهان چوٽيين، مارُڪ مَتاهون،
حالَ مُنهنجو مِهڙو.
ڏڪيءِ سَنڌي ڏِيڄ ۾، ڏونگر ڏِنائون،
حالَ مُنهنجو مِهڙو.
وِيندي ڪيون وَٽِ سين، سَسُئي سَڪائون،
حالَ مُنهنجو مِهڙو.
وَٺي پَنهون پاڻ سين، آچان جي آئون،
حالَ مُنهنجو مِهڙو.
ڏينديس شاخ سيڪنهين، وَڻِ وَڻِ واچائون،
حالَ مُنهنجو مِهڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ھينڙو ڏندڻ ھاڙ جِنَ، چِڪي چِنائُون،
حال مُنھنجو ھيڙو.

ھينڙو ڏاڙھونءُ گَل جِنَ، ربھي رَتائُون،
حال مُنھنجو ھيڙو.

ھو جي ھَمُن ھَپ جا، مَٺيان مَڪائُون،
حال مُنھنجو ھيڙو.

ھون سَلامت سپرين، گھوري سا آئون،
حال مُنھنجو ھيڙو.

سو جي سُوم ڪَنِ سين، ھَہ جو ڪيائُون،
حال مُنھنجو ھيڙو.

ٻانھون پيلِ لـہ لاھيان، ٿَھَل ڪي آئون،
حال مُنھنجو ھيڙو.

## داستان ٻيو

( ١ )

ڪِين ڏرتِي ماہ، ڪِين جَر سندي سجڻين،
ھلي ۾ واجھاءِ، پنھين چيرن وِچ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢ )

مٺان مٺي مچ، پريم پاروچن جو،
مون کي طعنا تي ڏيئن، جن نہ پروڙيئن سچ،
آمر اوري آچ، تہ ست سٺايئين سور جي.

( ٣ )

مٺي منجهان مينهن، ٻسو ٻاٽيءَ جن وهي،
مون پانيون نينهن، ڇپيون جيري سنديون.

( ٤ )

جي وڃي ٻاجن وسري، منجهان منهنجي روح،
تہ مر لڳي لوه، تہ ٻاٻيهو ٿي مران.

( ٥ )

لڳي مون کي لوه، وره واڙون لائيون،
راز جنهن سين روح، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

( ٦ )

نمن نين، رت وهي، چٺاڪا ڪيو،
مون کي ڏنئن ڏيو، آئين ٿا وڃو اوٺيا.

( ٧ )

آمر وڃي آڻ، ڇرخو آتڻ وچ مان،
ڪنم جنهين ڪاڻ، سو ڪوهيارو ڪيچ ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٨ )

ھِي ڪامَ ڀِڄاھ، آمَرُ مُنهنجي آسري،
ڏِٺِي لَتَ چَرخي ڪي، ھُوٺِيون پاڻِي ۽ پاءِ،
ڪِنم جِنهين لاءِ، سو ڪوھيارو ڪيچ وِيو.

( ٩ )

ھِي ڪامَ ڀِڄاءِ، آمَرُ مُنهنجي آسري،
ڏِٺِي تون ڪتاءِ، مون ڪي نينهن لِھوڙِيو.

( ١٠ )

ڪَتَنُ ڀِنِ ڪپاھ، ڪوءِ آتَنُ ڀِنِ جيڏيون،
ساجَنُ مُنهنجو ساھ، هاجي مَنجھ هٿي وِيو.

( ١١ )

آتَڻِ چوڻِ ڪَتَ، تاڻيان، تَندَ نہ نِڪري،
ھاڻان روئي رتَ، چرخو مون ڇڪ ڪيو.

( ١٢ )

تاڻيان تَندَ نہ نِڪري، جِيءُ نہ مُنهنجو جاءِ،
ساجَنُ ڏاران سِرتيون، سِيٺي مون نہ سھاءِ،
جِئَنُ ڪين جَڳاءِ، آيلِ ھاروچِنِ ري.

( ١٣ )

ڪوءِ هاڙهو، ٻن هوت، ڪوءِ ٻنهون، ٻن ٻرپٽون،
مادرِ مون موت، پسٽان پرائيو.

( ١٤ )

ڪوءِ ٻولي، ٻن ٻروچ، ڪهوري ذاتِ جتنِ جي،
مون کي ڇڏي "لوچ"، ٻيهي وِيا ڇپرين.

( ١٥ )

جِتن جِتن تپي ڏينهن، تِتن تِتن تاٻي ٻنڌ ٨،
ڪو آڪانجهو نينهن، ٻانيڻ ٻروچن سين.

( ١٦ )

جِتن جِتن پِچي راتِ، تِتن تِتن تاٻي ٻنڌ ٨،
ٻوريءَ ٻي نہ تات، جيڪا سا جتنِ جي.

( ١٧ )

نڪو ليڪوئي ٿيو، لڪو تتو ڏينهن،
تهان اوري نينهن، جنو آتڻ واريين.

( ١٨ )

جان جتين تان جل، ڪانهي جاءِ جلڻ ري،
تتيءَ ٿڏيءَ هل، ڪانهي ويل وِهڻ جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٩ )

تنيءَ نڍيءَ ڪاهِ، ڪانهي ويل وهڻ جي،
متان ٿيئي اونداهِ، پر نہ لهين پرينءَ جو.

واٿي

شاديءَ جو سينگار، آيل، آيل مرڪ منهنجو مون پرين.

آهي ڪَہ ڪچيءَ جو، ڏي هالورا هار،
آيل مرڪ منهنجو مون پرين.

آهي اڳهاڙين ڪي، جانب جو جنسار،
آيل مرڪ منهنجو مون پرين.

آهين ڪاج ڪين جو، تون تان طعام تيار،
آيل مرڪ منهنجو مون پرين.

آعليٰ آچو عيد ۾، دوستاڻون ديدار،
آيل مرڪ منهنجو مون پرين.

حسن هوت پنهونءَ جي، ڪڪوريو ڪوميار،
آيل مرڪ منهنجو مون پرين.

سج ڪيائين سرهي، واسيائين وڻڪار،
آيل مرڪ منهنجو مون پرين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇپر ڇاٽون ڪيون، عطر ٿيو آرار،
آيل مرڪ منهنجو مون پرين.
ڪوڙين ٿيا ڪيترا، نالي تان نثار،
آيل مرڪ منهنجو مون پرين.
سدا صلابت جي، گولي گرفتار،
آيل مرڪ منهنجو مون پرين.
کهوريان کهر کهڻيءَ تان، آڇي جتان آذار،
آيل مرڪ منهنجو مون پرين.

## داستان ڏيون

( ١ )

ڪو جو کهمندي کهور، آيم پاروچن جو،
ڇڏينديس پنهور، هينئون مت نہ ولدري.

( ٢ )

مون کي ماڻان ڪاريو، پنهور جن سڪن،
هاڻي ماڻ ڏکن، تان ڪيئن ڏونگر ڏوريان،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣ )

پنھر پنھوران، پڇو تان آبھو،
آکِيِ اِنَ ماڪان، مَرتين سُور پرائيا.

( ٤ )

پنھر ھِن پنھور ۾، دوزخ جو دوُلھون،
سوارو سونھون، جي هوُرج سنئين.

( ٥ )

پنھر ھِن پنھور ۾، ڪھاڻي ٿي ڪھاريان،
سڄڻ جي سانگ ويا، ميٺي ٿي ماريان،
سي ڪِئِن وِساريان، جي وٽان مون واٽ ٿيا.

( ٦ )

پنھوران اَجاڙ، مرتيون مڪر پائيان،
مون سين تنھن ھاڙ، ڏِڪان ھڏ نہ ڏوريو.

( ٧ )

اَجاڙان پنھور، مرتيون مڪر پائيان،
آريائي آتون، ڏِٺم جت آڪِين ٿين.

( ٨ )

لَڳي لاڪاهي، پوري مَنڊ پنهور جي،
پرينءَ وِڃايو تي، ڏکي ڏوري ڏونگرين.

( ٩ )

بَرو هو پنهورُ، آريانيءَ آڃاريو،
لاٿو سَڀ لوڪ تان، هاڙهي ڏَنيءَ ڏورُ،
چوريون چَرڻ سکيون، پنهون ڪيائون پورُ،
آهو سو آتورُ، جنهن ڏکيون ڏک وِهاريون.

( ١٠ )

پليو سَڀ پنهورُ، جو ٻِيءَ هوت نہ هليو،
شهر سڃاتو ڪينڪي، آرياڻي آتورُ،
ماڻيو تنهين مورُ، ديکيو جنهين دِل سين.

( ١١ )

جنهين ديکيو دل سين، ٻيءَ سي ٻيون،
تہ پنِ ٿي ويون، جي پنهونءَ پاڻ لِڪائيو.

( ١٢ )

ڏکن ڏِنيان سِڪ، سکيا ٿيندي سسئي،
پير م جهڏج پرينءَ جو، توڻي لِکون لِڪ،
ڏورج پاسي ڏِک، تہ پوي پاڃهہ پروڄ ڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

رَڳو مَنجهِ لَڪَنِ، آيَلِ، آيَلِ، تازو ڀِرِ پَنهونءَ جو.

نہ ڪِنهن واءَ وِڃائيو، جهوريو تان نہ جهڪِنِ،

آيَلِ تازو ڀِرِ پَنهونءَ جو.

ڪِــہ ڪَتُورِ ئــان آڳــري، هــائــي جـا هونَنِ،

آيَلِ تازو ڀِرِ پَنهونءَ جو.

ٻــورانــو ٻــرنِ جــو، رِڙهــيــو مَنجهِ رنــدن،

آيَلِ تازو ڀِرِ پَنهونءَ جو.

لُطفَ سانُ، لَطيفَ چــئــي، ڪَندو وَرِ وِلهنِ،

آيَلِ تازو ڀِرِ پَنهونءَ جو.

## داستان چوٿون

( ١ )

اَڃايا مونهان، ماجهر تي سِڄ وِبا،

ڀِينِ ڀنيوران، سڌِ مَنهنجيءَ ذاتِ جي.

( ٢ )

هَيس جي آئون، ٻانهي ٻاروچن جي،

هوند نہ ڇڏيانئون، ڏکيءَ کي ڏکن ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۳ )

آئون جي هيس هتي، آديون آريچن جو،
ساٿ لڏيندي سڌ، مان کوهيارا ڪرين مون.

( ۴ )

هيس جي سياءَ، ته ڪير ڏک ڏيرن تي،
آڏ پ وچان آن سين، ڳالهه نه ڪير ڪاءَ،
ذات منهنجي ماءَ، ڪچي ٿي ڪيچين کي.

( ۵ )

اولين آمارو، مون جهليندي نه رهيا،
سائين سوارو، ڪيو ڪيچ آڪين ۾.

( ۶ )

سائي توءِ هلن، پٽر جي وار ڪريان،
جيڪس پاروچن، ڪو ڏنو عيب آکين سين.

( ۷ )

سائين سٿين نه جاڳيين، پوءِ ڪچاڙتا روءِ،
اي ء پر ڪپر هوءِ، جڏن هو سانگي، تون سمهين.

( ۸ )

سائي نه پمان مي، جي هٿر هينئين توڙيون،
هاٿي ڪنهين جي، وچيو آڳن آيان.

( ٩ )

آن ڪي سانڍي ڏٿ، جي مون ويڙهه وڃائيا،
رئان رت مڃت، هاڻي تن ٻرين کي.

( ١٠ )

مون سڏيندي سڏڙا، سانڍي سڏ نہ ڏين،
ولهيءَ جي وٿاڻ تي، توڏ نہ تنوارين،
هيڏا هاڃا ٿين، ٻري هن ٻنيور ۾.

( ١١ )

ڪهان تان ڪيچان ٻري، وهان، تان وٽ مون،
ٻلي ڏوريو پون، عبث آريءَ جام کي.

( ١٢ )

ڪهان تان ڪيچان ٻري، سمهان، تان سر هيٺ،
ٻاروچي سين ڏيٺ، جيهيءَ ٻر ٿي جيڏيون.

## وائي

( ١ )

هوت، هوت، اي هوتا، ڏينديس ماهہ مرن کي،
آئون جرا جيءَ ڪري.
ڏيٺي باهہ ٻنيور کي، آئون آيس تو کري،
ڏينديس ماهہ مرن کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آريانيءَ نهوڙي ري، مون کي سرتيون تان نه سري،

ڏينديس ماهه مرن کي.

جنڊي هايو جان ۾، ڏکي ڏک ڏري،

ڏينديس ماهه مرن کي.

آءُ اورا مرن سپرين، وڃ ۾، پيءَ ڀري،

ڏينديس ماهه مرن کي.

مون ڏٺي، مون وسهو، ورچي تان نه وري،

ڏينديس ماهه مرن کي.

ڏکيءَ جي ڏيکارين، ڏاران منهن سري،

ڏينديس ماهه مرن کي.

پيالي پرين جي، موهيس ميٺ ڪري،

ڏينديس ماهه مرن کي.

آريءَ جي عشق جي، مون کي آندر آڳ ٻري،

ڏينديس ماهه مرن کي.

توکي توءِ نه ڇڏيان، جي وڃان پونءِ تري،

ڏينديس ماهه مرن کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏرَ وِجھندِيس ڏورَ ۾، مَٿو ڏار ڏري،
ڏِينديس ماهَ مِرن کي.
ھلن مٿي ھوت جو، ڏکي، پَس ڏري،
ڏِينديس ماهَ مِرن کي.
ھر ٻن کَڇ پانھنجيوَن، آکيوَن ٻاجھ ڀري،
ڏِينديس ماهَ مِرن کي.

وائي

( ٢ )

ڏونگَرِ ٿِي ڏوري، وِندرِ ٿِي وَڙي،
جَتَنِ لءِ جيڏِيوَن، ڏونگرِ ٿِي ڏوري.
سُور پاڻِي ٻِيس سَج ۾، چام ٿَنھل کان اوري،
جَتَنِ لءِ جيڏِيوَن، ڏونگرِ ٿِي ڏوري.
آءُ ڇارِيندِيس آنِ جا، ٿَکر ھاس ٿوري،
جَتَنِ لءِ جيڏِيوَن، ڏونگرِ ٿِي ڏوري.
مِھاروَن ٿَنِ مِينِ جيوَن، خُوبَ خوشيءَ مان جوڙي،
جَتَنِ لءِ جيڏِيوَن، ڏونگرِ ٿِي ڏوري.
ڪاھِي ڪِلهِ ڪِڇِيِنِ جي، ڪَين ڇڏِي، ٿَرُ ٿوڙِي،
جَتَنِ لءِ جيڏِيوَن، ڏونگرِ ٿِي ڏوري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# داستان پنجون

( ١ )

لهرن لنگهي لس، مانباٽيان منجهي ويا،
ڏٺي ور وات نيا، پنهون چام پهس،
هنا وڌي وس، هاروچا پنهور ۾.

( ٢ )

وڌي وس هنا، هاروچا پنهور ۾،
وجهي ڏور پيا، سانگين سڀ سيرين.

( ٣ )

سانڍ پنهنجي ساه، هانهين تي هورا ڪريان،
واڳيون جي ورن سين، تن سرتين سيج سماءِ،
مون کي طعنا تي ڏيين، مون جئن سٽن نه ماءِ،
آريءَ جي آڪاه، رلايس روهن ۾.

( ٤ )

ماءُ وهاڻون وار، ڪن نهراڻي هانهنجي،
جيڪين ڏٺي ڏيج ۾، سو سيوئي سار،
وڃان ٿي وڻڪار، ڏٺم پير پنهونءَ جو.

( ٥ )

ڇپون ڇپر ڪٽ، ٻهن ٻڌائيون پانئيان،
جتي رهان راتڙي، مرون منهنجا مٽ،
سِٽن جيءَ سهٽ، ڏونگر ڏولي مون ٿيو.

( ٦ )

ڏني سِڪ سسئيءَ کي، ٻِليائي ٻروچ،
لوڪ وِچان ٿي لوچ، نيئي ڀڄائي پنهونءَ کي.

( ٧ )

مسافر نِئون ماءِ، وِرہ وِهاير وِترو،
آچي ٿير اوچتي، تنِ سانگين سين ساڃاءِ،
جيجان جهل م ٻاءِ، هينئون هوت هٿي وِيا.

( ٨ )

ڪِٿن آڙائِي ٻاند، ڀلوُ ٻرڏيهين سين،
متيون موڙهيئي مسئي، ڪيئي ڪوهيارو ڪانڌ،
رِلي پانيئي راند، ٻانيڻ عشق ٻروچ جو.

( ٩ )

منهنجو ٻاڙيچن، ڪجهو ڪون ڏِڪيو،
ٻاسي چڙهي پنهونءَ جي، ذات سلتي جن،
تيلان ٻاروچن، نڌر چڏي نِنڊ م.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٠)

حسينيءَ جيءَ هاڪ، مادرِ ماري آهيان،
ڏيهان ڏورڻ ڏک سين، راتيان ڇڪن ڇاڪ،
ڊچان پر فراق، متان پوئم پرينءَ سين.

(١١)

جيڪين فراقان، سو وصالان نہ ٿئي،
آڇي اوطاقان، مون کي پرين پري ڪيو.

(١٢)

ڦري آءُ فراق، مون کي وصالان وچ پيو،
جي ٿي ڇڪيم ڇاڪ، سي پرين ڳڏجي پوريا.

## وائي

(١)

پنهون پريشان، پر پر، لکو خان نہ مان،
هئي هئي! حال منهنجو.
مون کي بک بوتن جي، ناٿي پانيان نان،
هئي هئي! حال منهنجو.
شهر صحرا پائيان، سون ليڪي ميدان،
هئي هئي! حال منهنجو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رُئان تي رڄن ۾، آريءَ لئي عريان،
هئي هئي! حال مُنهنجو.
ڀنيان مُنهن ڀسن لئي، هتي ٿي حيران،
هئي هئي! حال مُنهنجو.
آهي آريءَ ڄام جو، مون کي ڪاري ڪان،
هئي هئي! حال مُنهنجو.
ديوانيءَ کي دِل ۾، سورن جو سامان،
هئي هئي! حال مُنهنجو.
وِجهج ڀڪ ڀنار ِتي، ڀرڻم ڪائي ڀان،
هئي هئي! حال مُنهنجو.
ڪڏهن ٿيندو ڪيچ ۾، منهنجي جو مڪان،
هئي هئي! حال مُنهنجو.

## وائي

( ٢ )

ٻارڇيون ڪا ٻچار، منهنجا ڏير ڏمر ڪنهن ڏيه ويا.
ويٺي ڪوڙها ڳارِيان، تن جانِ لاءِ ڄمار،
منهنجا ڏير ڏمر ڪنهن ڏيه ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڪا ڪانگ، آڇن جي، تن جي ڪا تنوار،
منهنجا ڏير ڏمر ڪنهن ڏيه ويا.
مٿي ساري هليا، ڪيچي ڪاهي قطار،
منهنجا ڏير ڏمر ڪنهن ڏيه ويا.

## داستان ڇهون

( ١ )

ٻاروچا ٻنپور ۾، آيا آس ٿيام،
ٻسي ٻهر ٻنهونءَ جي، تهن سيئن لين لُريام،
ڪوندر وسريام، سڪن شاخون مڪيون.

( ٢ )

ڏيکاريس ڏکن، ڪوندر ڪس ٻرين جو،
سونهائي سورن، ڪي هيڪاندي هوت سين.

( ٣ )

ڪنهين ڪنهين ماڙهئين، ڪوندر وڏي وٽ،
ٻڌي ڪوڙ ڪرٽ، ساڻو ڪجي سور جو.

( ٤ )

سڙ سکن ساٻي ڏيان، سر ٻن ڏيان سٽ،
جي سون مڙي مٽ، ته وره وهايان هيڪڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

سو سکن ڏيئي، وره وهاير هيڪڙو،
مون کي تنهن نيئي، پير ڏيکاريو پرينءَ جو.

( ٦ )

سور م ڏي ڏوڻ، آئون آهيان آڳهين ڪاهري،
جا پر پائيءَ لوڻ، سا پر منهنجي جندڙي.

( ٧ )

سور م وڃيجا، سڄڻ جڻن سانگ ويا،
پرين پڇاڻا، آئون اوهان سين اوريان.

( ٨ )

سورن سانگهارو، ڪڏهن تان ڪون ڪيو،
آيل اوپارو، پائڙ پڏو پوڙ وهي.

( ٩ )

سانگهارو سورن، ڪڏهن تان ڪون ڏنو،
پائڙ پوڙ وهن، ڪالهونٿان آڄ گهٽان.

( ١٠ )

سور نہ ساڱاهين، ڏين آڏمان اوچتا،
مون کي مون پرين جا، آميا آهين،
لڄون جي لاهين، سيئي تيم سامهان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١١ )

سورن لڏو سڄڻ، پاڻهين پيهي آئيا،
ڪنهن کي ڏيان ڏنجهه، سر تان ڇڏڻ ڇت ۽.

( ١٢ )

سور م مِڃ ماءُ، آئون نه وڪڻي آهيان،
وڃج م ويل ڪنهين، وره مون وٽاءُ،
تون پڻ تڏهن جاءِ، جڏهن ٿيان هيڪاندي هوت سين.

( ١٣ )

سور پ پتون پت، هيءُ ڇڏيو کي ڇيو،
پرينتي پرينءَ جي، ماءُ منجهايم مت،
پينر پليءَ پت، لڳم ٻاڻ ٻروچ جو.

( ١٤ )

لڳم ٻاڻ ٻروچ جو، آمرُ ٻل م مون،
سڀ رنگينديس رت سين، ڪيچان اوري پون،
مادر متان مون، ڪانگ لوندا ڪڏهين.

( ١٥ )

لڳم ٻاڻ ٻروچ جو، ڪرها نيا تزاق،
آهڪي جا آئين کي، سا مين پوءِ م ماڪ،
آڪڙين خوراڪ، پسڻ پرڏيهين جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٦ )

سور وِراهيان سرتيون، جي وِراهِيا وڃن،
پيون ڪوه پڇهن، جن سندا تن سامهان.

( ١٧ )

مٺ مٺ سورن سيڪهين، سون وٽ وٽاٿان،
پريون ڪيو پٽان، وِيا وِهاڻو نڪري.

( ١٨ )

ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري،
جنين جيءَ ورونهن، سچن آيو مان ڪري.

( ١٩ )

ڏک لکيو، ڏونگر ڀريو، پينر ڪاٽي پون،
منان لائو مون، سندو جُٺو آسرو.

( ٢٠ )

ڏکويون ڏيهان، جيڪس لڏي وڃيون،
هاٿي ڪن ملا، پچان ڀرين خبرون.

( ٢١ )

ڏکيون جان نہ مرن، تان تان پتو نہ ٿئي،
پيون هونهين هٿ هٿن، روئنديون روئي واريون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٢ )

نکي روئڻ واريون، لکي اوسارين،
مونهين کي مارين، مونهين سندا ڏکڙا.

( ٢٣ )

پيڙي پيڙي پنڌ، سورائتي سندرو،
کيچ آڳاهون پنڌ، متان لکن سين لکيي مرين.

( ٢٤ )

پيڙي پنڌ پهار، سورائتي سندرو،
ڏونگر توهان ڏار، ڪان ڏورينديءَ ڏک سين.

## وائي

ڪوهيارِي جي ڪاءِ، مارينديم ماءِ، سون کي من آندر جا ڪالهڙي.
چڙهان ڏونگر چوٽين، سپيريان جي ساءِ،
سون کي من آندر جا ڪالهڙي.
نهارينديس نکري، هاڙهو هوتن لاءِ،
سون کي من آندر جا ڪالهڙي.
ماندڙيا مير پري، پريان کي پهچاءِ،
سون کي من آندر جا ڪالهڙي.

مولى! مون کي ميڙين، سنڌيءَ جانب جاءِ،
مون کي من اندر جا ڳالهڙي.
هوت هلن، آئون وهان؛ تہ ڪا ايئن جڳاءِ،
مون کي من اندر جا ڳالهڙي.
سسئيءَ جي سريءَ کي، اوڏاهين آڻاءِ،
مون کي من اندر جا ڳالهڙي.
ٻرانديءَ پنهونءَ جي، منهنجو لوڙھ لڏاءِ،
مون کي من اندر جا ڳالهڙي.
آلا! عبداللطيف چئي، ايها آس پڄاءِ،
مون کي من اندر جا ڳالهڙي.

## داستان ستون

( ١ )

ٻڌن سي ٻسن، جڏهن تڏهن پرينءَ کي،
ڏوريندين ڏسن، اڳين عجيبن جا.

( ٢ )

ٻجيوءِ، تان ٻور؛ نات ٻڌن هوءِ م پرينءَ کي،
ڏورڻ واريون ڏور، هڏ نہ آهين هوت کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣ )

ڏورِيان، ڏورِيان، ۽ لَهان، شال ۽ مِلان هوت،
مَنَ آندرِ جا لوچ، مڇڻ سا مانِي ٿِئي.

( ٤ )

ڏورِيان، ڏورِيان، ۽ لَهان، سانِي ڪالهوڙا،
لاهي لاڏوڙا، سَفرِ ڪنهن مانگ وِيا.

( ٥ )

آئون ڏورِئين، شال ۽ لهئين، پِرين هٿين پِري،
هِڏ نہ ساه سري، تَنَ تسلي نہ ٿِئي.

( ٦ )

آئون ڏورِئين، شال ۽ لهئين، تَنَ ۽ ملين تون،
لَنءَ لَنءَ منجهان مون، لوچ تنهنجي نہ لهي.

( ٧ )

آئون ڏورِئين، شال ۽ لهئين، ساڄن سچ سوال،
سِڪ تنهنجِيءَ، سِپرين ٿِئي جان زوال،
وهاڻِيءَ وِصال، آئيان آرامِي ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٨ )

ڇڏيم ڇج ھلڻ جي، چاڙھيڪا ڇڪمام،
آرياڻيءَ جي آسري، ڏونگر ڏينهن لڳام،
ھجج، ھرين منڌام، ويٺيس، وڪ نہ اُپڙي.

( ٩ )

ڇڏيم ڇج ھلڻ جي، چاڙھيڪن چڙھي،
آڙيڪن آڙي، پيس ھوت پنهونءَ سين.

( ١٠ )

ڇڏيم ڇج ھلڻ جي، ڇڪيم چاڙھيڪا،
آديون آڙيڪا، ھينئڙي پيم ھوت سين.

( ١١ )

ويٺيس، وڪ نہ اپڙي، آج آرياڻي تون آھ،
ڇڪيءَ تو سين چاھ، پاسي پر پيٺي رڙھي.

( ١٢ )

جيڪا ڪندي نينهن، مون جڻ ھاروڃن سين،
سڪن سارو ڏينهن، چڙھڻ چاڙھيڪن تي.

( ١٣ )

جيڪا ڪندي سَڱ، مون جِتن پاروچِن سين،
آنکِن چاڙهي انگ، روئندي سا رَت ڦڙا.

( ١٤ )

جيڪا ڪندي لاڪ، مون جِتن پاروچِن سين،
آلدرِ تنهين آڪ، لڳندي لائون ڪري.

( ١٥ )

جيڪا ڏيندي منجهه، مون جتن پاروچن کي،
متان ڳلنِ هنج، ڪين لاهيندي ڪڏهين.

## وائي

منهنجي ڄجت ناهي وات، ڪانهي وات،
جيجان تنِ جتنِ سين.

ڪاٿيءِ کي ڪاٿي ٿِيي، جيري جِي جِرات،
جيجان تنِ جتنِ سين.

ڪنديس ڪيچ ڏٺينِ لي، لڪن ۾ لولات،
جيجان تنِ جتنِ سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تازو پير پنھونءَ جو، لڙيو منجھ لڙاٽ،
جيجان تن جتن سين.
آهيم آريءَ جام جي، اَندر منجھ اماٽ،
جيجان تن جتن سين.
ماريو ڪيم مٿيءَ ڪي، ڪيچي ڪاهي ڪنواٽ،
جيجان تن جتن سين.
ڪٽيو نيڻ نھاريان، ڪوڙهن پريو ڪپاٽ،
جيجان تن جتن سين.
سبب تنهن ستي ويا، جھوڻي ڏينم جهاٽ،
جيجان تن جتن سين.
ڏنم ڏکوين جا، چپر ۾ چونڇاٽ،
جيجان تن جتن سين.

## داستان اٺون

( ١ )

آتڻ اورانگهي ويا، اٺون ٿي مران ماءُ،
پٺون ٿينديس پير تي، "هئي هئي! ڪري، "هاءِ!"
جيڻ مون نہ جڳاءِ، پرين تان پاسو ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢ )

آتڻ اورانگھي وِيا، آڱڻ مون افسوس،
ڏيوانيءَ مين دوس، سانِي آهي سڄ ۾.

( ٣ )

آتڻ اورانگھي وِيا، ڪري ڪميٽي ڪيڻ،
هاڻِ گهرجي هيڻن، ته ڏجي باهه پنهور کي.

( ٤ )

آتڻ اورانگھي وِيا، پٺيءَ تو ڏن تاڻ،
ويٺا ۾، منڌ پنهور ۾، هنِ پڇنديڻن هاڻ،
راتي منجهه رهاڻ، هل ته نيئي هوت مين.

( ٥ )

آتڻ اورانگھي وِيا، ياري ڇڏي يوءِ،
آريچا آئن تي، هيءَ تان جڏي جوءِ،
ڪين هلي، ڪين هٿ ڪٺي؛ ڪين رِڙهي، ڪين روءِ؛
ڪو پنهونءَ ڪي چوءِ، ته مٺيءَ ماتم آئيو.

( ٦ )

جاڳي سڄاڳيءَ، مون کي ڇڏي هليا،
آديون آريچن اِئِ، آئون ڪوري جئن ڪاٺي،
پاهڻ ۾ پاڻي، هاريون! هارڻ آئيو.

( ٧ )

ڄاڻي سڄاڻي، مون کي ڇڏي ھليا،
آئون ڪئن ڇڏيان پانھجو، آديون آرياڻي،
پرين جو پاڻي، سو ڪيچين ڪم نہ آئيو.

( ٨ )

ڄاڻي جي ڄاتوم، تہ پوندو ڦلق فراق جو،
آڳر ارادت جو، ڏرياڻين ڏوتوم،
پوءِ تان ڪون ڪيوم، ھوند ڪشالو ڪيچ ڏي.

( ٩ )

وارو، وڃن ٿا، سيڻ تنھنجا سنڌي،
ھوڙا پاروچا، ڪين لھندئن ڪي پيا.

( ١٠ )

واري وراڻي، تو پنھنجا نہ ڪيا،
پوري رنجاڻي، ھوند نہ ھيئين ھيتري.

( ١١ )

جنان واري وڳ، اوڻي ٿيا ڇلنڪيون،
مٿي تنھن مارڳ، ٻني پرزا نہ ٿيين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٢ )

ڏکائيندي ڏونهڙا، منڌ ميٺاڻي وَڃ،
پرياڻون ۾ پڃ، ساٿ چڙهندو لکين.

( ١٣ )

ڇڄ ۾ قطاران، ساٿ چڙهندو لکين،
مڇڻ نيين مُٺان، وک واٽ ئي نه لهين.

( ١٤ )

ڪا جا ڪيائون، وائي واري ونگڙي،
آيل تنهن آئون، پوليءَ پاتاڙي ڪئي.

( ١٥ )

وائي واري ونگڙي، پولي پي نه ڪن،
آلا، ڪيچ ڏئين، مون سين پوھ ۾ ماسرو.

( ١٦ )

ڪا جا آندي ڪيچين، وڻڪاران وائي،
سٽي مون سائي، نيٺين لنبڙي وه ئي.

( ١٧ )

پڇيوئي جان دوست، تان پاسي ڪر پرھيز ڪيء
ڪلڏيئي جي هوت، ته ڏين سپ دور ٿيا.

(١٨٠)

هلو ۽ ملهو، ڏک م پسو ڏونئيا،
سونهون جو ساٿ جو، سو مون هوت سلو،
آن ڀڻ نئي ڀلو، آئون ٻ ڳڏجان ڀرينءَ کي.

## وائي

مون کي ڇپر ۾ ڇڏيجا، ٻاروچا ٻلي لڳي آهيان.
ڇوري ڇني آهيان، نينهن نباهي نيجا،
ٻاروچا ٻلي لڳي آهيان.
ڇوري ڇڏي ڇپرين، ڪيڇي ڪير وڃيجا،
ٻاروچا ٻلي لڳي آهيان.
پنهون منهنجر آن سين، ساٿ سلامت نيجا،
ٻاروچا ٻلي لڳي آهيان.
مون تان وڙ وڃائيو، آئين پنهنجو وڙ ڪريجا،
ٻاروچا ٻلي لڳي آهيان.
جو ڪِنڪو ويس ڪري، سکھڙي سار لهيجا،
ٻاروچا ٻلي لڳي آهيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان نائون

( ١ )

ڪاتيءَ تان نہ ڪهين، من وِڃائي وِڍيو،
ماريس سور تهين، جو نہ جياري جيڏيون.

( ٢ )

ڪاتيءَ تان نہ ڪئو، ماءُ منهنجو جِندڙو،
جنهين ماءُ مئو، سي جت نہ پسان جوءِ ۾.

( ٣ )

جيءَ منهنجو جِنِ، آلڪڙيارو وڍيو،
ٻچاڻا پرينِ، سيان سجو نہ ٿيي.

( ٤ )

آچيو مر آجن، ٻاروڇا پنيور ۾،
ٻيءَ لڳي جن، ڪميٽي ماڙهو ٿيي.

( ٥ )

رو، وِسانئي رالڍِ، ٻه ٻروڙِج ساڻ جا،
هوتنِ سين هيڪاند، هيرِ ٻاني ڏينهڙا.

( ٦ )

رُنءُ ۽ راڙو، مون نِمائِيءَ جي نجهري،
ڪِنُلِ ڪي قلب ۾، ڦرب جو ڪاڙهو،
هوتنِ لئِي هاڙهو، رِجائِينديسِ رت سين.

( ٧ )

روئي ڪَندئِن ڪوهُ، هاڻي ڪو هوت وري،
جيڏيون جيڏوئِي ڪيو، ساٿِس سڀڻ ستوهُ،
ڏوهِي آئِيان، ڏوهُ، مَتان ڪا مون سين ڪري.

( ٨ )

رُنان تان راند، ڪِلان تان ڪامي هينئُون،
آڪَرِيون وِيساند، پِرينءَ ڳَڏجِي ڪنديون.

( ٩ )

آڪِينِ ڪين ڪيو، رتَ نہ رُنائُونَ!
اِيي ڏِٺائُون، ڦوڙائِيا سِيرين.

( ١٠ )

ڪاڻِيون، لوئِيون آڪِيون، ڪُنيون ڪين ڪڇن،
مٺيون ماٽ نہ ڪنِ، هنيون رهن نہ هوت ري.

( ١١ )

وَسي، وِسائِيون، رَتو روئي ہِرِبنءَ کي،
ٻيون ڪَنَ ٻَپ ڏي، نَظر نِماليونَ،
سي ڪِئن ٻِلياٽِيونَ، جنِ وِندو هوتَ نَ واريو.

( ١٢ )

وَسي وَسِي ميَنهَن، جِنّ لَٻي وَيس ڪيه،
توء ہِريان جي ڏِيه، ٻِئِي ٻچي خبرون.

( ١٣ )

ڪاٺيءَ مَ ڪانيو، مَٺِيءَ مَنڪَرَ مَ ڏِيو،
هيڪَر آجهايو، ڏٻِئي ٻر لَهار جِنّ.

( ١۴ )

ڪاٺي ڪيرنِ هيٺِ، وِٻئي روئي رتَ ڦڙا،
ڪا مون نِيندي ڏيٺِ، پِهرَ پارَوچنِ سين.

( ١٥ )

پَنهونءَ ٻيرِڙِيون، ڪَهِرَ ڳُهمَندي جي ڏَنيونَ،
سي مون سيرِڙيون، نتَ نِهارَنِ ٻِئيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٦ )

ميِّن، مر مران، ميِّن وِچ سرتيِن،
ھورھيت ٿي ھران، ھاڙي چاھ پنھونءَ جي.

( ١٧ )

مارِيو جي معذورِ، تہ ھيڪاري ھور لھي،
ساجن آھنجي سورِ، ڪين جيان ٿي ڪيچيا.

( ١٨ )

نڪي مٿي آھيان، نڪي ٿي جيان،
ساجن ساھ ڏيان، توکي مارِيو ميرين.

( ١٩ )

تون جي ڪالھ مٿي، تہ ڪالھ ٿي ڪَڏي ھِرِينءَ ڪي،
ڪڏھن ڪان مٿي، تہ ڪا مکھي ڪَڏي سجڻين.

( ٢٠ )

آکي پوءِ مران، مر مران مارڪب ھر،
مٿي پوءِ ھِريان، خون منھنجو جيڏيون.

( ٢١ )

پنھونءَ ڪارڻ ھپ ھر، مر مٿا ڏيئي،
تہ سرتيون سيپئي، واڪاٽيئي ويئيون.

( ٢٢ )

تنهين توڻ نہ ميائُ، جي ڪوهيارا ڪيچ ڏٺي،
آلڪڻ چڙهيو آهه، جان لالو ڪيڙءِ نينهن جو.

( ٢٣ )

مَتان جيءُ جتن، ڪهوريو ڪهوري سسئي،
ٻارڙي جي ٻنهونءِ جا، ڪارون ڪري تن،
ڪيچ متان ڪا ڪن، ٻي شڪري ٻنيور جي.

واڻي

متان تـي هلنديس، ميان! سامهين سائيھ ڏي.
وڏا پينڊا پنـڌ جـا، مـيزل مائينديس، ميان!
سامهين سائيھ ڏي.
آلاهـر عجيب ڪي، لڪن مان لهنديس، ميان!
سامهين سائيھ ڏي.
جيڏيون جوڙ جتن جو، جڏهن آئون ٿينديس، ميان!
سامهين سائيھ ڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حجائتا هوت کي، ڏوراپا ڏينديس، ميان!
سامهين سائيھ ڏي.
فرياديون فراق جيون، پنهل کي چونديس، ميان!
سامهين سائيھ، ڏي.

## داستان ڏهون

( ۱ )

سپيريان جي ڪالهڙي، رکو رنجائون،
ڏونگر ڏولائون، ڏيندا مون ڏير ويا.

( ۲ )

آريءَ اتن جيئن، ايئن تان اوئين نہ ڪيو،
ڪيچ پهچبو ڪيئن، اهڙن آپاڻهن سين.

( ۳ )

جئن اتن آريءَ جام، آئن تان اوئين نہ ڪيو،
پرڪي پاهر نڪتي، ڪاڏر منجهان ڪام،
ساه ڏنائين سام، متي مڪر پهچين.

( ٤ )

لَڪِيُون آن پِرِ لِڪَ، ڪِينُ ڪوهيارا وِرِميا،
جِنين سِنديءَ سِڪ، رِلِيُرِ راتِ رَتَ ڦُڙا.

( ٥ )

لَڪيُون آن لِڳا، ڪِي ہلوَ ہانڊِيُن جا،
توهان ڳهيرو ماءِ، رونِدا اُوءِ رَتَ وِيا.

( ٦ )

ڪو جو لَڳِسِ ڪانُ، ڪيچِينِ جي قربَ جو،
تِنِي نِماڻي نِيشانُ، چِڏِي سانگو ساه جو.

( ٧ )

ڏُونِين چيِسِ "ڏُورِ، ڪيچَ آڳاهوُن ہنڌ تِيو،"
ہاٿا چَڙِهي ہورِ، وِڪ وِڏائين وِترِي.

( ٨ )

ڏونيا ڪو اونِين جو، مون ڪي آهڃ ڏيو،
سَچ ڪِ ساٿ نِيو، ہنهوُن منهنجو ہاڻ سين.

( ٩ )

ڪو جو اَنِسِ مِينهَن، آريءَ جي اَڪير جو،
ہاروچاڻون نِينهَن، مَتان مانو نہ تِئِي.

( ١٠ )

جيڏيون ڏسو ڪيچ، جو ڏيه پاروچن جو،
پنهونءَ وڏم پيچ، نسورو ئي نينهن جو.

( ١١ )

لڪ چڙهيو رڻ روهه، ڪري سپاجها سڏڙا،
اِيندن پڇي خبرون، ويندن پيرين پوءِ،
ڏيرن ۽ ڏاڳهن جو، مون کي ڏس ڏيو،
مون ڪان ساٿ ويو، پٽي ڏونگر ڏوريان.

( ١٢ )

ڳهوڙن هنيون ڳهٽيون، اُتن هنئي آنءَ،
جا نينهن ڪندي نانءَ، سا مون جٺن پولدي مامري.

( ١٣ )

لڪڙياريون آڳريون، پاروچاڻون پير،
آچي پسو جيڏيون، تازو پنهونءَ پير،
ويچاريءَ مين وير، جتن جيڏو ئي ڪيو.

( ١٤ )

لڄڻ نه لاهين، ڳوندر هن غريب تان،
پر پر پڇائين، جيجان جوش جتن جا.

( ١٥ )

هئي! تو وٽِي هوت، آئون ڪِي آکِيري ٻيان،
متان ڇوي بلوچ، ”ڪميٽيءَ مان ڪين ٿيو.“

( ١٦ )

ڪميٽين هٽان، ٿين موراثين مديون،
تون ڪر هاڻ وڙان، سوٽ سباجها سِپرين.

( ١٧ )

نڪين ٻيان مگ، نڪين مگيٽي،
آهيان ڪميٽي، ذاتِ هاروچي نہ جڙان.

( ١٨ )

ڪيچ ۾ خبر هوءِ، هن منهنجيءَ ذاتِ جي،
متان منهونءَ پوءِ، لڄ منهنجي لوڪ ۾.

( ١٩ )

لٿو ڪم ڪيچين جو، ڇڏي هليا سون،
آلا! آهين تون، هوتن تان هيڏي ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

( ۱ )

مُنهنجو ساهُ نيو سيڻانِ، آيلِ، آيلِ وِهان ڪِٿِن ڀنيور ڀ؟

مون کي وِيا نه وِسري، نينهن ڀريا نيڻانِ،
آيلِ وِهان ڪِٿِن ڀنيور ڀ؟

سو ڪِٿِن هينڙو جهليان، جِهڙي جو ڪيڻانِ،
آيلِ وِهان ڪِٿِن ڀنيور ڀ؟

مادرِ ڀايو مَنڊيون، ڪوڪيان وَر ڪيڻانِ،
آيلِ وِهان ڪِٿِن ڀنيور ڀ؟

## وائي

( ۲ )

وسان ٿي وِپياسِ، آيلِ لَڳمِ ڀاڻ ڀروچ جو.

ڀرزا ڀَڀ وَرِن ڀ، ڀِٽون ٿي ڀِپياسِ،
آيلِ لَڳمِ ڀاڻ ڀروچ جو.

ته ڀِن ڪاڍو ڪيچ ڏي، توڻي ماهُ مياسِ،
آيلِ لَڳمِ ڀاڻ ڀروچ جو.

ڀاڻ وِڃايمِ ڀير تي، ڇِڀي آئون، ڇِٽياسِ،
آيلِ لَڳمِ ڀاڻ ڀروچ جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيم آنڌي لوڪ سين، مٿي آئون مٽياس،
آيل لڳم ٻاڻ ٻروچ جو.
هيڏي شهر ڀنڀور ۾، لکو ٻيءَ نہ ماس،
آيل لڳم ٻاڻ ٻروچ جو.
ٻيم وڃ وصال ۾، سنجهي آئون سٽياس،
آيل لڳم ٻاڻ ٻروچ جو.
ٻيم ننهونءَ جام سين، ڪٿيءَ آئون ڪٽياس،
آيل لڳم ٻاڻ ٻروچ جو.
آلا! آن م وسران، ڏٺي جن جياس،
آيل لڳم ٻاڻ ٻروچ جو.
ٻيس ور وصال جي، جانڪين تان جٺنڊياس،
آيل لڳم ٻاڻ ٻروچ جو.

## وائي

(٣)

تہ ڪو هوت سڄڻ نيندا، هوا ڏيرا،
ڪل نہ ٻيم ڪا، مون نہ ٻروڙيا ماءِ،
ڪهي ڪميٽي هليا، ٻانيڻ ڪري ٻيرا،
ڪل نہ ٻيم ڪا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمان شال اَچين سين، دوست سندا ڏيرا،
ڪل نہ پيرِ ڪا.

سيٽن ساڄهر لڏيو، پوءِ ٿي پڇين پيرا،
ڪل نہ پيرِ ڪا.

ڏاڻ وڃهي ڏاکڻِ ڪي، ونڪيٿي نہ تنهن ويرا،
ڪل نہ پيرِ ڪا.

ٻرڪنِ ٿا پاڻيءِ جا، جيءَ اندر جيرا،
ڪل نہ پيرِ ڪا.

## داستان ٻارهون

( ١ )

واڪيو واڪيو وڪ، پاپوهيو پير ڪٽي،
سي نہ چڙهنديون ڏڪ، سوڙي پير مرن جي.

( ٢ )

وڃهہ وڏندي وڪ، مچهو لڪ لڪائيين،
ڏک تنهين کي ڏک، حب جنهين کي هوت جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣ )

واڪو هڏ م لاه، سڏن مٿي سڏڙا،
مان تنهنجي ڪا، سگر ۾ سار ٿئي.

( ٤ )

سڏن ٿيءَ سڏڙا، واڪو منجهه وٺين،
سڄڻ ٻنڌ گهٽي، مان ڪوهيارو ڪوڪ سٿي.

( ٥ )

ڪوهيارو ٿي ڪات، ميون مارڻ آئيو،
هوءَ مر هوت حيات، آئون ميائي گهوريي.

( ٦ )

وهين ۽ ويلا ڪرين، ٻچين ٿي پانڌي،
هاري هيڪاندي، ڪنهن پر ڏيندئن هوت سين.

( ٧ )

وهين ۾ ويلا ڪريين، ايءَ نہ آڪنڌ آه،
سي لاڳاپا سڀ لاه، اوريان آپارين جي.

( ٨ )

وهين ۽ ويلا ڪرين، سڏيين ساڳاتو،
هاري آپاتو، تو سين سولهن نہ سسئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٩ )

ڪِجي جِنَّ ڪِيچِينَ لَئِ، تو تان ڪِينَ ڪِيو،
وِيجهائي وِڏوءِ، وِکَ نَہ ڪُنيئِي هيڪڙي.

( ١٠ )

ٻاڙي ناهِ اروڙ، تہ ڪا رات رنجائي گُذري،
ٻاليِن ٻاروچنِ جي، کهائي وِڏي کهوڙ،
هِڪ سِٽي پيا سوڙ، ويا ٻِنَيندا ٻاڻ ٻر.

( ١١ )

ٻاڙيچِيءَ روئِي، چاڪ مُنهنجا چوريا،
پَکهرَ وِجهنديس پِرِينءَ جو، ڏَڪنِ ٻر ڏوئي،
ساجنَ سِيوئِي، ساهُ اوهان تان صدقو.

( ١٢ )

آجَ نَہ مون قرار، ڏِٺَم سَنجهو ساٿ ٻر،
نهي وينا ٻار، مَٿي ساٿيهه سِپِرين.

( ١٣ )

ڪِيا ويچاريءَ وَس، ڪارِڻَ ڪوهياري گهٽان،
گَهٽون ٻَجي ٻانڌِيِن، سَندا ڏِيرَن ڏَس،
لَمون ڏوري لَس، مَٿي سَگَهر ٻَنيِين.

( ١٤ )

تان ڪا وَر ڪِجا، ڪميڻيءَ تي ڪيچيا،
آئون اوهان جي آهيان، ٻالهپ ٻاروچا،
ڏِلاسي ڏوسا، مُتان موُن کي ڇڏيو.

( ١٥ )

تان ڪا ڪِجا وَر، ڪميڻيءَ تي ڪيچيا،
آئون اوهان جي آهيان، ٻندي ٻي سَر،
آڇِي ڪوهيارا ڪَر، ڏِلاسو ڏِلگير کي.

( ١٦ )

هوءَ جي سُور سڄڻ، سي مون پينگهي ۾ پِرائيا،
سانڍِيياس سِڪڻ، سُورڻ ڪارڻ سِرتيون.

( ١٧ )

سِرجِي، تان سُورَ ساماڻِي، تان سُڪ ويا،
اهي ٻيئي ٻور، ڏماڻيءَ نصيب ٿيا.

( ١٨ )

سُورڻ سانڍِيياس، ٻورڻ پالي آهيان،
سِڪڻ جي سيدَ چئي، ٻکي نہ ٻياس،
جيڪس آئون هَياس، گَري گُوندرِ ول جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٩ )

سُورَنِ پِڏو سَنڌرو، مونهان مهندِ ٿِيا،
هَلو تہ ڏورِيون آنَ کي، وِلڏِر جي وِيا،
ڪَنڌيس ڪين پِيا، هوتَ مَنائي آڪِيان.

( ٢٠ )

پِنِ وِهائِيس رات، هَلي هاڙهي سامهين،
پَنهونءَ جا پِرِيات، آئِي پُڇي پهيڙا.

( ٢١ )

نہ ڪا تاتِ، نہ تُوتِ ڪا، نہ ڪا تاتِ تَنوار،
ڪانهي پِرتِ پچار، لنئون وِيچاريءَ لَڌيو.

( ٢٢ )

ڪينهين طالِبَ تاتِ جا، نہ تہ آهي تاتِ تِيار،
ڏورِيان، پِيو ڏڪار، گهورينڌڙ کَٽي وِيا.

( ٢٣ )

جيڪي طالِبَ تاتِ جا، تاتِ بہ تَنهين وَٽ،
هَڏهين ڪانهين هَٽ، کهورِ، تہ گهَران ئي لَهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٤ )

آنَ جي ڏنا هونِ، اللهَ ڪارڻ ڳالهه ڪريو،
نيڻ مُنهنجا رونِ، راتو ڏينهان آنَ ڪي.

( ٢٥ )

آيا راتِ رتومِ، ڪوڏِ ڪوهياري ڪنجرو،
پيئر پڇايومِ، صبح سان، سورنِ سين.

( ٢٦ )

سرتيون مهج منجهاءَ، ٿي ڪوڏِ وراهيا ڪپڙا،
تڏهن منهنجي ماءُ، ٿي ٻهڻ آچيا پٻ جا.

( ٢٧ )

ڪڏهن ڪڏهن جيڏيون، ڪو ٻهه آچيو پوءِ،
سو پڻ سارو هوءِ، هيءَ جو ساهه سرير ۾.

( ٢٨ )

ڪنهن جنهن نينهن نِنڌاهه، جنهن مون واجهائيندي نه ورو،
جيڪين مٿي ڪنداهه، سو جانب ڪرهو جڙي.

(٢٩)

مَتان ٽِيين مَلُور، ڪِين آڳاهون آهيان،

ڏِسِڻ ۾ ڪَرَ ڏُور، حد پِنهين جي هيڪڙي.

## وائي

(١)

هو آرِماڻ آنِ، ميان! مَسَتيءَ جي سُورن لِئِي.

ڪِجاوا ڪرهن تي، جوڙيا جال جتن، ميان!

مَستيءَ جي سُورن لِئِي.

پِرَ نَہ ٻِڪَنِ ٻولِيي، ڌا ڪاڻِ سان ڪَنجِن، ميان!

مَستيءَ جي سُورن لِئِي.

مَهارُون مِين جيوڻ، واڪُون وَس ڏيِنِ، ميان!

مَستيءَ جي سُورن لِئِي.

ٽَڪَرَ ۾ ٽونڪار ٽِيي، صُبح سانيِڙن، ميان!

مَستيءَ جي سُورن لِئِي.

سانگ تہ تنهنجو مستيي، هاٿِي هوت نہ ڪن، ميان!

مَستيءَ جي سُورن لِئِي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

( ٢ )

ڪارون وس ڪيام، ڙي! هئي هئي! ووا لڏي ڏور ويام!

منهنجو هوت نہ موٽيو، ووا ڪارون وس ڪيام.

ٻـنـڌڻ ٻـاروچـن جـا، ڀينگهي منجهہ ٻـيـام،

ووا! منهنجو هوت نہ موٽيو.

ڪٿين قـاصد ڪـيـچ ڏي، محبن لاءِ مڪام،

ووا! منهنجو هوت نہ موٽيو.

سـدا سـپـيـرين جـا، سـانـڍڻ سـورن ٻـيـام،

ووا! منهنجو هوت نہ موٽيو.

هـوت هلندي جـي ڪيا، نـہ سي سڌ سيام،

ووا! منهنجو هوت نہ موٽيو.

## داستان ٻارهون

( ١ )

ڏٺان جي ٻروچ، سون جئن هوت آڪين سين،

سون ڪي چيان "لوچ"، پاٿان پيئيون چڙين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢ )

جيڪس ڏنو جيڏين، پاروچو ٻيءَ پَٽ،
مون جِنُ موڙهين مَت، پسنديئي پنهونءَ کي.

( ٣ )

جيڪس ڏنو جيڏين، پاروچو ٻيءَ روءِ،
سنجهي ۽ صبوح، هوند نہ وِنڙن وِسري.

( ٤ )

آن جي ڏِني جيڏيون، پنهونءَ جي پاپوهہ،
سنجهي ۽ صبوح، سورنِ ٿي سڄڪيون.

( ٥ )

جي هيان هوت پنهونءَ سين، مون جِنُ ملاقات،
پانهنِ وِجهي وات، رِيهون ڪيان رَجِنِ ۾.

( ٦ )

جي تو ڪالهائي، ماءِ پاروچا پَچيا،
آنهين جي وائي، هوند نہ وييان وِسري.

( ٧ )

آج معذورِ هئان، آلا! چڱي م ٿيان،
رڙهان ۽ رُئان، پنيءَ سڳرِ ساٿ جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٨ )

سِڪِي مون مَگَ ڪِيو، لِڪِي وِچان لوڪ،
مَتان مون کي ڇڏِيِن، هِتي هُتي هوت،
نالي تو بلوچ، مَيس مَنجهِ مَرِئين.

( ٩ )

جي ڏونگر مون م ڏکَ، سي پَڌرِ پونِ م پرينءَ ري،
وِهِ مون وِهُ ٿيو، ڪير ساڏيندي سَڪَ،
هَيرِ هوتنِ سين ڇِڪَ، مَجو مَگَ نه ماريان.

( ١٠ )

"ووءِ ووءِ" ڪَندي وَتَ، مَجِنِ "ووءِ" وِساريين؛
هائي هارِ م پَڌرو، رو منجهائين رتَ،
صبر وَڏو سَتَ، سِگها ميڙي سَپرين.

( ١١ )

ووءِ! ووءِ! وِڏورَڙا، ووءِ! ووءِ! وَجنِ نِڳيا،
مون سانڳيائيءَ جا سَپرين، سَچَ ڪَ سَنبوڙا،
لاڻِم نه تورڙا، ماهه اوسيڙو آنِ جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٢ )

گھوڙا گھٽيءَ پون، ووءِ! ووء! وڃن نــگيا،
مادر متان مون، ڪانگ لوندا ڪڍھين.

( ١٣ )

ووء! ووء! پڻ وڃي، رنن ڪارڻ جا ھئي،
پنھونءَ ڪي پئي، روندي ڪير رت ڦڙا.

( ١٤ )

ماڻ مارينديئي پرينءَ جي، مچڻ رنين رت،
چوري چڏ م ست، ھمت ھوت وڃائيو.

( ١٥ )

ڏو ڪنھن ڀنڊاڻ، ھينڙو ھوتاڻيءَ سين،
ڪا جا پيس ڪاڻ، نيريانس، نہ نبري.

( ١٦ )

ڪہ چاڻان، ڪہ ٿيو، ڪيڏانھن ٿي وڃان،
ھٿ، ڪرايون، آڱريون، موڙيو سڀ پڇان،
پڻ گھر گھجان، مون ھاريءَ ھوت وڃائيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٧ )

ڄان ڪ آيس آڳاهين، تان اُتهين آيي آهيان،
ٻيرِ ٻراهين، هالي مران، م جيان!

( ١٨ )

سرتيوں سوڙ ٻرينِ جو، سڄڻ ۾ شامِلُ،
ڪوهيارو ڪامِلُ، مون کي ڏک ڏيکاريو.

( ١٩ )

ڏونگر، ڏنا، نوڙ، مون ٻارکو ٻچيا،
هيڪلِيون هلنِ جي، سي تاڪنِ سندي تونڙ،
اِيءَ آهکي پوڙ، سونهن ري نہ سٽڙي.

( ٢٠ )

لکين لوڙائون، سهسين آهنِ سڄ ۾،
ٻر ۾ بورائون، ڪن، ٻيادي ٻانڌ سين.

( ٢١ )

ٻاروچا ٻيا گهٽان، منهنجو اُجهو آريائي،
ڄوندي ڙکير چت ۾، ساڄن سڄائي،
ڄا ولدر وڪائي، تنهن جو موڪن مس ٿئي،

( ٢٢ )

ٻاروچا ٻيا ڳهٽا، منهنجو ٻنهون سر سين،
ڇانگي تي چڙهي ڪري، ڪندو ور ولهين،
مٿي معذورين، هوت ڏريندو هڙا.

( ٢٣ )

هوءِ ٻيا ڳهوري ڳهوت جي، تنهن ڪي چري چوڻ،
آکهاڙيون آتڻ ۾، هوت پڃاڻان هون،
ٻرا تنهين ٻون، ڏنو جن آکين سين.

( ٢٤ )

ڏٺم اَت آکن سين، مان ٻاروچا هون،
جنين ڏاران پون، موريسر آکين ۾.

( ٢٥ )

سڄڻ ڏنو جن، موتڻ تنهين منهنون،
اي مرڪ معذورين، جٺن مرن ٻريان جي ٻير تي.

( ٢٦ )

ور لکن جي لوڏ، ڳهوريا سڪ ٻنيور جاءِ،
آمڙ جي تون آچين، سي ڪر نہ آچن ڪوڏ،
هينئين منهنجي هوڏ، ٻڌي ٻاروچن سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٧ )

ڪو جو آهِ ڪوڏ، ٻاروچاڻيءَ ذاتِ سين،
جي هو چونسِ "ٻوڏ"، تہ "جي" ستائي جڳ کي.

( ٢٨ )

پلي ڪري ٿيوم، ھيءَ سڱ ٻاروچنِ سين،
وڃي ڪيچ ڏئوم، پٽيءَ لڳي جن جي.

( ٢٩ )

آديون ڪا ايندي، ڇپرِ مون سڱ ٿيو،
لائيندين لکن کي، ملِيران ميندي،
وندرِ آئون ويندي، آريءَ جام آجهو ڪري.

( ٣٠ )

ڪتي لئي ڪاٽي، وکيئي ٻرت ٻنهون سين،
سهيو سکيو چندڙو، وڏءَ جيري ۾ جاٽي،
تو سين هاجو هوتاڻي، صباح ڪندا سسئي.

( ٣١ )

مون کي لٿا نين، جت ملڪ پانهجي،
جي گهگهيرين گڏين، تہ پين کان پيٽون ڪريان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣٢ )

آڳي ايئن هياس، جئن ٻُنهونءَ ڏوتِرِ ڪپڙا،
هاڻي اِيئن ٿياس، جئن جت نہ نينِرِ پاڻ سين.

( ٣٣ )

ڪوهيارو ڪيڏانِ، ڪِينِ وِڃِي، ڪاڏي وَڃان،
مون پانيو سيڏانِ، ڇپرِ، ڪنديس ڀنڊڙا.

( ٣٤ )

ڪوهيارو ڪارِي، ڀندَ آڙانڪا ٻيِين،
سي ڏيهہ ڏيڪاري، جي آڳ نہ ڏِٺا ڪڏهين.

( ٣٥ )

ڏُڪوين اِهِجانِ، ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو،
وَڃِنِ گوندر ڳڏيون، لوڪ نہ آڇِنِ پاڻ،
سُورنِ آسان ساڻ، ننڍڙيئي نينهن ڪيو.

( ٣٦ )

ڪلهي ڦاٽو ڪنجرو، مَٿو آڪهاڙو،
مُنهنجو ڪڄاڙو، پيٺ هاڻِ ٻنيور ۾.

( ٣٧ )

ڀنيوراڻ ڀِرِ ٿِي، آمرِ مون آماڻ،
مَڇُنِ ڪا رِهاڻ، مون تو موني مَس ٿِئي.

( ٣٨ )

ڇپن ڇنا ڀير، هَلي هَلي ماءِ،
ڪوهياري جي ڪاءِ، ڪِنهيو پٽان ڳالهڙي.

( ٣٩ )

جِنَّن جِنَّن جهلي جڳ، تِنَّن تِنَّن مون تاڪيد ٿِئي،
کُهريو تو ڳالهيون ڪري، وِهَسي پٽو وَڳ،
لوڪ لَتاڙي نِندِ ۾، ٿِيءُ لاٽن لڳ،
آرياڻي اوڙڳ، ڀنيوران ڀِرِ ٿِي.

( ٤٠ )

نينهن ۾ نالو ڪِنهن، پريتڻي پير پيا،
سورَن ساڻ ۾ ڇِنَّ، ٻِرِه وِهائِج وِترو.

( ٤١ )

هاري هينئون ۾ لوڏ، سَڪَنِ هوندين سسئي،
ڪوهيارو تو ڪوڏ، آڇي ڪرهَ قطاريو.

( ٤٢ )

سڄڻ ڏٺو جن، تن ڪِڇي سِرڪِهہ ڪيو،
پيون ڪوہ پڇهن، قدر ڪيميا اِنَ جو.

( ٤٣ )

جس جفاري نہ ٿِئي، جفا وارن جس،
سَتي مات وِڃائيو، گولي ڇڏ م ڪس،
ليڙن جو لطيف چئي، ڏونگر ڏيندئي ڏس،
پنهون آڇي پس، سر پر هلي مسئي.

( ٤٤ )

پنيوران پهر ٿِئي، مون جي ڪيا سڌ،
پاروچاڻيءَ لڏ، لڪ سويلا لنگهيا.

( ٤٥ )

اوجهڙ وتان آنءَ، پيون سڀ سگهر سات جي،
جا نينهن ڪنهندي لانءَ، سا مون جئن پوندي ماڙي.

( ٤٦ )

ماڪِهين جي مٿي، تہ هوند نہ پيئي مامري،
ڇڏيو جي ڪهي، تہ هيڪاري هور لهي.

( ٤٧ )

سَسئيءَ جيءَ سِريءَ سان، ڪيچ ڏئِي ڪانڌي،
پسڻ ڪارڻ پرين جي، مَنڌَ هڻي ماندي،
لڪنِ تان لطيفُ چئي، آريانيءَ آندي،
نهونءَ ٻيراندي، نمائيءَ نصيب ٿِئي.

( ٤٨ )

جرّ جِهري جِنِ سِين، مِٺي ٻنِ سين تن،
جي هت نه هوت پسنِ، سي ڪنهن پرِ ڪيچ پسنديون؟

( ٤٩ )

سَرتيون سيوئي ٿيو، آندر آريانيءِ،
ويٺي پسان ڀانڻ ۾، ڏونگر ڏهائِي،
هيس جن هائي، سي ڪيچي ڪُنڍيم ڪوه ۾.

وائي

وَجي وِيڙي تِئي، جت، پيرَ سجاتائين پرين جو،
پيرَ سِجاتائين پرين جو، منجهان نينهن نِرتِبي،
پيرَ سجاتائين پرين جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءِ وِيا وَڻڪارِ ڏي، مَن ٻوري پاليا هِتي،

ٻيرُ سڃاتائين ٻرِين جو.

جِنهن ڇيڙي وِڏيسِ ڇيڙين، سو ڪوهيارو ڪِٿي؟

ٻيرُ سڃاتائين ٻرِين جو.

آما، ليما، ٿَل، ٿاروها، ڳاڳا، راڱا جِتي،

ٻيرُ سڃاتائين ٻرِين جو.

مَري رَهنديس ماڳهين، نه تَه، هادي آچج هِتي،

ٻيرُ سڃاتائين ٻرِين جو.

سُون ڪي ڇڏي هَليا، ڪا ٻين مٿي ٻتي،

ٻيرُ سڃاتائين ٻرِين جو.

لَڪَنِ مَنجهه لَطيف چَئي، مِلي تان سَرتي،

ٻيرُ سڃاتائين ٻرِين جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ليلا چنيسر

## داستان پهريون

( ١ )

داغ تنهنجو داسڙا، جيڙي مٿي جن،
تون ڪيئن مٿان تن، چنيسر! چت ڪٿين.

( ٢ )

داغ تنهنجو دائما، ماري معذورين،
سائينءَ ڪارڻ، سيڙين! وڃج م ڏورين،
آءٌ تو حضورين، مٿيون وڄهان مچ ۾.

( ٣ )

مٿيون وڄهان مچ ۾، هائيءَ هٿان هار،
پريءَ جي پتار، ته ميرياڻي مان لهان.

( ٤ )

مٿيون وڄهان مچ ۾، هائيءَ هٿي هار،
سو پيءُ! سک، سيد چئي، ڪرين ڪوه قرار؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راجا رِيسائون گهٽون، سَنائون سردار،
ڇوڏس ڇنيسر چام جو، ڏيهان ڏيهه ڏهڪار،
تاڪر آڪيين ٿار، مٿيي تي تِي مٿيين!

( ٥ )

ڇنيسر ڇوڙنگ، پرنڪو لوڪ پيو،
تنهن سين ڇنيو سنگ، وڃيو هار هٿ ڇهين.

( ٦ )

مٿيي تي موهِجِي، موڙهي ڪيٿي مرڪ،
ڇٿي ڇنيسر چام سين، وِڏو تو فرق،
وري وِيو ورق، آيٿي ڏنؤن ڏهاڪ جو.

( ٧ )

مٿيي تي موهِجِي، هاري! ڪِيڙَء هار،
ڪوڙين ڪيا ڪيترا، اِنهين خر خوار،
پري وِيو پتار، آيٿي ڏنؤن ڏهاڪ جو!

( ٨ )

مٿيي مٿي جي هٿا، تن ڇڻن ڦيريم ڇت،
هار ڪنيندِيس هوڏ ۾، نيبه ٿيندم نت،
ڪؤنروء جو ڪرت، سوٺهان متاهون ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٩ )

سٽيون ناهِ سٽيون، جو تون ٻسي هار هرڪئين،
اَصل آهي آکين، سندو ڪوڙ ڪٽيون،
اِن ڪهوڙن هنئي ڪهٽيون، دوستنا ڏور ڪيون.

( ١٠ )

تو جو پانيو هار، سو سورن جو سگرو،
چنيسر چت ڪٽي، ٽيو پورهيت جو پار،
آوٽت جو آچار، ڪانڌ ڪهين سين م ڪري.

( ١١ )

نہ ڪين پانيڙين ۾، نہ ڪين ڪرِ هيوم،
نہ مون سينڌ، نہ سرسون، نہ سينگار ڪيوم،
تيلانهن ڪانڌ سندوم، رکوئي ري ڪڙي.

( ١٢ )

سونا ڪرَ ڪنن ۾، ڪچيءَ ڳاڙها هار،
پانهونا ٻاهن ۾، سينڌ سٽيا وار،
تيلانهن ٻي ٻچار، ڪانڌ منهنجي چڏيي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٣ )

چنيسر جي چِت ۾، ڪِينَ جو آڳ هئو،
تِهان پوءِ ٿِيو، مٿِيي تي ٿي مامِرو.

( ١٤ )

جَر هارِيو ٿي جڪري، جڏِهن رِنو ڏيرِيدار،
ڍولي تڏهن ڍيلِيِن، سويي، ٿِئي نہ سار،
چنيسر پِتار، جِيلو ڪيو هار جو.

( ١٥ )

آءُ ڏمريو ڏِس، جِيلو هوتهين هار جو،
سِٿهو، سپ سرتيون، ورڻ نہ ڪهين وس،
دعوِي ڀِهرئين دِس، پِچيو ٿو پورا ڪري.

( ١٦ )

ڀوچا ڏِنم ڀير، ڍِڪڻ مٿي ڍول جا،
مون پانٿيو تنهن وِير، ڪوجهي ڪند و ٻِرتري.

( ١٧ )

سوڙبين سترِياءَ، ڀِڪو سهو وِلاريو،
چنيسر ڪانڌاءَ، تان مون هِئَن نہ پانئيو.

( ١٨ )

ڊولا ڪچاڙيان، ٻولائيو ٻوڏ چئين،
آئون تو پيرالڊيان، ڪر موڙيو، ور! آئيان.

( ١٩ )

نئون، ٻڌيون، روء، آڳن جهوڪيو ڪرهو،
ڪو چنيسر چوء: تہ ليلا وڃي لڏيو.

وائي

آءٌ، ٻرين، گهر ٻيهي، ميان چنيسر!
هار هٿان مون ڇڏيو.
ٻچن ليلا، هو ڪن ڇيلا، ٻهران آچيو ٻيٺي،
هار هٿان مون ڇڏيو.
دوس ليائون داسڙو، ويساهي ور ويهي،
هار هٿان مون ڇڏيو.
آوگڻ، عيب، مناثيون، ڊولا، ڊڪ سيئي،
هار هٿان مون ڇڏيو.
تو در آچي، داسڙا، آر ڪريندس ڪيهي؟
هار هٿان مون ڇڏيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# داستان پيو

( ١ )

ڻڙڪي، ٻسي ٺوڪ، ٺوڪي، تَڪبر ۽ ٽِي،
آچيو آچيو، "آڪلي"، ڇٽي ليلا ڪي لوڪ،
آندر اوپالن سين، ساڙي ڪيائونس سوڪ،
ٻالاپڻ جو ٻوڪ، ويو وِچاريءَ وسري.

( ٢ )

جيڪس ڪم سندام، جوئا ڏنا جيڏيين،
ڪلن سپ مٽام، ماهيڙيون ۽ سرتيون.

( ٣ )

ھئين ۽ تہ گهٽون هشيار، ڪل پ هيٺي ڪانڌ جي،
تو پانيو موچاري ٿيان، ڪِچي هاٿي هار،
ڪانڌ ڪوڙيءَ جو نہ وٺي، سٺين پتين سينگار،
وھم لهي وِنجهار، ڏليون ٻرڪي داسڙو.

( ٤ )

چان ڪي چڙهنديس ڪٽ تي، ريجهائينديس راءِ،
اهڙوئي آلله، جو پورِهيتون ٻِس ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

ڏاڍي ھيسِ ڏيھ ۾، سرتين منجھ سڃاڻ،
ڪا جا پيئِ ڪاڻ، جئن منھن مٽاھون نہ ڪئان.

( ٦ )

آلا، ڏاڍي ۾ ٿيان، ڏاڍيون ڏک ڏسن،
مون سين مون پرينِ، پورائيءَ ۾ پال ڪيا.

( ٧ )

وڏيري ھياسِ، ميڙو مون گھرِ سرتيين،
ھٿ ڇيھ ھار جي، ڪڙي ڪانڌ ٿياسِ،
ڏولي ڏيلياسِ، آيمِ ڏنؤن ڏھاڪ جو!

( ٨ )

وڏيري ھياسِ، چنيسر جي راڄ ۾،
ڏھلين، دماميں، نترين، ٿي پلپل پڇياسِ،
ڏولي ڏيلياسِ، ٿيس ڏھاڳڻ ڏيھ ۾.

( ٩ )

ھيس ھندورن ۾، ھيمِ ڪانڌ ھروڙ،
مٿيي سندي مامري، ڪوجھي وڏيس ڪوڙ،
سامھان ٿيمِ سور، ڊِبو وِلٽي ولھو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۱۰ )

ڏھاڳان مُنهاڪِيُون، ڪُهڙِي ڏوهه ڪنبن،
وَرَ وِڏوٽُون اينهِئين، جِئن جِئن پاڻ پسن.

( ۱۱ )

ڳھورِيو سو مُنهاڪُ، جِنهن ۾ پَسين پاڻ ڪي!
ڏوري لَهُ ڏُهاڳُ، جِنهن ڪَرلاھو داسڙو.

( ۱۲ )

سارِج سيڻيِي، لِيلا، لَڪن ڀانهنجا،
وَر سين وِڙهيو آئِين، ڏورايا ڏيئي،
نَہ ڄاڻان ڪيھِي، چنيسر جي چِتَ ۾.

( ۱۳ )

چِئِي چَنيسر چام سين، لِيلا، لَڪايوءِ،
تو جو ڀانيو ڀانهنجو، تنهنجو ھُرو ڪونہ پِيوءِ،
ڪَوُنرُوءِ ڪانڌ سَندوءِ، دَستِ ڪيو داسڙو.

( ۱۴ )

لِيلا، جِم لَڪائِين، چِئِي چَنيسر ساڻ،
وَر سين وِڙهيو آئِين، موڙھِي! مُئِي پاڻ،
پوري، ڪَيئِي ڀاڻ؛ تِئي آئِي ڏنُون ڏھاڳُ جو

( ١٥ )

ليلا، جم لڪائين، سو پِي، ماڻ مجاڻ،
آهين گهٽون آجاڻ، مڃڻ پوري نہ پئين.

( ١٦ )

ليلا، پوري نہ پئين، چئي چنيسر ساڻ،
تو جو پانيو پانهنجو، سو رِيساڻو راجاڻ،
پاڻان ڏار پرياڻ، ڪانڌ ڪنهنجو نہ وٽي.

( ١٧ )

چئي چنيسر جام مين، ليلا، تون م لڪاءِ،
دوس تنهنجو داسڙو، ڪانڌ وڏيائي ڪاءِ،
نہ ڊولو ڏک سنڌياءِ، عيبن ڪي آڏو پئي.

( ١٨ )

چئي چنيسر جام مين، ليلا! لڪاءِ م تون،
اِي ڪانڌ ڪنهنجو نہ ٿئي، نہ ڪا مون نہ تون،
روُنديون ڏليون مون، اِنَ در مٿي داڏليون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٩ )

ليلا حيلا ڇڏ، جي تون سو ڀي سڪيين،
پاڻي ھاند ڀڄيءَ ٻ، پاڻ غريبيءَ گڏ،
ھڏ نہ چوندءِ لڏ، جي ڪارون آئيين ڪاند ڪي.

( ٢٠ )

جي ڪارون آئيين ڪاند ڪي، تہ روئي ريجھائيج،
ليلا، ليلائيج، آئي ماڳ منٿ جو.

( ٢١ )

جي ليلائي نہ لھين، تہ پڻ ليلائيج،
آسر م لاھيج، سڄڻ سباجھا گھٽون.

واڻي

مون تي وھر وري، وارو ڏيندم ولھو.
توکي ماري، سپرين، آئون پوندس ماڳ مري،
وارو ڏيندم ولھو.
توکي سري سپرين، آسان تان نہ سري،
وارو ڏيندم ولھو.
آسان توري ناہ ڪا، ڪجھاندر ڪري،
وارو ڏيندم ولھو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان ٽيون

( ١ )

چنيسر سين چاڪ، متان ڪا منڊ ڪري،
جان مون پوءِ پروڙيو، ته هي نه ماڻي ماڪ،
ڏمريو ڏهاڪ، سکهو ڏئي سهاڳڻين.

( ٢ )

چنيسر سين چاءُ، متان ڪا منڊ ڪري،
ڪانڌ ڪنهين جو نه وٺي، ڪيرب ۽ ڪاءُ،
جي ٽڙي ٽوڙياءُ، ته دوس ڏسائي دامڙو.

( ٣ )

سيئي سهاڳڻيون، سيئي ڪڇيءَ هار،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، سهسين ڪن سينگار،
ڏول تنين جي ڏار، هيناهيون هلڻ جي.

( ٤ )

سيئي سهاڳڻيون، سيئي ڪڇيءَ هس،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، وڏا ڪيانون وس،
ڏول تنين جي ڪس، هيناهيون هلڻ جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

سيئي سهاڳڻيون، سيني منهن جڙاءُ،
سيڪنهن پانيو پاڻ کي، ايندو مون کرِ راءُ،
پينو تن دراءُ، جي پسي پاڻ لڄائيون.

( ٦ )

آوگڻ ڪري آهيان، تو دَرِ آيس، داسڙا!
جئن تو رسڻ سنديون روح ۾، تئن مون پيٽي ناهِ، پتارا!
سائينءَ لڳ ستار، ميٽ مدايون منهنجيون.

( ٧ )

جي مون موڙهي مت، ته پاڻ سڃاڻج، سپرين!
اصلِ آواڻ جا، عيب ڏکيين تون آت،
اي، ٻرا تنهنجي پت، جئن ولهيون ڏکيين، ولها!

( ٨ )

لکن ڪيم لڪيج، جي موراهين ناهِ مون،
مون کي ملهائيج، وارو ڏيئي، ولها!

( ٩ )

تان ڪا وائي وار، ڏلامي جي، داسڙا،
تون منهنجو ولهو، آئون تو ۾ طمعدار،
ڏکي، ٻول! گذار، لڄ منهنجي لوڪ ۾.

( ١٠ )

ڍولا! ڍيلِ ۾ مون، ڪانڌا ڪميٽي آهيان،
سڪ تنهنجيءَ، سپرين! پيري وڌيس پون،
مون ور تونهين تون، تو، ور وهون ڪيترِيون.

( ١١ )

تو، ورا! وهون ڪيتريون، مون ور تون وربجِ،
سو پيي اِنَ مهاڳ ڪي، پوري، پر ۾ ڏبجِ،
پرِتان پير پربجِ، ملهائِج مِسڪين ڪي.

( ١٢ )

ڪوڙئين تنهنجيون ڪامڻيون، تون ڪوڙين سندو ڪانڌ،
مون کي چڏِ ۾ دامڙا، تہ وڃان نہ وِٹواند،
مون کِچيءَ ۾ پاند، تو چنيسرا! هٿ ۾.

( ١٣ )

ڍولا! اولا تہ سهان، آڌا آڌيٽي جي،
تو، ورا! وهون ڪيترِيون، مون ور تون وري،
پرِتان پير پري، ملهائِج مِسڪين ڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۱۴ )

ناتو نمائيءَ سين، م ڪرِ ڏول ڏِلو،
ڪونهي ڪميٽيءَ جو، بِڪرُ تو ٻلو،
تنهنجو نام نِلو، ونيو ويٺي آهيان.

( ۱۵ )

لِيلا، لَڄَ م ايترو، اِئي آڳَنِ سورِ،
آبو ڏاڏو گهورِ، پاڻ سوڌو ٻِرينءَ تان.

( ۱۶ )

لِيلا، لَڄَ م ايترو، اِئي، سورِ ٻهارِ،
ڏِوليو آڳنِ هارِ، ڪانڌ ڪميٽيءَ آئيو.

وائي

جِيري زِيارت، جي مان هوءَ ٻِرينِ سين!
سڌر منهنجا سُپِرين! مون تان لاهه م هٿ،
جي مان هوءَ ٻِرينِ سين!
مؤلا! مون کي ميڙِبين، سُپِريان جي سٿ!
جي مان هوءَ ٻِرينِ سين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چَنڊِيان ڪَهَ آڪِيمِ سينَ، ٻِيرِين وِجهان هَٿَ،

جي مان هوءَ ٻِرِينَ سِين!

ڏُوران ڏِٺَمِ سُپريِنَ، سَچِي جَنِ صِفَتَ،

جي مان هوءَ ٻِرِينَ سِين!

مِلَڻَ ۾ مُشتاقِ سينَ، ڪانَمِ ڪِيائُون ڪَٿَ،

جي مان هوءَ ٻِرِينَ سِين!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مومل راڻو

## داستان پهريون

( ۱ )

ڪالهہ ڳڌيوسون ڪاپڙي، بابو ٻيڪاري،
ماميءَ ميلو مِر تي، مالها موچاري،
ڏيئي ڏيکاري، ٿئي دِل فقير ويو.

( ۲ )

ڪالهہ ڳڌيوسون ڪاپڙي، جِهڙو ماه منير،
فيض، فراق فقير، جوڳِي جاڪاٻئي ويو.

( ۳ )

ڪالهہ ڳڌيوسون ڪاپڙي، پهر مِج ڪان پوءِ،
پِسيو سونهن ماميءَ جي، رت ورنو روءِ،
جو منهن مومل جي پوءِ، مونکي تنهن مس ٿئي.

( ۴ )

ڪالهہ ڳڌيوسون ڪاپڙي، بابو بان بري،
مائي مال ڪلهن ۾، ماميءَ سون سري،
خبر ڏي ڪري، ڪا مومل جي مجاز جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

ڪالهہ ڳڌيوسون ڪاپڙي، بابو رنگ پيوت،
سريو سون سڪوت، جوڳيءَ سنديءَ ذات ڪان.

( ٦ )

بيڪاريءَ ڪي بر ۾، ويو ڪيف چڙهي،
ڪالهيون ڪندي ڪاڪِ جيون، ڳوڙها پس ڳڙي،
ڪا جا آنگ آڙي، جنِ چِتا ڦت چڙي پيا.

( ٧ )

سِج اُپرندي جا ڪري، ساميءَ سائي روءِ.
آچي تي عطر جي، منجهان مکت بوءِ،
سا ڏيکاريهون جوءِ، جتان لاهوتي لال ٿيو.

( ٨ )

سِج اُپرندي جا ڪري، ساميءَ سائي ونڪ،
سهي نہ سکهان سات مِڻ، تنهن جي راسِ جي رونق،
ڪ رتائين لاک ۾، ڪ ڏنائين هانِ پڪ،
سنديءَ سوڍِل سِڪ، ڪپر ڪهِ ون جهليون.

( ٩ )

جوڳيءَ تي جڙاءُ، نسوروئي نينهن جو،
پتنگ جئن پيدا ٿيو، سامي سچ وڙاءُ،
آيو ڪاڪ تڙاءَ، ڪناري ڪکوريو.

( ١٠ )

آءُ، لانگوٽيا لال! ڪنهن پر ڏٺئي ڳجريون،
آب آرتو آڪين، لڙڪ وهائيين لال،
ڏٺئي جي جمال، سامي، ڪهه نه سلائيين.

( ١١ )

آئون آتاهين آئيو، جت پئي جي ناه مجال،
مومل جيءَ ماڙيءَ ڪئي، طرح طرح جا تال،
لڪ مارايو لال، موٽيو آچان ميندرا.

( ١٢ )

”ڳجر ڪي ڳجميل جيون، تارن پر تبرون،
هٿي حاڪمن ڪي، زور پريون زبرون،
ڪاڪ ڪنڌيءَ تبرون، پسو پرڏيهين جيون!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٣ )

”ڳجهه ڳاروڙيني، آچو آڏي اپي،
مٿان پيئي تن، ٻڌا ٻانڌ هٿن جي.“

( ١٤ )

”مومل ڪي مجاز جا، آڪين ۾ الماس،
نه ڪا عام نه خاص، جي ويا سي وڍيا.“

( ١٥ )

”مومل ڪي مجاز جا، آڪين ۾ انبور،
هٿي حاڪمن ڪي، ڀت نهاري ڀور،
کهوٽ ڀريندءِ کهور، جي ويا سي وڍيا.“

( ١٦ )

”مومل ماري مير، آهيڙين ڪي آڪري،
سوديءَ کهٿا سڪائيا، پڙهيا، پنت، پير،
هٿي تن ڪي تير، مٺيون جن مٿن ۾.“

( ١٧ )

ميني سمن ڪاڪ تي، راڻن حميرن،
هتان آيو ڪونه ڪو، هتان لڪ وڃن،
ويندي ويچارن، اوڏانهن عذر نه ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## واڻي

تان تون وهُ منبهي، سانئي ميان! پانڌي ميان!
ڪاڪ هلبو ڪڏهين؟
لڪين لڏائيان مٺيي، مٺي واٽ ويا ٿي، ميان!
ڪاڪ هلبو ڪڏهين؟
جنهن کي پڇان، سو چوي: ”آئيو ڪونہ آتان ٿي، ميان!“
ڪاڪ هلبو ڪڏهين؟
ڪوڙائو ڪريم جو، آئيو پهي هريان ٿي، ميان!
ڪاڪ هلبو ڪڏهين؟
حڪم ڏينديءَ هٿ ۾: ”هاڻي هل هتان ٿي، ميان!“
ڪاڪ هلبو ڪڏهين؟

## داستان پيو

( ١ )

جوڳيءَ جاڳائي، ماري، وڏو ماري،
لڏون لڏائي ڪنڌين، آميو آهي،
وڃو جي ڪاهي، تہ نوڪون پسو نينهن جيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢ )

هلو، هلو ڪاڪ ترڙين، جتي نينهن اُڇل،
نہ ڪا جهل نہ پل، سيڪو پسي پرينءَ کي.

( ٣ )

هلو، هلو ڪاڪ ترڙين، جتي نينهن ٻچار،
ڪانهي ٻي تنوار، سيڪا ڀسي پرينءَ کي.

( ٤ )

هلو هلو ڪاڪ ترڙين، جتي گهڙجي نينهن،
نہ ڪا رات نہ ڏينهن، سيڪو پسي پرينءَ کي.

( ٥ )

هلو، هلو ڪاڪ ترڙين، چرو جت چڙهن،
ڪوڙين رنگ رچن، پانوڙيءَ پڪ سين.

( ٦ )

ڪرها! ڪارڻ ڪاهہ، توکي ڏٿين ڏاريو،
ساري ڏيج، سيد جي، لڏائي تان لاہ،
مقابلو مومل سين، ٿيندو منجهہ صباح،
سودي جيءَ سلاح، ڪوڙ چرندين ڪاڪ جا.

( ٧ )

آکون، ڏاکون، سرڪنڌ شاخون، جت چوڪا چندن ڪؤنر،
مٿي منهنجي ماڙيا، جت ڀ پرن پؤنر،
ڪنتاريون ۽ ڪؤنر، ڪاه ته ڀسون ڪاڪ جا.

( ٨ )

ننڍو، تان ڪوه، پر وڪين آهي وترو،
وڃيو ڪاڪ ڪنڌين ۾، ڀهس ڀڪيءَ جئن ڀوءِ،
اِن ڪر سندو ڪوءِ، ميو ماڻو نه ٿئي.

( ٩ )

ڪرها! ڪاڪ چڙهي، ونءِ وٿاٿون نڪري،
لڏاڻان لطيف چئي، آيو ڪونه وري،
گهٽا ات گهڙي، وٺ وساري هليا.

( ١٠ )

چڙهيا چارئي يار، سوڏا شڪاري،
فڪر ساڻ ڦٽي ڪي، سوڍي سوڀاري،
ويا ڪاهيندا ڪاڪ ڏي، جت مومل موچاري،
موٽيا نه ماري، ڪؤنر لٿڙي ڪاڪ جا.

( ١١ )

ڪاھي آئيا ڪاڪ تي، ڏٺائون ناتر،
گھوٽن وسريا گھر، گھور ڀريئين گھائيا.

## وائي

راڻا جي رجپوت، سومل سهي پسندا،
ڀڙهيا، ڀٽ، پير، توتي مير، همير، مرندا،
سومل سهي پسندا.

سڃي رضا رب جي، هتان سڀ هلندا،
سومل سهي پسندا.

ڪلمي ساڻ لڏائيين، هادي! هن هنڌا.
سومل سهي پسندا.

سهڪي سڪرات ڪرين، والي! وير وداع،
سومل سهي پسندا.

آهڪيءِ وير اچيج تون، آتي، آحمدا!!
سومل سهي پسندا.

ستان ڇڏيين مڱڻو، سهندان، مرشدا!!
سومل سهي پسندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڪلُ نَفْسٍ ذائقة المَوْتِ،" سچي اِيءُ صَدا،
مومل سهي پسندا.
اَصل لِکيو آنگ ۾، ڏيندو تان پَ اَدا،
مومل سهي پسندا.

## داستان ڏيون

( ١ )

جِهڙا گُل گُلابَ جا، تِهڙا مَٽِن ويس،
چوتا تيل چَنبيليا، ها ها! هو، هميش،
پسيو سونهن سيد چئي، نينهن آچِن نيسُ،
لالَن جي لِبِيسُ، آتَنِ آڪَر نہ اَچهي.

( ٢ )

جِهڙا پاڻي پَنَ، تِهڙيون سالون مَٽِن سائيون،
عطر ۽ عبير سين، تازا ڪيائون تَنَ،
مڙهيا گهٽون مَشڪ سين، چوٽا ساڻ چَندَنُ،
سونهن رهي مون سين، سندا ڪامڻ ڪَنَ،
ڪيائين، لال لَطيف چئي، وَڏا ويس وَرنَ،
سنجهہ مرڪيس مَنَ: "سودي سين سڱَ ٿيو."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣ )

سون ورنيون سوڍيون، رهي رانديون ڪن،
آڳر اوطاقن ۾، ڪنوريون ڪَتن،
اوتيائون عبير جا، متي طاق ترن،
ٻانن ٻيلون ٻڌيون، ٻسيو سونهن سڙن،
تيا لاهوتي، لطيف چئي، ٻسڻ لئي ٻرين،
اڃهي تا آڇن، ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي.

( ۴ )

جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي، تن لهي نہ لالي،
ڪڙي ڪيف خماريا، متي ٻي موالي،
ڪري حاصل هليا، ڪيفيت ڪمالي،
وتن وصالي، لڏائيا لوڏي تيا.

( ۵ )

لڏائيان لوڏي تيا، وتن منجھ وصال،
آڄ آرتو آڪيين، ڪڪ پيتائون ڪالھ،
ويٺي ويچارن وسري، سيان جي سنڀال،
ٻري ڪان ٻاسي تيا، ماموين مثال،
جانب جي جمال، رتي، هس، رينو ڪيا.

(٦)

رَڇي جي رِڻو ٿِيا، ڪِين، آپائجن اوءِ،
ڪَنبي نه ڪاري تِنهن کي، جو هالاري هوءِ،
توڙي ڏوهي ڏوءِ، ته لالي تهين نه لهي.

(٧)

جنهن تَرِ ڏورِڙون ڏون، چوٽا چَندَن چِڪ ڪِيو،
آچِن پُونَر پَنيوليا، هاڻيءَ تنهين هون،
راوَل رَتو رُون، ڪو وه لڳو واسئين.

(٨)

جِتِ رايائين راڻَي کي، چَندَن چِڪ ڪَري،
هاڻي آنهين پيٺيين، وِرِه وراڪا ڏي،
سوڍو سَج ڪري، مومَل ماري هليو!

(٩)

گَجَرِ گهٽا گهائِيا، ڀاٽا لَڳِس گهاءُ،
مِينڌري مَلاءِ، لَڳِس ڪانَ ڪپار ۾.

(١٠)

رُوءِ راڻِي جي ناهِ ڪِي، سوڍو سوائِي،
لڏاڻيان، لطيف چئي، لالِي تنهن لائِي،
ڪانهي ڀِي وائِي، ٽيو مِڙوئي مينڌرو.

( ١١ )

روءِ راڻي جي ناهِ ڪو، سوڍو ميين سولهن،
لاٿائين، لطيف چئي، مٿان دِلين ڏونهن،
ڪانهي بِي وِرونهن، ٿيو مِڙوئي مينڌرو.

( ١٢ )

روءِ راڻي جي ناهِ ڪو، سوڍا بِيا ٻ سڄاڻ،
لِسوريائي نينهن جي، ڪسيائين ڪمانڻ،
ڇڏي وِيا ڇوهہ، دعوائون ديوانڻ،
بِي رهيائي ڪانڻ، ٿيو مِڙوئي مينڌرو.

( ١٣ )

ڪاڪ ڇڏيائون ڪنڌ تي، پاٿان وِيا ھٿي،
لوڏيرِن، لطيف چئي، سوڍو ڪيو سهي،
مومل ماڳ رهي، ٿيو مِڙوئي مينڌرو.

( ١٤ )

ڪاڪ ڇڏيائون ڪنڌ تي، پاٿان وِيا پري،
تنِ ڪي ناتر ڪوهہ ڪري، جي لڏائيان لنگهي ويا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٥ )

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي، سوهيا نہ محلن،
ٻائن ۽ ٻانهين جي، ٻنڌڻ ڪين ٻجهن،
لڪين لاهوتين، اهڙيون اوريان چڏيون.

( ١٦ )

ويرو تار وصال ۾، گهورڻ گهايا جي،
تن ڪاڪ اوريائين چڏي، وڃي پيا پري،
تن ناتر ڪين ڪري، سومل سڪي جن ڪي.

( ١٧ )

اهڙيون اوريان چڏي، ويا لاهوتي لڪ،
پايو پنين وينيون، ڪاڪ ڏجائيون ڪڪ،
پيئي ايءَ پرک: تہ سوڍيون سجهائي ويا.

( ١٨ )

ڪاڪ نہ جهليا ڪاپڙي، سوهيا ڪنهن نہ مال،
سوڍيون سجهائي ويا، ڀهڙا جنهين حال،
جي چورين ڏنا چال، تپ لاهوتي لنگهي ويا.

( ١٩ )

توڻي ناهہِ نَصيب ۾، مومل ميندرو،
پوندءِ، جم ڀاھين وَرين، منجهان پريتِ پرو،
راڻي ليءِ ۾ رو، وہ طعني مين واڪجي.

( ٢٠ )

مومل ناهي ميندرو، توڻي منجهہِ نصيب،
مون کي، مون حبيب، طعنو ٿي تنهنجو.

( ٢١ )

آئون طعني سوڍي تنهنجي، تون طعنو ٿي مون،
سو کي سريوسون، جو سرتيون ڪنهن نہ سريو.

( ٢٢ )

مٿي طعنو تنهنجو، حال وڃايم حق،
لڪين لوڏي آئيا، سوڍي لاڻم شڪ،
ڏنم ڪاڪ ڪهڪ، مڱهو مونجهِ، مپرين!

( ٢٣ )

ڪکوري ڪاڪ وهي، راڻا! ٻانءُ م رت،
سوڍا! اي شربت، نسوروئي نينهن جو.

## وائي

مينڌرا! مون کي، راڻا! جم وساري ڇڏيين!
مون کي طعنا تنهنجا، ڏيهه مڙوئي ڏي،
جم وساري ڇڏيين!
راڻي تي ريس ڪئي، ڪر مين ڪليم جي،
جم وساري ڇڏيين!

## داستان چوٿون

( ١ )

ڏت ۾ وڃ ڏول، ڪاڻياري ڪاڪ ڪري!
آئون اکين آهيان، پڌي تنهنجي ٻول،
توکي ساري ميرين، رنم منجهه رتول،
ڪاڻا ۾ ڪول، وسه، مون وه ٿيا.

( ٢ )

جي هٿا ڪوڏيا ڪاڪ جا، متا مي سونهن،
لڏائتان، لطيف چئي، لڏيو لوڏيرن،
مي موٽي مس آچن، جي آتن آرامي ٿيا.

( ٣ )

لڏائُنان، لطيف چئي، ڪنُون ڪَنيائُون،
ڇڏي حيلا هليا، مومل ماريائُون،
پيرو پڳائُون، آنءِ آرامي ٿيا.

( ٤ )

پيرو پڇ م ڪاڙي، لاهي وٺ م لاڪ،
تان مون هينڙو ماڪ، جان تون جوڳي جوءِ ۾.

( ٥ )

سوڍي سر نيو، هٿ ڪرلڳهر سڪٿو،
راڻي جيءَ رهاڻ ڪي، سڪي ساه پيو،
پسان ڪين پيو، تو ري آکڙين سين.

( ٦ )

سوڍي منهنجي ساه سين، جيڏيون جِنَ ڪيو!
ڪڙي مون ڪاڪ ٿي، آتڻ وسريو،
پسان ڪين پيو، تو ري آکڙين سين.

( ٧ )

جيڏيون منهنجي جيءَ سين، راڻي رڻ ڪيو،
قلب ڪاڪ ڪنڌين ۾، پرزا ٿي پيو،
پجهان، پهر ويو، هينئون هنڌ نه آڪيين.

( ٨ )

راڻي رڻ ڪيو، جيڏيون منهنجي جيءَ سين،
من مينڌري وڌيو، ڏيهي ڏڙ ڀيو،
ڀڄهان، ٻهر ويو، هينئون هنڌ نه هيڪڙي.

( ٩ )

راڻا! نه چاڻان، ڪئن وڏوٽين ولها،
آچي ڪاڪ ڪنڌن ۾، ٻرچي ڏي پاٽان،
مينڌرا! ماٺان، تو ري ڪنديس ڪن سين.

( ١٠ )

رڻان ٿي راڻا، هنڌ نهاريو حجرا،
پيئي ڪه ڪنن تي، ٿيا پلنگ پراڻا،
ڏريائي ڏوڙا ٿيا، ور ريءَ وهاڻا،
جايون، گل، جبات، وڻ، تو ريءَ ڪوماڻا،
مينڌرا! ماڻا، تو ريءَ ڪنديس ڪن سين.

( ١١ )

ميان مينڌرا موٽ، بخش ڪر ٻچائيون،
تون ڪهڻ جو کهوٽ، مون ور تونهين هيڪڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٢ )

جئن ايندي موٽين، ميندرا، وڏي جاڙ ڪناءِ،
ورئون نہ هوءِ، ولها! هوند جني، مون جاڳاءِ؛
تہ مٽي جي ساڄاءِ، سودا! سکھيائي ٿيئي.

( ١٣ )

جڳ جيهين چوءِ، سودو تئن نہ سکيو،
راتو تئن نہ روءِ، ڪوڙهو جئن ڪل ڪري.

( ١٤ )

سهسين جئان سکن، تئان مومل موڻ لکيو،
مي هنئين جاڙ جڻ، جي ڪوڙي ڪاغذ آئيون.

( ١٥ )

ويئي نت نهاريان، راتا تنهنجي راه،
موٽائي ماڳن ۾، آئيندءِ الله،
سودا! تنڪر ساه، نات راتا گهٽا راڄ ۾.

( ١٦ )

راڻي سندو روح ۾، پسو پڳهہ، پيوم،
پيڙيءَ جئن پڌي ويو، سودو ساه سندوم،
وهن وه ٿيوم، جاڳيو ٿي، جر هاريان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٧ )

تن باغنئون ٻس، جي ڪنڌيءَ ڪاڪ ڪڪوريا،
سوڍي ري سرتيون، ڪاڪ نہ اچي ڪس،
راڻي پاڻي رس، تن ٻيڙيءَ جئن تاڻيو.

( ١٨ )

لوئيس لڏائي، پسو، جو ٻرين ري،
جيڏيون جيهائي ڪئي، رات رسي راڻي،
هلبو هاڻي، وبراڻ ڪاڪ وه ٿيي.

واٽي

ڪئن ڪريان، ڪاڏي وڃان؟ سون ڪي سوڍو سجهہ نہ ڏي.
راڻو رات رسي ويو، ڪر ٿي ڪل متي،
ڪئن ڪريان، ڪاڏي وڃان.
آچيو آتڻ واريون، طعنا ڏينم تي،
ڪئن ڪريان، ڪاڏي وڃان.
ٻتر وار وڇائيان، ريجهي راڻي ڪي،
ڪئن ڪريان، ڪاڏي وڃان.
ڪارايان ڪيرو ليون، چاريان چانگي ڪي،
ڪئن ڪريان، ڪاڏي وڃان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان پنجون

( ١ )

شمع ٻاريندي شب، پرہ ٻاکون ڪيون،
موٽ، مران ٿي مينڌرا، راٺا ڪارڻ رب،
تنهنجي تات طلب، ڪانگ اڏايم ڪاڪ جا.

( ٢ )

آيي اُٻاريام، نڪت سڀ لٿي ويا،
هڪ ميو، ٻيو مينڌرو، رات سڄي ساريام،
ڪوڙها ڪِل ڪاڙيام، سورج شاخون ڪيون.

( ٣ )

ڏيا تيل قليل جا، ٻاريم تائين ٻانگ،
ڏولو ڏيت رهائيو، ڪنهن سنڌي سانگ
چانگي چڙهي آءُ تون، لال ورائي لانگ،
ڪوڙين پتين ڪانگ، اڏايام، آڇيج تون.

( ٤ )

موٽ ميءُ جا ولها، لال ورائي لانگ،
ڏيا تيل قليل جا، ٻاريم تائين ٻانگ،
مهسين ٻچيم سانگ، جي سوڌو آچي مان ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

وٽ سوريندي، ولها، ويھ تيل ٻري،
موٽ مسافر سپرين، چانگي تي چڙھي.
راڻي لاءِ رڙي، ويٺي وھامي راتڙي.

( ٦ )

ڪتين ڪر موڙيا، نيڙو آيا نيٺي،
راڻو رات نہ آئيو، ويل تري ويٺي،
ڪوءِ سا ڪاڻي راتڙي، جا ٻرين ري ٻيٺي،
مون کي ڏنؤن ڏيٺي، وڃي ڍولو ڏٽ قراريو.

( ٧ )

سوڍي ڌاران سرتيون، پيو پتن ۾ پنگ،
آباڻجي آڄ ويو، راڻا تو ري رنگ،
ھينئين سان ھاجو ٿيو، پيو اوسيڙي آنگ،
مون توھي سين سنگ، پڇايو پڇان پهي.

( ٨ )

ميي کي ۾ مينڌري، ڏني ٿيڙم ڏينھن،
ھاٿي ڪريان ڪِيئن، ويٺي ڳوڙھا ڳاڙيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٩ )

توکي معلوم منھنجيون، سودا! سيپيُي،
آڳاندو آرواح کي، آھين آھوئي،
وِھڪ مون ويئي، ڀڄايو ڀڃان ڀي.

( ١٠ )

ڏاڍي کھٽا آچين، مَن سوڏي وِنڪيو،
ڪا جا لائي ميندري، لالي کي لِڱن،
راٺو آڪڙين، وِسارِيان، نہ وِسري.

( ١١ )

راٺو ڪا رات وِيو، ڪِجھي ڳالھِ ڪري،
سوڏي ري سرتيون، ھڏ نہ ساھ سري،
وڃي، مانَ وِري، آسانتي آھيان.

( ١٢ )

سوڏي مَتي لوءِ، ڪا جا مون سين ڳالھِ ڪي،
سا جي ھڏر ھوءِ، تہ، سرتيون ڪانہ سمھي.

( ١٣ )

راٺا! تنھنجي راھ تي، ڏيھاڻي ڏيکان،
راڻي جي رِھاڻ جيون، روح آندرِ ريکان،
محبت جيون ميکان، تو سين، لال لپيٽيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١۴ )

آءٌ، راڻا راحت، ڏاج ڏرتيءَ جا ڏٺيءِ!
سِکن ٿيون سهاڳڻيون، سوڍا تنهنجي سَٺ،
مون تان لاهِ مَ هٿ، ڪامل ڏٺي ڪاڪ جا.

وائي

ميو تون موٽاءِ، مون روندي رات وهاءِ،
سائينءَ ڪارڻ، سِپرين، لا! ميو تون موٽاءِ.
گهر مهارا گهوريان، سر هو مون نه سهاءِ،
سائينءَ ڪارڻ، سِپرين، لا! ميو تون موٽاءِ.
ڪاڪِئان وڃڻ ڪيڏهين، راڻا تو نه رِهاءِ،
سائينءَ ڪارڻ، سِپرين، لا! ميو تون موٽاءِ.
سُئر ساهيڙين جا، طعنا توهين لاءِ،
سائينءَ ڪارڻ، سِپرين، لا! ميو تون موٽاءِ.
سوڍا! مکيالي ٿيان، هير هرچي هاءِ،
سائينءَ ڪارڻ، سِپرين، لا! ميو تون موٽاءِ.
آسائتيءَ ڪي، عبداللطيف چئي، مولا! محب ملاءِ،
سائينءَ ڪارڻ، سِپرين، لا! ميو تون موٽاءِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# داستان ڇھون

( ١ )

راڻا! رَسَڻَ ڇڏِ، وارِ ڪَرهو ڪاڪ تي،
حب ھِينئِين مِين گَڏِ، تہ وڃِنِ سور سنڌيون ڪيو.

( ٢ )

راڻو راتِ رَسِي وِيو، ماريِس تِنهِن مذڪور،
جانب جُدائِيءَ جا، ٻَلِبَل ٻُون ٻور،
وِهڻ مون وِه ٿيو، وڃان ٿِي وَھلور،
اَندرِ آگيِون لائيون، سوڍا تنهنجي سَور،
طعنا ڏِينم تور، آءٌ تہ ٻرچون ٻاڻ ۾.

( ٣ )

نہ وارِث نہ وَلَھو، نہ سَگَّبُ، نہ سِياڪو،
تو ٻَچاڻان سِيرِبن، آيم اولاڪو،
ٻانڌيا! ٻاراھو، ڏجان ڏائِيءَ ڏِولَ ڪي.

( ٤ )

حان ڏائِيءَ ڏِولَ ڪي، سنيھو ساري،
مون کي ڦَٽَ فِراق جو، مِينڌَرا ماري،
آڇِين جي واري، ڪَرهو ڪِميٺِيءَ تي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

ڪڙهو ڪميڻيءَ تي، سودا وار، سڄاڻ!
ڪِهه ڪِريهان ڪاڪِ ڪي، تن تونهين ڏي تاڻ،
لاهي غير گمانَ، آڳِ آءٌ اُڪنديين.

( ٦ )

آڳِ آءٌ اُڪنديين، پرچِي، پيارا!
پلڪ پراهون نہ، سهڻين، جيءَ جا جِيارا!
نيهان نيزارا، سچ، تہ مان سور لهي.

( ٧ )

سچ تہ مان سور لهي، آکيون پري پاڄهہ،
راڻي جيءَ رهاڻ ڪي، ويِني وجهان واڄهہ،
سودا! لهي ساڄهہ، پس توشڪون، تڪيا.

( ٨ )

پس توشڪون، تڪيا، سيڻي وهاڻا،
پسيو هنڌ، ٻچي هيٺئون، جي حبيبن هاڻا،
هڪ ڏنگا ڏاڏاڻا، پيو مونيو تان نہ ميندرو.

( ٩ )

ڪري موٽ مينڌرو، جي لڏائيان لال،
ڪِھڙ مِڙوئي گھوريان، ھونڊ پنھنجو حال،
راتي ڏاران راڄ ۾، مون نہ گھرجي مال،
سوڍي ڪي سوال، ڪريان ٿي قرب جو.

( ١٠ )

سوڍا! سور سڪائيون، آڪيون آب نہ ڪن،
راتي جيءَ رھاڻ ڪي، وِرونيون وڃن،
مي ڪِئن، مينڌرا مچن، جي تو سوريءَ چاڙھيون.

( ١١ )

لوڏي لڪ آچن، روءِ راڻي جي ناهِ ڪو،
ھِڪ آڪيون پيا آڱرا، پرِ ۾ ٿا پچن،
مي ڪِئن، مينڌرا مچن، جي تو سوريءَ چاڙھيون.

( ١٢ )

مومل ويٺي مينڌرو، سدائين ساري،
وليون واس ورنيون، چانگي ڪي چاري،
جڏھن تڏھن جيڏيون، ايندم اوتاري،
سوڍي سين ساري، ڳاليون ڪنديس ڳجھ جيون.

( ١٣ )

سوڍا تنهنجي سور، آندرِ آکيون لائيون،
راڻا رهاڻِ جا، مارِينءِ مذڪور،
طعنا ڏينءِ تور، آءٌ، تہ پرچون هاڻ پر.

( ١٤ )

راڻا رهائيون، سوڍا وِئي ساريان،
سهسين سِج اُلٿا، راتيون وهائيون،
ڪوڙيين مون ڪاٽيون، ڏولا ڏکي آءٌ تون.

( ١٥ )

مون گهرِ اڄي جي ٿئي، مينڌرو مِهماڻ،
آئي جهوڪيان آکِ پر، جيري وِجهان جاڻ،
تاڻي تنورن پر، پيري هٿان ياڻ،
پيڪنِ سوڍو هاڻ، گهر تڙ گهوريان پر تان.

( ١٦ )

اَڄ نہ ڪالهائونِ، هونِ ڏيهائي نجهري،
پسو، پہ پيونِ، آڻيُ سجو آن ري.

( ١٧ )

آڄ نہ ھِسان سِي، آتڻ ڪِتر جن سين،
ھاڻي تنين کي، ڪَنڌِيءَ ڪاڪ نِھاريان.

( ١٨ )

تون ڏاڻي، ڏَتَ ڏَيِي، ڏولا تُنھنجو ڏَتَ،
ھاڻي تراڙي توريان، تہ مَلڪ نہ تُنھنجو مَتَ،
لاھِي ڪَسَر، ڪَٽَ، آچي ڪوڙِ ڦَناتون ڪاڪِ ۾.

( ١٩ )

ڪوڙِ ڦَناتون ڪاڪِ ۾، راتا، ويھہ رهِي،
ماڙھو جي مَحلات جا، سودا، ڪِج سَهِي،
وِيندِ ني ڳالھِ وَھِي، وِڪرِ پوندين وَلھا!

وائي

نِيئي نِيئي ڏيجِ، اِي آدا، ڀانڊي،
ساڻي، پِرينءَ سنيھو.
پِرين وِجھي ھَنڙا، زارِيون زورِ ڪريجِ،
ساڻي، پِرينءَ سنيھو.
ڪالھہ ڪوماڻا ڳَلڙا، سَڪا مَٿي سيجِ،
ساڻي، پِرينءَ سنيھو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توليءِ هنجون هاريان، هي جي منجهان هيج،
ساٿي، پرينءَ سنيهو.
جي آن پيرو نه ڪيو، تان موڪ متي ميچ،
ساٿي، پرينءَ سنيهو.
نماڻيءَ جي نجهري، ٻيهي تون ٻچيج،
ساٿي، پرينءَ سنيهو.

## داستان ستون

( ١ )

سڳ ڪري سين سينهن، ڪنڌ م ڦيرج ڪيڏهين،
رمج راڻي پٽ ۾، نرتون منجهان نينهن،
اُنن م وسج عام تي، جن مومل وسن سينهن،
سندي حشر ڏينهن، سوڍو سارينديون ڳهٽون.

( ٢ )

وڻيو وڃج واٽ، ڪنڌ م ڦيرج ڪيڏهين،
لوڻي ڦير لپاٽ، متان لڳئي لطيف چئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣ )

ڪنڌ م ڦيرجِ ڪيڏهين، وٺيو وڃج راهه،
آڄ ڪِي سَنجهه صباح، نيئي ڏَڙِ يندءِ ڏوڙِ ۾.

( ٤ )

جا پون پرين مون، سا پون مٿي سڄڻين،
ڏک لڱبا ڏوڙِ ۾، آپي ڏِناسون،
ڏِينهن مِڙيئي ڏون، اُني لوچِ، لطيف چئي.

( ٥ )

پلاڻيا پَنڌِ پيا، لَڏيو لطيفن،
هٿان حبيبنِ، ڪونه ڏکويو ڪڏهين.

( ٦ )

راڻو پانهجي راند، وڃيو پيا وَر رائين،
وَرِ وڏوڻو ايهئين، جئن پر پچتوءَ پاند،
هئي پڪيءَ هيڪاند، سوڍو سارِيندئِن گهڻون.

( ٧ )

رس م رسڻ گهوريو، پَل م پري وانئِن،
پِريم پسي پاڻِهيون، مَدبون مون هٿان،
ڪميٽيءَ ڪنان، ٿين موراڻين مٺيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٨ )

رَسُ مَ، رَسَنُ کهورِيو، آڪ اوراهون آڻ،
ليڙي جو، لَطيف چئي، تَنگ سوارو تاڻ،
شرمِنديون سپين پرين، پئي لائج پاڻ،
آچِي مُشڪ ماڻ، تہ سوڍا، سَکياڻي ٿِيان.

( ٩ )

رَسُ مَ، رَسَنُ کهورِيو، آڪ اوراهون چورِ،
تو ري ڪاڪِ ڪَڙِي ٿِيِي، ساڻ سِرڪَنڌ سوڙِ،
آچِي چَندَنُ چوڙِ، تہ سوڍا سَکياڻي ٿِيان.

( ١٠ )

رَسُ مَ، رَسَنُ کهورِيو، پرچ، مَ وانءُ پري،
مارِيس ٿَڪَ فِراق جي، جهَتَ جي ذري،
لالَن جي، لَطيف چئي، سُونهائِي سري،
آيِس تو کَري، تہ سوڍا، سَکياڻي ٿِيان.

( ١١ )

رَسُ مَ، رَسَنُ کهورِيو، راڻا چَڏِ رياءُ،
سيتِ مَدايون، موٽ تون، ڪري نِرتِ نِياءُ،
لالَن جو، لَطيف چئي، ڪولهي سُونهن سِياءُ،
آوَکَن ڏِکي آءُ، تہ سوڍا سَکياڻي ٿِيان.

( ١٢ )

رَسُ ۽ رَسَنُ گهورِيو، چَڏِ راڻا رِيڏائِي،
مُنهنجِي مَيٽِ مَينڌرا، عاقِلَ، آڪَلائِي،
لَيِنجِ، لَطِيفُ چَئِي، ڪامِلَ ڪَڇائِي،
ڪَرِ مُعافَ مُدائِي، تہ سودا سُکيائِي ٿِيانِ.

( ١٣ )

ڪاڪِ ڪَرَهِي، وَڻَ وِيا، جَلِي مُنهنجِي جانِ؛
رَکِي ڪامُ ڪَٽِڪِيو، مارِيَسِ تِنهن گُمانَ،
هَڏِ نہ جِيانِ هاڻَ، سِکهو مونجِ، سُپرِينِ!

( ١٤ )

ڪاڪِ ڪَرَهِي، وَڻَ وِيا، ہَرِيا مَحَلَ ساڪَ؛
سوڍِي جي، سَرَتِيون! وَڏِيسِ وَهِ وِيراڪَ،
سوزَنِ لائِيا سانگَ، سِکهو مونجِ، سُپرِينِ.

( ١٥ )

ڪاڪِ ڪَرَهِي وَڻَ وِيا، ہَرِيا رَنگَ رَتولَ،
تو ڀڃاڻانِ، سُپرِينِ، هِينئڙي آجِنِ هولَ،
جي مون سين ڪِيئي قولَ، سي سِکها ہارِجِ سُپرِينِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٦ )

ڪاڪ ڪڙهي وڻ ويا، لونو لڏاڻو،
تو ڇاڻا، سپرين، آتڻ آجهاڻو،
مين سين ماڻو، مناسب نه مينڌرا.

( ١٧ )

حالَ قربان، مالَ قربان، گهوريان لڏاڻو،
فدا ٿِئي فقير جو، ٿَلُ رسي ۾ راڻو،
مين سين ماڻون، مناسب نه مينڌرا.

## وائي

ڏور وِڇيو، ڏينهن لائي، ڪا سوڏل کي سمجهائي،
جيڏيون، منهنجي راڻل کي، ڪا ٻاجھ پئي.
چنا، منهن، ماڙيون، اوڏاهن آڏائي،
جيڏيون، منهنجي راڻل کي، ڪا ٻاجھ پئي.
ميڙ منجان ٿي، مينڌرا، تو دَرِ تيلاهي،
جيڏيون، منهنجي راڻل کي، ڪا ٻاجھ پئي.
مِنٿ منهنجي مينڌرو، مان ۾ موٽائي،
جيڏيون، منهنجي راڻل کي، ڪا ٻاجھ پئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦٽيلِ مينهن فِراق جا، وِينِّي وَسائِي،
جيڏِيون، منهنجي راڻل کي، ڪا ڳاجهہ ڳَئِي.
سوڍا، سِر ہِئِي ڳهوريان، آءُ ڪرهو ڪاڪ وَرائِي!
جيڏِيونَ، منهنجي راڻل کي، ڪا ڳاجهہ ڳئِي.

## داستان اٺون

( ١ )

ڪِين سا ڳاهِيمِ، سِپرِين، جاڙون ڪيم جالَ،
سوڍا، مون کي ڪالهہ، موني منهن ۾ آئِيون.

( ٢ )

ڪِين سا ڳاهِيمِ، سِپرِين، جاڙون ڪِيمِ جِتِ،
سوڍا مون کي تِتِ، موني منهن ۾ آئِيون.

( ٣ )

ڪِين سا ڳاهِيمِ سِپرِين، جاڙون ڪِيمِ جِي،
سوڍا مون کي سِي، موني آئِيون منهن ۾.

( ٤ )

خاموشي خبر جِي، مومل نِي مت،
صبر ڏِيو سِپتِ، منهنجي حقِ، ميندرا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

سوڍا، صبر تنهنجو، مومل مَتِ ٿيو،
تو جو ڪالهه ڪيو، تنهن مَديون مِڙيي ڇڏيون.

( ٦ )

تو ۾ ٻڌيس ٿي، جي منهن ۾ مَديون نه ڏِيِن،
ڍولا، جي ڏِسِڪيٺي، سي مَتان عيب آهنِيِن.

( ٧ )

جي منهن ۾ مَديون نه ڏِيِن، تو ۾ تي ٻڌياسِ،
سوڍا، اِنَ سهاڳ ڪي، وِيٺي واجهاياسِ،
ڍولي ڏِسِڪياسِ، ڏيٺي ٻانڌ پناهه جو.

( ٨ )

ڍولي ڏِسِڪي آهيان، هيِسِ اَکهاڙي،
ڏيٺي لِک لاڙي، ڪکَرَ ڪيائينِ ڪاڪ جو.

( ٩ )

ڍولي ڏِسِڪي آهيان، هيِسِ اکهاڙي آڳ،
جوڙي وِچان جَڳ، ڪکَرَ ڪِيائِنِ ڪاڪ جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٠)

ڏولي ڏکي آهيان، هيس اکهاڙي آنءَ،
وکي پنهنجو نانءُ، ککر کيائيم کاڪ جو.

(١١)

ککر کيائيم کاڪ جو، ڏيئي لاڙيءَ لڪ،
هاٿي مٿي ڏک، چڙهيو ٿي، چاڪ ڪريان.

(١٢)

سوڍا، صبر تنهنجو، مرڪ لڄاين،
چپ سين جي چون، آدب ڪجي آن جو.

(١٣)

سوڍا، صبر تنهنجو لڄاين مرڪ،
نہ ڪچڻ سين نڪ، ريءَ وک راڻي وڃيو.

(١٤)

سوڍا، صبر تنهنجو، سين سيڪاري،
سومل جي واري، ڪه چاڻانءِ ڪه ٿيو.

(١٥)

سوڍا، صبر تنهنجو، سيڪاري سهس،
پڇي تنان پهس، مون کي نصيب نيئي جهليو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٦ )

سوڍا، صبر تنهنجي، ماڙهو ڪي مومل،
ڪپر منجهان ڪل، پيم پرين تنهنجي.

( ١٧ )

سوڍا، صبر تنهنجو، مون کي نصيحت،
ويلا ڪنديس رت، ميندڙا، تو مهندان.

( ١٨ )

سوڍا، صبر تنهنجو، بي عقلن عقل،
آهي آلڪ آمل، ماٺ تنهنجي ميندڙا.

( ١٩ )

سوڍا، صبر تنهنجو، بي عقل آئي باز،
سندي صبر ساز، توبهه ڪاريم تڪڙي.

( ٢٠ )

سوڍا، شرمايون، پسيو عيب آڪيان،
نڪ نرجايون، هيون منهنجي حق ۾.

( ٢١ )

موني آئيو منهن ۾، سوڍا، شرم جن،
مي لڄايون لڄن، پسيو عيب آڪيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٢ )

آڊيون، آتڻ واريون، نرچا نڪ ٿيا،
وڍيا، تان نہ ويا، پاڻان موريا منهن ۾.

( ٢٣ )

موري منهن وڏا ٿيا، وڍيا، تان نہ وڃن،
آڊيون، آڻاسڻ، تن ڪوجهن کي ڪڻ ڪريان.

( ٢٤ )

جنين سندي منهن ۾، نيهائيون نڪن،
تنان وڍيو هيڪڙو، تہ کھڙو نورو تن؟
سي مر سچائي سونهن، جن پلي پينگ پرم جي.

وائي

آءُ، راڻا! رهہ رات، تنهنجي چانگل کي چندن چاريان.
راتيان ڏينهان روح ۾، تن تونهين جي تات،
تنهنجي چانگل کي چندن چاريان.
ويٺي نت نهاريان، آچين جي پرڀات،
تنهنجي چانگل کي چندن چاريان.
مون کي آهي، مينڌرا، وائي تنهنجي وات،
تنهنجي چانگل کي چندن چاريان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان نائون

( ١ )

راڻي جيءَ رهاڻ مان، ڪو آديسي آيو؛
چوڏهينءَ ماه چنڊ جئن، ڪيو ساميءَ سهائو،
لٿو آولداهو، جوڳيءَ سنديءَ جوت مان.

( ٢ )

راڻي جيءَ رهاڻ مان، ڪو آيو آديسي،
ڪٿوري خوشبوءِ سين، ولات سڀ واسي،
سوڍو سناسي، آتاهين ني آئيو.

( ٣ )

راڻي ريبارو، توڏانهن مڪو تڪڙو،
لڏاڻان، لطيف چئي، مائچ موچارو،
صبح سوارو، ڪاڪ ڳهڙندو ڪرهو.

( ٤ )

راڻو رب راضي ڪري، مان وراڻي واڪ،
چندن سين چڪ ڪري، مومل لنبي ماڪ،
سوڍي جي سهاڳ، ڏٺ ميڙوئي ڏڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

نئون نياپو آئيو، راتي ملا رات،
لڏيسون لطيف چئي، ڪنا ڏاتر ڏات،
کھڙي ٻچين ذات، جي آئيا مي آگھيا.

( ٦ )

ڪيڏانھن ڪاھيان ڪرھو، چوڏس چٽاٽو،
منجھين ڪاڪ ڪڪوري، منجھين لڏاڻو،
راڻو ۽ راڻو، ري راتي پيو ناھ ڪي.

( ٧ )

ڪيڏانھن ڪاھيان ڪرھو، چٽاٽو چوڌار،
منجھين ڪاڪ ڪڪوري، منجھين باغ بھار،
ڪانھي ٻي تنوار، ٽيو مڙوئي مينڌرو.

وائي

ڪي جو ڪاڪ تڙاڪ، چانگي چرھو چڪيو.
ڪرھو سرھو ڏيھ ۾، نہ تنھن ڏپ نہ ڏاڪ،
چانگي چرھو چڪيو.
ساھ ڀرائي آئيو، لالي لڏائيڪ،
چانگي چرھو چڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪَرهي ڪانيئا رتا، نائي ناڪيلاءِ،

چانگي چڙهو چڪيو.

وَڳ واسيائين پانهنجو، سڀ ٿي سَراهڻاءِ،

چانگي چڙهو چڪيو.

تون ڏاتي، ڏتِ ڌڻي، تون راڻو، تون راءِ،

چانگي چڙهو چڪيو.

مومل محتاجيون ڪري، عاجزيون آکڻاءِ.

چانگي چڙهو چڪيو.

آءُ تون، عبداللطيف چئي، مومني مِن محلاءِ،

چانگي چڙهو چڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بروو سنڌي

## داستان ڇهريون

( ۱ )

چاڪي وَڃيو چو، ٻيلي ٽِئين ٻينِ جو،
وَٽ ڪَنجَڪ ڪَريمَ جِي، جَڳَ جو والِي جو،
سُوڪو هوندو سو، جِنهن جو عِشقَ آللهُ سين.

( ۲ )

جڻن ڪا ڪانِي ڪانهَن، لَسَندي لا تِيوَن ڪري،
آچِي ٻيٺي اوچِتي، دَردَ پِريان جِي دانهَن،
وِيچ ڏَ نيٺين ڪهه ٻانهَن، سُور هِينئين کي سامهان.

( ۳ )

پَروس ٽيمِ پراڻ، پِرين وَسِ نَه ٻانهِجِي،
لَڳِي ڪِينءَ لَطِيفَ چئي، چَهر چاتِيءَ ساڻ،
پِرين ڏيکاري ٻاڻ، خوش ڪَري وِيا خواب ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٤ )

آچِين جي هيڪار، سُون سارِ بندي سِپرِين،
پِيرِين ڏِريان پِنبِڻيُون، هنڌ وِڇايان وار،
ساڄن سڀِ ڄمار، هُوند گولي ٿِي گذاريان.

( ٥ )

سُون سارِيندي سِپرِين، آچِين جي تُون هاڻِ،
ڪَريان رُوح رِهاڻِ، هُوند لَڪن مَنجهہ لَطيف چئي.

( ٦ )

ڏر ٿي ڏونهين؛ جِئَن، سَڙان سِپرِين جي،
لِکيو آهي لَطيف چئي، تَن پِرِيان ڏي تيئَن،
جي حاصل ٿِئي هيئَن، قِرِينو قريب جو.

( ٧ )

لَڳِيءَ جو لَطِيفَ چئي، نَڪو ڦال نہ قيل،
لِڪِئي لامُون ڪوڙيُون، نيئِن وهي نِيل،
هِينئڙا ٿِيءُ سَڌِير، ڪالھہ قريبن لَڌيو.

( ٨ )

پِلِي ڪيئي، پَلا پِرين، هيئَن نہ مَناسب هوءِ،
لائي چِت، چريو ڪري، هاڻَ ڪيڏي وِنين پوءِ،
تو ٿي حَب نہ هوءِ، تہ بہ هوت نہ ڪڄن هيڏيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٩ )

پلي ڪيئي، پلا ٻرين، هيءَ نه شان سنڌوءَ،
پهرين لايو پريتون، ڪين پڇين تو پوءِ،
قادر شال ڪندوءَ، ميڙو ڦن مسڪين سين.

( ١٠ )

پلي ڪيئي، پلا پرين، مون نه چاتو ايئن،
هيئون هيرائي هٿ ڪري، هليو ويندين هيئن،
سا ٻِڪ سلان ڪيئن، جنهن آندر آهيرا ڪيا.

( ١١ )

آج پڻ آکڙين، سڄڻ پنهنجا ماريا،
ڳلن تان ڳوڙهن جون، برندون بس نه ڪن،
سنڌي ٻِڪ پرين، لوڪ ڏٺي نه لهي.

( ١٢ )

آج اڻ آکڙين سين، ڪوئي ڪنائون،
ماس وراهي هليا، ڪرنگل چڏيائون،
"وتواصوابالحق و تواصوابالصبر"، ايئين آنيائون،
مٺي مارياتون، ڪلي گهايو سڄڻين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٣ )

ڪي اوڏائي ڏور، ڪي ڏور ۾ اوڏا پرين،
ڪي چت نہ چڙهن ڪڏهين، ڪي نہ وسرن مور،
جڻ مينهن ڪنڌڙي پور، تئن دل وراڪو دوست سين.

( ١٤ )

سانئڻ گهرن مال، آءٌ سڀ ڏينهن گهران سپرين،
دنيا تنهن دوست تان، فدا ڪريان في الحال،
ڪيس نانءُ نهال، پسڻ تان پري ٿيو.

( ١٥ )

هيرائي هٿ ڪيو، هينئڙو حبيبن،
ٻڌي ڪچيءَ تند ۾، سلهاڙيو سيڻن،
وڃي ٻيچ پرين، هينئڙو هٿيڪو ڪيو.

( ١٦ )

جڏهانڪر جاني، سڄڻ سانگ سڌاريا،
راتيان راحت نام ڪا، ڏينهان حيراني،
آئون پانهنجي پرينءَ تان، ڪوڙين قرباني،
رضا رباني، نات ڪيم وس وصال ڪي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٧ )

جڏهانڪر تيام، ساجاءِ سپرين سين،
تڏهانڪر تر جيترو، وير نہ وسريام،
آندر روح رهيام، سڄڻ اوطاقون ڪري.

( ١٨ )

جي مون گهر آچين سپرين، هوڏ ڇڏي هيڏي،
ڳالهيون ڳجهہ آندر جون، تن ڳهريون تو ڏي،
جي وهين ڳڏ ڳوڏي، تہ دور مٽائين دل جا.

( ١٩ )

ڪڏهن ڪلن در دوستن جا، ڪڏهن طاقيون ڏين،
ڪڏهن آچان، آچڻ نہ لهان، ڪڏهن ڪوٺيو نين،
ڪڏهن سڪان سڏ ڪي، ڪڏهن ڳجهاندر ڳرهين،
اهڙائي آهين، صاحب منهنجا سپرين.

( ٢٠ )

ڪڏهن در ڪشادا دلبر سندا، ڪڏهن ٻوريو ڏين،
ڪڏهن وڃان، وڃي نہ سگهان، ڪڏهن سڄڻ پاڻ سڏين،
ڪڏهن ڪڇن ڪينڪي، ڪڏهن پاڇهہ، منجهان ٻولين،
ڪڏهن قول ڪرين، ڪڏهن حرف نہ ڪڇن هيڪڙو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢١ )

آنارو تنهن عِشق جو، ڪَڏهِن ڪونہ ٿيومِ،
مَحبوبنِ مِنٿون ڪري، سِکَڻ سيکاريومِ،
تهان پوءِ ٿيومِ، آرو پَسَڻ پرينءَ جو.

( ٢٢ )

تون صاحِبزادو سِپرين، آئون نسورو نوڪر،
بيحد ڪَرِيان بندگِي، هَٿ ٻڌي حاضر،
ڇڏيندس ڪِين ڪِي، دوست اوهان جو در،
مون تان مِهر نظر، پِرين، لاءِ مَ هانهنجو.

## وائي

هوتَ نيڻان دا دِلبند، لوءِ، پلو جيڏيون!
هيڏانهن هوڏانهن سَپرين، ڪاڏي وارِيان ڪَنڌ؟
لوءِ، پلو جيڏيون!
چڙهِي ڏاڍين ڏونگرين، راهہ ٻَجايان رَندَ،
لوءِ، پلو جيڏيون!
ساجَن سِينٿان سَهنڻو، مائينءَ جو سوگند،
لوءِ، پلو جيڏيون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان پيو

( ١ )

آهين شان شعور مين، جانب تون جيڏو،
مون تي ڪر، منهنجا پرين، توه تسي تيڏو،
اي ڪامل ڪرم ڪيڏو، جي نوازينم نگاه مين.

( ٢ )

جانب منهنجي جيءُ ۾، جي تو طمع پوءِ،
ته ڪنئي ڪاتي وڍ آنگرا، آدب ڪرِ ۾ ڪوءِ،
پانيان پال مندوءِ، جي ساجن منئون نهارئين.

( ٣ )

جانب، ايئن نه جڳاءِ، جئن ماريو، موٽيو نه پڇين
رتي رت نه منجري، سڪ تنهنجي ساءِ،
امان توهين لاءِ، تي بر ۾ پچائون ڪيون.

( ٤ )

جڏهن هوي تي ياد، صحبت سپرين جي،
فريادون فرياد، نا ڳهه وڃن نڳيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

جِئن لهارن لِپيو، ڪڙو منجھ، ڪڙي،
منهنجو جيءُ جڙي، سپرين سوگھو ڪيو.

( ٦ )

ناز منجهاران نڪري، جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ،
پون پڻ "بسم الله" چئي، واه چمي ٿي ونڊ،
آيين گهٽي ادب سين، وٺي حورون حيرت هنڌ،
ماڻينءَ جو سوگند، منهنجو ساڄن سينٿان سهڻو.

( ٧ )

ساڄن! سپاهي، آئون اوهان جو آهيان،
آچان ويلي سيڪنهين، وڃان واجهائي،
لالن تو لائي، ڪينڪاريم ڪرن کي.

( ٨ )

فاني ٿي فاني، دنيا دم نه هيڪڙو،
لنئي لوڙهه لنن سين، جوڙ پندءَ جاني!
حرف پڇندءَ هيڪڙو، ظاهر زباني،
ڪوڏر ءَ ڪاني، آهي سر سيڪهين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٩ )

پرِ پنجوءَ وبهِي، ڪِهڙي ڪندين ڳالهڙي،
ڇاڇِي ماڇِي مونِيا، ور ونيءَ ڏيئي،
خبر نہ پيئي، تہ ڏيج ڏنائون ڪيترو.

( ١٠ )

نينِ صقيلا سپرين، پونر پرون پالا،
چِڪيا ٿمت فراق جا، آندر پر آلا،
يار ميڙئين، يالا! جنهن جي صحبت ڪاڻ سِڪي هيئڙون.

( ١١ )

وينو ڏسان راهہ، آج پڻ آيا ڪين ڪي،
ساجن لاءِ سِڪي گهڻون، سنهنجو سارِيو ساهہ،
آئين شال الله، تہ آڳڻ ٿينم آجرا.

( ١٢ )

آج پڻ آڪڙيون، سارِيو رون سجڻ ڪي،
جانب جي جمال ذي، تائين ٿيون تڪڙيون،
جي وهم پريان وڪڙيون، تن آج آڪين ڪي نہ لهِي

( ١٣ )

آڄ پڻ ڪيا آڪِينِ، آبر جِئَن آڪَر،
ڳوڙهن ڪِيو ڳَلنِ ڪِي، ناڻي پاڻِي نَر،
ٻوندن بس ڪِي ڪانڪا، دوست پچاڻان دَر،
حِبيباڻا ھَر، ماڙيندا مَرِير ڪي.

( ١٤ )

آڄ پڻ جڙِير جوڙ، دوست پيهِي دَرِ آئيو،
سَڪن وٽِي ڏَڪنِ ڪي، مَحڪم ڏِني موڙ،
جا پرِ ڪَنِيءَ ڪوڙ، سا پرِ سورنِ سين ٿِئي.

( ١٥ )

آڄ پڻ آنڪير آنگ، ھَتان حَبِيبن جي،
جا پر سونِيءَ سنگ، سا پرِ سورنِ سان ٿِئي.

## وائي

مولو ڪندو مانڙِ، منهنجي آللهٰ ڪندو مانڙِ،
هادي! ڏيئي هتڙا، آچي چِڪنِ مان سون چاڙهِ،
منهنجي آللهٰ ڪندو مانڙِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪشتي ڪمين جي، الله لڳ اڪار،
منهنجي الله ڪندو مار.
هو جو وڏي واڪ جو، سائين! نيئي ساڙ،
منهنجي الله ڪندو مار.
ڪرم ساڻ ڪريم جي، سڀ لنگهيندا پار،
منهنجي الله ڪندو مار.

## داستان ڏيون

( ١ )

عشق اهڙي ذات، جو، مانجهي منجهائي مين ڪي،
ڏيهان ڏورڻ ڏونگرين، رڻ سڄيائي رات،
آئي ويٺي تات، ميان محبوبن جي.

( ٢ )

پيئي ناهه پنهور ۾، جنهن جي ڏٺيان ڏار،
تنهن ڪميءَ جي ڪان ڪي، ساڻ لڏيندي سار،
آءُ عالم جا آڌار، واري واڳ ولهيءَ تي.

www.sindhsalamat.com          books.sindhsalamat.com

( ٣ )

يار مَڏائي سيڪو، جاني زباني،
آهي آساني، ڪم پئي ڪل پوي.

( ٤ )

آدمن اخلاص، مَڏائي مانو ڪيو،
ڪونہ ڪائي ڪنهن جو، مندو ماڙهوءَ ماس،
دلبر هن دنيا ۾، وڃي رهندو واس،
پيو سڀ لوڪ لباس، ڪو هڪدل هوندو هيڪڙو.

( ٥ )

سورن سانگهيڙا ڪيا، مٽي مون معذور،
آئون هت ويئي وڃهلان، مران نت مهجور،
جي دوست منهنجا دور، سي والي وهلا آئين.

( ٦ )

منهنجي مَڏاين جيءَ، جي ڪل برِيان پيئي،
تہ ڪڏهن ڪوسا نہ ٿيا، ڏوراهو ڏيئي،
ساڄن سيئي، ڏکير ڏول ڏلائيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٧ )

دِل جو دِلبرَ هيڪڙو، ڪَهڙان تان نہ ڪِجنِ،
دِل ڏِجي ڪي هيڪڙي، توڙي سو سِڪنِ،
مي چِلولا چِڄنِ، جي دَر دَر لائِن دوستي.

( ٨ )

شُڪرِ گَڏِياسون سِپرِين، جاني جِتري يار،
وِيٺي جِنين جي وَٽ ۾، ڪوڙين ٿِيا قرار،
ڏَيِرا ڪَر ۾ ڏار، پاڙو تن پِرين جو.

( ٩ )

ڪِتان سِکِئين سِپرين، ڪاسائڪي ڪار؟
تِکي ڪاتي هٿ ڪَر، مَڏيءَ سين ۾ مار،
چوري چاڪ نِهار، سورن سانگيڙا ڪيا.

( ١٠ )

کوڙي ڪَڻ ۾ سِپرين، ڪَنِيئي تان ڪوڙ،
عادت جا آ کين جي، سا نِيئي نِيائِج توڙ،
سون ۾ عيبِن ڪوڙ، تون پاڻ مِڃائِج سِپرِين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١١ )

ڏاتر مون ڏيکاريو، هوتن جو حضور،
ٻرين ٻرچن جو ڪيو، مونائي مذڪور،
اِي دوستن دستور، جڻ چنين چڄن ڪين ڪي.

واءِي

وتان وچ م مون، منهنجو تونهين تون،
ڪونہ مٺي ڪو ٻيو وتان وچ م مون،
سون تڏهانڪر مجبي، جڏهن "ڪن فيڪون"،
وتان وچ م مون.
آهڪيءَ رب احدا، آڪيان سوڙهي پون،
وتان وچ م مون.
رس محمد ڪارڻي، جتي هونگ نہ هون،
وتان وچ م مون.
آکهہ هن امت جو، آهين تونهين تون،
وتان وچ م مون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏهر

## داستان پهريون

( ١ )

ڪَرِ ڪِي ڪَالهڙيون، ڪَنڌا ڊور ڏَٽين جون،
ڪِلن ٿِي راتڙيون، ڪنهن پَر ڏِينهن گذارئين؟

( ٢ )

ڪَرِ ڪا وِيهِي ڪالهه، ڪَنڌا ڊور ڏَٽين جي،
مِهڙي آڄ تون حال، ڪِيا ڏينهن گذارئين.

( ٣ )

ڪَنڌا تو وٽان، سَچ ڪِ سِيٽِن لَڏيو؟
مَعِر تو منجهان، ڇِتيو پون ڇَٻا ڪِيو.

( ٤ )

ڪَنڌا ڪَجاڙبان، آيو آهِين رِبل ۾؟
پرِنِ پَچاڻان، سَڪِي پانهڪر نہ ٿِئين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

ڪنڊا ڍور ڏٿين جو، جي تو ھٿڙو سور،
لامن مٿي پور، هوند نہ چاڙھيئي هيترو.

( ٦ )

جي تو ھٿڙو وڍي، ڪنڊا ڍور ڏٿين جو،
پاٿان ڏيئي ڏڍ، موڙئي مڇر نہ ڪريئين.

( ٧ )

ڪنڊا تون ڪيڏو، جڏھن پريو ڍور وھي،
جسودن جيڏو، تو ڪو ڳڏيو ٻھيڙو.

( ٨ )

سچ سڪو ڍور، ڪنڌي آڪ ڦلاريا،
جنگين چڏيو زور، سر سڪو، سونگيا.

( ٩ )

جڏھن ڍاڪي ڍور، ٻٽي وھن ٻليار ۾،
تڏھن تازڙين ط ر، هٿو جسودن مين.

( ١٠ )

سڪي ڍور ڍيون ٿيو، ڪنڌيءَ ڏنو ڪانو،
پاٽي پنھل ۾، آڄ آڪيون نہ آيو،
مارڻ ميڙانو، ڪنهين ڪنهين پيٿين.

( ١١ )

پنهل تو ۾ پور، آهيون آهه، نہ آب جو،
سڪيڻ کهڙي سور، پيئي واري وچ ۾.

( ١٢ )

ڊور نہ آهين ڏار، مهند ملاحن لکيو،
موڙي چوڙيا مڪڙا، پسي پاڻيءَ پار،
جسودن جيها يار، پيڙا وير وماس ۾.

( ١٣ )

جان واهڙ ۾ وهه، تان تون مچ نہ موليو،
ڪاٿي ۾ کوهه ڪرئين، پوءِ مونکي جو پهه،
سر مٿي تون سهه، مهميزون ملاحن جون.

( ١٤ )

جان جر هڙو جال، تان تون مچ نہ موٽئين،
پوندي آج ڪي ڪالهه، مانيرون سانگين جون.

( ١٥ )

جان جر هڙو سير، تان تون مچ نہ مرٽئين،
آڏا آڏي ڪير، کهٽ ۾ جهليئي کهاٽئين.

( ١٦ )

مَتو آهين مڇ، ڦلهو ٿو ڦونا هٽين،
جا تو ڏِٺي آڇ، تنهن ٻاٽيءَ ٻنان ڏينهڙا.

( ١٧ )

ڏوران ٻسي ڏورِ، وهين جي وهرون ڪري،
هوند نہ وِڏِٺي هورِ، مانگرياڻي مڇڙا.

( ١٨ )

ڪنڌي ڪلينِ وِچ ۾، جڏهن هنئي جن،
موٽي مون ٻرينِ، ڪِڙنَ جي ڪان ڪئي.

( ١٩ )

ڪنڌي ڪلينِ وِچ ۾، جڏهن هنياٿون،
موت نہ مارياٿون، ڏور وِجهي ويا ڏک جي.

وائي

لاٿي جا ورن ڪي، سا ڪانڌ منهينجي ڪورا.
ماڻ مارِيندم ڪڏهين، هوتائين جا هورا،
سا ڪانڌ منهينجي ڪورا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيٽين سِر ڪنڌ سَڄي، پيو عطر پِرِين آتوار،
سا ڪانڌ مُنهينجي ڪورا.
ڇپر ڪنوري نِيو، پِي تازي قُلنِ قورا،
سا ڪانڌ مُنهينجي ڪورا.

## داستان پيون

( ١ )

ڏٺي سو وارِئين واڳ، جو ميڙائو سڄڻين،
وَنهيئَن واٽ مٿاڳ، هِنڙي آسرِ نہ لهي.

( ٢ )

مَديني جا مِير، سَن منهنجا سَڏڙا،
سرڻ تنهنجي مِير، تون ٻار لنگهائِيين پَڙا.

( ٣ )

مَديني ڏٺي، سَن مُنهنجا سَڏڙا،
تَنهنجي آهِ تَڪي، پِي ڪَنڌي مارِيان ڪانڪا.

( ۴ )

مَديني جا کهوٽ، سَن مُنهنجا سَڏڙا،
ڪَج مُحَمَّدَ سوٽ، عاصِي تُنهنجي آسري.

( ٥ )

مَدِينَي جا شاهَ، سَڻ مَنهنجا سَڏڙا،
ڪارڻ لَڳِ اَللهَ، نِڪهو، رَسِج سِپرِين.

( ٦ )

مَدِينَي جا ماهَ، سَڻ مَنهنجا سَڏڙا،
پيو نَہ وَسِيلو واهَ، آهِيان تَنهنجي آسري.

( ٧ )

مَدِينَي جا شير، سَڻ مَنهنجا سڏڙا،
پِر مُبارڪ پير، عاصِي تَنهنجي آسري.

( ٨ )

مَدِينَي جا جامَ، سَڻ مَنهنجا سَڏڙا،
آهِيان تَنهنجِيءَ سامَ، سِگهو رَسِج سِپرِين.

( ٩ )

اَللهَ جِنَ نالوءَ، تِنَ مُونَ وَڏو آسرو،
خالِق! تَنهنجِي ڪاند جو، پَرو پاند نہ ڪوءَ،
نالو رَب سندوءَ، رَهيو آهِہ روح ۾.

( ١٠ )

مِٺو جِنِ نالو، تِنِ سون وَڏو آسرو،
ڪو دَر ناهِ جهو، سون پيا دَرِ ڪُهٽا نِهاريا.

( ١١ )

عجب جهڙي آهِ، صاحِبَ تنهنجِي صاحِبِي،
وَڏِي سگهه سَنديا، پاڻَ وَهيڻون آهِيُن.

( ١٢ )

عَجَبَ ڏِٺِي سون، صَاحِبَ تنهنجِي صاحِبِي،
پن پورِين پاتار ۾، پهڻَ تارين تون،
جيڪر آچين مون، تہ ميرياڻِي ماڻَ لهان.

( ١٣ )

سترَ ڪج مَتارَ، آئون آکهاڙي آهِيان،
ڏِڪئين ڏِڪهار، ڏِيئِي پاندَ پناهَ جو.

( ١٤ )

وَڏِي سگهه سَندياه، پاجهنِ پَريو آهِيِن،
مون تان مِهرَ مَ لاهِ، آئون تنهنجِي آهِيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٥ )

سَترَ سَترَ سَتارَ، آئُون آ کهاڙي آهيان،
ڍِکِج ڍَکَڻهارَ، ڏِيِئي پاندُ پناهه جو.

( ١٦ )

جيڏو تَنهنجو نانءُ، پاجهه پ اوڏيائِي مَگّانِ،
ري نَبيِنَ، ري تُوتئِينَ، تُون چِپرَ تُون چانءُ،
ڪچاڙو ڪهانءُ، تو کي مَعلوم سِپڪا.

( ١٧ )

ناتو نِماڻيءَ سين، مَ ڪر ڍول ڍِلو،
ڪونهي ڪِميڻيءَ جو، بِـڪَر تو بِلو،
تَنهنجو نانءُ لِلو، وَنيو ويِئي آهيان

واڻي

مون کي نِنڊ نَ ليٽين نيٽين، ڪالهون پوءِ لَڪنِ ۾،
موتَ آيلِ ماءُ مَنهِينجي، تان تو ڏُکَ نَ ڪيٽين ڪيٽين،
ڪالهون پوءِ لَڪنِ ۾.
هوءِ نَ نيٺرِ پاڻَ سين، آئُون تان وِيندڙي سيٽين سيٽين،
ڪالهون پوءِ لَڪنِ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪالهوٽيان آج گهٽي ڪر، جهورڙي جهيٽين جهيٽين،
ڪالهون ٻوءِ لڪن ٥.
ٻيون سڀ واڪيون ورن سين، آئون واڪڙي ويٽين ويٽين،
ڪالهون ٻوءِ لڪن ٥.
هينڙو ڏاڙهونءَ ڳل جئن، روئي رتڙو ڪيٽين ڪيٽين،
ڪالهون ٻوءِ لڪن ٥.

## داستان ڏيون

( ١ )

ڪر ڪو پيرو ڪانڌ، مون نمائيءَ جي نجهري،
ٻرين تنهنجي ٻاند، ڊولا ڏکي آهيان.

( ٢ )

جئن تون تائر ڪانڌ، تئن آئون ور ولهي نه ٿيان،
ٻکي چنان ٻاند، ڳنڍ نه ڇاڻي ڪو ٻيو.

( ٣ )

ڪانڌ ٻين ڪيترا، مون ور وڏي وٿ،
مٿان ڏيئي هٿ، جنهن عيب منهنجا ڍڪيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٤ )

ڪانڌ ٻين ڪيترا، مون ور وڏي جوءِ،
لوڪ نہ آڇي اوءِ، جي ڏٺي عيب آڪين مين.

( ٥ )

ڪانڌ ٻين ڪيترا، مون ور وڏي ڪاند،
پاڻان ڏکي ڀاند، جي ڏٺي ڏوهہ آڪين مين.

( ٦ )

ڪانڌ ٻين ڪيترا، مون ور وڏي ذات،
لوڪ نہ آڇي وات، جي ڏٺي ڏوهہ آڪين مين.

( ٧ )

هي تان ٽورڙيون، جي تو ڀوري ڀانئيون،
راتيون ڀيون ڪٿيون، جي تو ايندءِ هيڪلي.

( ٨ )

ور مين وجهيو ڪاڻ، ڪر مين ڪلون ڀائيين،
ڀوري منڌ آڇاڻ، ڪن چڏيو تهہ ميڙئين.

( ٩ )

متا آئي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ، ننڊن ڪندي نہ ملي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٠ )

ڪِي سمهه ڪِي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
اِي مانجهاندي جو ماڳ، جو تو مائيهه ڀانئيو،

( ١١ )

جاڳڻ منجهان جس، آهي ادا جن ڪي،
لاهي جو لطيف چئي، متان قلب ڪس،
ورنهه ڪجا وس، صبح ساڻ سيد چئي.

( ١٢ )

ستي نہ سرنديا، ڪر ڀچار ڀرين جي،
وهاڻي وينديا، گهٽا هٿندين هٿڙا.

( ١٣ )

سمهٽان ساڙو، جيڏيون جيڏو ني ٿيو،
ڀرين سين ڀاڙو، منهنجو ننڊ نبيريو.

( ١٤ )

سمهٽان ساڙو، جيڏيون جيڏو ني ٿيو،
هوت لنگهيا هاڙهو، تون آناسي اوجهرين.

( ١٥ )

ڀره ڦٽي رات وئي، جهيٽان ٿيا نڪت،
هاري ويئي وت، گهٽان هٿندين هٿڙا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٦ )

سَچِيوُن راتيوُن سمهين، ڇڏِيو ٻِي ٻچار،
پانئِي سڀ ڄمار، سڄڻ هوندا مان ڪري.

( ١٧ )

ڊول م ڪَٽِي پانهَڙِي، ٻِرهَ م ڪَٽِي پاندَ،
آئون پانهنجو ڪاندُ، لوڪان لِڪِي راتيان.

( ١٨ )

ڦرِيا ٻِسِي ڦيٿ، ڪَرِينِ ڪِير نه ڇڪيو،
ڏنيا ڪارڻ ڏينِ، وِڃائي وِلها ٿيا.

( ١٩ )

مَسَنِ مَنهن سَنرا، ڪَرِيا ڳُهٽون ڪِلَنِ،
ٻِي تان وِسرِينِ، آيا جِنِ ڪمن لِءِ.

واٺي

مُون سين هوت نه ڪندڙا هِينئَن، ماھ جام نه ڪندڙا هِينئَن،
آلا! مُون نه ڇڏيندا چيرين.
هوتَنِ جي هيڪاند ڪي، روئان راتو ڏينهن،
آلا! مُون نه ڇڏيندا چيرين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيڙي وِڏيس چيرين، ووا ٻاروچاڻي نينهن،
آلاا مون نہ ڇڏيندا چيرين.
لکون لکن ڪوسيون، ڏاڍا تپن ڏينهن،
آلاا مون نہ ڇڏيندا چيرين.
مون کي ٻرين ميڙئين، روجهڙيون ميڙئين مينهن،
آلاا مون نہ ڇڏيندا چيرين.

## داستان چوٿون

( ١ )

روه راماڻا ڪن، آج ٻن هلڻهاريون،
ڪرڪِل ڪونجڙين، راڻي ۾ رات ڪيو.

( ٢ )

قسمت آندي ڪونجڙي، وطن سندس روهہ،
ڪنهن جو ڪونهي ڏوهہ، رزق رازق هٿ ۾.

( ٣ )

وڪِرَ اڪيري، سر ساريو سور چري،
جهري جهجندي ڏي، سنيها ڪي سڄڻين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٤ )

وَڳَرَ وِساري، وِيئُن ڪِئُن، مات ڪري،
ڪِ تو، نہ ماري، رَڻُ جهڻ سندي سڄڻين؟

( ٥ )

وَڳَرَ وِيا وَهِي، ڪالهہ، تنهنجا ڪُونجڙي،
ڪَندين ڪوهہ رهِي، سر ۾ سِپيرين ري؟

( ٦ )

روهہ نہ وِئين رات، ڪوهہ نہ ڪَرڪين ڪُونجڙي،
آج توهين جيءَ تات، سر ۾ سارَڻُ آئيون۔

( ٧ )

وَڳَرَ ڪيو وَتن، پِرتِ نہ چِڻن پاڻ ۾،
پسو پَکيڙن، مارُهنان ميٺ گهٽو۔

( ٨ )

وَڏي وَڳَرَ هيرئين، چَڀي نہ پين ڳَڏ،
ڪُونج ڪرِيندي مَڏ، وِيئي وِهامي راتڙي۔

( ٩ )

مَ لنئن ڪُونجِي، مات ڪر، چور مَ هِينئين چاڪ،
ڦِيُون جي فِراق، سي ڳهر ڳهارِينديون ڪيترو۔

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٠ )

۽ لنئن ڪونجي، ماٺ ڪر، چور ۾ هينئين سَل،
ڳوڙها مٿي ڳل، جم وِهائيءَ وهائيين.

( ١١ )

ڪونجڙي ڪالهه لنئي، سڄڻ وڌ ۾ چت،
آئون جنهين ري هت، ڳهنگهر ڳهاريان ڏينهڙا.

( ١٢ )

اتر ڏي آلاپ، ڪالهونڪر ڪونج ڪري،
ٻرين ٻيي منجهه خواب، وِهائيءَ وايون ڪري.

( ١٣ )

ڪونجون ٽيون ڪنڪن، جڪس هلٺهاريون،
ٻچا ٻوءِ آئن، وڃن واندا ڪنديون.

( ١٤ )

آيون ڏور ڏري، آصل سندي آسري،
ڪڙي هر ٻون ڪري، ٻاٽان پير ڏکويا ٻڪئين.

( ١٥ )

وڳر ۾ وائي، ڪالهه تنهنجي ڪونجڙي،
سر ۾ سارينئي گهٽون، پينر ۾ ٻائي،
ٻسين نہ ڦاهي، جا ماريءَ سندي من ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٦ )

ڇٽي نہ، آئِي روءِ، سنپارِيو کي سڄڻين،
هيءَ جهڄندي جوءِ، تہ آئون آکندي آهيان.

( ١٧ )

ڪونج نہ ٻسين ڪڪ، ڏِٻ جنين سين ڏکيو،
ماريءَ ماري لڪ، وکر هٿي وِيڇون ڪيا.

( ١٨ )

ماري مرين شال، ڏِٻ وڃنئي ڏِيئون،
جئن تو آڇي ڪالهہ، وِڌو وِچ وِرهن کي.

( ١٩ )

ڪونج نہ لکيو ٻاڻ، جو ماريءَ سِندي من ۾،
اوچتي ٻرياڻ، وکر هٿي وِيڇون ڪيا.

( ٢٠ )

بغل منجهہ بندوق، ماريءَ ميرا ڪڪڙا،
ماريو مير ملوڪ، لتاڙيو لک جڙهي.

( ٢١ )

چيتان ڪيو چٽيچ، ٻڌاماڻيءَ ٻٽ ۾،
نيٽين نند ۾ ذٻيچ، چيڙون چهر آئيون.

( ٢٢ )

سَنگهارَنِ ماري، ماڻي ڏيج سَنيهڙا،
سا هيڪلي گهاري، منڌ ڪاڇي ڪنڌ ئين.

( ٢٣ )

ڪير ڪِريندي رِيس، آيل سَنگهارَن سين،
جنهين جي خميس، واڻيون واري چڏيو.

( ٢٤ )

ڪاڇي ڪاهيائون، سچ ڪ سَنگهارَنِ لڌيو؟
مان تَن مارِيائون، پاڻان وِجهِي گوندرين.

( ٢٥ )

ڪاڇي هيٺي ڪوڪ، آيل سَنگهارَنِ جي،
مادرِ اوءِ ملوڪ، اٺي وِنڙا اَڪري.

( ٢٦ )

جين مي سَنگهار، آجهي جنِ جي گهارِيان،
مان لهنئون سار، وِچ ولهين ڏينهڙين.

( ٢٧ )

ڏنُ ڏارڻ، ڏار رَهڻ، ايءَ نہ سَنگهارَن سڻ،
ڪاهي اِيندا ڪڏهن، مٿي واندِ وِهڻ،
جي هاڻون هونئي مڻ، تہ ٻہ آوڊو لا هم م آن جو.

( ٢٨ )

جهڄان ٻِـيو جهوڪ، آيل سنگهارن جي،
جن ٽي ڀِي ٻاريا، منجهان مَٽن موڪ،
لڏي وِڃان لوڪ، آئي وِيا آڪري.

( ٢٩ )

جهوڪون نه جهنگن، وڪ نه ٻـان وٽ ۾،
آيل سنگهارن، جيڪس چِـٽو چت ڪيو.

( ٣٠ )

جي پانڌين وِس ڇران، ته سنگهارن سين لڏ،
ته هاجي سندي هڏ، ڪوڪ نه سٽين ڪڏهين.

( ٣١ )

جي پانڌين وِس ڇران، ته سنگهارن سين کهار،
جنين سندي واڙ، چور نه آچي ڪڏهين.

( ٣٢ )

جيڪا کهاري ماءِ، آيل سنگهارن سين،
ته رکو سور نه ڪاءِ، توئي هوءَ آوڳڻي.

( ٣٣ )

ٿين ٻـڪون ٻون، پريا پاڻ هٿن ۾،
نيڻ منهنجا روُن، ماريو سنگهارن کي.

( ٣٤ )

منڍيون مٿين ڳڙن، جهوڪ نه سونهن ڀيڙا،
سندي سنگهارن، جوءِ جياري جڏئين.

( ٣٥ )

ڀورين پاند ڇنن، جهاڪ جهاڳي آئيون،
ڪاڇو مينهڙين، منڌائنو مائيو.

( ٣٦ )

راءِ سين رنا جي، تن جاڙ ٻجن جاڙ ڪيي،
ڪڻن مائيندا سي، چوڏهن چارو ڪچڙو.

( ٣٧ )

جاڳو جاڙ ٻجا، سما سڪ م سمهو،
ڀسو آن پارئان، لاکو نو لوڙيون ڪري.

( ٣٨ )

ڀڄنان پلي پير، وڏو راءِ رڪاب ۾،
ڪچ رهندو ڪير، لاکو لوڙائن سين.

( ٣٩ )

ڀڄنان پلي نڪيو، ڏٺي ٻاڳوڙي پير،
جسي ڄ جسراج جو، مٿي واڍين وير،
ڪچ رهندو ڪير، لاکو لوڙائو ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٤٠)

ٽانوَ ڪينِ ٻلاڻَ، سَدا هَٽَنِ کَرکَرا،
لاکي لوڙائُنِ جا، اعزائي آهيانُ،
ڏيٺي تَنکَن تانُ، کوڪ ڪاريندا ڪيڙ ي.

(٤١)

لاکو لوڙائُنِ سين، جوڙِسِ تو جَڙهي،
وڙهيو وَرِيانِ جا، ڏيو ڏَڻَ هٽي،
پيس جو ٻري، سو واهر ڪَنهين نہ واريو.

(٤٢)

اَڏيو جو اوڏَنِ، سو ٿَال ڏِنگهر ڏِلو مَ ٿِئي،
جنهن پر وٻهي ڪنِ، ليکو لاکي جام سين.

(٤٣)

لاکي لَڄ کَنيئي، آکِلن اوڏڙ ٻنِ جي،
ڪندو ڪانہ ٻئي، آڪَ وِسوڙل آهيوَن.

(٤٤)

لاکا لَڄ سَندِياهِ، اوڏ آکِلي آهيان،
ٻکا ٻي ٻرتاهَ، جي آجهي تنهنجي آڏياه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣٥ )

آڏيندي اوڏن، لڏن جي ڪانڌ ڪٽي،

لاکو مٿان تن، اوچتوئي آئيو.

( ٣٦ )

لکي ۽ لاکو، ٻئي مٿا ٻاجهه ٿئي،

ڏاڍر لاٿو ڪچ تان، آڏيون اولاڪو،

واندين ۾ واڪو، ربهاري رهي ويا.

( ٣٧ )

چنل چچ هٿن ۾، ڪلهن ڪوڏار،

پورهي خاطر پانهنجي، آئين سوار،

اوڏ ۾ ويچار، لاکا! وڃن لڏيو.

( ٣٨ )

نئي نهاريم نار، تان پرت پرائي نه ٿئي،

ويچارا سنگهار، ڪنهن سائي جي سانگ ويا.

( ٣٩ )

ڪيڏانهن ويا سنگهار، جي هنا هنين پيٽئين،

ڏور ته ڏوريون يار، پيلي پنهين ڪنڌئين.

( ٥٠ )

رڙي ريبارڻ روءِ، واڙي پايو وچڙا،
ڪرا وڻ ڪنگهار ڪي، چنچل آيي چوءِ،
واڙي وچ نہ ڪوءِ، لاڪو لوڙائن سين.

( ٥١ )

ريبارڻ روئي، واڙي وڏا وچڙا،
سمورا سوئي، هٿي هتان سات ويو.

( ٥٢ )

ريبارڻ ريجهاءِ، لاڪو لولائين سين،
سائو مان سنڌياءِ، نت متائي تاڪرو.

( ٥٣ )

لاڪا لک سڄڻ، پر ڦلائيءَ ڦير پيو،
جنهن پر راتا راڄيا، ڪوڻ ڏٺي ڪنبڻ،
جنهن جو جاڙيجڻ، مٽي سنڪو نہ لهي.

( ٥٤ )

جتن جاڙيجن سان، صلح ڪر سنگهار،
تون وڳ چڏين تو ويسرا، هوءِ چمڪيا چوڏار،
تو جيڏا تو بار، لاڪي ڪئين لڏائيا.

( ٥٥ )

وڻهين سنگهارن جي، سونهاري سانجهان،
پوءِ تا پين پاڻ، پهرين پيارين پرڙا.

( ٥٦ )

آڏي آڏي اوڙ، چڙي ويا پيٽيون،
ٽڪاٽا ۽ ٽول، پيا آهين پٽ ۾.

( ٥٧ )

ڪڏهن ڪاڙهو کهوٽ، ڪڏهن مڙهه مقام ۾،
سندو واريءَ ڪوٽ، آڏيو آڏيو ڪيترو.

وائي

تون جو وڃين ڪيچ ڪهي، اي ادا، ڏيج ڀاراهو ڀرينءَ کي.
ڏک سنهنجي ڏيل ۾، سگهان ڪين سهي،
ڏيج ڀاراهو ڀرينءَ کي.
آئون ٿوڙائي مارئي، منهنجا واقف ونڙا وهي،
ڏيج ڀاراهو ڀرينءَ کي.
پيٽر هن پنهور ۾، ماريان ڪونه مهي،
ڏيج ڀاراهو ڀرينءَ کي.
سون متيءَ مٿان ڪيترا، ونڙا ڪانگ لئي،
ڏيج ڀاراهو ڀرينءَ کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گھاتو

## داستان پھريون

( ۱ )

ڳَنگھريا ڳهڻ ڄاڻ، سوڙهي مَتِ مهانئين،
وِيا ڳَڏجي وِير ۾، پيا مَنهن مِهراڻ،
آڳيان هويان ٽاڻ، ويا ويچارڻ وِسري.

( ۲ )

ماڪَ پِڄاين مولهيا، مَٿان راتِ اٿي،
اوليون اَجهن لَڳيون، وِيا وَنجهه وهي،
ڪلاچِئان ڪهي، ڪَڏهن ڪون آئيو.

( ۳ )

ڪو جو تَهَر ڪلاچ ۾، جو ڳِهڙي سو نِئي،
خبَر ڪون ڏِئي، تہ رچ ڪَڇاڙي رِنڊيا؟

( ۴ )

ڪالهه ڪلاچي وِيا، ڇتيون ڪَٽي ڇَپر،
پائُرن پيرو نہ ڪيو، آدن ڪي آوير،
اُهڙي خاصي ڪير، ڪَنَ وراڻي جهلئي.

( ٥ )

تَرِيُون ٻِسان نَہ تارِ ۾، جهڳا جاءِ نَہ ڪَنِ،
مادِرا مَلاحَنِ، ماڪُ نَہ ڏِويا مَڪَڙا.

( ٦ )

ڏهاڙِي ڏِنَمِ ڪيتِرا، جنين مارِيو موڪَ،
گهَر ۾ گهاتوئڙَنِ جا، تا مارِينمِ ٽوڪَ،
لَڏِي وِڃان لوڪَ، اونهِي وِيا اوهِري.

( ٧ )

ڪالهہ، ڪَلاچِي وِيا، گهاتو ڪَري گهورَ،
مادِرِ، مَلاحَنِ جا، وِيٺِي سَهان سورَ،
سون ڪَي ڪَرِي مَلورَ، اونهِي وِيا اوهِري.

( ٨ )

آئِي اوسِيئڙان آسِ ۾، جهليو ڪَنَ ڪِنارَ،
گهاتو گهرِ نَہ آئِيا، وَڏِي لَڳِينِ وارَ،
هيَسِ جنينِ هارَ، سي موٽِي چڙهيا مَڪَڙا.

( ٩ )

ڪِلِي جان ڪِنڪارِيان، تان ساٿِي سڳ نَہ ڪَنِ،
وارِيو وهٽ وڃِنِ، ڪِن سيا ڪِين ساٿَهان.

(۱۰)

جتي کھوريو کھاتئين، تتي واريءِ پٽ،
سهسين ساڻي مٽ، سر ٽڪو، مونکي گيا.

(۱۱)

نکا بوءِ بازار ۾، نکا چلر چٽ،
جتي ڏيرين جي، آکي هئي آکٽ،
سي پڙ پسيو پٽ، ماڙهو وڃن مونيا.

(۱۲)

مون اڏاريا مجرا، الله، کهاتو آڻ،
ميان مدارن سين، مون کي، قادر! وجهه م ڪاڻ،
هت منهنجي هاڻ، تدر لڏو جن ري،

(۱۳)

اوري هنا تہ آئيا، جيڪس ويا پري،
ساڻي سڌ ڪري، ماڪ نهاري مونيا.

(۱۴)

آئين جا لڏو لوڏ، ائي: پر کهاتوئڙن جي،
ڪن ڪلاچي ڪوڏ، مک نہ متا ڪڍين.

( ١٥ )

ڳهوريندي ڳهور پيا، آڳهور ڳهورپائون،
ميڪر مارپائون، ملاحن منهن سنرا.

( ١٦ )

جان ڳهڙندا ڳهاتوئا، تان رڇن ڏيو رڱ،
سڳايون ۽ سڱ، ڪلاڇيءَ ڪير ڪري.

( ١٧ )

جِنِ جهڳا پائيين جهول ۾، ايئن نہ مرن مڇ،
سِر ڏارِ سمنڊ جا، ڪي رائون رڱي رڇ،
هي چارون ۽ ڇڇ، آجان اوڙاهہ آڳاهون ٿيو.

وائي

جيڪس جهليا مڇ، ڳهاتو ڳهر نہ آئيا.
ڪاهي وڃو، ناڪٽا، ڪريو بري تي بڇ،
ڳهاتو ڳهر نہ آئيا.
ڪاٽي سندين ڪنڍيون، ڪاٽي سندن رڇ،
ڳهاتو ڳهر نہ آئيا.
ڪن ڪڙڪو ڏاڍو، آتو آڪيان اَڇ،
ڳهاتو ڳهر نہ آئيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪاپائِتي

## داستان پهريون

(١)

توڻي تون ڪاتار، جم هيڪلي پيرئين،
ڏئي ڪا ڏنار، صراف انهين ۾ سٽ ٻه.

(٢)

جنين پيريو، هيڪلو، تنين ميڙيو ماءِ،
تند اهڙي ساءِ، مون آتڻ هڏ نه آڇهي.

(٣)

چرخو چوري هٿ ڪر، هيءَ هڏ وهائي،
ڪاپائتي سيڪا ڪتي، ساجهر سيائي،
چاتو جن چائي، تن هٿان پهي نه چڏي.

(٤)

هيءَ هڏ وهائي، ڪره ڪالهوڻي ڏينهن ڪي،
اٺي اور آرٽ سين، ويهه م ويگائي،
ته صراف سيائي، موٽائي هٿنئي نه منهن تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

جان ڪتين تان ڪَٽ، هِيءَ هڏ وِڙائِي،
ڪو پنهنجي عِيد لئي، پيري ڪج پرت،
متان روئِين رت، صباح وِچ سرتِين.

( ٦ )

ڪتن جي ڪانَ ڪرِئين، مَتي ماهِين هڏ،
سِيان اينديِ اوڃِتي، عيد آڳهارُن گڏ،
جت سرتيون ڪنديئي سڏ، اَت سِڪنديئن سينگار کي.

( ٧ )

ٻانئِي ڏورِ آرَٽ ۾، ڪتين نہ ڪوڙي
وِهانءَ واڏائي، پٽين منيوڙي،
مَٿي جنهن موڙي، سا ڪتن وِهي وِسري.

( ٨ )

ڪِتوئِي نہ ڪالهہ، آڄ پڻ اَجهوڻ کي مرِين،
پوري توسين پال، ڪانڌُ ڪريندو ڪيترا.

( ٩ )

جي تو وِيهي وِڃائيا، جي ڪتڻ سندا ڏينهن،
آرٽ اوڏي نہ ئِين، پوري پوري سِيئن،
ڪنڌ ڪنڌيئن ڪِئن، آڳن عجِيبن جي.

( ١٠ )

توڻي ٽيئي وڏي، توءِ آئي آتڻ آءُ،
ٽي پيڙي پيرم وارئين، ٻي هڏ ڪر م ڪاءِ،
تہ صراف تو صباح، ڪوئي ڪاتارين سين.

( ١١ )

سون ساريڪا ھتڙا، ڪوھ نہ ڪنئين رڏ،
ويھي ڪنڌ ڪاھو ڪر، ڪھڙون ڪوھيون چڏ،
تہ صرافاڻي سڏ، مرڪيو ھوند مڻائيين.

( ١٢ )

پکو ٿي پير، جانسين رتو راس ٿئي،
برئي بيڪاريءَ سين، هاري ھاڻ م ھير،
ڪت ڪتنديون ڪير، تئين سين نہ جاڻجي.

( ١٣ )

پيرئين ۾ پائيين، اِئن وڏوتو ڪانڌ،
وٽئي اور آرت سين، ڪچي ھايو ھاند،
تہ تنھنجو وڻواند، ڪتو وتو نہ ٿئي.

( ١٤ )

مچن پاڪ پر ڏئين، ڪت، ڪنبندي آءُ،
جڏھن تڏھن ساءُ، پيرن پيرم واريون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٥ )

چائنتِ ھائي چِت ۾، مُنھون ڪنو جِنِ،
تنِ جو صرافنِ، ڏڪو داخِل نہ ڪيو.

( ١٦ )

مَحبت ھائي مَن ۾، رندا روڙيا جِنِ،
تنِ جو صرافنِ، آڻ توريو آکھائيو.

( ١٧ )

آئِي پھر آرٽ سين، جِي ڪتنِ ۽ ڪنبنِ،
تنِ جو صرافنِ، ڦورو ڦوليو ڪين ڪي.

( ١٨ )

ڪو جو وه ڪاھائين، ڪتنِ ۽ ڪنبنِ،
ڪارڻ سود سواريون، آتڻ منجھ آچنِ،
اُن جي سونھن سِيد چئي، تا صراف سِڪنِ،
آکھيا سَٽ سندنِ، ھائي ترازي نہ توريا.

( ١٩ )

سَٽ اُنين جو سڦرو، جِي ھر ۾ بِجائين،
آواز آرٽ جو، ساه نہ سٽائين،
لِبکايو لطيف چئي، ڪنبيو ڪتائين،
جي ماڻڪ موٽائين، توءِ مُلهه مھانگو اُن جو.

( ٢٠ )

تنبائي تاڪيد سين، جن پچايو پاءُ،
لسي تند لطيف چئي، هلي تن هٿاءُ،
ململ منجهان ماءُ، جي سڪيون تن سون ڪيو.

( ٢١ )

پلئي پايو پوٽيون، در در پيرا ڏي،
ڪا سون ڪتائي، ائون ڪاپاٽي آهيان.

( ٢٢ )

تڪ ونڪي، ور کهڻا، ڪتيان ڪچاڙو،
ڪاپي مٺان ڪيترو، آٽيان اڌارو،
جي ور ڏئي وارو، ته سونهان سرتين وچ ۾.

( ٢٣ )

اولاٽيان آرٽ، ڪيڏانهن ڪتڻ واريون،
ٻهيون سٿي ٻٽ، لڙجن لاڪيٽين جون.

( ٢٤ )

ڪتي ڪتي ڪالهه، اڄ نه اڻئي آئيون،
آرٽ اڪيلي مالهه، پوري ويٺيون نجهرا.

( ٢٥ )

نہ مي وَڻُ وڻنِ ۾، نہ مي ڪاتارِيون،
ڀيو بازاريون، هِينئڙو مون اوڻ ٿئي.

( ٢٦ )

ڪتي مٽي آئِيون، ڪري تند تيار،
آئل اوڏانهين ٿئي، جيڏانهن ڀرينءَ ڀار،
ڪاپائتيءَ قرار، منجهان پوڻيءَ آئيو.

( ٢٧ )

جا سنهون نہ سِکِي، تہ سر رنڊائي روڙي،
ست آئين جو سڦرو، ويا ترازيءَ توري،
ٿلهي ءُ توري، ويچاريءَ سين وڙ ٿيو.

( ٢٨ )

جنين ڪتو ڪالهہ، مي پاڻا پيئيون مامري،
جنين تڪ نہ مالهہ، سرهيون سي صراف سين.

( ٢٩ )

ڀانئي ڀاند ڪپاھ، مون آنڻ سي نهاريا،
ڪٿي ڪانہ ڀساھ، سرتيون وڃي سٽيون.

( ٣٠ )

ڇرکو پنهنجي چِت ۾، ٻني ۾ پيريو جنِ،
توٻي ڪين ڪتن، تہ بہ ڪانڌ آنين جو ڪوڏيو.

( ٣١ )

تاڇي تورِبانئون، تان عيب نِڪتا آڪرا،
ڪوئي ڪاپائتينِ ڪي، پر ۾ پڇيانئون،
آڪاڙي آئون، سون ڪان پِڙا پکا نہ ٿيا.

( ٣٢ )

سون ڪان پِڙا پکا نہ ٿيا، آڪلي آئون،
جان تاڇي تورِياڏون، تان عيب نِڪري آئيا.

## وائي

( ١ )

ڪا هينئين سين لاءِ، پوري ڪا هينئين سين لاءِ.
تنبائي تاڪيد سين، جن پڇايو پاءِ،
پوري ڪا هينئين سين لاءِ.
نسي نند، لطيف چئي، هلي تن هتاءِ،
پوري ڪا هينئين سين لاءِ.
پهيون تنهنجيون جهرڪن جهوريون، پيون آڏايون واءِ
پوري ڪا هينئين سين لاءِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آرڻ ھاسي اوجھرين، توکي سمھڻ آيو ساءِ،
پوري ڪا ھينئين سين لاءِ.

## وائي

( ٢ )

آئون جا ويندڙي ھارِ ھرينِ جي، مون کي آيل جھل م ھاءِ،
جھلون ھلون ھائيين، ھاٿا مت نہ آڇيين ڪاءِ،
آئون جا ويندڙي ھارِ ھرينِ جي.
وِيو ھاروچو نڪري، سور ڇڪايم ساءِ،
آئون جا ويندڙي ھارِ ھرين جي.
منھنجا ڪم ڪريم تيءِ، رِيبي مون م رھاءِ،
آئون جا ويندڙي ھارِ ھرينِ جي.
وِيئيون ڪنھن وِکھ تڙ، پيڙا پڇي ماءِ،
آئون جا ويندڙي ھارِ ھرين جي.
آتڻ سڀي آسري، آيسِ آنين لاءِ،
آئون جا ويندڙي ھارِ ھرينِ جي
جنين سور سريرِ ۾، تنشان ھت نہ ڪاءِ.
آئون جا ويندڙي ھارِ ھرينِ جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رپ

## داستان پهريون

( ۱ )

ڪُونڌرَ ڪيو غرق، ماءُ مُنهنجو چندڙو،
ڏَڪوڻ مرڪ، متي سَکر هنڌڙا.

( ۲ )

ڪُونڌرَ ڳَڏيياسِ، صحت نيڙم سجڻين،
مادرِ مارِيياسِ، ڦوڙائي پرينءِ جي.

( ۳ )

آئي جِٽن سورن، اوڙ وَلهارن ۾،
سا پرِ ڳُونڌرَ ڪڻ، جهڙ ڦوڙائو سجڻين.

( ۴ )

لائي جو ويا، سو منجهئين ڏو مچ پري،
سو اَجهامي ڪِنان، جِنهن سورِ بندڙ سپرين.

( ٥ )

ڪهڻ تہ ڪچائي، سور نہ سانديڻ سترا،
آجان تان آئي، ڏبل منهنجي ڏک سين.

( ٦ )

جيئن سو تئيءَ ترو، ڪاهي ڪوري وچ ۾،
سون کي ڏنو سجڻين، منجهان سڪ سرو،
ور جهيڻو اي ہرو، م ڦوڙائو سجڻين.

( ٧ )

اِپريم آنڪور، سٽي سپرين جا،
ڪايو ڪايو سور، لچيو لوچيو آئيان.

( ٨ )

ڳرن ۾ ڳرهيج، روئي ڪج م ہڌرا،
تان سوران ئي سهيج، جان لاهيندڙ ڪو لهين.

( ٩ )

ڳر ۾ ڳجهو روءِ، ہڌر وجهہ م ہرينءَ ري،
سورن سيہ هوءِ، هينئڙا ڪم ڪنن جئن.

(١٠)

لاهِ م پچاران، سِڪ م سمهه جندڙا،
ڪر جهوري ڪيتان، ڪالهوڻيان آڄ گهڻي.

(١١)

جهوري جهجهڻ جهانءِ، مون جنهين جي نہ لهي،
آيل! ايئن م پاڙءِ، تہ ڪا آئون جِتندي آن ري.

(١٢)

جهجهي جهانءِ ڪري، ماٺ نہ آڇي مون هينئين،
سڄڻ سڀ ساري، هو جنهين جو هيرئون.

(١٣)

جاءِ نہ سچو ڏينهن، هينئڙو اوڻي وڪ جتن،
مون پريان سين نينهن، چڻڻ ڪارڻ نہ ڪيو.

(١٤)

لاهيان جي نہ چتان، الله! آن م وسران،
مڙهيو منجهاران، جيءُ منهنجو جن سين.

(١٥)

پل پل پئي پليانس، پلڪ نہ رهي پرينءَ ري،
جڻن جهوري ڪان جهليانس، جهجهيو تنهن جهوريءَ پوي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٦ )

ڪَکَرَ مَنجهِہ ڪَپارِ، جِهڙَ نِيٽَنٽُون نہ لَهي،
رات مَنهنجي رُوحَ ۾، آئا پِرين آهار،
آءُ، ساجَن! لهہ سارِ، وِرهہ وَڪوڙي آهيان.

( ١٧ )

مون مَنجهِيٽي مِينهَن، ڪوه ڪَرِ بَنديس ڪَکَرين،
سولو سارو ڏِينهَن، مون پِريان جو نہ لَهي.

( ١٨ )

سَتي سَنپِريومِ، ڪو کَنَ ہارو چِنِ جو،
کَنڌُ وِهاڻو پِنو، هَرِيو هَٿَ نِيومِ،
سَڄَڻ ياد پِيومِ، جاڙَ جِيان نِي جِيڏِيون.

( ١٩ )

سَڄَڻ سَنپِرِيامِ، ٻِيو ڪَرِ ڪَپارَ ۾،
جِهڙي تِهڙي حال سِين، پِرين نہ وِسرِيامِ،
هَرِيا هَٿ نِيامِ، نيٽَنٽُون نيرَ وَهي.

( ٢٠ )

سَنپِرِيو جِيان، ڪالهِيون، پِرين، تنهنجيون،
کهڙا کَپِ کِٽيان، نُورَن مَٿو ناهہ ڪو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢١ )

جهڙ سي سهڻيرجن، ڪالهيون پرين تنهنجيون،
لڻ لڻ هيٺ وڃن، رڳون رباب جئن.

( ٢٢ )

چتر رهي نه چت، وڻين واڳيو نه رهي،
رڻي لنجي نت، هينڙو واڄ ورڪ جئن.

( ٢٣ )

چوري چوري چت، ونئي وهائي نڪران،
لينهن گهرائي نت، پريان سندي پير ۾.

( ٢٤ )

چتر رهي نه چت، سورين صبر نه ڪري،
سڄڻ ساريو نت، ويڳاڻو ٿيو وڃهلي.

( ٢٥ )

چيتاريان چڪن، سنياريان سهي،
اندر روح رهي، صورت سپرين جي.

( ٢٦ )

چيتاريان چڪن، وساريان نه وسري،
ويروتار ڏکن، سڄڻ پڳي هڏ جئن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٧ )

ڄيتاري چوند ياسِ، ڪالهيون سيوڙي سڄڻين،

جھ مقابل ڀياسِ، تہ سڀ وڃنم وسري.

## وائي

جو نوازي ڏڌ، آسر لاھ م آن جي،

ويهُ داتا جي در تي، لنگھا لاهي لڏ،

آسر لاھ م آن جي.

اوڏايان اوڏو گھڻو، کھڙا ڪرئين سڏ،

آسر لاھ م آن جي.

آڪلن ڪي اوڏو وهي، ڪندا ڪري ڪڏ،

آسر لاھ م آن جي.

کھڙا جڏ جڏونيين، جود مهندان جڏ،

آسر لاھ م آن جي.

آکيان عجيبن جي مشڪل ٻڌن مڏ،

آسر لاھ م آن جي.

آدم ثنائين خلقيو، هوءُ جا ڪجي منجهان ڪڏ،

آسر لاھ م آن جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# داستان پيو

( ١ )

سڄڻ ساڻ نہ پيت، ڪجهہ ڪرهيان ڪن سين،
ڳالهيون انهي ريت، سلا ٻڌي موريون،

( ٢ )

ڳالهيون ٻيت ورن ۾، وڌي ون ٿيون،
ٻر سين مون نہ ڪيون، گوشي پرين نہ گڏيا.

( ٣ )

آنگڻ چاڙهي آنگ، ويو ٻاروچو لڪري،
روئي ڏنو رنگ، ويچاريءَ ونن کي.

( ٤ )

اکين جا آگر، مون تان لاهہ م سپرين،
ڪري ملار مينهن جئن، وسي لاهہ وهر،
تو ڏني مون غر، ڏينهن جا ڏور ٿيا.

( ٥ )

نين نہ نندون ڪن، پکو آرس آکئين،
آجهاميو ٻرن، توکي ساريو سپرين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٦ )

سنئين نہ سيٽانِ، ناهِ آئتي آنِ سين،
ونءِ سهڙي وِيٽانِ، تو نہ سرندي تنَ ري.

( ٧ )

آندر آندريون، جنّن سين وانجهيءَ لٽِ،
سون تن تيٽريون، تہ ڪينءَ مِلبو سجٽين.

( ٨ )

جنّن سين ڪوهيءَ نار، وهن واريءَ ڳاڏئان،
هينئڙو هربان ڏار، نِپيريانسِ نہ نپري.

( ٩ )

سَهر سيءَ پيو، نہ سون سوڙ نہ ڪپرو،
نہ سون ڪانڌ نہ قوتَ ڪي، جوينَ وهي ويو،
تنهين حال ڪيهو، نڌر جنهين نجهرا.

( ١٠ )

اُتر اوتون ڏي، نہ سون سوڙ نہ ڪپرو،
سيءَ سارينديون سي، جنهين نڌر نجهرا.

( ١١ )

اُتر ڏِني اوتَ، نہ سون سوڙ نہ ڪپرو،
چارئي چنيءَ پوتَ، سون ريڙهيندي رات وِئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٢ )

نينھن نِھائينءَ جان، ڏِٺيو ڪوه نه ڏِٺين،
جر جيري چڏي، ته ڪُٺن پچندا ٿانءَ،
سندي ڪنيارن، ڪَنِ ڪرڀجا ڪالھڙي.

( ١٣ )

نينھن نِھائينءَ جِئن، ڏِٺيو ڪوه نه ڏِٺين،
جر جيري چڏي، ته رڃ پچندا ڪُٺن،
تون ٻه ڪريج تِئن، جِئن ڪنيار ڪرِن ڪم سين.

( ١٤ )

نِھائينءَ ڪان نينھن، سِڪ مُنھنجا سپرين،
سڙي سارو ڏِينھن، ٻاھرِ ٻاڦ نه نڪري.

( ١٥ )

نينھن نِھائينءَ جان، سِٽي لوڪ ڏِٺيان،
آجھاميو ٻِران، توکي ماريو سپرين.

( ١٦ )

ڪِي جو ڪنيارن، مٽيءَ ھائي منيو،
تنھن مان ترِ جيتري، جي ٻيئي خبر ڪرن،
ھي تان ھوند مرن، ھن آگھن اوراتو نئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

هاڙها ڪاڙها هوت، ڪيچي ڪالهه لنگهي ويا،
سڪ ڀاروچي نه لهي، متي تائين سوت،
ڪيچي ڪالهه لنگهي ويا.
لڳندي لڪن ۾، ڀانان تيس ڀوت،
ڪيچي ڪالهه لنگهي ويا.
متان مون کي ڇڏئين، هٿ هوتائي هوت،
ڪيچي ڪالهه لنگهي ويا،
ڏينديس ڏاڏين ڏونگرين، توهي ڪارڻ جهوت،
ڪيچي ڪالهه لنگهي ويا.

## وائي

( ٢ )

جڙي زيارت، جي مان هوءِ ڀرين سين.
سڏر منهنجا سپرين، سون تان لاهه م هٿ.
سولا سون کي سڙئين، سپريان جي سٿ.
چنڊيان ڪهه آڪين سين، ڀرين وجهان هٿ.
ڏوران ڏلم سپرين، هيم جن جي سڪ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪارايل

## داستان پهريون

( ۱ )

"وحده" وائي، چڙهندي چيائين،
سو لڙ لڳايائين، جتي هارڪ هڪيان.

( ۲ )

هڪهن سين هاڻ هٿي، اڏائو آڪاس،
جتي پرين سنداس، سو سر مٿي هنجهڙو.

( ۳ )

آڪرڙيون اوڙاهم ۾، آيو تڪي تار،
پڻون جي پاتار، هنجهه تنهين جو هيرئون،

( ۴ )

پڻن لئي پاتار ۾، وڃي نه ٻيهي،
ڪنڍيءَ ۾ ڪيهي، حاج تنهنجي هنجهڙا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

اونهون جتِ اوڙاھ، هنجھ تِتهين هوءِ،

اِي ڪانڀرو ڪوءِ، جو چاڙي ۽ چيرون ڪري.

( ٦ )

ٿيو حضوري هاڻ، سوجھا پيئي سرَ جي،

ڪَنڌي لڌي ڪاڻ، ڪيڙي پاتار ۾.

( ٧ )

آچو ٻاٽي لڙ ٿيو، ڪارو ڪيو ڪنگن،

ايندا لڄ مرن، تنهون سرَ مٿي هنجهڙا.

( ٨ )

ويٺو جڻن وِماسئين، حيرت ٿيُ م هڏ،

لاتيون جي لِباس جون، سي چپاٽي چڏ،

"آئون، آسين" ڪنِ جي، پاسي تنِ م اَڏ،

تنَ طالبن ڳَڏ، تہ ويجھو ٿئين وصال کي.

( ٩ )

ويٺو جڻن وِماسئين، حيرت ٿيُ م هور،

اونهون جو آچو وَهي، ڪِهڙي تنان ٿِي ڪهور،

ڏيون هڏ م ڏور، ڪهوريو ڪپ ڪسين جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۱۰)

ويٺو جڳن وماسين، حيرت هئو ۾ هاڻ،
لڄن ڪي لطيف چئي، آڇي ساڻ آراڻ،
ڪنگن لئيس ڪاڻ، ڳڌيو هنجهه حبيب کي.

(۱۱)

ٻڪي ٻيهي نڳيا، منجهان لتاڙين لڪ،
ڪنهين ماڪ ميڙيا، ڪنهين رتا ٻڪ،
ٻئيءَ لائي لڪ، ڳڌيو هنجهه حبيب کي.

(۱۲)

هنجهن سين هيڪار، جي ڪن ڪري نهارئين،
ٻگهن ساڻ پيهار، هوند ٻيلهه نہ ٻڌين ڪڏهين.

(۱۳)

هاريا هنجهه ٻگهن سين، ڪيهي ٻڌين ٻيلهه،
ميرو منانيج تون، آڇي ڪر اڪيل،
ڪنگن ساڻ ڪويل، لڳي جنن لڙ ٻين.

(۱۴)

آڇو پيو آچاهه، تہ آچائيءَ آٻهو،
وهن وڙ نہ آنهنجو، ٻائيءَ لڙ للاهه،
سر ڏجي ساهه، ڪسر ڪنگن قبرون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٥ )

ڪسر ڪنگن نبرون، مسر ماڱاڻيج،
هنجهه هنئي جي ڳالهڙي، ٻڌڻ ۾ ٻوليج،
ماٺي تون مريج، ڇنج ۾ ڪنهين ڇهنج سين.

( ١٦ )

سر سڪي سال ٿيا، هنجهه هريوئي ٻير،
ڪنگ ويچارو ڪير، جو رسي ان رمز کي.

( ١٧ )

آهه آڏايي هنجهڙا، سر ۾ ماريندئي،
متان مارينئي، پاڙهيري پهه ڪري.

( ١٨ )

سر ۾ سکي هيڪڙو، پاڙهيري پنجاهه،
سندي آس الله، لڌي لهرين وچ ۾.

( ١٩ )

هنجهه مڙيئي هنجهه، ميرو مڇڻ ناهه ڪو،
موتي جي مهراڻ جا، سي ٻورا چڻج پنج،
آج ڪِ صباح سنجهه، ڏيءِ ۾ ڏبري ڏئين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٠ )

ڪي ڳَسي آئيا، دلبر منجهه دريا ۾،
ويچارا وِساهه، آئي اُت آڙائيا.

( ٢١ )

جئن قَطر ڇيو ڪڙهه، پرُئين، پول پجهندين هنجهه،
آج ڪي صباح سَنجهه، تو ڏيئي ڏيري ڏٺين.

( ٢٢ )

ڪي جنهن پچائيا، تنهن ۾ ماهه نه ماهه،
مَنجهه ڪر لڱهر ڪاٺ جو، مٿي ڳکن گاهه،
ويچارن وساهه، مٿي ڳکن آئيو.

( ٢٣ )

ڪونر ٻاڙون ٻاتار ۾، پونر پري آڪاس،
پنهين سَندي ڳالهڙي، رازق آندي راس،
تنهن عِشق کي شاباس، جنهن مَحبتي ميڙيا.

( ٢٤ )

ڪونر ٻاڙون ٻاتار ۾، ڏونر پري ۾ سج،
پنهين سَندي ڳالهڙي، عِشق اِئي آهج،
توءِ نه لهين اُج، جي پيو پين ٻاٽ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٥ )

ڪنڌين ۽ ڪوهه ڪرئين، ڪسين ۽ م ڳڏار،
وڃي وحدت ويءَ ۾، ڳهتون ڇڏي ڳهار،
شريعت جو سر لهي، تن تنائين تار،
حقيقت هنجهن سين، طريقت تنوار،
منجهائين معرفت سين، آندر تون آچار،
هدايت جي هوهه ۾، چٽيو تون چونڪار،
تہ پاڙهيري اِنَ پار، ڪونہ ڏسين تون ڪڏهين.

( ٢٦ )

جيهر لوڪ جهپ ڪري، اوهير اڏلين،
تون جي پاتار جون، چيتاريو چڻن،
ڪوهه ڪندا ڪي. تن، پاڙهيري پهه ڪري.

( ٢٧ )

ماڻڪ چوٽو جن جو، هنجهہ حضوري سي،
چلر ۾ چهنب هڻي، مچي ڪين نہ اي،
لوڪ نہ لکيا تي، جيلانهن پٽن پکهن ڳڏيا.

( ٢٨ )

لَلي لَنئِي رات، سر ۾ ڪيو سوجهرو،
ٻَکها ٻاتاڙا ٿِيا، وائِي ڪَنِ نہ واتِ،
جنکنِ ٻنهِنجي ذاتِ، نيئِي رساڻي روھ کي.

( ٢٩ )

هنجهہ مِرٻِئِي هنجهہ، ميرو منجهون ناہ کو،
جتي رهن سنجهہ، سو سر ڪرين سرھو.

( ٣٠ )

سر آهِي نِي آڪِيان، ٻکي ٻِيا ٻِيا،
جن لَمنو لاتِيون ڏِنيون، سِي وِيچارا وِيا،
ٻانوندر ٻِيا، وڃي ڪِينجهر ڪنڌِئين.

( ٣١ )

وِيا مور مري، هنجهہ نہ رهيو هيڪڙو،
وطن ٿِيو وري، ڪوڙَنِ ڪانئِيرَنِ جو.

( ٣٢ )

سرھو سر وڃائيو، ڪوڙَنِ ڪانئيرَنِ،
رڳا روھ وڃِنِ، ڪنهن هِيڻائيءَ ڪان هنجهڙا.

## وائي

جي مان چارائين، جيڪر جيڏيون، ووا ڪره سندان چارِيان.

ٻيرين آئون نہ ٻجَٽي، ڪرهل هوءِ نہ جهلين،

ووا ڪره سندانِ چارِيان.

ڳجهي آئون نہ وڃَٽي، ٻہ ڏرِ ٻرين نہ نين،

ووا ڪره سندانِ چارِيان.

## داستان ٻيو

( ١ )

وِياءِ واسينگن جا، سنها پاڻ مَ سپ،

جنين جيءِ جهرِپ، هاڻي هنڌائين نہ چري.

( ٢ )

سنها پاڻ مَ سپ، سڪا جنين ٻيٽ،

تنين جيءِ جهيٽ، جنگنِ کي جوکو ٿئي.

( ٣ )

جن اوطاقون آريج ۾، تن جي وِهہ جو وَرُن ٻيو،

ٻرينتان ٻڌرو، تن نانگن جو نهو،

اُنِ جو ڪنڍولِي ڪم ڪيري، جي مٿسِ ٻر ٻيو،

ڪلي ويل ڪِهو، جو سامهون ٿئي سپن کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۴ )

رِهه هٿين، وِهه پيرين، وِهه جن جي وات،
ڪاري ڪا جا ذات، جا مورن پڻ مٽي ڇڏي.

( ۵ )

ڪِنهن ڪِنهن ڪاري ذات کي، مور به مٽائين،
جي ڇترا ڇڪيا ڪري، ته وَڪ وِرائي ڏِين،
سات سَمورا نينِ، جي مَٽين پاڻي موٽيا.

( ٦ )

ڀِرين ڪاري نانگ جي، ڪو ڇِرڪيل ڇيڙ ڪري،
جي ڊِسي ڏَنگ ڏسائيو، ته ويجهو تان نه وري،
جيڪي ٽپ مري، جيڪي سِڪي صحت کي.

( ۷ )

واتان جنِين وِهه وهي، سي آيا اوڪارين،
جي آرَڻ ڀِڏي آئيا، تان نانگ نه لِهارين،
ڏَنير تَنِ ڏاڙهين، ميل جنين جي مَن ۾.

( ۸ )

ڪَپر ڳاروڙين سين، وَڏو وڏ ء وير،
نانگ نه وِيندين نِڪري، تو ڏر مٿي پير،
هِي تنين جو ڍير، جنين جهوناڳڙهه جلائيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۹ )

ڪارايل جي ڪوڏ، مون ڪينجهر سپ نهاريو،
وري واهيري نه وريا، للا لاڪيئي لوڏ،
هيئين جن سين هوڏ، سي هنجهڙا سپ هلي ويا.

( ۱۰ )

سو ٻڪي، سو ٻچرو، سو سر، سوئي هنجهه،
ٻيهي جان ٻروڙيو، مون پانهنجو منجهه،
ڏيل جنهنجو ڏنجهه، سو ماري تو منجهه ٿري.

وائي

ڪوڙي راند، ڪوڙو ڇنڪو، لڪ سيئن للو ڇتو،
لنيو جئن لامين چڙهين، ڪريو ڪارايل ڪنڪو،
ڪوڙي راند، ڪوڙو ڇنڪو.
ڪِ تو ڪنين نه سنو، شهباز جو سڙڪو،
ڪوڙي راند، ڪوڙو ڇنڪو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مارئي

## داستان پهريون

( ١ )

'اَلَستُ بِرَبِڪُمۡ'، جَڏهِن ڪَنِ پِيوم،
'قالُوْا بَلىٰ' قَلبَ سين، تَڏهِن تِت چيوم،
تهين وڙ ڪيوم، وَچَن وَڙِيچَن سين.

( ٢ )

تڪا 'ڪُنْ فَيَڪُوْن' هُئي، تَڪا مُورت ماهه،
تَڪا مَڏَ ثوابَ جي، تَڪو غَرض گُناهه،
هيڪائي هيڪَ هُئي، وَحدانيت واهه،
لَڪيائين، لطيفُ چئي، اَتِ گُجهاندر گاهه،
اُڪين ۾ آرواح، آها ساجاءِ سُپرين!

( ٣ )

تَڪا 'ڪُنْ فَيَڪُونْ' هُئي، تَڪا هَنگ نه هُون،
سَڄڻُ تِنهن ساعت ۾، بيٺي ڏِنو سُون،
مُون تِن تَڏاهُڪُون، مِلي مُلاقات ڪئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۴ )

نَڪا 'ڪُنْ فَيَڪُونْ' هُئِي، نَڪو لِڳَ، لَحَمُ،
بِئِيو هو نہ ٻِيو، اِجا ڪِي آدَمُ،
مون تو هِين سين سڱ، آهيا ماجاءِ، سَپِرِين!

( ٥ )

'فَيَڪُونْ' نِدا ڪَرِي، کِهيائين سين 'ڪُنْ'،
تعظيماً تمامُ ڪَرِي، پوءِ پَتَريائين پِرِين،
مارو تِنان مون، پِيرا ڏاڳي آئيا.

( ٦ )

جِئي 'ڪُنْ فَيَڪُونْ'، جڏهن خلقيا روح خداءِ،
گَڏَ جِتِ گُذرانُ هُئو، جَرُ لَڳِي تنهن جاءِ،
مارُوئڙن ماجاءِ، ساڻِي آهي سُومرا.

( ٧ )

جَڏهن 'ڪُنْ فَيَڪُونْ'، مَن تَڏهانڪون مارُئين،
تون ڪِئين وِجهين تَنَ ڪِي، سُومرا، شڪُون،
هُمِيرَن هُڪون، جاڙ جِسي ڪِي ڇاتِيون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٨ )

تسمت تيد ترپي، نات ڪير آچي هن ڪوٽ ۾،
آئي لکئي لوح جي، هند ڏيکاريم هيءَ،
ار ڇي ڪين ڀنوار ري، جان جسو ۾ جيءَ،
راجا! راضي ٿيءَ، ته مارن ملي ماروئي.

( ٩ )

تسمت تيد ڪياس، نات ڪير آچي هن ڪوٽ ۾،
'ونحن اقرب اليه من حبل الوريد'، وطن آءٌ ويندياس،
مارن کي ملندياس، ڪوٺيون ڇڏي ڪڏهين.

( ١٠ )

'قيدالماء' ٿيوم، هت آڙانگي ڳهاريان،
'هناڪ جسمي و الفواد لديڪم'، هينئون هت سندوم،
قادر شال ڪندوم، ميڙائو سين مارئين.

( ١١ )

'قيدالماء' ڪهن جو، سو مون هاند پيو،
'جف القلم بماهو ڪائن'، وهي قلم ويو،
اِي قضا ڪم ڪيو، جتن ڌر مارو، آءٌ مارئين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٢ )

جهڙو 'قَيدُالماءُ'، تهڙو ٻنڌ نہ ڪو ٻيو،
'جَفَ القَلَمُ بِماهوَ ڪائِنَ'، نہي نہ تِرَ تئاءُ،
عمرا تو هٿاءُ، آجائي ٿِئي آجڙين.

( ١٣ )

ري آعرابينِ هٿ، ڳهنگهرَ ڳهارڻ مون ٿيو،
'ٻڪتَ العِيْنانِ فِي هوَاڪَ دَماً'، ٻچان ساڻ ٻِرت،
مَن، آڪيون، تَن تِتِ، جِتي جنم جيڏِين.

( ١٤ )

هِي هندَ ماڙيون هاڻِ، ماڙِبان سڀ ڏيهينِ ري،
'ڪُلُّ شَيءٍ يرجِعُ الِيٰ آصْلِهِ'، تِي جِهجان جهانگِين ڪاڻ،
ٻري ٿنهنجي ٻاڻِ، ٻسان مَلڪ مَلير جوا

## وائي

عمرا آئون وينڌڙو ٻچان ڪوهِ،
جِتي مارُو، تِتي ٻانڌي، آلوا
مَتِي ماڙيءَ مارُئِي، رُئاري ۽ روهِ،
جِتي مارُو، تِتي ٻانڌي، آلوا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنڊان ڪارِيو پهڙا، ڪين جو آيري چوءِ،
جتي سارو، تتي پاندي، آلوا
ساريو سانيڙن کي، روح منهنجو روءِ،
جتي سارو، تتي پاندي، آلوا
پاندي پهنوارن جو، ڪالهه نه آيو ڪوءِ،
جتي سارو، تتي پاندي، آلوا
راڄ پرتو رب کي، سوسرا، سندوءِ،
جتي سارو، تتي پاندي، آلوا

## داستان پهريون

( ١ )

نڪو اير نه پير، نڪو اوني آئيو،
مون وٽ آيو ڪون ڪو، پاڻران پري پير،
ڪتابتون ڪير، آئي ڏيندم آن جيون.

( ٢ )

نه خبر، نه خواب، نڪو اوني آئيو،
هتي جو هت ڪهين، ڏنو ڪون جواب،
همين حساب، ڪه جاناں ڪهڙو ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣ )

اوٺي ڳوليِ آئِين، ڪو ھتي جو ھت ھير،
تہ ڪنا جي ڪوٽن جا، ٽين مَرھا مير،
آھ تہ آکيين اکھان، جي ھاٺر ڏٺي ھير،
الله لڳي، لطيف چئي، لاءِ م تون آوير،
ڪوٺين ڳھاري ڪير، محلين منجھي مون ھينئون.

( ٤ )

آلا اوٺي آئِين، جي نياٺا نين،
آئون آنين جي آھيان، توٺي مون نہ مڃين،
مس منھنجي ھت ۾، ڪاغذ ڪي آئين،
لڙڪ نہ لکڻ ڏين، ڪريو پون قلم تي.

( ٥ )

جي امر ھنيو آڏ ڪري، سي ڪاغذ لکان ڪيئن،
واڪيون جي وصال سين، تنين چاڙھي چيئن،
رتان راتو ڏينھن، جئن آن جي وائيءَ ۾ ور ڳھنان.

( ٦ )

تن وھين وبڙيچن ڪي، رئين نہ راتو ڏينھن،
ڪالھہ ڀھنوارن لڏيو، مون کي چاڙھي چيئن،
آئون جندي ڪيئن، جہ آن اُر وجي، ٽاٽا ڪيا.

( ۷ )

ٿرِ ٿرِ آندرِ ٿاڪ، عمر، مارو ئڙن جا،
لا ٿاڻون، لَطيف چئي، مٿان لوئيءَ لاڪ،
عمرا ڪريو آڪ، ڀريو ٿي ڀن چران.

( ۸ )

ٿرِ ٿرِ آندرِ ٿانءُ، وڌين ويڙيچن جو،
سڀ تنهنجو سومرا، وِڃا ڪِنهن نانءُ،
آتي وِيندس آنءُ، لوئي لڄ مٿي ڪري.

( ۹ )

سهسين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙ ٿيام،
آباڻن جي آسري، ڪتي ڪان ڪيام،
جا ڏِٺ ڏِڪيام، تنهنجو، پرورا ڀن رهائين،

( ۱۰ )

سهسين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙون ليڙ،
واسي وار، ته ويڙهيان، مر چگون رهن چيڙ،
ماروءَ جي مهاڙ ريءَ، آندر ناهه آڪير،
ڀيڙو حال، ڀمير، ونئي شال ويڙهه وڃان!

( ١١ )

ٿيسين سيبا ڪنجري، لوئي مين ليڙن،
ھوڙو حال وني ڪري، وڃان منجھ ٽرن،
مارو مان چون، تہ ھئي آنھين آسري.

( ١٢ )

سبي سيبا ڏي، پوريءَ نينھن نہ ڪيو،
ڪنيءَ ونيون ڪيون، مٿي ميوي سي،
مچڻ چونم ڪي، تہ ليڪائيني ٽر چانيون.

وائي

منھنجو من، ميان! واڪيو و ڙيڇن مين.
باھي ھاڪي ھٿڙي، پرين سان پيان!
واڪيو و ڙيڇن مين.
ھيو نہ ڇڏيان پرينءَ جو، جان مين ڀي جيان،
واڪيو و ڙيڇن مين.
حرف لٿي ھيڪڙي، ٿيي تان نہ ٿيان!
واڪيو و ڙيڇن مين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيرون ڪثيرن ڪي، وڃي ڏيه ڏيان!
واڪيو ويڙيچن سين.
آئون ڪين لوئي لاهيان، ڪارڻ ٻن ڏيهان؟
واڪيو ويڙيچن سين.

## داستان ٽيون

( ١ )

ٻولا ڀونواريون، موڙ نه متي ڪن،
جو لاک رتاڻون لوئيون، ته سالتان سونهن،
آن ايلاچيئون آڪري، مخمل ٻاتن،
مکر پاڻيان، سومرا، ڪٿي ڪان ڪنهن،
جا ڏنيم ڏاڏاڻي، سا لاهيندي لڄ مران.

( ٢ )

آرم هنڌ م اوڍيان، ٻولا، پٽ چير،
ٻانڌوڻا ٻن ڏيان، آرغچ ۽ عبير،
ماروءَ سين ٿل ماٿيان، ڪثيون جهڙيون ڪير،
آندر آج اڪير، مون ڪي ٻرينءَ ڀونوار جي.

( ٣ )

سون برابر سڳڙا، مارو سندا مون،
ٻولا ٻهنوار کي، عمر، آڇ م تون،
ور لوئي جي لوڻ، ڏاڏاڻن ڏنيام جا.

( ٤ )

سون برابر سڳڙا، لوڻ لوڻ برابر لک،
رهو جنهن رڌ ڪيو، ڪوڙ تهين کي ڪک،
مون ماروءَ جو مک، تيل نہ لائيان تنهنجو.

( ٥ )

تيل نہ لائيان تنهنجو، مون ماروءَ جو مڻ،
ڪريان ٻي نہ ڪڻ، آهر آنهين آهيان.

( ٦ )

مون ماروءَ سين لڏيون، لوئيءَ ۾ لائون،
سون برابر سڳڙا، مون کي ڀاهن ڀڏائون،
عمر جو آئون، ڀٽ ڪئن پرهيان، سومرا!

( ٧ )

ڀٽ نہ پرهيان، سومرا، جانڪيتان جيان،
آئون ڪئن لوئي لاهيان، ڪارڻ ڀن ڏيهان،
جالسين ٿي جيان، ڪانڌ نہ ڪنديس ڪو ٻيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٨ )

جن ڪراڙين ڪچ جا، ور ساهيڙيون سي،
آت اکنديون آهيان، منهن ماروءَ جي،
ڪِنِ سين نہ ٻاڙيان، هنڌ هتي جا هي،
آهن آباڻن کي، مري شال ملهائيان!

( ٩ )

ڪراڙين ڪچ جا، جوڙا ڪوڙا جن،
سو مرڪ ماروئڙن، جتان لوڪ لڄ لٿي.

( ١٠ )

ڪارا، ڪراڙين ۾، سون آسان کي سوءَ،
ور جيڏين سين جوءِ، فاقو فرحت پائيان!

( ١١ )

اِي نہ مارن ريت، جتن سين مٽائن سون تي،
آچي عمرڪوٽ ۾، ڪنديس ڪان ڪريت،
ڪِنِ جي پريت، ماڙيءَ سين نہ مٽيان.

( ١٢ )

عمر، آچا ڪپڙا، ڪاٺياريون ڪٿن ڪن،
جنين جا ترن ۾، ور تا وين سهن،
هوءَ جي جِق پڇن، سي ڪئن ستيون، سومرا!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٣ )

آئون ڪئن سوڙيين سَهان، مون وَرَ ڳهاري وله،
ڪٿيري ٿيان ڪِل، عمرا ڪج م اهڙي.

( ١٤ )

آئون ڪئن سوڙيين سَهان، مون وَرَ ڳهاري ٿي!
وَرَ آباڻن مين اَڄ، ڪوه شربت تنهنجو سومرا.

( ١٥ )

وَرَ ٿي وطن ڄائيون، صحرا سترَ جن!
ڳولاڙا ۽ ڳگريون، اوڇڻ آباڻنِ،
ويڙهيا ڳهمن ولين، جهانڪي منجهه جهنگن،
مون ڪي مارو ڙون، سچ ڳٺائي سيج ۾.

( ١٦ )

پلو پيڻ، اوڇڻ اُن، جن جا پير مٿي ڀٽ ڀاڪ،
ڍهنَ وراڪنِ ۾، اُن جي آجوڪي اوطاق،
پاڻ نه پسن پاڻ کي، ڍيڄارا ٻي ڀاڪ،
عمر، آوه نه عاق، ڏکيا جم ڏکوئين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٧ )

ڪارا، ڪَهڙَ ڏيهه ۾، ٻيا واريءَ مَنجهه وِنان،
سانئين ڪي، سيد چئي، پريو ڏين پان،
عُمرا! ايءَ امان، ثابت رکج سُومرا.

( ١٨ )

تورا مَنجهه، تَرنِ، مُون سين ماروءَ جي ڪيا،
عُمرا! آنِ ڪَٽنِ، آئُون ڪِئن لوئي لاهيان.

( ١٩ )

مِڙَ نه ڀَڙان هيڪڙي، توري تَر جانِ،
مُون کي مارُوئڙنِ، ميري ڪري نه مڃيو.

( ٢٠ )

چِڙَ مَهرايون سومرا، عُمرا لَڳ الله،
تِيم نه تورا ڏينهڙا، ماڙيين ڪِارِيم ماه،
سِڪ مُنهنجي ساه، ماروءَ جي مَسَ لهي!

( ٢١ )

جا عُمرا تو مَلِ عيدَ، سا آسان سوءَ وِرتي، سُومرا!
وِئي وِچارن وِسري، خوشي ۽ خريدَ،
سِڪَن ڪيا شهيدَ، مارُوءَ جي مَلير جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۲۲)

مُنهنجو تُورُ تَلنِ ۾، چِيها تُو چارِي،
ڏانِي ڏِٺُ ڏارِي، آهِم اُني مِينهُون ۾.

(۲۳)

مُنهنجو تُورُ تَلنِ ۾، آئُون هِتِ بِنديانِي!
مُون ڏاڏانِي ڏيهه ۾ ٿرِه ۽ لانِي،
ڪَنديس رِهانِي، مارُوءَ پاسِ مَلِير ۾.

(۲۴)

حَقانُو هَتِ ٿِيو، آئُون هِتِ بِنديانِي!
ساري ساڏوهِينِ کي، ڪوئِين ڪومانِي،
لِڳِين لوهه لَطِيف چئي، وِيئِيسِ وِسانِي،
مَنَ مارُوءَ جِي نَه لَهِي، ڪِيتِ ڪِجانِي،
سَمَن سَچانِي، آتِي آهِم اَنِ سِين.

وائي

لُوئِيءَ ۾ لائُون، مُون مارُوءَ سِين لَڌيُون.
سُون بَرابَر سَگِڙا، پاهَنِ پَڌائُون،
مُون مارُوءَ سِين لَڌيُون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سو ڪِئن هُتَ هُرِهيان سومَرا، ڪِهو رِيو عمرَ جو، آئون،
مون مارُوءَ سين لَڏيون.
ڪاڄ ڪَٽيرن سَفرو، سَگَرَ ۽ سائون،
مون مارُوءَ سين لَڏيون.
سا ڪِئن ڪائي ڪارڪون، جنهن ڪي ڏَ ونرا ڏيجَ ڏنائون،
مون مارُوءَ سين لَڏيون.
ڪه، سانڍائون، مَڪِئِي، تَوتَ جَنهين جو سائون،
مون مارُوءَ سين لَڏيون.
عمر تبي جور ڪري، جيلانهن راڄ آکاهون،
مون مارُوءَ سين لَڏيون.

## داستان چوٿون

( ١ )

ميندا ڏوئي نه مارئي، هيس هنواريون چت،
راڄ رناڙي، هنجون هاري، هيءَ هتيجي هت،
آهس هانئر هار جو، ڪجهه ۽ ڪِت،
ونڪس وبريچن ريءَ، مس مٽي ڪا مت،
سومرا! سِپت، ڪر ته ڪونان نڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢ )

ميندا ڏونئي نہ مارئي، آهي من مليرِ،
ڪڏهن تہ ڪانءِ لهي، هتان هِي هميرُ،
ڪانءِ ڀِنِ ڪيرُ، جي آمانتَ اَتِ وجهي.

( ٣ )

ميندا ڏونئي نہ مارئي، نہ کلي نہ کاءُ،
عمر جي انصاف جا، ويٺي واساما ڳاءُ،
هيءَ جا ڪيئي هاءُ، سا، مهندان اينديئي منهن ۾.

( ٤ )

ميندا ڏونئي نہ مارئي، ٿيس ڪرنون وار،
متيءَ سيئي ساريا، جي پائر جا پهنوار،
عمرا! اُنهون ڏار، مور نہ وهي مارئين.

( ٥ )

ميندا ڏونئي نہ مارئي، مَحلين مارئنان ڏار،
پاپو سيت ملير ري، منڌ نہ ويڙهي وار،
جا هتيجن هار، سا ڪين وهندي ڪوٽ ۾.

( ٦ )

ميڻيا ڏوئي نہ مارئي، ڪونهي آن اوڇاهه،
عمر جي انصاف جو، ٻيس ڪنِ ٻڌاءِ،
ويٺي چوءِ: ”الله، مون تي مِٺ نہ موٽيا!“

( ٧ )

محلين ماندي مارئي، ڏٺيم منهن ملور،
اٽيا سٽيا نہ ڪري، سونهن وڃائيس سور،
ٻيس لوه لطيف چئي، لٿس ڪونہ ڪپور،
جٽ جنين جا چور، سي مکي مرڪ نہ ڪنديون.

( ٨ )

ڪريو مهارِ ملير ڏي، روءِ آئي چوءِ:
”سهج سوري پائيان، سومرا سندوهه،
”ملڪ ماروءَ جي آهيان، جورِ نہ ٿيان جوهه،
”سو قلب ڪوٽ نہ هوءِ، جو هتيجن هٿ ڪيو“.

( ٩ )

ڪريو مهارِ ملير ڏي آپيائي آهي،
جا مٿي ڏينس مارئين، سا لوئي نہ لاهي،
سومرا ساهي، مٿيءَ وجهه م منگهرون.

( ١٠ )

ڪيرَ مهارَ ماير ڏي، سَڀِي ڪوٽ چڙهي،
نت نِهاري ڏيهه ڏي، ڳوڙها ٻيرِ ڳڙي،
نِگِي ڪوڪ قلب مان، منجهان روح رڙي،
وِيڙيچنِ وري، ڪَر نہ لَڏي ڪَڏهين!

( ١١ )

جي ڪَر لَڏائون، تہ بندي بند نہ ماريو،
ماروئڙن آئون، جيڪسِ وِيس وِسري!

( ١٢ )

بندي پِيا قرار، آسين لوچون لوهہ ۾،
مٿي تن تراڙ، سدا سانيڙن جي.

( ١٣ )

نير نہ لهي نيڻهن جو، لهہ جا وِيا لهي،
ڪنجيون جي قفلن جيون، سيٺِ هٿ سهي،
وِئڙا راج رهي، ڏيان ڏوراپا ڪَنِ ڪي.

( ١٤ )

لير نہ لهي نيڻهن جو، لهہ جا لهي وِيا،
مارنِ ڏاران مارُيين، ڏَملا ڏينهن ٿيا،
ڏيهي ڏورِ وِيا، ڏيان ڏوراپا ڪَنِ ڪي.

( ١٥ )

لَنگِرِ ياري لوڪ ۾، جنهين لِءِ ٿياس،
تنهين تِر جيترو، ٻلڪ نہ ڇياس،
جهروڪن جهوريو هينئون، ڪوئين آءُ ڪِياس،
مارن مونجهہ مياس، نات مارئين ماريس ڪين ڪِي.

( ١٦ )

مارِئين ماريس ڪين ڪي، ميس مارن لاءِ،
ڪر لهندا ڪڏهين، منهنجي آئي ماءُ!
سانيرن سداءِ، ويٺو واجهہ وجهي هينئون.

( ١٧ )

ويٺو واجهہ وجهي هينئون، ٻر ۾ ٻهنوارن،
آت اکنڊي آهيان، ٻاٽر ء ٻرين،
ڪريان ٻي نہ ڪِن، ويندِيس وطن سامهين.

( ١٨ )

ويندِيس وطن سامهين، ملير منهنجو ماڳ،
ڏٿ چوندِيندِيس ڏيهہ ۾، ماڻ سرتين ماڳ،
تہ مون سئون سياڳ، جي ويجهي ٿيان ور ڪي

( ١٩ )

جي وڃي ٿيان ور کي، ته مِيا ڪوم مٿون،
نت نت آهہ نئون، مون کي ورهہ وڙيچن جو.

( ٢٠ )

آئون ڪيئن ڇڏيان، سومرا، تن ڀنوارن ڀچار،
جڙ جنين جي جان ۾، لڳي ريءَ لهار،
سيخون محبت سنديون، هينڙي منجهہ هزار،
ڀڪا ۾ ڀنوار، ڏيئي مون ڏيٺهن ٿيا.

وائي

مون ۾ ڪيجاهہ، مون ۾ ڪيجاهہ لوئي، ميان عمرا
ساڻ ڀلاهہ نہ ڀاڙيان، سندي ڏوٿن ڏوئي،
ميان عمرا مون ۾ ڪيجاهہ.
ڪالڪ نہ ڪنديس ڪو ڀيو، مون ور ماروُ سوئي،
ميان عمرا مون ۾ ڪيجاهہ.
ڪوهہ مي طعام تبن جا، ور ما ڏوٿن ڏوئي،
ميان عمرا مون ۾ ڪيجاهہ.
جهانگي جو جهنگن جو، سين ڪميٽيءَ سوئي،
ميان عمرا مون ۾ ڪيجاهہ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان پنجون

( ١ )

سونهن وڄاير، سومرا! مارو مَس مڃين،
ڏونگها ڏاڏي پوٽيين، ڪن ڏنا، ڪي ڏين،
جي مان اوهه لاهين، ته ڪوٽن ۾ ڪين هئان.

( ٢ )

سونهن وڄاير، سومرا! ميرو منهن ٿيوم،
وڃڻ تتي پيوم، جت هلڻ ناهه حسن ري.

( ٣ )

سونهن وڄاير، سومرا! سڪر جهڙي سولهن،
دل ۾ ڏکي ڏونهن، منهنجو منهن ميرو ٿيو.

( ٤ )

سونهن وڄاير، سومرا! هتي آچي هاڻ،
ڪئن لهنديم ڪاڻ، حسن مون هت ويو!

( ٥ )

سونهن وڄاير، سومرا! ڪيڏانهن وڃي ڪمال!
وڃان ڪئن وطن ڏي، هيڙو ولي حال،
جي سون ڏين جمال، ته پسان منهن پنهوار جو.

( ٦ )

سونهن وڃاير، سومرا! وطن وڃان ڪئن،
حسن ڏاران هيئن، ڀسان ڪئن ڀنوار کي.

( ٧ )

سونهن وڃاير سومرا! ڀسان ڪئن ڀنوار،
ڏئي جا ڏرار، تنهن روء ريء رچڻ نام ڪو.

( ٨ )

سونهن وڃاير، سومرا! عمر، ٿيس آسير،
مارو منجهه ملير، مون سين هت هئن ٿيو!

( ٩ )

سونهن وڃاير، سومرا! ٿينديس ڪئن قبول،
ڪونهي سهڪ، نہ سول، پوڇي منهن ڀنوار سين!

( ١٠ )

تن، منهن موچارا مارئين، ملير جنهين ماڪ
ناقص نوازي ڪهڙا، سندو تن سپاڪ،
اڳئين مون آياڪ، حسن مون هت ويو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١١ )

ڪونهي قادر ڪو پيو، آنهين جو آياڳ،
"قل لن يصيبنا الا ما کتب الله لنا"، اِيءَ معذرت ماڳ،
سيوني سياڳ، مارئيءَ مساوي ٿيو.

## وائي

منجهه رهي ملير، هاري، مون ڪوه ڪيو؟
مون هتان، منهنجا ڏٿي، تهسين ٿيا صغير،
هاري، مون ڪوه ڪيو؟
ڀڪي منجهه ڀنوار جي، ڪوڙيين ڪيم ڪبير،
هاري، مون ڪوه ڪيو؟
تون ڏيين، تون ڏٿي، دلاسو دلگير،
هاري، مون ڪوه ڪيو؟
ڀڙو لاهه م پاڄهه جو، مون تان، منهنجا پير؟
هاري، مون ڪوه ڪيو؟
نڌيون وليون ترن ۾، ڪوڙين ڪرڙ، ڪرير،
هاري، مون ڪوه ڪيو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# داستان ڇهون

( ١ )

جھوڙي آبس جڻن، جي تھڙي وجان تن ذي،
تہ لالائيءَ جا، لطيف چئي، ڪر منڌن آئا مينھن؛
ليس ڪائياري ڪاٺڙ جي، ھتي آجي ھيڻن،
ڪنڌ ڪٺنديس ھيڪڻن، منھن ماروئڙن جي.

( ٢ )

جھڙي آبس جڻن، جي تھڙي ملان تن ڪي،
'قران، ڦر چاريان، ھينئون چئيم ھڻن،
وجان ڪئن وطن ڏي، ڪاڻ لھنديم ڪڻن،
منڌائي مينھن، سونھان سرتين ري!

( ٣ )

ھيڪ جڻن نہ جاياس، پيو جاھندي جي مران،
گهنگهر گهٽون نياس، جاجي، ماروئڙن ڪي.

( ٤ )

ھيءَ منھن ڏيئي ٻن، تون وہ ڪاثي نہ مرين،
قان جي ملير جائيرن، توسين منڱ نہ ڪن،
تون ڪئن منجهان تن، ھاڻ ڪوناپين، مارئي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٥ )

عمرا ٻن جيو، ڪوٺ منھنجو، مؤسرا!
جا ٻر نہ ٻھنوارن جي، مون سين تئن ٿيو!
ونئي منھن ڏھو، وڃان وطن سامھين.

( ٦ )

م سوني ماروئي، متي، م ڇائي،
جنھن آچي عمرڪوٽ ۾، لوئي لڄائي،
جا سانگين سيڌائي، سا ڪين مرڪي مارئين.

( ٧ )

يا الله آھيان بند ۾، ڏئان ٿي ڏھر،
ويڻ وراڻي ناہ ڪا، مؤمرو مھر،
ميان مھربان ڪرين، الاھي عمر،
ويڙ پسان سوور، جيڏانھن عالم آسروا

( ٨ )

الا ايڇن م ھوءِ، جئن آئن مران بند ۾،
جسو زنجيرن ۾، رانو ڏيھان روءِ،
ٻارين وڃان لوءِ، پوءِ مر پڇنم ڏينھڙا!!

( ٩ )

آئون بنديائي بند ۾، ڪي آئون پيس بند،
مونهين لڳو ميهڻون، ڪي مونهين ڪڙو ڪند،
مران جي ڀڻ ڀڻند، ته نجاهه مٺڙ ملير ڏي.

( ١٠ )

واجهائي وطن کي، ساري ڏيان ساهه،
بت منهنجو بند ۾، قيد م ڪريجاهه،
پرڏيهياڻي پرينءَ ري، ڌار م ڌريجاهه،
تڏي وسائج تر جي، مٽي مٿيءَ مٿاهه،
جي هوبون ٿئي پساهه، ته لجان مڙهه ملير ڏي.

( ١١ )

واجهائي وطن کي، ساري ساهه ڏيان،
هيءُ سر مارئه ساهون، منهنجو نيج، ميان!
مقاميائي مارئين، وڃي تر نيان!
ميائي جيان، جي وڃي مڙهه ملير ڏي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٢ )

واجهائي وطن کي، آئون جي هتِ مياس،
ڪور منهنجي سومرا، جيڄ پهنوارن پاس،
ڏجِ ڏاڏائين ڏيه جي، منجهان ولڙن واس،
مياڻي جياس، جي ڏجي مڙه ملير ڏي.

( ١٣ )

ڪچيءَ ڪانا لوه جا، زيريون ۽ زنجير،
پيڪڙا پيرن ۾، ڪوئين آند ر ڪير،
چاري چوڳانن ۾، واهيت ڪن وزير،
چن نه ڄجي آهيان، اهڙيءَ ست سرير،
مارو جام ملير، هيج ڪي همنوار ڪي.

( ١٤ )

چن نه ڄجي هيٺ، ڪڄن آهيان ڪوٽ ۾،
لوئيءَ سين، لطيف چئي، پيڙيو پڏان پيٽ،
مرعيون مي مرتيون، وطن جنين ويٽ،
اَت سيجي اَن سسن جي، هتِ رچائين ريٽ،
مائيان شال ملير ۾، مدائتي ميٺ،
ڏيهيا! ڪجا ڏيٺ، ڪا مدت مون سين مارئين!

( ۱۵ )

ڇن نہ ڇڇي آئيان، ڪَچن ۾ ڪوٽن،
ايندي پير اُبتا، ٻڪڙا ٻيرن،
هتوڙيون نٿن، جنکھون پانهون ڪاٽ ۾.

( ۱٦ )

هئين هتڪڙول، هينڙي ٻڙم هنِ جا،
مانگي ماريرِ، سومرا، ڏاڻي هامي ڍول،
باباڻِن ٻين ٻول، ڪِير نہ ڪوٽ وِهڻ جا.

( ۱۷ )

زيريين ٻيڙيين لوهہ ۾، ڳنئن ڪيس ڳاھہ،
سونڪي سندي سومري، هڏ نہ چاڙهيم ماھہ،
مرتيون! دعا ڪجاھہ، تہ پرم پاروڙيءَ رهي،

( ۱۸ )

پرم پاروڙيءَ رهي، جنهن آڇي آن!
تہ ٻنِ وبئي ونڊيان، توڙي هونس تن،
غافلِ زڪ غريب کي، عمرا منجهہ آمن،
مرتينِ ماڻِ مسمن، آءِ آئي مينهڙين.

( ١٩ )

آهِيَ آئي ميهڙين، سهڻ سرتين سانُ،
ڪِنهن پر لاهيان ڪانُ، وڃي وڙيڇن سين ا

وائي

عمرا آئون مري تان نه ڇڏينديس، لوا
مٺي مارُوئڙن جي.
ميهين آئي مارئين، لائن سانُ لڏيندي،
مٺي مارُوئڙن جي.
مري منهنجي سومرا، ترن ڪين ٽڪيندي
مٺي مارُوئڙن جي.
هميراڻان هٿڙا، سهري ڪين مڃيندي.
مٺي مارُوئڙن جي.

داستان ستون

( ١ )

پهنوارن پائرهيو، وريا واهوندا،
ماريئر مينهن، سڏ جئي، ڳاڏيليون ڳوندا،
پٽن پر هوندا، پونڪا پڙ پتار جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢ )

ڀھنوارن ڀاڻوھيو، ڪِي وَسِ واھوندَنِ،
اُٺ سِي، لطيف چئي، ٻڌو ٻَن ڦُرنِ،
آوءُ نا ڪورن ڪئنئري، سَرتيون، ستان سَسنِ،
عمر، آن آگوندري، ھامي ڪانڌ ڪَتنِ،
ھاٿرِ ڏنيون ھيئون، ننڍن نوراڻنِ،
ڪاٺرِ ڪتيون خاصيون، اوچيون آتِ آچنِ،
ڪڍيو ھين ڪھن: ”ملير کھرجي مارُئي!“

( ٣ )

ڀھنوارِن ڀاڻوڃيو، ڪِي واھوندن وَسِ،
عمر! آنھين ڏيه جا، ڏونئين ڏِنرِ ڏَسِ،
وليون، وٺ ڦلاريا، للرَ نِڳيو لَسِ،
آئيو وِڄون آھرين، سَندا ٿوھَن طَسِ،
ميوا مِڃرِ، ماڪيون، مِيڪا چڪن چَسِ،
مارُئيءَ وِھي مَسِ، ملير وِيندي مارُئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٤ )

آلين ۽ چاڙهين، ڏٿ ڏيهاٽي، سومرا!
متا ڪيو، سومرا! سانوڻ سڪائين،
منجهان لنب، لطيف چئي، چانئر ڪيو چاڙهين،
پلاءُ نہ پاڙين، عمر، آراڙي سين.

( ٥ )

تن وهين ويڙيچن ۾، سدائين سڪار،
جو نڍيو، آئيو چاڙهيون، سندي ڏونئرن ڏار،
جن جو ويڙن سين واهار، سي ڏوٿي هون نہ ڏبرا.

( ٦ )

نوري قوت قراريا، وهن سبر ست،
ڪتي ۽ ڪہ پکليا، پوٺن اهڙي پت،
پنهوارڪي پت، ٻيهي پچ ملير ۾.

( ٧ )

نڪا جهل نہ پل، نڪو رانئر ڏيهہ ۾،
آئيو وجهن آهرين، روڙيو رتا ڳل،
ارو پاڻ آمل، مليرون مرڪئون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٨ )

ٿڻ ٽٻڪ ٽٻڪرا، ڇڪنڊڙا آهِن،
ڳُڙيون ڪيهه، ڳڪليون، پڳهر سر پيرن،
اِي وڙ ويڙهيچن، مون لوڏان ٿي لکيا.

( ٩ )

تِن ماڏوهين مَنڌ مران، ڏِنگا جَنهن ڏار،
ٿِئي سانڍ پتار، باڙ پيرون چونڊيان.

( ١٠ )

ٻانهين ٻجي ٻيٺيون، رهيءَ واهيت، رهيءَ واڙ،
جوءِ ڪشادي جيڏيين، مايَر موڪ سواڙ،
اَت آباڻان جنهن جا، سا ماڙيءَ مور ۾ ٻاڙه،
جي اکنڊيون آراڙ، اوهه تنين کي لاهين.

( ١١ )

در، دروازا، ديرون، ٿاڻي ٿئي ٿو،
کوڙين آڏيان ڪيترا، تنبو مٿاءَ تو،
جي مول نه آيا، مارئي، تنين رڙ ۾ رو،
ڪوڪٽ آهي ڪو، ٻيءَ ٻهنوارن ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٢ )

سنهيءَ سٽيءَ سپيو، مون ماروءَ سين ساهه،
ويٺي سارِيان سومرا، ڳولاڙا ۽ ڳاهه،
هينئون منهنجو هت ٿيو، هت سِٽي ۽ ماهه،
ڪن منجهه پساهه، ٿالب آهي ڪوٽ ۾.

( ١٣ )

سنهيءَ سٽيءَ سپيو، مون ماروءَ سين مَن،
هٿي ڪڻ حلم جا، ته وڌائين تَن،
جتن ٿورهايان ڪَن، آهاڻيءَ ابر ري.

( ١٤ )

ٻاچاهي نه ٻاڙيان، مرٽيون! سٽيءَ ساڻ،
ڏسڪي اڳهاڙن ڪي، ڪين ڏيکائين ٻاڻ.
پيهر جاڻي جاڻ، ابر جي اوصاف ڪي.

وائي

روندي رات وهاءِ، مون ڪي رويو رات وهاءِ،
عمرا! ميان سومرا!!
آئون بنديائي بند ۾، ڪي ڪي بند بيا،
عمرا! ميان سومرا!!

مون کي ڏيهان نڪري، ته ني نوڪ نيا،
عمرا! ميان سومرا!
هڪ عمر منڊيا مارا، پيو مارو نر نيا،
عمرا! ميان سومرا!!
عمر، بنديائين سين، جورو تو نہ جڳاءِ،
عمرا ميان سومرا!!

داستان اڏون

( ۱ )

چرن، چٽڪن چت ۾، وساريان ڪين وري،
ڪنا عهد 'الست' جي، ڪ تهائين پري،
'لم يلد ولم يولد'، مارني ڪوه ڪري،
آج ڪ ڪاله مري، ساري سانيڙن کي!

( ۲ )

چرن، چٽڪن چت ۾، وساريان، ڪين وري!
جن ني ٻهي ٻاريا، منجهان سڪ سري،
ڏِٺين وبڙيچن جي، ٿيائن مري،
لڙن نوڪ ڏري، آئي وٽڙا آڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣ )

جَرنِ، جِنڪنِ جِت ۾، وِسارِيان ڪِينَ وَرنَ!
’لِيس ڪِهڙله شيءِ‘، پِسڻ ناهِ بِرِبنِ،
ڀڪا پهنوارنِ، اِيئِي آڌيا ناهِ ۾.

( ٤ )

جَرنِ، جِنڪنِ جِت ۾، ڳهارنِ مٿي ڳهٽ،
ڪهه، مانڌاڻون، مَڪَٽِي، ڏِوڻِنِ ڀاسي ڏٽ،
پهنوارڪي ڀڪڙبنِ، وَجِي ڪَريان وَٽ!
سانڍيه ساهڻين سٽ، ڪنڍيسِ، ڀِڃِي ڪَڙنَ ڪي.

( ٥ )

جَرنِ جِنڪنِ جِت ۾، هُرنِ منجهه هينئين،
لُطف ليو، لطيف چئي، مهر ڪي مينئين،
ڏڪيءِ ڪي ڏينهن، سرهايون سانڍيه جيون!

( ٦ )

جَرنِ، جِنڪنِ جِت ۾، سدا منجهه سرير،
لَڏي ڪنهِن لوءِ وِڻا، مارو منجهه ملير،
وِيئِي ڀوڄيان ڀير، سان ملنم ڪڏهين!

( ٧ )

ڄرن، ڇلڪن ڇت ۾، رهيا آندر روح،
اِبي وڏا اکري، مارو مٿي موهه،
ويرون ولوڙڻ جيون، ساريان گهڻون صبوح،
ور مبي ڪارا ڪوهه، سنجهه جي سار بهه، جا!!

( ٨ )

ور آهائي وير، جڻ ذتڻ تسي تڙ آنيو!
سرتين ذٿ سبيل ڪيو، آڳي ڏوٿي ڏير،
مينئون آن جي هير، تو جهجي جهروڪڻ ۾!

( ٩ )

پرڪنيائون ٻر ۾، ٻارين ٻهون،
منجهن ماليڪن تي، وڏي ۽ وير وهون،
ٻاپو جر جنبڻ ۾، ڪوڏان ڪن ڪهون،
ڏينوان ڏيهن نئون، مون ڪي ورهه ويڙهچن جو.

( ١٠ )

اڏي ۾ آئن تي، جيلانهن ٻائي ٻاتار ۾،
وارو وبسرين ڪي، ڏينهان ڪونه ڏٺي،
مون ڪميٽي ڪي، مٿان ڪوهه ڪٿي ويا!!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١١ )

سرتين سنجڻ چڙهيو، ستين ڪاڪ منجهه،
مارئي مارئين ۾، ڪڏهن ڪان هئي،
عمر، آن نه مٺي، ان او ڀالڻان آکين!

( ١٢ )

پٽيءَ جي پوڻن، پيچ پٽڪو نه سٽان،
سنجڻ واريون ميٿيون، وٺي وڻ ويڙهه ورن،
پيا ميٺ مڙن، ترهي پنهين ڪنڌين.

( ١٣ )

سڀ نه وٺي ميٿيون، آمان ڪي سنجڻ،
پيو، سي ڦرڻ، جي اڃائجي آئيون.

( ١٤ )

پري نه ڪر دانهن، پوڻ پٽڪو نه سٽان،
ميان مارو تڙن جا، آوٺا ڏسان آنهن،
جن سانيڪا سنجڻا، سي، ڏٺي! ڪڙهه ڪانهن؟
هڪا ڪٿي پرانهن، جيڪس لڏيو لوڙياريين.

( ١٥ )

سِنجِي سِنجِي ڪوهِڙا، وِيڙهي وِيا وَرتَ،
ميان، مارُوئڙَنِ جِي، مون کي هِينئڙي ۾ حيرتَ،
جِيڪَنِ آندرِ چِتَ، سانيڙا ساڏو هيون.

( ١٦ )

ڪوهر، ٿوهر، ٿَر، جِتَ سانگِيڪا ۾ سِٽيون،
چارِنِ آتِ چاهَ مَنجهان، پاسي ڦوڳِنِ ڦَر،
ڪِئَن لهَندَمِ ڪَر، جَئَن مارُوَ پاڻ آهاريا.

( ١٧ )

عُمرا تِيرِ آهار، وِرهَ وَٽيان ڪِنِ سِين،
ڏونيڙا ڏورِ ٿِيا، تَڳان جِنِ تَنوار،
سِناڻون سَنگهار، ڪوهِنِ تاڻَ ڪِٽي وِيا.

( ١٨ )

مون مارُئيءَ جو، سُومَرا! پِنهِين پارِين ڏُکُ!
هِتِ عُمر جو آهُکُ، هُتِ مارو ڏِينِم مَنهُنڌان!

وائي

ٻرجِنِ شالَ ٻِهنوار، ڍولا، مارُوَ مون سان، لا!
مون مورائين مَديون، آهِنِ سيئن سَتار،
ڍولا، مارو مون سان، لا!

عيبن پري آهيان، سترِ ڪجِ، ستارا

ڍولا، مارو مون سان، لا!

آئا مينهن ملير ۾، ترِ ترِ ٿيوءِ تنوار،

ڍولا، مارو مون سان، لا!

ٻانئي آيس ٻاند ۾، آوڳڻ عيب اپار،

ڍولا، مارو مون سان، لا!

## داستان ناءُون

( ١ )

جهڙ ڦڙ جتِ ٿيان، اتِ اڏيائون ڀڪرا،

هِن منهنجي حال جو، قدر نه ڪيئانِ،

جيڪس آئُ وسريانِ، مارو ٿوٽ قراريا.

( ٢ )

جهڙ ڦڙ مٿي مارئين، جتِ جيها، چلڪ چڪ،

اندر ٿو اچ مري، ساه اُنين جي سِڪ،

پيهون شال ڀِيون پري، تِئان ڏيئي تِڪيا

ور ٻريان سين ٻِڪ، ٻيا ٻانڌ ٻريائي گهوريان!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣ )

ڏٺين هٿين ڏيو، مهين مارُوئڙن جا،
هاڻ سڀ ئي هيءَ، گهر گهاريندي ڪير،
ڪونئين لڳن ڪير، محلين منجهي مون هيٺئون.

( ٤ )

هن منڌ مارو منرا، ڏيڙ بين وڳ وارين،
چچيا چيڪاريو چيلڙا، اتين پهرائين،
نين منهنجا آن ڪي، جهجهو جر هارين،
تارا تنوارين، مينهن وسندا، موٽ تون.

( ٥ )

هن منڌ مارو منرا، ڪاٿر ۽ خوشحال،
سائون، سارچ، مکڻي، جيڏيون آئن جال،
متيءَ جي، سيد چئي، ڪا ساڙيه منجهه سنيال؟
لڳن تاز، لطيف چئي، لوئي لاهه م، لال!
پلو ڪندو پال، مينون وسندا، موٽ نون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٦ )

هِن مند مارو سنرا، ڍِنگر ڍار رهنِ،
ٻاٽِي ٻوج ٻَنِ ۾، اَکي ٻاند ٻِين،
هِن کي لوهه، لطيف چئي، هوءِ ڪانڙ منجهه ڪِلنِ،
ڪانوَنبا ڪاچنِ، مينهن وسندا، سوٽ تون.

( ۷ )

هِن مند مارو سنرا، ساڙيهه منجهه سڌير،
هِن کي لوهه، لطيف چئي، کونئين آنڊر ڪير،
ميها منجهه ملير، مينهن وسندا، سوٽ تون.

( ۸ )

هِن مند مارو سنرا، جياڻي جالين،
چارِيو لنب، لطيف چئي، واڳين وِهارِين،
ڪيٺائي ڪاهين، مينهن وسندا، سوٽ تون.

( ۹ )

ڪاروڙنان ڪٽي، وِيڙيجهپ وِيا،
سيڻ منهنجا، سيد چئي، هاڻي هتِ هئا،
ٻيئي ٻڌ آنهين جا، لڙي لڙڪ پيا،
ڏيهي ڏور ويا، ڏيان ڏوراهو ڪنِ کي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٠ )

سدا جن پرياڻ، پالڙي پکي لڏ مين،
مارو ڪتين ساڻ، ويڙا ٿر آڪري!

( ١١ )

متي ٿر رهي، ويا گذاري ڏينهڙا،
ڪڏهن ڪون آئيو، تن ڀنوارن ڀي،
ويڙا مي وهي، جنب گذاريم جن سين!

( ١٢ )

ٻاسا ٻولڙين ٻ، ٻانهون سر پيئي،
آکيون، نڪ آربع ري، تمايم ٽيئي،
ڏور ٿيا ڏيهي، ٻرين ٻاٿر وٿ ٻ!

( ١٣ )

ڌا جا ٿر ٻر جهل، پيون ٻاٿر وٿ ٻ،
سيئي مارئو، سومرا، آڇي آب آڇل،
سانبين ڏنم مل، ڏٺي جن ڏينهن ٿيا!

( ١٤ )

جهران، جهجان ٿي، جتن ٻستان ٻري ٿيا،
آلا! اوٺي آئيين، جوکيلن جي خبر ڏي!
من منهنجي ڪي، واڪو لهي ويڙهه جو!

## وائي

وِ بڙيچن ذي وِ يندي، عمرَ! آئون ماروئڙن ذي وِ ہندي،
ڏيهه ڏاڏائين هَڪَڙين.
سگر ساهيڙين سين، ساڙيهه سنجهه سنيندي،
ڏيهه ڏاڏائين هَڪَڙين.
آئا مينهن مليرَ ۾، ڏاڳيا ڏهر ڏوندي
ڏيهه ڏاڏائين هَڪَڙين.
عمرَ! آنهين ڏيهه جا، ڪوڏر ڦوٽ ڪريندي،
ڏيهه ڏاڏائين هَڪَڙين.
ڪولون ڪولاڙن جيون، جهپي ساٺ جهنيندي
ڏيهه ڏاڏائين هَڪَڙين.
ڪوڪڙ ڪنڊيرن ۾، ڦوڪيو ڦڪ پرِيندي،
ڏيهه ڏاڏائين هَڪَڙين.
عيدن برادن تي، ڪه مانڊائون ڪيندي،
ڏيهه ڏاڏائين هَڪَڙين.
ٻسي ڪاٺي پيٽ ۾، ڏونرا ڏن ڏيندي
ڏيهه ڏاڏائين هَڪَڙين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# داستان ڏھون

( ۱ )

آئي ٿي وراڻ، ڪينئن واڏايون آئيون،
لٿي لوئڙياريين، مڙني منهن ڪاڻ،
صلح واريو سومري، ڇٽي ڀينوارن ڀاڻ،
هميرنئون هاڻ، مهٽ لهنديئن، مارئي!

( ۲ )

ڏ رياڻين ڏار، جي وڏي وڻ جدا ڪيا،
تن سکن ڪهڙي سار، ت ڪ آئا مينهن ملير ۾؟

( ۳ )

آيو ڪير ڏيهاءِ، جنهن ڪر پيچان خبرون؟
وڃون اِن وٺاءِ، رات ماروءَ تي وٺيون.

( ۴ )

اُتان اوٺي آئيو، خبر اِي ڪري،
وساريج م ور ڪي، پنج م، منڌ! مري،
ونڌن اَت وري، ڪو ڏينهن آهيين ڪوٽ ۾.

( ٥ )

آڄ اڏنگا وڻ، مون کي مٺا جيڏيون،
"هاري، همير ن جا، جڪس ڪاڏني ڪيڻ،"
"مانيڙا ۽ سڻ، ڪي تو ويا وسري"

( ٦ )

ڪو ڏينهن آهين ڪوٽ ۾، لوئي هڏ ۾ لاهه،
ڪاڻ، آهنجي ڪر جي، اڏوڏائي آهه،
هٿ ۾ ٻاڙج هيڪڙو، پاٿر جي پساهه،
ستي! سيل نباهه، ملير وينديئن، مارئي!

( ٧ )

سي ساهيڙيون سارين تو، سيل جنين جڙ سچ،
ماروءَ ريءَ ۾ مچ، سيهو پانئج سون کي.

( ٨ )

ساهيڙيون سارين تو، سچ جنين جو سيل،
نڪو قال نه قيل، آنين جي ادب ۾.

( ٩ )

جو ڏيهه ڏاڏاڻان آئيو، پيرين تنهن پٽان،
سانگاڻتوءَ سيد چئي، سنديون چت چٽان،
هتي تان نه هٽان، حرف لٿي هيڪڙي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٠ )

جو ڏيهہ، ڏاڏاڻان آئيو، ڏنر تنهن طعنو،
"ڀانئي ويهہ، م ڀلنگين، ڪجهيءَ سر ڪانو،
"مٽان لڪ، لطيف چئي، ڪاٿ م خزانو،
"سرتين سيل چوائيو، جور هٿي جانو،
"تيو سڌ سمالو، حرف لئي هيڪڙي."

( ١١ )

مون سين ماروئڙيون، کهڙيءَ ريت رسنديون،
جونيءَ ۾ جيڙهہ ڀيو، ڀمر رت جيون،
ٻيئين نند وهہ ٿئي، ساري ساڏوهيون،
هٿي جي هيون، تہ سڌ ٻهين سيل جي!

( ١٢ )

"ستي! تنهنجي ست ۾، ڪاڻهہ ڪهرجي ڪڇ،
"وڏيو، ڇيريو، ڇڇريو، ڀر ۾ آڻيي ٻچ،
"ماڻ آمانت آچ، تہ ٿيين سماني سارڀهہ ۾."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٣ )

جانڪين ستين ميرَ، تان ڪين وِهنديس ڪوٺ ۾،
سڀ سمندين سپجي، نديءَ ٻيي نه نيرَ،
جنِ هوءَ آهُر اُسري، تنِ مون منِ مليرَ،
ڪاٿِ ٻينِ ڪيرَ، جي امانت اِت وجي!

( ١٤ )

جَرَ ۾ سِپون جيئن، آهين آهُر اُسري،
جنِ ڪونجون مارِن روھ ڪي، مون تَن آلدِر تيئن،
ڪونين وِهان ڪيئن، جي نظربندياٽي نه هٿان.

( ١٥ )

سپ سمندين سپجي، آهُر آسارو،
ٻاڙو ٻيي نه پِڙي، مِٺو منهن لکوس،
ماڻڪ تي مِڙيوس، جِنِ تنڪ ڪِڍيائين تارِ ۾.

( ١٦ )

سِڪو، سپ سرتيون، مِينَ مَلا ميرَ،
پيو مٿاٽي نيرَ، آيون آهُر اُسري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٧ )

سِکو سِپنِ ڪان، سَرتيون ريتِ سِکَنِ جي،
سِگَنِ جَرُ مِٽان، اوري ڪَنِ نہ آسرو.

( ١٨ )

ٻِهرِينءَ رات ٻَسي، مون مارُيءَ مَنَ ڦِکو ڪيو،
موهڙ ماروئڙَنِ کي، واحِد، ڏيجِ وَسي!
آهر جِنهن آسين، سو مِلندو شال مِلير ۾!

( ١٩ )

وَطَنَ ريءَ وِيُهي، جي هِتِ گهاريم ڏينهڙا،
آءُ مارو ڏيندم منهن ۾، ڏاڏاڻان ڏيهي،
ٻَکنِ ۾ ٻيهي، شل مَحلنِ جي مر ڏٺان!

( ٢٠ )

مَ ڪِينَ رو، مَ رڙ ڪِينَ، هَنجون هَڏ مَ هارِ،
توتان ٻند ٻدا ٿيو، ٻيڙيون نِيٽي ٻارِ،
ڀَچنديِنءَ، ڀُنوارِ، سِکِي سَنگهارَنِ کي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢١)

ٿر ڪين رُو، ٿر رَڙ ڪين، ٿر ڪين هنجون هارِ،

جهڙا آهِن ڏينهڙا، تهڙا وِهي گهارِ،

ڏُکَنِ هِنيان ٽُڪَڙا، سِڪَها ٿِين، سَنگهارا،

لَٽو لوهه، لطيف چئي، هروڙجِ هٿوارِ،

پيڙيون پيئي پارِ، تونان بند بِدا ٿيو.

(٢٢)

ٿر ڪين روءِ، ٿر رَڙ ڪين، ٿر ڪين ڪرِ دانهون،

سُتي لوڪ، لطيف چئي، پيئي ڪنج پانهون،

لَڏيئي جت لانئون، سو ڏيهه پسندئن، مارئي!

(٢٣)

جنهن سُتيءَ سَت نه ڇڏيو، سا مارئي مَرُ چائِي،

آنهي عمرڪوٽ ۾، لَڄ نه لڄائي،

سا پيئي بنديائي بند ۾، ڪولين ڪڄائي،

جا سالڪين سڏائي، سا مورِ نه مرڪي مارئين.

(٢٤)

آڄ اُٺ چڪيم چاڪ، وِنهين وِيڙيچنِ جا،

سُورنِ آڇي سومرا، اندر ڪي اوطاق،

مارن جي فِراق، هَڏ مُنهنجا ڪَپيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٥ )

ڇڪي ڇڪير ڇاڪ، وهين وِيڙيچن جا،

واجهيندي وِصال کي، ڦنا ڪيس فراق،

سيئي مارِيم، سومرا، ترِ جنين جا ٿاڪ،

ماروءَ جي اوطاق، گهٽون اڪنڊي آهيان.

## وائي

مون مَن ماروءَ جو، ماروءَ جو مُنهنجو، مِيان!

مون مَن ماروءَ جو.

مَنهن مُنهنجو، سومرا، مَر ميرو ٿِيي هوءِ،

مون مَن ماروءَ جو.

"ڏوتوءِ ڏورارن ۾"، مَتان مارو چوءِ:

مون مَن ماروءَ جو.

لارون جي لڙڪن جيئون، ڪِٿي وهان توءِ،

مون مَن ماروءَ جو.

## داستان يارهون

( ١ )

مَليران مارو، ہڪي ہِهي آئيو،

وِريا واهارو، هاٿون سڀ هيٺان ٿيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۲ )

ڀِي سُڪَ، ڀرَنِ ڪِيهہ، ڪونهي نياهو مارُئِين؟
آتِ اَڪَنديِ آهيان، تِئِن آتَڻِ، تِئِن ڏُيهہ،
سَندي جا سارِيہ، ڪہ ڪَٽوري پائِيان.

( ۳ )

ڪنهن تَرِ ڏيهاڻي، ڪِٿِي اَلَنِ مِينهَڙا؟
مون وَٽ مون ڀرِينِ جِي، وِيهي ڪَرِ وائِي،
آئون آڪَ ڊائِي، سَنيهو سَٿِي جِيان!

( ۴ )

جيڪِس اَنّا مِينهَن، مونُهان پوءِ مَلِير ۾،
ڪالهہ سَجوئِي ڏِينهَن، مُنهِنجي آڪَرِينِ اَڪِير يو.

( ۵ )

سَچَ ڪِ اَنّا مِينهَن، مونُهان پوءِ مَلِير ۾،
ڏوٿِينِ لائِيا ڏِينهَن، ڀَرِيا جي هَسِيءَ ڪي.

( ٦ )

اَلَنِ مِينهَن گهَٽان، تِينِ موڪ مَلِير ۾؟
آڪيون اَبَ پَريو، اَنهِين ڪونَ ڪَٽان،
مارُنِ شالَ مِڙان، ڪونِيون چَڏي ڪَڌِهين!

( ۷ )

تنهن ئي آئين ميهڙا، جنهن ئي ڪوريانون،
"رضا جا رحمان جي، اچي پاڙيانون،
ملير مائيانون، حڪم ساڻ حبيب جي."

( ۸ )

سڪر سنهي ڏينهن، جي مون گهاريا بند ۾،
وساهم وڏ ڦڙا، مٿي ماڙن ميهن،
واجهائي وصال کي، ٿيس ٿهوارون تيڻن،
نير منهنجي نيڻن، آجاري آڇو ڪيو.

( ۹ )

مٿي سانيهه ڪالهوڙي، وسي وڙيڇي،
سبي سنڌ سيمر، سومرا، ٻئي هٿي جي،
ٻيڙ ۾ ٻيڇي، سوايا سارين سون.

( ۱۰ )

مٿي سانيهه ڪالهوڙي، لهي ويا لوڙهه،
آندڙ جا آندوهه، لٿا ڏکي سک ٿيا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١١ )

عمر، اَڄ ڪَڏِياءِ، ڏوٿي آنهين ڏيھ جا،
پارايا پِرِينِ جا، آيي آن ڇپاءِ
لِڪي لوھ پياءِ، لَطف ساڻ، لطيف چئي.

وائي

ڪِٿي منجهہ، ڪَنِيائين، مارو چام مَلير جو.

هـرڇـي ڀهنوارنِ سـيـن، لـوئـي ڏيـچ لَڌائين،
مارو چام مَلير جو.

سـيـل نـبـاهـي، سـومـرا، پنهنجو پـي پَچيائين،
مارو چام مَلير جو.

جهوپو جهانگيڙن جو، ماڙيءَ سـان نـہ مَٽيائين،
مارو چام مَلير جو.

سگر سـاهـيڙيـن سـيـن، ڪـائـونـبـا ڪاڏائين،
مارو چام مَلير جو.

سـاروءَ پـاس سـلـيـر ۾، چـسـا سِپ چکيائين،
مارو چام مَلير جو.

آتـي، عبداللطيف چئي، شـرم رکـيـن، رب سائين!
مارو چام مَلير جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سهڻي

## داستان پهريون

( ۱ )

ساهڙ جا سينگار، اَڄ ڏٺا آڳي هيا،
نڪا ’ڪُنْ فَيَڪُوْنُ‘ هئي، نڪا ٻي ٻچار،
مَلَڪَنَّان مهند هئي، توڏهيءَ جي تنوار،
مُحَبَت ساڻ مهار، لايائين لَطيف چئي.

( ۲ )

سهڻيءَ کي سينگار، اَڄ ليکيا آڳي هُئا،
’ڪُنْ فَيَڪُوْنُ‘ ڪانَ هئي، نَڪا ٻي ٻچار،
مَرَڪي ساڻ مهار، لايائين لئون لَطيف چئي.

( ۳ )

ڳهيڙ لنگهيو ڳهاري، ميٺاڻان مهار سان،
’اَلَستُ بِرَبِّڪُم، قَالُوا بَليٰ‘، ٻَرِ اها ٻاري،
ڏسيو ڏيکاري، پِرت پِريان جو پيچرو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٤ )

’اَلستَ آرواحنِ‘ کي، جڏھن چيائون،
ميثاقان مھار مين، لڏيون مون لائون،
سو مونکي ڪِئن پاھون، جو محفوظان معاف ٿيو.

( ٥ )

’اَلستُ‘ آرواحنِ کي، جڏھن چيائين جيئن،
’قالوا بليٰ‘ قلب ۾، ٿيو تقاؤل تيئن،
محبتي مھار جي، آئون اھوڙي نيھن،
سرتيون، ساھڙ سيئن، ھلڻ سون حق ٿيو.

( ٦ )

”اَلستُ“ آرواحنِ کي، جڏھن آمر ڪيو آحدَ،
ھو مَن ڪاڍو مھار ڏي، سھڻيءَ سِڪڻ سڌَ،
دلو دور درياہ جي، ڪيو ارادي آڏَ،
جيڪين آيس ڏانھن عھدَ، سو پاري مَنڌ پاتار ۾.

( ٧ )

”اَلستُ“ آرواحنِ کي، جڏھن فرمايو فتاح،
ھو مَن ڪاڍو مھار ڏي، سھڻيءَ سِڪڻ ساھ،
دلو دور درياھ جي، ڪيو ارادي آڏاھ،
جيڪين آيس ڏانھن اَللهَ، سو پاري مَنڌ پاتار ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٨ )

"الستُ" آرواحن کي، جڏهن فائق فرمايو،
هو من ڪاڏو مهار ڏي، سهڻيءَ کي ساعيو،
ڏلو ڏور درياهه جو، اوڏاهين آيو،
جيڪين هاديءَ هلايو، سو ٻاري منڊ پاتار ۾.

( ٩ )

"الستُ" آرواحن کي، جڏهن چيائين،
هو من ڪاڏو مهار ڏي، سهڻيءَ سڏائين،
جيڪين آيس اوڏاهين، سو ٻاري منڊ پاتار ۾.

( ١٠ )

"الستُ" آرواحن کي، جڏهن جاڳايو جليل،
مٿين راهه سيد چئي، سوناڻون سبيل،
وحدت جي واديءَ ۾، ڪوڙين کي قليل،
درياهه جي ڏليل، لوڙهي لهوارا ڪيا.

( ١١ )

ڪامان، پچان پهران، لچان ۽ لوچان،
تن ۾ تئونس پرين جي، پيان نه ڏاهان،
جي سمنڊ منهن ڪريان، تو سرڪيابي نه ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٢ )

ڪامان، اُچان، نہ مران، مڙان ساري رات،
پڻ پيائي ڪي وِجهي، ڪر برِيان جي تات،
سيخون سنديون سچُيُن، اُرڻ آڏيءَ رات،
نہ ڪي هٿ نہ ساٿ، ڏيهاڙيو چنگ چڙهان.

( ١٣ )

اوراڙ نہ ٻراڙ، ويچاري وه وچ ۾!
سگهيءَ ڏنيءَ سِيرين، پيو مڙونئي تار،
تون گهڙ، ڪير نهار، ٻڏندن سين ٻاجهون ڪري.

( ١٤ )

هن ٻار، نہ هن، ويچاري وهہ وچ ۾!
ليچ نهاري نہ گهڙي، تنهن ۾ پيس تن،
اَللهَ، ساڻ آمن، آران ڪنهن اُڪارِين.

( ١٥ )

سهسين سائر پوڙيون، منڌ پوڙيو مهراڻ،
وهہ وِچائيو ٻاڻ، هٿي ڪنڌ ڪپن سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٦ )

سهسين سائر ڪجهڻ، توءِ سهج نہ مٺي سهڻي،
تہ ڪي نينهن ڇڄڻ، پر تهين پرينءِ جي.

( ١٧ )

سيرِيان جي ترهي، ٻڌين، هٿ م لاءِ،
صباح تان چونداءِ: ”آسان تو آڪاريو.“

( ١٨ )

سيرِيان جي ترهي، ٻڌين توءِ م لڪ،
جي پابين پرينءَ مڙان، تہ پور آهي وڪ،
پاءِ تيڏاهين پڪ، ناهہ جيڏاهين نجهرو.

( ١٩ )

ڪڪيءَ جي سانباهہ ۾، ٻڌين، توئي ٻڌ،
ڪک، ڪانڊيرا، ڪانئون، ميڙي ٻڌ م مڌ،
نڪو ساهڙ سڌ، نڪا سڄي سهڻي.

( ٢٠ )

ڪڪيءَ جي سالباهہ ۾، جڏهن ٻڌيون جي،
ساهڙ تنين ڪي، پيلي پنهين ڪنڌين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢١ )

سِڪي ٻَڌَنِ جي، ساهُڙ ساٿي تن جو،
لهرن ۾ لطيف چئي، ڪلهن چاڙهيو ني،
جي پچن ۾ هنڌ پري، تن آسائي اورهون.

وائي

وِڃي ڪين وِساري، محبت وڏڙي ماري،
ديواني، يارا! ووا مستاني، دلبرا! جاني، ووا
لا! وِڃي ڪين وِساري.
جنهن کي سِڪ ساهُڙ جي، سا ڪناڪل گهر نه ڪهاري،
لا! وِڃي ڪين وساري.
ڏم ڏهيلو ڏکيو، سِر ۾ سُونَنا ماري،
لا! وِڃي ڪين وِساري.
پيلي ٻاهِ ٻرنِ جي، تن ڪرڪن وڏيس ڪاري،
لا! وِڃي ڪين وِساري.
پيلي ٻنهين ڪنڌين، محبت مينهون نو چاري،
لا! وِڃي ڪين وِساري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوءِ هونڪارون، پوڻ پوڪارون، ترِ ترِ د وس تنواري.
لا ويئي ڪين وساري.
هوءِ جا پڪ پريتن جي، آهيان تنهن آساري.
لا ويئي ڪين وساري.

## داستان ٻيو

(١)

وَڌ، تِڪ، واهڙ تِڪ، جت نينهن، تِڪ نرالي،
جن کي عشق عميق جو، سي خلوت خيالي،
واريٖن سِي، والي، هينئڙو جنهن هٿ ڪيو.

(٢)

آنديءَ وِچڙن، ڪنڌيءَ وِچون، تنگنان لهي ا. تڪ،
صورت جا ساهڙ جي، ڏيل منهنجي ڏڪ،
واهڙ تنهين وِڪ، جن سانيارا سپرين.

(٣)

واهڙ وهن نوان، آجان وهه آگي ٿيو،
گهر وِيئيون گهڙا ڪريو، سرتيون، سگ سنوان،
صورت جا ساهڙ جي، ما جي ڏئي آن،
هوند نہ هليو مان، گهڙو سي گهڙا ڪئي.

( ٤ )

جيڏيون ڏٺيان جي، صورت ساھڙ جام جي،
سِک نِي سَتيون ڪين ڪِي، ڪانڊَن ھاسي ڪي،
سُونھان نِي آڪِي، ھوند ڪُھڙيون سِپ ڪُھڙا ڪِني.

( ٥ )

ڏِٺي جن سيڪار، صورت ساھڙ جام جي،
سِک نِي سَتيون ڪين ڪِي، پِري ساڻ پتار،
ڪوڙي ڪُھڙِنان ڏار، ھوند ڪاھي پيون سَڪن ۾.

( ٦ )

ساھڙ سوڻ جِئن، سرتيون، جي ڏِسو سپيٺي،
تہ سھو ڪين سِک نِي، ھاسو ور ڏيٺي،
سُونھان آڪيٺي، ڪُھڙو سِپ ڪُھڙا ڪِني.

( ٧ )

جيڪين ڏِٺو مان، سو جي ڏِٺو جيڏيين،
ڪُھر ورلن سان، ھوند ڪُھڻِ ڪھوري پِڏيا.

( ٨ )

آڏيون سِپ آندام، جِڙن مُنھنجا چوريا،
لاڙن جا لنئون لائي، سا ڪِڻن آچيان عام؟
لَکِيس جنھن جي لام، سو دِلاسا دوست مَجي.

( ٩ )

چوڌاري چڙا، ٻرن ٻيلاين جا،
متي سنپارن جو، ٻيم ڪن ٻڙاءَ،
وهه مون نه وڙاءَ، سڀو جهانءَ جهڄي هيٺئون.

( ١٠ )

چڙن چوري آهيان، سڪ ٿي سهيان ڪٿن،
ساريان ساهڙ جام کي، ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن،
ميهار مرڻ ميٺن، نير ٻاتم نيهن جو.

( ١١ )

ڪرڪين خوش ڪياس، محبتي ميهار جي،
پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، آڏي اُڀياس،
متي جا ڳاياس، سانير سپرين جي.

( ١٢ )

ٻيلي ٻار ٻري، مون کي چڙن چوريو،
محبتي ميهار جي، متي شاخ چري.
متي جهوڪ جهري، هونديس ٻاريچن جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٣ )

هن پرِ سيم هوءِ، ستي سنيارن جي،
چت چڙن چوريون، جوڙنگ ٽيڙم جوءِ،
محبتي مهار جي، ٻاالله ٻيم ٻوءِ،
وڃي روءِ ٻروءِ، ديکيان دوست مهار کي.

( ١٤ )

هن پرِ سيم هاڪ، ستي سنيارن جي،
محبتي مهار جي، چڙن چوريا چاڪ،
انهين جي ئي اوطاق، وڃڻ واجب مون پيو.

( ١٥ )

جيارين سنيار، ڪه ڪرينديس ڪڏ جي،
ويروتار وجود ۾، ٻرين جي پچار،
مي سچڻ هون ن ڏار، جي هيئين ۾ حل ٿيا.

وائي

سچا ساهڙ! مون کي تون، اي! وهيان واهر! مون کي تون،
اي! نيئي اول ٻريان جي ٻار ڏي.

www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

ڪَن جي ڪارڙيار ٻيا، ورا مڻي آئون پائيان پون،
اي! نيئي اول پِريان جي پار ڏي،
سَندو جيڻ آسرو، ورا مَنان لاٿو مون،
اي! ليئي اول پِريان جي پار ڏي.

## داستان ڏيون

( ١ )

ڪَرڪَل ڪوچ ڪَن ڳهٽا، جِت جر واڪو جِٿيائين،
ٻاڻ اَڇلي آب ۾، وَهُ ٻِرِ وِڏائين،
لَهرِيون لنگهيائين، لطف سان لَطيف چئي.

( ٢ )

ڪَرڪَل ڪوچ ڪَن ڳهٽا، جِت ڏڙڪو منجهه ڏرياهه،
آڇيو آتاهين گهڙي، سانگو ڪري نه ساهه،
سامُڙ جي صلاح، پارِ لنگهايس پاڃهه، سين.

( ٣ )

ڪارا ڪَن، ڪاري تڳي، جِت ڪارِيهر ڪڙڪا،
مَٿي مَٿي مِهراڻ ۾، آڇن ڏپارا ڏڙڪا،
وِيندي ساهڙ سامهان، جهول ڏنس جهڙڪا،
ڪَرڪن جا ڪڙڪا، سوڻهان ٿيڙس سير ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٤ )

دهشت دم درياهه ۾، جت هيبت هلاچو،
ورچي ويڙن وچ ۾، ڪاڏي ويو ڪچو،
ساهڙ چام سچو، ساٽي ننڊم ميرئي ۾.

( ٥ )

دهشت دم درياهه ۾، جت سنّاٽا سيسار،
بيحد ٻاڪو بحر ۾، هيبتناڪ هزار،
ساريان ڪان سرير ۾، طاقت توهان ڌار،
ساهڙ چام ستار، سکهو رمج سير ۾.

( ٦ )

دهشت دم درياهه ۾، جت ڪڙڪا ڪن ڪرين،
ٻچل ٻانڊيءَ ٻار ۾، آت لهريون لوڏا ڏين،
سنا ور سهميا، آت ميٺهايا نه منڊين،
جت ويريون واٽ نه ڏين، آت ساهڙ، سير لنگهائيين.

( ٧ )

دهشت دم درياهه ۾، جت ڪڙڪو ڪن ڪري،
توڏي تاڪن وچ ۾، مٿان وير وري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءٌ ساهڙ! منهنجا سپرين، پرتان ٻر پري،
هادي! هٿ ڌري، اونهي مان آڪارين.

(٨)

دهشت دم دورياهه ۾، جت ڪنن ٻا ڪڙڪا،
سهڻي ڪين سمونڊ جا، ماندي دل ڌڙڪا،
ساهڙ! تون سڻ ڪا، فريادي فقير جي.

(٩)

دهشت دم درياهه ۾، جت ڪنن جو ڪڙڪو،
آهم انهي ٻار جو، دل اندر ڌڙڪو،
پچي سڪ سيد چئي، سير سندو سڪو،
والي! ڪج وڙ ڪو، ته ٻار لنگهيان پاڄهه سين.

(١٠)

دهشت دم درياهه ۾، جت لڙ، لهريون لس، ليٽ،
آئيو اوڀارن ۾، ٻانڌي ٻوڙي پيٽ،
جت چڪن جي چيٽ، ات، ساهڙ! سير لنگهاءِ تون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١١ )

ڏهشت ڏمر درياهہ ۾، جت تکبون تنواروں،
منهنجون مان مهار کي، پهچن پڪاروں،
لهہ، ساهڙ! منياروں، تہ لهرن لوڏي نہ مران.

( ١٢ )

ڏهشت ڏمر درياهہ ۾، جت جابون جانارن،
اکر سنڌو مير جو، سڀ نہ ملاحن،
ڊرندا درياهہ ۾، راڪا ڪيو ورن،
سچا پيڙا پار ۾، هليا هيٺ وڃن،
پرزو پيدا نہ ٿئي، تختو منجهان تن،
ڪو جو قهر ڪنن ۾، ويا ڪين ورن،
آتي آڻ تارڻ، ساهڙ مير لنگهاءِ تون.

( ١٣ )

ڏرهڙ ڏونس درياهہ ۾، جت لهريون ڪن لوڙا،
سٿين آچي سمونڊ ۾، ٿيا سيٺهايا سوڙها،
جي تارو هئا توڙا، تن هربو پانيو هيڪڙو.

( ١٤ )

ڪاري راتِ، ڪَچو ڪُهڙو، اَنڌيهه اولاڏئي،
چنڊُ نالو ناهه، ڪو، دَرياهه دَرُ لائِي،
ساهڙَ ڪارڻِ سهڻي، آئي نِئي آئِي،
اِي ڪَر الاهِي، ناتَ، ڪَنَنِ ۾ ڪيِر ڪُهڙي.

( ١٥ )

ڪاري راتِ ڪَچو ڪُهڙو، لَڪا سِيٺهِ، ساڻ،
وِجهِي، وِيرم نَہ ڪَرِي، پِريان ڪارڻِ ڀاڻ،
مُحبَتَ ڪِي مِهراڻ، ڏِکِي سَپِ ڀَتَ ٿِيو.

( ١٦ )

ڪاري راتِ ڪَچو ڪُهڙو، مَٿان وَسِي مِينهَن،
هِڪو پِٺو ٻيراهَ جو، ٻِيو ساڻِيارانَ سِينهَن،
شالَ مَ ڇِڇِي نِينهَن، ڪُهڙان، ڪُهوريو جندڙو.

## وائي

هونِيجِ هوشِيارِ خَبرِدارِ، تِرڪڻِ آهِي تَڙَ ۾.
ڪَڏون، ڪُوها، ڇِڪَ، ڇِڪَنديون، تان ڪِينَ لَئِي لِهارِ،
تِرڪڻِ آهِي تَڙَ ۾.

آڏيءَ مي آڪڙنديون، آڪيون جن ڪپار،

ترڪڻ آهي ترڙ ۾.

سون سو ملاحن ڪان، تنرِ آڙانڪا تار،

ترڪڻ آهي ترڙ ۾.

هوت هلنديِن ڪنيو وهن، منڌ! وسار،

ترڪڻ آهي ترڙ ۾.

ڪه آتن، بن جيڏيون، ڏيرائيون ڏنار،

ترڪڻ آهي ترڙ ۾.

ٻڪو ڪنج ڀاڻ سين، ٻرين تنهنجو ٻار،

ترڪڻ آهي ترڙ ۾.

ونندي وانئرن کي، ٻنيءَ ڪيم ٻچار،

ترڪڻ آهي ترڙ ۾.

ٻونديِن منهن مهار جي، ڏم وت ڏينهن م گهار،

ترڪڻ آهي ترڙ ۾.

ساهڙ کي، سُن، سهڻي! ٻچل آڏي ٻار،

ترڪڻ آهي ترڙ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تارِ ترڪندئن، لَوَ لَنڪَهندئن، عِشق جي آڌارِ،
تِرَڪَڻِ آهي تَڙَ ۾.
ٻانڌ ۾ ڇڏجِ ٻريَنِ جو، ٻِهِين جي ٻاتارِ،
تِرَڪَڻِ آهي تَڙَ ۾.
ٻِيندو سَڏَ ساهڙَ جو، تـوڏي! ٻيءَ تيارِ،
تِرَڪَڻِ آهي تَڙَ ۾.

## داستان چوٿون

( ١ )

تَڙَ تَڪَڻِ تارِ کَهڙَڻ، ايَ ڪانيارِن ڪَمُ،
ڏَهَ ڏَهَ پيرا ڏِينهن ۾، ڏي ڏوراها ڏَمُ،
عَقُل مَتِ شَرم، نِيئي نِينهن نِهوڙِيا.

( ٢ )

کَهِڙَن ڪَري نَہ کَهور، تَڙَ تَڪَڙَ ڪان نَہ لَهي،
جِنهن کي سِڪ ساهڙَ جي، پورِن مَٿي پورِ،
ڪاري راتِ ڪَنِ ۾، وَهمَنِ ڪِي وَهلورِ،
جِنهن کي ساڻ پِريان جا سُورَ، تِنهن کي نَدي ناهِ نِگاهِ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۳ )

جئان کھڙي تئان کھيڻ، ڪپر ٻڌن ڪوڙيون،
ڏم سين جسو ظاهرآ، من ميهار سين ميڙ،
سا لڌي پاڻئي نيڙ، جنهن کي سڪ ساهڙ جي.

( ۴ )

جئان وهي تئان واٽ، ڪپر ٻڌن ڪوڙيون،
جن کي سڪ ساهڙ جي، سي کهيڙ نہ ٻڌن گهاٽ،
جن کي عشق جي آساٽ، سي واهڙ پاڻئن وڪڙي.

( ۵ )

ڪنهن جنهن کهيڙ کهڙي، جئن آوڙان تڙ نيوس،
سالم وڃي سهڻي، ڪنن کي نہ ڪيوس،
آهس آڪڙين ۾، ٻڙپان جو ٻيوس،
حقان حق نيوس، هئي طالب حق جي.

( ٦ )

هئي طالب حق جي، توڏي لاڪون توڙ،
نہ ملاح نہ مکڙي لکي ٻڏي نوڙ،
ٻاڻي ٻني ٻوڙ، سهڻي ليکي مير ۾.

( ٧ )

توڏي توڙائين، نينهن نوازي سهڻي،
ٻچيءَ هار حبيب جو، لائق لڏائين،
سو تڙ سونائين، جيڏانهن عالم آسرو.

( ٨ )

توڏي! تهائين جي، سي هٿين ڇڏ حرص،
ساهڙ داران سهڻي، ڪونيون ڪن ڪرس،
وڏي ايءَ ورس، جڻ ڏم وٽ ڏينهن گذارين.

( ٩ )

توڏيءَ کي تعظيم، ٻين سيڻنان آڳري،
اوڏي ٿي الف کي، مَن ڪڏيائين ميين ميم،
جيلانهن ذات حليم، ملي ٿي مهار کي.

( ١٠ )

ساري سڪ سبق، شريعت سندو، سهڻي!
طريقتان تڪو وهي، حقيقت جو حق،
معرفت مرڪ، آصل عاشقن جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١١ )

صبر شاڪرن، آهي اوطاقن ۾،
جي واصل ٿيا وصال ۾، سي ذرو نہ ظاهر ڪن،
ويٺا واهر ترن، هينئڙا جن هجي ويا.

( ١٢ )

ٻن ٻن ٿي ٻلي، ڏم ڏهاڻي ڪيترو،
ٻسي دور درياهہ جو، وچان ڪين ولي،
ڪاري رات ترٽي ڏي، منجهان حب هلي،
نہ ڪنهن جهول جهلي، هٿي سمن ٻوري سهٽي.

( ١٣ )

جهول نہ جهلي سهٽي، سائر سٽ سندياس،
جنهن اهڙي جائي عاجزا، سا مر مرڪي ماس،
ٻسين جي ٻياس، تہ ڪي عشق آئين.

( ١٤ )

نڪا جهول جهليس، نہ تانگهو نہ تار ڪي،
ڏم ڏيهاڻي ڪيترو، ٻر ۾ ٿو ٻليس،
تان تان جي جليس، ملي جان نہ مهار ڪي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٥ )

سِهَ سِيارو، پاڻي پارو، جِتِ جَهَڙَ جهڪ ۽ جهولَ،
مَنَ آندرِ مِهارَ جا، هِينئڙي آچنِ هولَ،
جيلانهن پڌِيسِ پولَ، تي اڙانگا آرَ تران.

( ١٦ )

سِياري سِهَ راتِ ۾، جا گهڙي وَسَنْدي مينهن،
هَلو تَہ پڇون سهڻي، جاڪر جاڻي لِينهن،
جِنهن ڪي راتو ڏينهن، مِهار ئي مَنَ ۾.

( ١٧ )

سانوڻِ گهڙي سيڪا، هيءَ سَرهي سياري،
تَنَ وِڏائين تارِ ۾، آرواح جِي آري،
مَحبتي ماري، ڪونهي داد دَرياهَ ۾.

( ١٨ )

پانڌي! جي پيلي ٿيين، تَہ حالَ ڪَرهيان هيءَ،
سَکهو ساعت نَہ جِنْدَڙو، جَرَ ري مُنهنجو جيءُ،
ساوَڻَ سيارو پاڻيان، وَهِ پريان جي ويءَ،
پارِ جنهين جو پيءُ، وَڃڻ واجِبُ تَنِ تي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٩ )

واهڙ! پريون ۾ پاءِ، تون پڻ ليکو ڏيئون،
سدا ساوڻ ڏينهڙا، هنئين نہ هونداءِ،
وهائي ويندءِ، اوپر آناهان لهي.

( ٢٠ )

واهڙا وهين ۾ شال، سڪي پلانيون تيين!
پسان تنهنجي پيٽ ۾، لاٿا، لوٽ ليار،
جنهن تو سپ چمار، آسائيون پورِيون.

( ٢١ )

ڪرِ ڪرِ، ڪن! ۾ وڃ، پالڊي پوڙ ۾ پارِ ۾،
مون تي جا مهار جي، سا ڪلن ڏٺان ڏڄ،
توءِ کهڙلديس آڄ، جي آبتا آر ڪرين.

( ٢٢ )

آدا ڙي پانڊي، توکي ڪڙهان ڪ هاڻ کي،
سوڏي خبر سڄئين، تو ڪا تڙ آندي،
تون پاتاريان پالڏي، آسان پنڌ پرين ڏي.

( ٢٣ )

محبتي؏ پيار جيئن، دل اندر ڏونهيون،
اُنبو ڀڄي آر ٻ، لهاڻو لوهيون،
جي ساهڙ جيئن سونهيون، سير سرانوَ تن کي.

وائي

سَدَ تَنِ پيار ئين سار، ساهڙ! سائر سير ٻ.
اونهان ڪن، آتانگ تر، اولي عشق آڌار!
ساهڙ! سائر سير ٻ.
ڏينهن ڏهلا ڏم مين، آهيان آهنان ڏار،
ساهڙ! سائر سير ٻ.
ٻجل پانڌي پار ڪري، آت آبتا آر،
ساهڙ! سائر سير ٻ.
تنئي ڪوڙي سوهڻي، آڪهه ريءِ آڌار،
ساهڙ! سائر سير ٻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪاري رات، ڪچو ڪهڙو“، توڏيءَ ڪي تنوار،

ساهڙ! سائر مير ٻ.

سنپوڙو سياهه سيئن، سکهو رس، سنگهارا!

ساهڙ! سائر مير ٻ.

اوراران آهون ڪريان، ٻهچان شال پرار،

ساهڙ! سائر مير ٻ.

سٿيو جهانءِ جهجي هيٺون، سانياران سنيار،

ساهڙ! سائر مير ٻ.

آيم ريلي ريءَ سين، الله، تو آڌار،

ساهڙ! سائر مير ٻ.

تار ترنديس، لڙ لنگهينديس، وينديس وٽ وچار،

ساهڙ! سائر مير ٻ.

اوربنديس ٻار مٽي، سهڻين جي سيسار،

ساهڙ! سائر مير ٻ.

ڪولي ڳهاڳهائي ڳهڙي، جڪن تا جانار،

ساهڙ! سائر مير ٻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## داستان پنجون

( ١ )

ڪيڏانهن کھنڊ ڪرن، ڪيڏانهن آئي ويٺيون،
تيڏانهن ٿيون چرن، جيڏانهن ٿٽ ميهار جي.

( ٢ )

ڪٿي ٿيو ميهار، ڪٿي ٿو کھنڊ ڪري،
ڪٿي دونهين دوست جي، ڪٿي ٻريون پار،
جنهن مون سپ چمار، جر ٻ جهوتون ڏنيون.

( ٣ )

وڃن سين وٺي، سور وِباڇي، سهڻي،
آن ڪا ٿي ڏٺي، مينهن جي ميهار سين.

( ٤ )

ٻچيو ٻينگهن ٻالڻ، وٺي روءِ وڃن سين،
ڪهڙ ڪرينديس ڪالڻ، ڪهر پکو تان گھوريو.

( ٥ )

ٻچي ٻابو ٻانهن، وٺي روءِ وڃن سين،
لايان لال لڳن ڪي، آئين جي چرو ڪالهن،
آئون اوهان جي دانهن، سدا ٻٽان سنري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٦)

پينگها پسيو روءِ، وڃيو وٿاڻن وءِ،
ڏونهين ڄاسي دوست جي، پاڻ پڇاڙيو ہوءِ،
سڄڻ سانگ سندوءِ، شال آچي اورانهون ٿئي.

(٧)

پيلٺان جت پکيون، آيون اُت وري،
ڪانهي ٻي ڪري، مينهن ڪي مهار ري.

(٨)

ميهاران مرڪ، پيتائين پريم جي،
تنهن منڊ متوالي ڪئي، سندي ڄاءِ سڙڪ،
لکيس ڪام ڪرڪ، لوهان تڪي، لطيف چئي.

(٩)

ميهاران مهي، پيتائين اريم جي،
آرڪ سرڪ، سيد چئي، لکيس ڏوت ڏهي،
سکهي تان نہ سهي، ملي جان نہ مهار کي.

(١٠)

مري تان م مهار، وٿاڻ ولهو م ٿئي،
وڃن جي وچار جو، ونڪو ٿئي م وار،
ساهڙ مون سينگار، ماڙهن ليکي مهڻون.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١١ )

مينهون مِن ميهار جيون، آلا سڀ ٻڇن،
وڇون جي ڪيرن سين، سدا ٿيون سونهن،
مون کي ماڻڪين، تاڻي هنيو تارِ ۾.

( ١٢ )

مينهون مِن مِيهار جِيون، آلا سڀ جِين،
ڪاريون، ڪڪيون، ڪنڍيون، وارا ڪيو ڍِين،
جوءِ جا جاندارن جي، پيلا ٻهه ٻهه ڪن،
آچي رِيل رهن، مون سانپارا سِرين.

( ١٣ )

چاهڪ چري، تارِ تري، آيون مٿي آر،
ڪوڙين ڪر ڪنڌيون، سٽي سڏ ڏرار،
مينهون ساڻ مِيهار، ٻرچي پارِ لنگهنديون.

( ١٤ )

چاهڪ چري، تارِ تري، آيون مٿي ٻيٽ،
اڙ لنگهينديون ليٽ، لطف ساڻ لطيف چئي.

( ١٥ )

ڇاھڪ ڇري تار تري، آيون مٿي ڪن،
ڪوڙين ڪر ڪُنديون، ساھڙ جي سن،
مينھون ساڻ آمن، ھرڪي ھار لنگھنديون.

( ١٦ )

ڇاھڪ ڇري، تار تري، آيون مٿي ڪوھ،
مٿي سڌ ساھڙ جو، راضي ٿيندن روح،
مينھون ساڻ صبوح، ھرڪي ھار لنگھينديون.

( ١٧ )

جا مھاڙ مھار، سو مَنھن مينھن نہ ٿيو،
ڪپر ڪارونيار، ڪيئن لنگھينديون ڪنڍيون؟

وائي

مون ڪي ڪام جھلي، ميڪا ھاڻ ھلي،
آئون وڏڙي نينھن آچلي.
ويندي آئون ھار ھريان ڏي، مون ڪي ڪام جھلي،
آئون وڏڙي نينھن آچلي.

تنَ وِڏائيـن تـارِ ۾، آڏي راتِ اَچـلـي،
آئون وِڏڙي نينهن اَچلي.
ٻسي ڏونهيون دوستَ جيوَن، منهنجو جِيءُ جلي.
آئون وڏڙي نينهن اَچلي.

## داستان ڇهون

( ١ )

ساندهِ سَپَ دَرياهَ، ٻَري ڪَنڌي پار جي،
ڇڪي چوليءَ ۾ گهڙي، جِتي جي وِڙاھَ،
ٻسيو ڏوهِ ڏڪي هِيٺئون آر مٿي آرواحَ،
جي توهَ ٿِي توڏاھَ، تہ وِير وَهيٺون ناهِ ڪِي.

( ٢ )

ساندهِ سَپَ دَرياهَ، ٻَري ڪَنڌي پارَ جي،
ڪنبي هِيٺئون "ڪماحقہ"، آرَ مٿي آرِواحَ،
دِلاسي دارين جي، سانچيو سانچي ساھَ،
جي توھَ ٿِي توڏانهن، تہ وِيرَ وهيٺون ناهِ ڪِي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣ )

سِڪنِ وارِنِ سَرو، جي دَهشت سان دَرياهَ،
اوڙڪ اَلين جو نہ رَهي، آرَ بِنا آرِواح،
وِ بندي ساهڙ سانهيون، صدقو ڪنديون ساهَ،
جنِ کي حُبّ آنهِي جي آهہ، ساهڙ سائِي تنِ جو.

( ٤ )

کِهڙيا سِي چڙهيا، ابهين آئيئي،
مٿي متي، مِهراڻ ۾، پُنو نِپو ڏيئي،
تہ ميهار مِليئي، سَنيوڙو سيٽاهہ سين.

( ٥ )

آڪيون مَنهن ميهار ڏي، رَکيون جنِ جوڙي،
ريءِ سنڌ سيد چئي، تارِ کِهڙن توڙي،
تنهِين کي ٻوڙي، سائِر سکهي ڪِين ڪِي.

( ٦ )

آڏي آڏاڻان، سَرتيون! سَک مِهار جا،
اَنکهي سِير سوانُ ٿيا، ساهڙ سيباڻان،
پِنيءَ تي پاڻان، ٻسان ماڻ ٻرينِ جا.

( ٧ )

آڏيءَ اُڏاڙون، هينڙو سون هٿن مان،
وهه پئي واهڙ تري، ساهڙ سباڙون،
پيچ پنيءَ پاڙون، پيءَ جو پسي آئيو.

( ٨ )

جيڏانهن چت چاهه، گهڙون، آر پ لوڏاهين،
وڃي وهه واڪا ڪيو، تڪو تيڏانهين،
ميهار ملائين، لهرڻ منجهه، لطيف چئي.

( ٩ )

هليان، پليو نه رهي، نرتون نينهن نبار،
گهڙان، گهوريو جندڙو، اتل سون آپار،
جنين من ميهار، هلڻ تنين حق ٿيو.

( ١٠ )

بس، بستان بري ٿيا، اوري سندن آر،
درياهه ري سهاڙ، ڏسن گهڙون ڏهلو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١١ )

ڪاڏي وَڃان، ووءِ! جِنَ وَهَڻَ وَڇارڻ مَٽيو،
ڏوڙي اَچي ڏيهه جا، جَر سِرِ آپي جوءِ
شِڪستِي، سَيد چَئي، ڇِيهان ڪريو ڇوءِ:
"ساهڙ! سانگ سَندوءِ، آچِي اوراهون ٿِئي".

( ١٢ )

سَندو ڏَمَ ڏَهڪارَ، هَڏهين ڪونهي هِن ڪي،
هيِءَ پاڻِيءَ مين پانهِنجو، پَسائي نَه سينگار،
ڪارڻ مَنڌَ مِهارَ، ڪاريءَ رات ڪَن تري.

( ١٣ )

ڏَمَ ڏيهاڻي ڏي، سَندا ميهر ميهڻا
جهلير ٿي جهوليءَ ۾، پلءِ پائيو سي،
مَر جان چاليهه چَئي، سَگهان سيرِنَ جي.

( ١٤ )

جيهر لوڪ جهپ ڪري، ڏرو جاڳ نه هوءِ،
اوهير آچيو، آڏيون! پهه پريان جو پوءِ،
جي ڪجهو چونمِ ڪوءِ، ته مرڪ پايان مهٽون.

www.sindhsalamat.com books:sindhsalamat.com

( ۱۵ )

هوءَ جا ٻري باھ، منهن ميهارن جي،
آڳهه تنهن اُهاءِ، وڃي ڪن ڪپيندي.

( ۱٦ )

تہ ڪر ڪيئن مٺي، جي ميہر نہ گهڙي سهڻي،
هت حياتيءَ ڏينهڙا، هڏهن تان نہ هٿي،
چڪي تنهن چري ڪٺي، جو ڏنس ان ڏهي،
سهڻيءَ کي سيد چئي، وڏو قرب ڪهي،
هونهين هوند مٺي، پر ٻڏيءَ جا پيٽا ٿيا.

( ۱۷ )

ڪا جا ڪن ڪرين، پنيءَ، پن جهن پاڻ ۾،
آ ڪيون تنهن آب کي، آڏيءَ اڪيرين،
توٽي تڪون ڏين، تپ آڄ انهين کي نہ لهي.

( ۱۸ )

دائم جا دلباھ ۾، ما مڃي ڪني ڪوھ؟
آهس ايءَ آندوھ، پاٽي ڪٿي تہ پيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٩ )

ڪير ڪَن، آئون ڪير، ڪير ڏمر سهي ڏم جا،
قضا ريءَ ڪير ڏري، مٿي هاٺيءَ پير،
پينر! پنيءَ وير، لڏو تي ٿي لوڙيان.

( ٢٠ )

جي ٻڌان تہ ٻن، اولجان آن هار ڏي،
ڪنڌيءَ آجيو سپرين، مان "ٻرا ٻرا" ڪن،
مياڻي مين تن، جيڪر آئي نڪران.

( ٢١ )

لهر مِڙوئي، لال، وهن ڪٿوريان وترو،
اوٻهارا عبير جا، جر مان آچن جال،
ڪنن ڪهڙي ڪالهہ، ميڪ ٻريان جي سهٽي،

( ٢٢ )

جيڪي ڏنءِ تارِ ۾، ڪنڌيءَ سو ڪهيج،
جر وڏو جهاجهہ ڪهٽي، هاند م ٻسائيج،
ساهڙ ساڳاهيج، تہ ثابت لنگهين سير مان.

( ٢٣ )

ڳوڙا ٻئي پار، هينئون حيرت ۾ ٿيو،
وِهان ته ويرم ٿئي، نينهن ۾ ٿيو نهار،
وڃان ته واڪو ٿئي، ٻاڙي پوءِ پچار،
هِت ٿي وعدي وار، هِت سونون ڏينم سرتيون.

( ٢٤ )

جاهڙ آندر جي، ساهڙ ڏني ساهه کي،
ساهڙ چڙي نه ساهه جي، ساهڙ ساهڙ ري،
ساهڙ ميڙ سميع! ته ساهڙ چڙي ساهه جي.

( ٢٥ )

ور آونداهي راتڙي، چانڊوڻي چالدان،
آوري ٻهاران، منهن م پسان ڪو ٻيو.

( ٢٦ )

جان جان هئي جئري، وِرچي نه ويئي،
وڃي پون پيئي، ماريندي کي سڄڻين.

( ٢٧ )

جان جان هئي جئري، ويئي نه وِسانڊ،
لڳي لهرين پانڊ، مياڻي مهار ڏي.

## وائي

آکيون ڀير ڪري، وڃجي، ووا وڃجي.

سپيريان جي ڳالهڙي، ڪنهن سان ڪين ڪجي،

وڃجي، ووا وڃجي.

لڪائي لوڪ ڪان، ڳجهڙي ڳوٺ نجي،

وڃجي، ووا وڃجي.

محبتي مهار جو. سور نه ڪنهن سلجي،

وڃجي، ووا وڃجي.

## داستان ستون

( ١ )

ترِ نه ڳهڙي تور، توه من ڪاڏو مهار ڏي،

ڏاڍو دور درياهه جو، سڪڻ وڏو سور،

من ۾ موج مهار جي، ٻهس ٻريان جو ٻور،

هيلي ٻنهين ڪنڌين، نت نهاري نور،

منجهان جر ضرور، ڪجهي ڪي ڪوم ٿيي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢ )

ٻوڙيين چاڙهيين تون ڏني! ٻي جو دعويٰ ڏسي نه ڏم،
هِن منهنجي حال جو، ميهر تي معلوم،
رک پيلي جو پرم، جو آچي پيو آجهور ۾.

( ٣ )

ڪالڏي ڪنگ ٿيامِ، وهڻ جنازو سهڻي،
ٻگها جي ٻيٽن جا، ڪلها تن ڏنامِ،
آڪيين ملڪ ڏنامِ، تو ۽ مَن ڪاڍو ميهار ڏي.

( ٤ )

آيو تڙ ميهار، ملاحن سڌ ڪري،
آئون ٻن وجهان هٿڙا، آئين ٻن وجهو چار،
گهوريون ڪاروڻيار، مان ملنئون سيرين.

( ٥ )

ميهار ملاحن کي آيو آچي آڇ،
آئون ٻن وجهان هٿڙا، آئين ٻن وجهو رڇ،
سنديءَ ڪن ڪڇ، مان هون سلامت سيرين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٦ )

ميهار ملاحن کي، اهڙو ڪري منڌ،
آڏا انهين پار جا، موڙي آڇو منڌ،
ويا جي وهه ڪنڌ، هلو تہ ڏوريون اُن کي.

( ٧ )

ڪنڌيءَ جهليو ڪانهن، عاشق اهڙو آهون ڪري،
تو ڪِئن ٻوڙي سهٽي، ٻيلي! منهنجي ٻانهن،
درياهہ توتي دانهن، ڏيندس ڏينهن قيام جي.

( ٨ )

جتي پير پرن، پريون پون پواريون،
تانگھہ نہ لڌي تارئين، مپ نہ ماپيڙن،
ڪنڌيءَ آيا ڪيترا، ميٺاهيا سنڪن،
تون ڪِئن تن ترن، اچيو آماري گهڙين.

( ٩ )

پريون پر درياهہ، ٻس، جي ٻار ٻونديون،
ٻڌ توڪل ترهو، آهر سائين الله،
جن جي ماهڙ سان صلاح، سي ڪين ٻڏنديون ڪڏهين.

( ١٠ )

سانپاران سڌ ڪيو، آيا چوڻ: ”آھ“،
هڪ تکو تار وهي، پيو لڙ لهريون ۾ واءُ،
ساٿي جن آڌ، ڀڄهان، سي نه ٻڏنديون.

( ١١ )

سانپاران سڌ ڪيو، آيا چوڻ: ”آچ“،
هڪ تکڙي تار وهي، پيو هٿ ڪميءَ ڪچ،
ساٿي جنهين سچ، ڀڄهان، سي نه ٻڏنديون.

( ١٢ )

هاري! حق رکيج، سانپاران ساهڙ جو،
خواب، خيال خطرا، تن ڪي ترڪ ڏيج،
آلدر آئينو ڪري، ڀر ۾ سو ڀسيج،
انهيءَ راھ رسيج، ته مشاهدو ماڻيين.

( ١٣ )

هاري! رکج حق، سانپاران ساهڙ جو،
خواب، خيال، خطرا، تنهين ڏيج ترڪ،
ڪريين غير غرق، ته مشاهدو ماڻيين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١۴ )

تن جنھين جو طالبو، سانپارا سيئي،
من پريان نيئي، پکيھيو پاڻ ڪري.

( ١٥ )

ليا ڏنر لار، سانپاران ساهڙ جا،
هيٺئون هٿ نہ وندري، ڏارارئون ڏار،
منھنجو من مھار، پکيھيو پاڻ ڪري.

( ١٦ )

گهڙي ۽ گهوري، مٿان پرين جندڙو.
محبت جا مهراڻ ۾، تسو تي توري،
ڏم وڏو ڏوري، نت ڪنن ۾ ڪير گهڙي.

( ١٧ )

پارهن ڪن، پنيھ تڙ، تڙ تڙ مٿي لانگ،
عشق جن آتالگ، پجھان سي نہ پڏنديون.

وائي

آيل! آمڙ! تي جيان، لا! جي مارينم سپرين،
ساهڙ مٿاءِ صدقو، ڏهين ڏم ڏيان،
لا! جي مارينم سپرين.

مَتان مانڪ هيڪڙي، آمل آت ڏيان،
لا! جي سارينم سپرين.
آچين، عبداللطيف چئي، تہ، جانب نت جيان.
لا! جي سارينم سپرين.

## داستان اٺون

( ١ )

ٻَڌ ندي ٻوڙن ڪي، ڪي هانڪ هٿ وجهن،
ٻسو لڄ، لطيف چئي، ڪيڏي ڪي ڪڪن،
توڻي ڪنڌيءَ ڪن، لات سائن وڃن ميرءِ.

( ٢ )

ڪچي ڪاني ڪانهن، ٻڌا ڪڍي ٻار مان،
يا لنگهائي لطيف چئي، يا ڏرڻان ڪري دانهن،
"ڪما حقہ" ڪکن جي، آهي ڳالهہ آ ڳانهن،
ڏين ٻڌن کي ٻانهن، لات سائن وڃي ميرءِ.

( ٣ )

جان ڪي ڪنڌيءَ ڪانهن، تان تائي ٻڌج ترهو،
هٿ ٻريان جي هٿ ءِ، ٻي ڪي ڏج م ٻانهن،
سندي ڪپر دانهن، ڪ تو ڪنين نہ سئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ۴ )

ھاواٹا ھلن، ڪپر ڪارونپار جا،
لھريون لڙ لطيف چئي، پيلي تي پلن،
جي ڪچي ساڻ ڪھن، آئا تن اوھاھين.

( ٥ )

آهين ھت آماڻ، ٻڌ ترھو تار جو،
لھريون لڙ، لطيف چئي، جھليا جنگ جوان،
اونهي تڙ آ گھنيا، آڏي پائي آڻ،
جي پيا منھن مھراڻ، تن پانڌين پيٽ نہ آڇھي.

( ٦ )

ڪچو ڪان ڪنيار، اوکي! ڪنھيو ائين،
ڪ تو ڪنين نہ سئي، پيلي تي پلڪار،
لوڙھيا لک لطيف چئي، ڪوڙين ڪارونيار،
آڪارين آڏار، آران آڪي وارين.

( ٧ )

ڪچي ساڻ ڪھي، اکو ٻچي نہ سھٽي،
لنگھيو لڙ، لطيف چئي، وچارن وھي،
سا ڪئن نينھن نھي، جنھن کي نينھن نڌو ڪٽي.

( ۸ )

اونهي ۾ اوهري، ڪهي ڪچي سانڻ،
سپڪ جو سيد چئي، هچي نه هرياڻ،
عشق واريون عبداللطيف چئي، مڏ نه ڪتن ساڻ،
جنهين پاسي پاڻ، سي آوترن ني آکتيون.

( ۹ )

آنگ هسي رنگ، ڪيو ڪو جو دور دلي،
پرپر پياي نه ٿيو، ڪچو منجهه ڪلي،
تران ني تار گهٽون، تنهنجي بحر بلي،
سو ميهارُ ملي، آهيان جنهن جي آسري.

( ۱۰ )

پايم نه پيلو، مون کي ڏاڻ ڏناريو،
آڪي مٽي آسري، روح ڏنو ريلو،
تيلاهين ويلو، پئم واهڙ وچ ۾.

( ۱۱ )

ڪڍيا جي ڪلال، سي هسي خال خوش ٿئي،
هاڻيءَ چت پسانيا، ڏاڻ نه جهلي ڏمال،
سپڪ پانيا سهڻيءَ، جوين جي جمال،
آڪي جا آحوال، معلم ٿيا ميهراڻ ۾.

( ١٢ )

ڪڇو تان ڪوھ، ھڪو نظر ھرين جو،
ساھڙ منھنجو سپرين، ڏر ڏيئي ڏوھ،
جي ڇنو، جي ڇوھ، ته ھورينديس ھار مٿي.

( ١٣ )

آڪو ته آڪو، ڪڇو آھہ ڪر،
جيءَ جنين جا جر، ھڪا سي ھڇنديون.

( ١٤ )

ھڪا رچ ڪنيار جا، ھڪي لھائين،
مون ڪي تئائين، ھيلو ھاڳي آئيو.

( ١٥ )

ڪڇي ڪڪ نه جھليو، ھيلو ھيو ھري،
سار ڇڏيائين سير ۾، ھانھن ڪان ھري،
لئي لھريون ويئيون، ڇوڏاري ڇري،
ھينئڙي منجھ ھري، ماھيت ملڪالموت جي.

( ١٦ )

ڪڇي ڪڪ نه جھليو، ھيلو ھيو ھڇي،
ماھيت ملڪالموت جي، منجھ وجود وڇي،
ساھڙ ڪي سڇي، آڪي جي احوال جي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٧ )

ڪَڇي ڪَٽ نَ جهَليو، ٻيلو سهي نه ٻَرَ،
هَٿين ٻيرين آگرين، ٻانهن ڇَڏيو ٻَرَ،
ساهڙ! ٻيکهو وَرَ، ٻيسِ مَنهن مهراڻ جي.

( ١٨ )

ٻيلي ٻلائِي، ٻَسي چِٽ چَري ٿِيي،
”ٻَر ٻَر! ٻَڌي سَهڻِي،“ ويرن ۾ وائِي،
ڪَڇي ڪيرائِي، لال لَهرن وِچ ۾.

( ١٩ )

ٻَڪو ڪَنج پاڻَ سين، چَگون چِٽائِي،
ڪَچو ڏيج ڪَلالَ کي، مَنهن ٿي موڙائِي،
مو سڻ هِينئين سين، سهڻي! جيڪي فائِق فرمائي.
موجَون مَنجهائِي، مارِينئي مهراڻ جيون.

( ٢٠ )

ڪو جو وَرِيو واءُ، جَنَّ ٻَرَ ٻانهن ڇَڏيو،
آڪِي اِنَ تَرِاءُ، اونداهِيائِي آڪران.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢١ )

هٿندي ٽڪر هٿ، هينڙي حجون ڇڏيون،
لڪ لهرن ڳڏيو، موجون وريون مٿ،
نيم ڪن قوت، پر، پليرا سپرين.

( ٢٢ )

هينڙي حجون ڇڏيون، قوت رهيم ڪان،
مون تي مونجھ، مون پرين ساهڙ جام سڃاڻ،
آهيان کهٽون آڇاڻ، پر، پليرا سپرين!

( ٢٣ )

پر پليرا سپرين، پلا ۽ پيراھ،
توريءَ تاري ناھ ڪا، والي! توريءَ واھ،
ساهڙ جي صلاح، تن کي ڪڍي تار مان.

( ٢٤ )

تن کي ڪڍي تار مان، صلح ساهڙ جو،
اِت آڏو آڇي ڪين ڪي، پيلپو ٻي جو،
ميهر! ڪچ منهنجو، ڪو اوڪر اِنهين آر تان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

مون، ڀاريچيءَ سار، آئون جا وينڌڙي وٽ وچار.
ڏم م جاڳيءَ، لوا مون ڀاريچي سار.
مون کي ڏيِ ميڙيِن، جت ڪنڍن جي قطار،
آئون جا وينڌڙي وٽ وچار.
ٻرن ٻيلاين جا، سانيهاران سنڀار،
آئون جا وينڌڙي وٽ وچار.
وچ م سوءِ وصال کي، سڀاجها ستارا!
آئون جا وينڌڙي وٽ وچار.
گهرِ گهرِ گيلا جا وهي، ڀاڙي ڦندِ ڦچار،
آئون جا وينڌڙي وٽ وچار.
تاڪن تڪي آهيان، سکهو رس ...
آئون جا وينڌڙي وٽ وچار.

## داستان ناؤن

( ١ )

جر تر تڪ تنوار، وڻ ٽڻ وائي هيڪڙي،
سيئي شيءِ ٿيا، سوريءَ سزاوار،
همه سنهور هزار، ڪهڙا چاڙهيو چاڙهيين؟

( ٢ )

سِيتِ ٻِچار ٻِرين جِي، سِيٽِ هوت حضور،
مِلڪ مِڙيوئي منصور، ڪِهي ڪِهندين ڪيترا؟

( ٣ )

لهرِنِ لَڪ لباس، ۽ اُتي پَسُڻ هيڪڙو،
اولهي تِنهن عميق جِي، واري چِڏِ وِماس،
جِتِ ناهه نِهايت نينهن جِي، ڪوءِ اَتِ پِنهنجي ڪاس،
ترَن جِي تلاش، لاههِ تہ لالن لڳي تِين.

( ٤٠ )

جان ڪِي گهَران ۾ وِچِ، نات موٽ ۾ سهٽي،
پيون پيري پِچِ، هيڪڙائي هٽ ڪري.

( ٥ )

مِرج وٽ ميهار، متان مونين سهٽي!
ساهڙ جا سينگار، متان ڏم ڏيکاريين.

( ٦ )

چونرِ جي هيڪار: ”۾ وَنڻ مونئي سهٽي!“
ڏونهين هاسي دوس جِي، گهارِيان سڀ چمار،
پاندِيٽان پيهار، هوند تہ لڳين لائيان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٧ )

وِڃان ڪِينَ وَرِيءَ، هُوندَ رِيءَ جِتِي رَهِي رَهانِ،
دُونهِينءَ ٻاسِي دوسَ جِيءَ، ماکِهنَ ٻَهانَ مَرِيءَ،
صُورَت نَه سُونهنَ ڪا، ڪِيسَ چِتَ چَرِيءَ،
وِصالانَ فِراقَ جِيءَ، سَچِي ڳالهه ڳَرِيءَ،
تيلاهِينَ تَرِيءَ، مَنهنَ ڪَٽيو مُوتيو وِڃانِ.

( ٨ )

آئُونَ ڪِ نَه ڄاڻانَ اِيئَنِ، تَه جَرَ گهِڙِٻي جوکو ٿِئي،
قَضا جا ڪَرِيمَ جِيءَ، تِنهنَ ڪانَ ڪَنڌَ ڪِڍبو ڪِيئَن،
هِڪ لِکِئِيءَ، ٻِي نِينهنَ، آئِي اوليسِ اوِل ۾.

( ٩ )

ڪانِيءَ نَه ڪانهنَ، نَڪو ڏوهه قَلَمَ جو،
آڳ آتِيئِي لِکِيو، جِتِ نَه رَسِي ٻانهُن،
ڪِنهنَ کي ڏِيانَ ڏانهنَ، قَضا قَلَمَ وَهائيو.

( ١٠ )

لِکِيو جو نِراڙَ، سو آنگ ڪِياڙِيءَ نَه ٿِئي،
ٻاريو وِئِي پارَ، جيڪي لِکِيو لوحَ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١١ )

جي قيام ڪرين، تہ ڪر اوڏا سُپرين،
تهان پري سڄڻ، واڌايون وصال جون.

( ١٢ )

گهڙن واريون تڙن تي، گهڙن گهٽيءَ،
سيڪا چئي: "آن سهٽي لئي پريان پيئي"،
صباح سپيئي، پسبيون پاتار ۾.

( ١٣ )

ڪنڌي آهيون ڪيتريون، "ساهڙ ساهڙ" ڪن،
ڪنين سانگو ساهہ جو، ڪي "گهوريَس" ڪيو گهڙن،
ساهڙ سندو تن، گهاگهائي گهڙن جي.

( ١٤ )

پرينءَ پر پريت سان، تہ ساهڙ سڌ ڪري،
جي نہ گهڙان موني وڃان، تہ ڪا ساهہ سري،
ور جان ٻت ٻري، گهڙان گهوريو جندڙو.

( ١٥ )

گهڙي گهڙ هٿ ڪري، ڀون نهاري ٻنگ،
"سر در قدم يار فدا شد، چہ بجا شد"، وصل اهوئي ونگ،
رات جنين جو رنگ، آلا! سي آڪارين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١٦ )

جي تو بيت ٻانڌيا، سي آيتون آهين،
وڃيو لنئون، لائين، پريان سندي پار ڏي.

( ١٧ )

تڙن جا طعنا، سهنگا ڏينم سرتيون،
درياهه ديوانا! سڻ حقيقت حال جي.

( ١٨ )

تران لئي طعني، مٿي وهه واڪا ڪيو،
آئي وڌيس آر ۾، درياهه ديواني،
قلم جي ڪاني، آئي اوليس اول ۾.

( ١٩ )

تران تان مران، وران تان وهه وترو،
هينڙي ۾ هوتن جا، آڇن کهور کهڻان،
سيو ٻاڙي واريون، ڏسيو ڏوهه ڏران،
وڃان ڪين وران، ڪنڌيءَ منهنجو ڪاربي.

( ٢٠ )

نڪو سنڌو سور جو، نڪو سنڌو سڪ،
عدد ناهي عشق، پڇاڻي پاڻ لهي.

( ٢١ )

عدد ناهي عشق جو، سٽي ٿيءَ سائي،
ڪانهي ڀڄائي، مهندان منڌ! ميهار جي.

( ٢٢ )

سِڪ تنهنجي سپرين جِتَن تران تِنَ تار،
تونهين رهين روح ۾، تونهين آکنئان پار،
پرين! تنهنجي پار، مون واجهائيندي ورهه ٿيا.

( ٢٣ )

سِڪ تنهنجي، سپرين! ڪپي ۽ ڪوري،
سُکهان نہ چوري، ڏاڍو نير نيڻهن جو.

( ٢٤ )

سِڪ تنهنجي سپرين! آندر ٿي آجهل،
پرڪيو پاهر نِڪري، ڪوري ڪانئي ڪل،
ري سيراهيءَ سل، مون کي ڏنا سڄڻين.

( ٢٥ )

سِڪ تنهنجي، سپرين! آندر ٿي آجهاڪ،
منجهه پريائين ماڪ، پلئيو پاريون ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٢٦ )

ڪي تَران، ڪِي تار مونَ، ڪِي سِگهان، ڪي سَگهه،
آڏو ڏيج مَ لَنگهہ، مونَ هيڪلِيءَ وَلَها.

( ٢٧ )

سڪ سِڪنديِنَ لاهِ، وِڃوڙِيا ميڙ پِرِينَ،
ايڏي سَگهه، سچا ڏِئي، تو هِي ڪي جَڳاءِ،
مَن جَنهين جو طالبو، مِهر تَنين کي پاءِ،
ميڙائي جو، ماءِ! ڪانگ لوندو ڪَڌِهين.

( ٢٨ )

ڏِئي ڏِينهن تيِر ڏِينهن، ڪَهه جاڻان کهڙا پِرِينَ،
نينهن پِرجي لِينهن، هَلَنيا پاريون ڪري.

( ٢٩ )

ڏئي ڏِينهن نِيامِ، ڪهه جاڻان کهڙا پِرِينَ،
وَلِنِ جِئن وَرِيامِ، گوندر غمِ پِرِينَ جا.

( ٣٠ )

ڏئي ڏِينهن نِيامِ، ڪهه جاڻان کهڙا پِرِينَ،
سِهسين سِج اُلهِي، واجهائيندي وِيامِ،
تَنهين سال نِيامِ، جَنهين ساعت نہ سهان.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣١ )

ڪهڙ، نہ ور، نہ وقت ڪا، آهر مَن مهار،
اِن اوسيڙي آئيان، سنجهي ڪري سينگار،
پرين تنهنجو پار، پسان مان پر ڪهين.

وائي

نهين نهين ميڏي وس، ووا! بنا دلبر هئي دل ماندي.
سڪان ٿي سنگهار ڪي، باب نہ منهنجي بس.
مون ڪي مت ميهارجي، ڪان آچي پي ڪس.
درد ڏمي آهيان، درد سهين جو ڏس.
سڪ نہ پڇي سهٽي، ڏک ڏکيءَ ڪي ڏس.

## داستان ڏهون

( ١ )

ساهڙ ڏاران سهٽي، آڏوتي آهي،
ڪنڌيڙن جو ڪاهي، پاسي تهين پاڪ ٿئي.

( ٢ )

ساهڙ ڏاران سهٽي، نسوري ناپاڪ،
نجاست ناهہ ڪري، آنهين جي اوطاق،
هوءَ جي ڪير پياڪ، پاسي تنين پاڪ ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٣ )

ساهڙ ڏاران سهڻي، هيءَ تان جنبي جوءِ،
هن ياٺيءَ سين پانهنجو، مور نہ مٺو ڏوءِ،
جي پرينءَ پاسي هوءِ، تہ ڪر توڏيءَ ترُ ڪيو.

( ٤ )

ساهڙ ڏاران سهڻي، هيءَ تان جهڪي زال،
توڏيءَ تپ شروع ٿيو، هئي! هيٺيءَ جي حال،
جڏي ري جمال، اکيي ٿي آهون ڪري.

( ٥ )

ساهڙ ڏاران سهڻي، آهي ۾ آزار،
ڏم پاسي ۾ ڏڪندو، ڇڇت وت سنگهار،
توڏيءَ سندي تن جي، دوا ۾ ديدار،
جي ٻسي منهن مهار، تہ سکهيائي سکهي ٿئي.

( ٦ )

متان گهڙين، سهڻي، آڄ درياه ۾ ڏم،
ڪاريءَ رات ڪنن ۾، ڪهڙو آئي ڪم،
متان جاکي ڏم، پڇي پاڙي وارين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٧ )

ٻچي ٻاڙي واريون، ڪوهہ ڪرينديون ڏمر،
ڪاريءَ رات ڪنن ۾، آهي ڪاڻيارن ڪمر،
هيءَ هڏو ۽ چمر، گهوريو محب مهار تان.

( ٨ )

سدا ٻچ م، سهڻي! اونداهيءَ اڌ رات،
ٻريان ڏي ٻريات، وانءَ ڏيئاري ڏيهہ ڪي.

( ٩ )

سائر ٻوڙي سهڻي، نہ ڪنهن ڏوري ڏنڊي،
آڪن منجهہ اکنڊي، ميائي مهار ڏي.

( ١٠ )

ڏيهائي ڏمر ڪري، متي محبت مون،
تنهن کي آچي تون، ٻريم! ڪوهہ نہ ٻلين.

( ١١ )

ساهڙ سڪيءَ ۾ نيو، پاڻيءَ منجهہ پنو،
سندو ڪچ ڪنو، تار ترندو ڪيترو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## وائي

( ١ )

ڪھ جاڻان ڪيڏاھين؟ منھنجو تن تِتي تيڏاھين،
سائين! نيڻن نينھڙو لڳائي ويڙا.
جيڏانھن عالم آسرو، مون ھُن آھي اوڏاھين.
ڏونھين دوست مھار جي، ڏئي جِتن ڏانئين.
ساري سپرين کي، رھ ھر رت رنائين.

## وائي

( ٢ )

منھنجيون سپيري، آيل! ماءُ! من مرادون پنيون.
جھڙي پريان ڳالھڙي، تھڙي ٻي نہ ڪاءِ.
ڪجي تان ڪوڙ ٿئي، سچي تان سباءِ.
ويھ داتا جي در تي، شڪر جنھن جڳاءِ.
ڪانھي حد حمد جي، ڪريان لالن لاءِ.
ڳئيو ڳڻيان ڪيترين، وڏيون وڏاياءِ؟
سو مون ھتان نہ ٿئي، جيڪي تو جڳاءِ.

توِ سڄيون، تو سنديون، سڪنِ توهين ساءِ.
اَڄ تنهنجِي آڇيون، لوچنِ توهين لاءِ.
دِلِ دانهنِ ريِ نہ رهي، مون کي مانُ جڳاءِ.

## داستان يارهون

( ١ )

وٽن ويڌا ڪانگ، وِچينءَ ٿِي ويلا ڪري،
کِهڙِي کهڙو هٿ ڪري سٽي سانجهيءَ بانگ،
سِيٺي ڏوندي سانگ، جتي ماهڙ سپرين.

( ٢ )

کِهڙِي کهڙو هٿ ڪري، پهون نِهاري ٻنگ،
"وَ اَمّامَنْ خافَ مَقامَ رَبِّه" اِيَ لنکهيائين لنگهہ،
سِڪنديِنِ کي سيد چئي، ڪين جهلِيندو جهنگ،
رات جنين جو رنگ، الا! مني آڪارئين.

( ٣ )

کِهڙِي کهڙو هٿ ڪري، چيلهہ ٻڌِي چوتو،
مُنهنجو مَنُ ميهار کي، ٻار وڃِي ٻهتو،
گوتيِ ۽ کهوتو، مون کي محب مهار جو.

( ٤ )

ڳهڙي ڳهڙو هٿ ڪري، سانگو ڇڏي ساهه،
ويچاريءَ وڏيون ڪيون، دانهون منجهه درياهه،
ٻر ٻانهن ڇڏيو، وڃيس سيڻي واهه،
مدد ري ميهار جي، غرض سڀ گناهه،
نوري ڪر نگاهه، ته ساهڙ لنگهيان سير ڪي.

( ٥ )

ڳهڙي ڳهڙو هٿ ڪري، ٻوڙيائين ٻانهون،
ويچاريءَ وڏيون ڪيون، وچ دريا دانهون،
موت محب! ٻانهون، تاڪن تڪي آهيان.

( ٦ )

ڳهڙي ڳهڙو هٿ ڪري، الاهي تهارا
چنگهه، چرڪي وات ۾، مسي ڪي ميسار،
چوڙا ٻيڙا چڪ ۾، لڙ ۾ لڙيس وار،
لڪين ڇهتيس لوهتيون، ٽيليون ٽرٽون ڏار،
مڙيا مچ هزار، ٻاڳا ٽيندي سوهڻي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ٧ )

مِنهن جنهين جي مون، ڏٺو، مَنهن ميهار جو،
آهِ ساھ سَنئون، مو ڪِئن کَهڙو گهوريان.

( ٨ )

گَهڙو پڳو تہ گهوريو، مَر چور ٿئي چوڙو،
"طالب المولیٰ مذڪر"، اي پڌندن پوڙو،
ڪوڙهيو ڏم ڪوڙو، مون ميهار مَن ۾.

( ٩ )

گَهڙو پڳو تہ گهوريو، مَر ڀڄ ٿئي ڀانهين،
"طالب المولیٰ مذڪر"، اي پر آساهين،
ڀران تہ ڀانهين، مون ميهار مَن ۾.

( ١٠ )

گَهڙو پڳو تہ گهوريو، پاڻان هو حجاب،
واجت وجي وجود ۾، رهيو روح رباب،
ساهڙ ريءِ ثواب، آئون گهٽوئي گهوريان.

( ١١ )

گَهڙو پڳو تہ گهوريو، تون ڪين تري هينئان!
آدب آڪڙين ڪي، ڏيهائي ڏيان،
ميهارن ميان، سئون سرنهاير ايچرو.

(١٢)١

ڪَھڙو ڀَڄُو تہ، ڳَھوريو، آمر ۾ لاھيجِ،
"لَاتَقْنَطُوا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰہ"، تَرَھي اِنَ تربج،
حَبيبائي ھيجِ، پَسين مَنهن ميھار جو.

(١٣)

ڪَھڙو ڀَڄُو، مَنڌَ مِٺي، وِيا وَسيلا،
سار ڇَڏيائين سِير ۾، ھٿيا رِھيا ھيلا،
سَھڻيءَ جا سِيلا، وحدت سِپ وِڃائيا.

(١٤)

ڪَھڙو ڀَڄُو، مَنڌَ مِٺي، وَسيلا وِٺا،
تنهان پوءِ مٺا، سَھڻيءَ سَڌَ ميھار جا.

(١٥)

جَڏھن وَسيلنِ، لوڙھي ڇَڏي لَڙ ۾،
پارارَان پِرينِ، تَڏھن پُڄي سھڻي.

(١٦)

پاڻَ ۾ ڪَنجِ پاڻَ سين، وَسيلا وِڃاءِ،
عشق ساڻ آناءِ، پِير پِرِيان جي پار ڏي.

( ١٧ )

پاڻ ۾ ڪنئج پاڻ سين، رہيءَ وسيلي وانءِ،
ماءُ مائُر، سوهڻي! پرت ونجي پانءِ،
نينهن ڪنهندي نانءِ، ونءِ پريان جي پار ڏي.

( ١٨ )

پاڻ ۾ ڪنئج پاڻ سين، رہيءَ وسيلي وتِ،
لالن تنين لڌ، عشق جن جي آڳ ۾.

( ١٩ )

پاڻ ۾ ڪنئج پاڻ سين، رہيءَ وسيلي وچ،
پيلو پيري پچ، آڪنڊ ڪڻ عميق ۾.

( ٢٠ )

پاڻ ۾ ڪنئج پاڻ سين، وسيلا وسارِ،
اڙ لنگهائي، سهڻي! پرت وجهنديئي پارِ،
سي ترت لنگهيندئون تارِ، اڪنڊ اکيھ، جن سين.

( ٢١ )

ڪونهي آکھ، اھڙو، جھڙي محبت من،
آڳيون اوربين پار ڏي، ڪوڙيون ڪک ڇڄن،
ندي تن نيڙ نئي، جي رہيءَ ترهي ترن،

سِڪ رسائي، سهڻي! آصل عاشقن،
مي جهليون ڪين ڪنِ، ٻچن جي مهار ڪي.

( ٢٢ )

ٻچن جي ميهار ڪي، ٻچي مي ميهار،
تر هو تنهين هار، عِشق جنين کي آڪرو.

( ٢٣ )

عِشق جنهين کي آڪرو، تر هو متي تنِ،
جي ساهڙ ڪي سِڪنِ، تنين جر جنڊ ٿئي.

( ٢٤ )

تر هو آچِ م تن ڪي، جن عِشق سين آگاهه،
ٻچي مس ملاح، ساهڙ متي سوهڻي.

( ٢٥ )

ساهڙ سا سوهڻي، سائر ٻڏي سوئي،
آهي نجوئي، ڪجهه: ڪجهاندر ڪالهڙي.

واني

کهڙي منجهه حِساب، هئڻ منهنجو هوت ري، لا!
گولِي! پچ گناهه ڪان، ڪونهي سول ثواب،
هئڻ منهنجو هوت ري، لا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نَڪين تَـفـاوتَ ڀ، نـَڪـيـنْ مَـنـجـهہ رَبـاب،
هَتَہِ مَنهنجو هوتَ ري، لا!

خـوديـائـي خـوبَ نـيـن، لاين جـي لَعاب،
هَتَہِ مَنهنجو هوتَ ري، لا!

پَليتَ ٿِي پـاڪَ ٿـئـي، جَنـبـيـو منجهہ جناب،
هَتَہِ مَنهنجو هوتَ ري، لا!

سـو نہ ڪـهين شيءِ ۾، جيڪين منجهہ تـراب،
هَتَہِ مَنهنجو هوتَ ري، لا!

هوءِ جي جَرڪن جر ٿِي، مي تان سَڀِ حباب،
هَتَہِ مَنهنجو هوتَ ري، لا!

هادي سين هَنَ پار ڏي، رِڙهين ساڻ رِڪاب،
هَتَہِ مَنهنجو هوتَ ري، لا!

ڇـنـبـو وِجـهـي چـورَ ڪـي، آهہ چَرَغ عقاب!
هَتَہِ مَنهنجو هوتَ ري، لا!

ديدَ وِجاهہ ۾ دوستَ جـو، هَلي منجهہ حِجاب،
هَتَہِ مَنهنجو هوتَ ري، لا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كثرت آهي قرب ۾، إدغام ۾ اعراب،
هتِ منهنجو هوت ري، لا!
فنا وجهي فم ۾، كارڻ تني كباب،
هتِ منهنجو هوت ري، لا!
ڏي طهورا تن كي، جي سِڪن لاءِ شراب،
هتِ منهنجو هوت ري، لا!
تني كيا مرض ۾، جاوا سي جواب،
هتِ منهنجو هوت ري، لا!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَڏ لهي: وڏ قيمت لهي.
وڏاندرا: وڏا. مضبوط. عمدا.
وڏاڻ: ساز. واڇو.
وڏاياءِ: تنهنجون وڏايون.
وِڏوٿو: ڪاوڙيل.
وِڏوڙا: وِڏوٿا. ڪاوڙيل.
وڏيت: وڏنيائي. سبب.
وَڍُ: زخم. گهاءُ. وِڍي.
وَڍي: وڍيل. ڪيل.
وَرِ پيو: هٿ آيو. حاصل ٿيو.
وَراڪو: پيچ محبت جو.
وَراڻ: آسودگي. سڪار.
وَرت: ڪوه مان پاڻي ڪڍڻ جو رسو.
ورڃي: بي آرامي ٿئي. ورچي.
ورچائي: بيزار ڪري.
ورد: وظيفو. لازمي ڪم.
ورسيا: ڀليا. گمراهه ٿيا.
وِرساياس: ڀلايس. گمراهه ڪيس.
ورڪن: ٽڙڪن. لڏن.
ورڪ: وڻ.
وَرم: ضروري ڪم. سودو.
وِرمن: ديرڪن. ترسن. روڪجن.
وَرَن: رنگ.
ورنائي: قبولي. اونائي.
وَرَنهه: چڱو مڙس. جوانمرد.
وَريام: پهلوان. بانڪو. بهادر.
ورونهن: وندر. ڀچار.
وروئيون: سڪي ويون.
وروهڻ: وندرڻ. ريجهه رهاڻ.
وِره: درد. غم.
وَڙُ: ڀلائي - احسان. جنس. ٻڙ.

وَڙال: گولا ڦولا. ڀڃا ڳاڇا.
وڙاهه: وٺاهه. نقصان.
وڙاءُ: وڙائي. جڳائي.
وڙائتي: وڙن واري. لائق.
وَسَ: وسندي. آبادي. وسڪار.
وِسامي: ٿڪجي. بيحال ٿي.
وِساڻي: اجهاڻل. ٿڪل. پروس.
وسوڙل: ڦهلي. موڙهل. سادي.
وِسهُ: ويساهه ڪر. اعتبار ڪر.
وَسيل: وسيلو.
وصالي: وصال جا طالبو.
وظيفا: ڦيٿا. دعائون.
وَفي آنفسڪم، افلا تبصرون:
(خدا جي قدرت جون نشانيون
اوهان جي اندر ۾ آهن، پوءِ
اوهين ڇو نٿا ڇتائي ڏسو.
وِڪر: ڳتي. نڪر.
وڪني: ڪِڪ. بيزار.
وڪار: گدام. سراءِ. مال رکڻ
جي جاءِ. مال وارو.
وَڳڻ: هلڻ. رلڻ.
وَل: هر ڏي - ٻوڪ.
وِل: ولهه. ٿڌ.
وِلاڙ: پيرجي جانچ لاءِ آڏو
وڏي پير ڪٽڻ.
وِلتيي: پوئتي موٽي. پٺ ڏيئي.
وَلسوف يُعطيڪ ربڪ: تنهنجو
رب توکي ترت عطا ڪندو.
وِلمين: ٻڪواس ڪرين. وڦلين.
ولوڙا: ڪيرجا ولوڙا. ڪير ولوڙڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنڊوا: سينهن وساوڙا(ڳاڙها جيت).
هَنگ: هَونگار. هڪل.
هينگلور: هنگلاج.
هينهان: هن ڪان پوءِ.
هِنئار: هن سال. هينئر.
هَئي ويا: ڦري ويا.
هوائون: وهم. اجايا خيال.
هوائي: نابود. خام.
هوتُ: بلوچن جي 'هوت' قبيلي
جو فرد. پنهون. محبوب.
هوتاڻي: 'هوت' بلوچن منجهان.
پنهون. محبوب.
هور: هرڪر. ڪُنڪو.
هورا: ڳڻتي. انتظار.
هوڙاڪ: هوڙو. ننڍي پيڙي.
هول: ڊپ. فڪر.
هَونِ: هُجن.

هَون؟: سان. آءٌ.
هوندو: جيڪي موجود هجي.
هيئان: هيتان.
هئائين: هيتائين.
هَٿِ: هٿ. هستي.
هيءَ: هيءُ وجود. هستي.
هيجان: هيج سان. پيار سان.
هيج هوج: هيڏانهن هوڏانهن ڪرڻ.
هيڏي: اٿ جي واڳ. پاڪڙو.
هيرئون: هريل.
هيڪاند: سيلاب. گَڏ جائي.
هَيَنِ: سَيَنِ. سَئِيَنِ.
هيهات: افسوس- هاءِ هاءِ.
هَيْهات َ هَيهات َ لِما توعدون:
هاءِ شل (پري هجي) اها
ڳالهه جنهن جو توهان کي
ڊپ ڏنو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book